
ABC CERTIFIED
مهراڻ
نمبر 2/2021ع
سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا لات "لطيف" جي

دَنگِي مَنجِهہ دَريا، ڪِين ٻُڏي ڪين اُپِڙي
هُو جي وايِي واٽِئا، سي سُونهَنَ سَبِ سَڙِيا
مُعَلمَ مڳِ نہ اڳِيين، فِرنگِي منجھِ ڦِريا
مَلاحَ ٽُنهنجِي مَڪِري اَچِي چورَ چَڙهيا
جِتي ڀِينگ ڍَريا، تِتي تارِي ٽُنهِنجِي

(سُر سامونڊي)

***

سمجهاڻي:

سمنڊ ۾ ٻيڙي (خوفناڪ طوفان لڳڻ سبب) هيٺ مٿي ٿيڻ لڳي (وڏا لوڏا ٿيئي ڪائي، خبر ئي نٿي پوي ته ٻڏندي الائي بچندي). ڪاريگر جيڪي ڪاٺ جون ڪليون هڻي تختا ٺوڪي مضبوط ڪري هنيا هئا، سي ڪم جا نہ رهيا آهن. هوڏانهن (ديسي) ناکئا پنهنجن اڳين ماڳن تان غائب آهن ۽ انهن جي جاءِ تي فرنگي (قومن جا سامونڊي ملاح) نظر اچي رهيا آهن. او ملاح، (خيال ڪر) تنهنجي ٻيڙي ۾ (چاڙهڻ) ڦورو ۽ چور اچي چڙهيا. اي مالڪ سائين، جتي سمنڊ جي وڏي شاهي لهر وَري وڃڻ واري آهي، اتي وري بہ تنهنجوئي آسرو آهي.

(شاهہ جو رسالو) محقق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
شارح: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو
ڇاپو پهريون: 2016ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو



غلام محمد گرامي

## غزل

آهہ ڪٿ اهلِ نظر، ذوقِ نظر، حسنِ نظر،
جو ڪري شعبدهٔ حسنِ گريزان تي نظر.

آهي ڪعبي ۽ ڪليسا ڏي يڪي راهہ گذر،
تو ۾ اي اهلِ نظر، خام ٿيو اندازِ نظر.

تنهنجي هر نيم نظر تي ڪري دل روشن تر،
ڪٿي محروم نظر، هي ڏسي اندازِ نظر.

ڪڻ قدم سوچي ۽ سمجهي، اي خداوندِ خيال،
ايندو هر نڪته موهوم بہ اندازِ نظر.

حيف! آدم تي ويو حلقه پندار ۾ گم،
آهي هر نيڪ بتر، ۽ ٿيو بهتر، بينظر.

ڪيو ٻيو توکان سواءِ، ٿو لکي، اڄ شعر و ڪلام،
جنهن ۾ ٿيو سوزِ جگر، سوزِ نظر، سازِ نظر.

❊

ABC
CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 71 اپريل- جون 2021ع نمبر 2

**سرپرست**

**مخدوم سعيد الزمان 'عاطف'**

**چيئرمين**

**ايڊيٽوريل بورڊ:**

**ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ**

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**

**ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي**

**سيڪريٽري**

**سيد سڪندر علي شاهه**

**ايڊيٽر**

**ثمينه ميمڻ**



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# سوچ-لوچ

### ڪورونا وائرس جي ٽين شديد لهر

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ڪورونا وائرس ’وبا‘، سبب ڊسمبر 2019ع کان پوءِ ٽين شديد لهر جي صورت اختيار ڪري انساني زندگيءَ کي گهڻو هاڃو رسيو آهي، ۽ هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ ڇيلن وسيلن ۽ ڪوجنائن کان پوءِ هن ’وبا‘ کان ڇوٽڪاري لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن جي ڪمپنين پاران ڪجهه ويڪسين ايجاد ڪيون ويون آهن ۽ پاڪستان ۾ پڻ اهي ويڪسين مهيا ڪيون ويون آهن ۽ ٻين ملڪن جيان اسان جي پاڪستاني عوام کي به مرحليوار ويڪسين لڳايون پيون وڃن.

جيئن ته هيءَ ’وبا‘ اڃان به موجود آهي انهيءَ ڪري ويڪسين لڳائڻ کان پوءِ به اسان سڀني کي ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي ڏسيل رهنما اصولن تي عمل ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ فيس ماسڪ پائڻ سان گڏ هٿن کي صاف رکڻ، هٿ نه ملائڻ ۽ سماجي فاصلو رکڻ ۽ گڏجاڻين کان پاسو ڪرڻ آهي، ته جيئن هن ڪورونا وائرس ’وبا‘ کان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي.

### پڙهندڙن لاءِ ڪجهه گذارشون

1- ليکڪ مهرباني ڪري مواد جي ڪاپي پاڻ وٽ رکن. موڪليل مواد جي واپسيءَ جي تقاضا نه ڪئي وڃي ۽ اداري طرفان پيشگي معذرت قبول ڪئي وڃي.

2- تماهي ’مهراڻ‘ ۾ جيڪو به مواد موڪلجي اهو ڪنهن ٻي رسالي يا اخبار ۾ اشاعت لاءِ نه موڪلجي، جيستائين اداري طرفان مُدلل معذرت نه پهچي.

3- هڪ ئي وقت ساڳيو مواد مختلف ادارن کي موڪليندڙ معزز ليکڪن کان اداري طرفان مستقل معذرت ڪئي ويندي.

4- مواد جو انتخاب ۽ اشاعت جو وقت اداري کي طئه ڪرڻ جو اختيار رهندو، معزز ليکڪ هن سلسلي ۾ انتظار ڪن ۽ اداري سان تعاون ڪن.

5- اسان جا مانائتا محقق، سهڻا ڪهاڻيڪار ۽ شاندار شاعر مهراڻ جي معيار کي برقرار رکڻ جا بنيادي ذميوار آهن ۽ سندن ڪاوشن کي پيش ڪري اسين فخر محسوس ڪندا آهيون، اميد ته اداره مهراڻ سان سندن تعاون هميشه برقرار رهندو.

### ٻگهه ڇوڙي پند پيا:

### انعام ٽڪڙائي

24 شعبان 1442هه مطابق 18- اپريل 2021ع خميس جي ڏينهن سنڌي ادب جو ناميارو شاعر احمد علي ولد محمد خان ڳنڀير المعروف انعام ٽڪڙائيءَ دم ڌڻي حوالي ڪيو.



سندس ولادت 12 آگسٽ 1966ع ٽکڙ ۾ ٿي، ابتدائي تعليم مڊل اسڪول ٽکڙ مان حاصل ڪرڻ بعد مالي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ تعليم جو سلسلو منقطع ڪري مزدوري ڪرڻ شروع ڪيائين، مٿس ٽکڙ جي خمير جو باقاعده اثر هو، انڪري پنهنجو مطالعو مانو نه ڪيائين ۽ ڪتابن سان واهپو برقرار رکيائين. ڪيس محمد دائود تاج ٽکڙائي جهڙو ڪهنه مشق ۽ معتبر شاعر ’استاد‘ ٿي مليو. تاج صاحب سندس ڀرپور شاعرانه تربيت ڪئي. انعام صاحب هڪ بيباڪ ۽ پراعتماد شاعر هو، هُو ڪڏهن به احساس ڪمتري ۾ مبتلا نه ٿيو، سندس آواز شاعريءَ جي اسٽيج تي حق جو آواز ٿي گونجندو رهيو. هُن گيت، وائي، نظم، سانيٽ، ڪافي، هائڪو، چوسٽو، رباعي، آزاد نظم، ٽيڙو، سهرا، ڳيچ، نوحا، مرثيا، منقبت، مولود، حمد، نعت ۽ قصيدا لکيا، کيس ڪيترائي ادبي ايوارڊ پڻ لکيا. هن سنڌي ادب جي مختلف تنظيمن جي اسٽيجن تان پنهنجو فن جو مظاهرو ڪيو ۽ مڃتا ماڻي. هُو روينيو کاتي ۾ ملازم هو، سندس فن پارا پنهنجي دؤر جي سڀني اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا. سندس شاعريءَ جو هڪ مجموعو ’رُلي رُلي جهان ڏٺم‘ شايع ٿيل آهي ۽ ڪافي شاعري اڻڇپيل موجود آهي، انهي ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته انعام، ٽکڙ جي خمير جو مانُ رکيو ۽ هميشه پنهنجي شاعرانه فن جي

معيار کي بلند رکيو. عصر حاضر جو هيءُ بااخلاق خوش مزاج، سنڌ سان پيار ڪندڙ راسخ عقيدي وارو شخص پنهنجي دوستن جي محفل مان موڪلائي بهتر جهان جو واسي ٿي ويو.

**سيد حاڪم علي شاهه بخاري**



سنڌ جو ناميارو محقق، تاريخدان ۽ آرڪيالاجسٽ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده بورڊ آف گورنرس جو ميمبر سيد حاڪم علي شاهه بخاري 14- مئي 2021ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. سيد حاڪم علي شاهه بخاري 15- فيبروري 1938ع ۾ ڳوٺ غلام شاهه چانڊيو تعلقي دادوءَ ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم غلام شاهه چانڊيي اسڪول مان حاصل ڪري 1950ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪيائين ۽ ساڳئي سال انگريزي تعليم لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ داخلا ورتائين، جتان 1957ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان مئٽرڪ پاس ڪيائين ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ وارن کيس اسڪالرشپ ڏئي پشاور يونيورسٽيءَ مان آرڪيالاجي ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ٿيڻ لاءِ منتخب ڪيو ۽ پشاور يونيورسٽيءَ ۾ آرڪيالاجيءَ ۾ پوزيشن حاصل ڪيائين، سيد حاڪم علي شاهه بخاريءَ کي ملازمت دوران مختلف وقتن تي اٽلي، جپان ۽ برطانيه وڃڻ ۽ سکڻ جو موقعو پڻ مليو ۽ کيس سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد ۾ سير سفر ۽ تحقيق ڪرڻ جا انيڪ موقعا پڻ مليا. ننڍپڻ کان راڳ رنگ ۽ عوامي ڪچهرين سان دلچسپي رکندو هو، ۽ فنونِ لطيفه سان پڻ وابسته رهيو. هُن ٽي.وي لاءِ ڊراما پڻ لکيا ۽ ڪجهه ڊرامن ۾ ڪم پڻ ڪيو. سيد حاڪم علي شاهه بخاري، سنڌ جي ناميارِي شاعر استاد بخاريءَ جو وڏو ڀاءُ هو. سيد حاڪم علي شاهه بخاري آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ مان 14- فيبروري 1998ع تي رٽائر ٿيو.

**ڪيمچند شرما**



تازو اسان جي 'مهراڻ' جو لکندڙ، اديب ۽ شاعر محترم ڪيمچند شرما ولد جهمٽ رام شرما 20- مئي 2021ع تي ديهانت ڪري ويو. سندس وڇوڙو سنڌي ادب ۾ وڏو خال پيدا ڪري ويو آهي، خاص طرح سنڌي نثري نظم تي کيس دسترس حاصل هئي. هن نثري نظم جي ماهيت کي مڪمل طور سمجهيو هو ۽ هُو ان نظم جي موسيقيت کي مڪمل ڪاميابيءَ سان نباهي سگهيو هو. هُو مضمون نگار به هو ته ڪهاڻيڪار پڻ هو، هن ڪوهستان پبليڪيشن نالي، ان طرفان ڪتاب پڻ ڇپايا، سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'ڳالهيون ڳجهه اندر جون'، 'وڏيرڪو فيصلو'، 'ممتا'، 'پوپا ۽ پوت' ۽ 'مهاراج ۽ مندر' سان گڏ ٻيا به ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪتاب آهن. هن ٽماهي مئگزين (ڪوهستان) ۽ هڪ سلسليوار مئگزين 'بي نقاب' جا ڪجهه پرچا ٽنڊو محمد خان مان جاري ڪيا، هُو 'مول' شهر (ضلع ڄام شورو) 1953ع ۾ پيدا ٿيو، بعد ۾ سندس رهائش ۽ سڃاڻپ ٽنڊومحمد خان جو شهر رهيو، جتي سندس آخري رسومات ادا ڪيون ويون. سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين صاحب، بورڊ آف گورنرس جا ميمبر صاحبان، سيڪريٽري، بورڊ جا سڀ ملازم ۽ ٽه ماهي 'مهراڻ' جو سمورو سٽ هنن سڀني سنڌي ادب جي نامور ليکڪن ۽ شاعرن جي پوئينرن سان سندن غم ۾ شريڪ آهي.

**سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيد حاڪم علي شاهه بخاريءَ جي ياد ۾ گڏجاڻي**

سنڌي ادبي بورڊ جي هيڊ آفيس ۾ تاريخ 28- مئي 2021ع تي مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جي سربراهيءَ ۾ بورڊ آف گورنرس جي وڇڙي ويل ميمبر سيد حاڪم علي شاهه بخاريءَ جي ياد ۾ تعزيتي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' چيو ته سيد حاڪم علي شاهه بخاريءَ جون سنڌي ادبي بورڊ ۽ خاص ڪري سنڌي ادب لاءِ خدمتون وساري نٿيون سگهجن، سيد حاڪم علي شاهه بخاري پنهنجي شخصيت ۾ هڪ اداري جي حيثيت رکندڙ هو، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر طور پاڻ اداري لاءِ مفيد مشورا پڻ ڏيندو هو. هن تعزيتي گڏجاڻيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري ۽ بورڊ جي سڀني آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي.

**ثمينه ميمڻ**
**ايڊيٽر 'مهراڻ'**

# چوليون

## لافاني ڪلام


پير سيد صبغت الله شاهه ثاني/ 10
صوفي 'بازيد' عرف باجيد شاهه/
هزهائينس مير محمد نصير خان 'جعفري'/
صوفي مراد فقير
ميان محمد اسماعيل قاسم پلي/ 11
اسدالله شاهه بيخود حُسيني/
مرزا قاسم علي بيگ "قاسم"/
فقير ولي بخش راڄڙ
معمور يوسفاڻي/ امير بخش "اسد" قريشي 12
احمد خان "آصف" مصراڻي/ محمد جمن هالو
آٿر ناٿن شاهي/ پُرسرام "ضيا" 13
قمر "شهباز"/ڪيئلداس فاني


## تحقيق


- سنڌ جي صوفيانه روايت ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي
-ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو
مترجم: ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر 15
- ساميءَ جي شاعريءَ ۾ مَنداري، دراوڙي ۽ براهوئي لفظ
-نذير شاڪر بروهي 22
- مولوي احمد جي شاعريءَ ۾ تجنيس لاحق جو جائزو
- ڊاڪٽر الطاف جوکيو 40
- قاضي قادن جو ڪلام
قاضي قادن جي ڪلام جي مختصر سمجهاڻي
-ڊاڪٽر نواز علي شوق 49
- پير آقا غلام مجدد سرهندي رحه (سوانح ۽ سياسي سرگرميون)
-قاضي مقصود احمد 56
- نامور محقق ۽ سخنور مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي
-پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو 75
- اي بي آڏواڻي ايم.ايل.بي هڪ وسارايل مورخ
-محمد حبيب سنائي 93
- تمير- ٿهيم قبيلو تاريخ جي آئيني ۾
- رسول بخش تميمي 102
- مخدوم قاضي غلام محمد گچيرائي بن مخدوم محمد پريل قريشي ملتاني رحمته الله عليه
- رسول بخش گچيرائي 106
- ٽنڊي محمد خان ضلعي مان گذرندڙ آڳاٽا وهڪرا
- ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'سنڌي' 114
- سنڌو اسان جو ساهه
- تاج جويو 118
- منگهو پير
- مرزا ڪاظم رضا بيگ 141


## شاعري


- شبير 'هاتف' 148
- امداد حُسيني 149
- نياز پنهور 150
- ادل سومرو/پير غلام مجدد سرهندي 151
- بشير احمد شاد /'جمال' مراد گبول 152
- الهه بچايو مشتاق آريسر 153
- خليل عارف سومرو/ سيف الله خالد يوسفاڻي 154
- غلام حسين 'مشتاق' سچاروي/ جوهر بروهي 155
- استاد محسن علي شر/ قاضي منظر حيات 156
- صدرالدين صدر هنگورو/ عابد نياز ميمڻ 157
- دين محمد 'سجاڳ' پلي/زاهد ڪنيار 158
- عاجز ڪريم پوري/ محمد هارون 'مقبول' چانڊيو 159
- محمد قاسم ڪلوئي/ منظور علي شاهه لڪياري 160
- اورنگزيب عاجز/ارباب علي 'عادل' چوهاڻ 161
- اقبال شاهين/ولي محمد وفا هوت 162
- ولي سرهندي/فضل الله 'فدا' چانڊيو 163
- مخلص چانڊيو/فقير محمد بخش ضامن 164

نِجِ مجازي عاشقاني شعر کان سواءِ، ٻئي هڪڙي قسم جو شعر جو شاهه ڳايو آهي، سو مجازي بہ آهي، حقيقي بہ آهي، ٻنهي جو وچ ۾ آهي. انهيءَ شعر کي جيڪو تمثيلي شعر ڪري چئجي. سندس اڏاوت جو مکيہ بنياد آهن عشقيہ قصا ۽ ڪهاڻيون، جي عام ماڻهن ۾ مروج آهن. اهو نمونو جلال الدين روميءَ بہ اختيار ڪيو آهي. پر شاهه ۽ روميءَ جي وچ ۾ هي تفاوت آهي، جو رومي سڄي آکاڻي مُنڍ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين ڪٽندو، لڏندو، لمندو، بيهندو، اندروني مطلب ۽ معنائون ڪڍندو، وڃيو توڙ کي پهچي، ۽ ڪڏهين ڪڏهين تہ آکاڻيءَ ۾ آڻيو وجهي، جنهن ڪري البت مونجهارو ٿيو پوي. پر شاهه جو طريقو علحدو آهي. آکاڻي سڄي ڪٿي بہ ڪانہ ٿو ڪٿي، فقط ڪي دلچسپ واقعا يا حالتون نقش ٿو ڪري، ۽ ائين سمجهي ٿو تہ آکاڻي سندس پڙهندڙن کي اڳيئي معلوم آهي. شاهه جو نمونو بہ مشهور انگريزي شاعر شيڪسپيئرَ وانگي ناٽڪ جهڙو آهي، هي هڪ نئون نمونو آهي، جو سنڌ جي ٻئي ڪنهن بہ شاعر استعمال ۾ نہ آندو آهي. انهيءَ شعر ۾ شاهه جي شعور جون ڪُل خوبيون نکري نروار ٿين ٿيون. شعر جون سڀيئي وصفون، جهڙوڪ واقعہ نگاري، قدرتي ۽ انساني حسن جي تصوير، سيرت نگاري، خيالي قوت، عبارت، صنايع بدايع وغيره، هتي جهڙيءَ ڪماليت کي رسيون آهن، تهڙو ٻئي ڪنهن بہ هنڌ نہ. اهڙو پختو ۽ سهڻو شعر پنجن سرن ۾ ڇيو اٿس: سر 'سهڻيءَ'، سر 'سسئيءَ'، سر 'مومل راڻي'، سر 'ليلا چنيسر' ۽ سر 'مارئيءَ' ۾ انهن سرن ۾ واقعن جي تصوير اهڙن موزون ۽ مناسب اکرن ۾، چٽائيءَ ۽صفائيءَ سان ڪڍي اٿس، ۽ انسان جي اندر جا طرح طرح جا پور ۽ جذبا اهڙيءَ سچائيءَ سان ورنن ڪيا اٿس، جو پڙهندڙ جي دل هڪدم ڪئنچجو وڃي.

**ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي**
(ڪتاب: 'شاهه جو رسالو' مقدمہ تان ورتل)

# لافاني ڪلام

اڳتي هلي هتي جڏهن انگريزن جو تسلط ٿيو، تڏهن مشرقي علمن جو رواج گهٽبو ويو. عربيءَ ۽ پارسيءَ جي جاءِ انگريزي ٻوليءَ اچي والاري. سوچ ويچار جا نوان نمونا ۽ تحقيق، تدقيق جا نرالا رستا نمودار ٿيا. هن دور جي اوائل ۾ اسان جي ديني عالمن انگريزي ٻوليءَ جي مخالفت ڪئي ۽انگريزن سان (جن سنڌ جي آزاديءَ کي سلب ڪيو هو) ايڏي ته سندن عداوت هئي، جو سنڌ جي عالمن جي استاد مولانا غلام صديق رحه شهدادڪوٽيءَ بابت هيءَ روايت مشهور آهي ته جڏهن کيس معلوم ٿيندو هو ته ڪو انگريز شهر ۾ آيل آهي ته ان ڏينهن منهن تي نقاب ڏيئي نڪرندا هئا ته جيئن انگريز تي نظر نه پوي. انگريز اقتدار کي اڳتي نه اُسرڻ لاءِ اهو عين علاج هو، پر اها ڪوشش ڪارگر نه ٿي، ڇو ته ديس جي غير مسلم رهواسين ساٿ نه ڏنو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ پاسي ديني مدرسن جي رهنمائي نه هجڻ ڪري مسلمان هڪ پاسي ديني تعليم ۾ پوئتي پئجي ويا ته ٻئي پاسي دنيوي تعليم ۾ به گهڻو پوئتي رهجي ويا.

ديني تعليم ۾ سنڌ جڏهن سوَن سالن کان گهڻو سربلند هئي، تنهن ڪري جيد عالمن ۽ فاضلن کان خالي نه رهي. دنيوي تعليم لاءِ ڪن سڄڻن اک پٽي. خان بهادر حسن علي آفندي، رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ۽ سيد الهندي شاه جهڙا سنڌي هڏڏوکي مسلمان پيدا ٿيا، جن جي اڻٿڪ محنتن ۽ ايثار ڪري نوان مدرسا کُليا ۽ مسلمانن دنيوي تعليم ۾ چڱو چاه ورتو. هنن نون مدرسن ۽ نئين تعليم جي برڪت سان ڪيئي گوهر پيدا ٿيا، پر ڪو اهڙو عالم پيدا نه ٿيو هو، جيڪو هڪ ئي وقت انگريزيءَ سان گڏوگڏ عربي، پارسي ۽ سنڌي ٽنهي ٻولين جو لاثاني اديب هجي ۽ ديني ۽ دنيوي عالمن ۾ هڪ ٻئي سان تعاون نه هجڻ ڪري، جيڪا وڇوٽي يا حد فاصل برپا ٿي چڪي هئي، تنهن کي ٽوڙي ٻنهي گروهن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻي.

قدرت طرفان اها سعادت سنڌ جي هڪ غريب خاندان جي فرد کي عطا ٿيڻي هئي. سُو نيت اسباب ويا جڙندا. ٺلٽيءَ جو هڪ ڳوٺاڻو ڇوڪرو عمر بن محمد اسڪولي ۾ تعليم لاءِ ويهاريو ويو ۽ ساڳئي وقت گهريلو نيڪ ماحول ڪري کيس نيڪ دل ۽ خدا رسيده بزرگن جي صحبت به نصيب ٿيندي رهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو اهو ڳوٺاڻو ڇوڪرو ٿوري وقت ۾ "علامه دائودپوٽي" جي لقب سان سڏجڻ لڳو ۽ سنڌ جو اهو ڀريون سپوت آهي، جنهن پي.ايڇ.ڊي ڪري، ٻين سنڌين ۾ علمي ترقي جو روح ڦوڪيو.

**علامه غلام مصطفيٰ قاسمي**

(ڪتاب: "چوند علمي مضمون"

مرتب: پروفيسر قاضي خادم تان ڪنيل)



ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

مترجم: ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر

ڪراچي

# سنڌ جي صوفيانه روايت ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي*

اسلام اٺين صديءَ ۾ سنڌ ۾ داخل ٿيو ۽ يارهين صديءَ جي شروع تائين سنڌ عرب حڪمراني هيٺ رهي. ڏهين صديءَ جي شروعات ۾ مشهور صوفي حسين بن منصور حلاج سنڌ گهمڻ آيو هو ۽ کيس 922/309 ۾ بغداد ۾ سوريءَ چاڙهيو ويو هو. تيرهين صديءَ دوران تصوف جا سلسلا باقاعدي وجود ۾ اچڻ لڳا ته شروعات ۾ ئي سنڌ ملتان سميت سهروردي سلسلي ڪي جيءَ ۾ جاءِ ڏني جنهن سان اڳتي هلي سنڌ تصوف جو مضبوط مرڪز بنجي وئي. شيخ شهاب الدين سهروردي ان عرصي دوران ملتان سميت سنڌ کي پنهنجي علم ۽ فيض جي برڪت سان نوازيو. ليڪن بغداد ۾ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني جي پهچڻ کان اڳ سنڌ جي بکر واري علائقي سان تعلق رکندڙ نوح بکري کي شيخ شهاب الدين سهروردي پنهنجو خليفو مقرر ڪري چڪو هو. اهڙي طرح سنڌ جو تصوف سان ناتو وڌيڪ مضبوط ٿيڻ لڳو جڏهن ساڳي صدي دوران شيخ شهاب الدين سهروردي جو ڏوهٽو سيد محمد مڪي (وفات: 1266/644) سنڌ ۾ اچي بکر واري علائقي ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي. اهو ساڳيو ئي زمانو هو جنهن ۾ پير پٺو بهاءُالدين زڪريا ملتاني جو خاص خليفو ٿي گذريو. جنهن جي مزار ٺٽي ۾ واقع آهي. ان دور ۾ چشتيهٔ سلسلي سان تعلق رکندڙ شاهه جميل گرنار کان ٺٽي پهچي چشتيه تعليمات جو آغاز ڪيو.

سنڌ ۾ قادري ۽ نقشبندي سلسلن جي اوسر پڻ ڏهين ۽ يارهين صدي ۾ ٿيڻ لڳي.

نائين/پندرهين صديءَ جي آخر ڌاري سيد محمد جونپوري جيڪو 'مهدي' جي لقب سان مشهور ٿيو گجرات کان ٿيندو ٺٽي پهتو. جيتوڻيڪ سندس 'مهدي' واري دعويٰ تي گهڻن اعتراض ڪيا، پر ڪيترا منهبي عالم سندس حلقهء اثر ۾ داخل ٿي ويا. انهن مان وڌيڪ ڄاتل سڃاتل قاضي قادن (وفات: 1551/958) آهي. اهو عالم مان بدلجي صوفي ٿيڻ وارو قاضي قادن ئي هو جنهن اهڙا صوفيانه بيت چيا جيڪي شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پاڻ پڙهندو هو. اهوئي سبب آهي جو سندس اهي بيت پوءِ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات بيان العارفين ۾ سندس نالي سان محفوظ ٿي ويا. اها ملفوظات شاهه ڪريم جي هڪ مريد پنهنجي مرشد جي وفات کان فقط ڇهه سال پوءِ 1630 ۾ مرتب ڪئي. قاضي قادن جا اهي ست بيت سنڌ ۾ صوفيانه شاعريءَ جو مثالي نمونو آهن. انهن سڀني بيتن ۾ وڌيڪ اهم بيت جيڪو سندس روحاني تجربن ۽ تبديليءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو هن ريت آهي:

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سنڌي پريان پيچري.

اٽڪل چئن صدين گذرڻ کانپوءِ 1978ع ۾ قاضي قادن ۽ گجرات جي دادو ديال (1603-1544) جا هڪڙي ئي ڪتاب ۾ لکيل وڌيڪ بيت ڀارت جي هريانا رياست جي ڳوٺ 'راٿيلا' مان دريافت ٿيا. دادو ديال ڀڳتي تحريڪ جو نمائندو شاعر هو. ان ڳالهه مان اهو واضح ٿئي ٿو ته قاضي قادن جي شاعري سنڌ کان ٻاهر ولايت واسي ڇڏيا هئا. سندس مقبوليت ۽ ميجتا هند تائين پهچي چڪي هئي. اهوئي سبب هو جو جڏهن گجرات جي غوثي مانڊوي پنهنجو مشهور تذڪرو 'گلزار ابرار' 20-1630 دوران تحرير ڪيو ته ان ۾ قاضي قادن جي چئن سنڌي بيتن جو خاص طرح ذڪر ڪندي کيس هڪ وڏي صوفي شاعر طور پيش ڪيائين. بيان العارفين شاهه ڪريم جي باري ۾ ملفوظاتي ادب جو شاهڪار آهي جنهن مان سندس قادري سلسلي سان وابستگيءَ جو پتو پوي ٿو. هو وڏي پائي جو صوفي ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. بلڪ شاعري سان گڏوگڏ هُو صوفي سماع کي گهڻو پسند ڪندو هو. هڪ

* هيءُ مضمون اقبال اڪيڊمي پاڪستان لاهور جي تحقيقي جنرل 'اقبال ريويو' اپريل- جون 2019ع ۾ شايع ٿيل آهي.

دفعي هن گجرات ۾ محفل سماع ۾ شرڪت ڪئي جتي هن کي هندي بيتن ٻڌڻ جو پڻ موقعو مليو. شاهه ڪريم قوالن جي گهڻي عزت ڪندو هو ۽ انهن جي قدرداني ڪندي ڪين شال، اجرڪ وغيره ڏئي اُتندو هو. ان لحاظ سان بيان العارفين ۾ نه صرف تصوف جي روايت جو ذڪر ملي ٿو پر ان سان گڏوگڏ اهو سنڌ ۾ تصوف جي ثقافتي سڃاڻپ کي اُجاگر ڪري ٿو.

بيان العارفين جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه ڪريم اسلامي دنيا جي وڏن صوفين جهڙوڪ بايزيد بسطامي، جنيد بغدادي، منصور حلاج، ابوالحسن خرقاني جي خيالن کان گهڻو متاثر هو. بيان العارفين ۾ ابن عربيءَ جي مشهور ڪتابن 'فتوحات' ۽ 'فصوص الحڪم' جا اڻ سڌيءَ طرح حوالا ملن ٿا. ان سان گڏوگڏ هُو مولانا رومي جي مثنوي کان بہ گهڻو واقف هو ۽ مثنوي روميءَ سان لڳاءُ کي سندس هينيون بيت ظاهر ڪري ٿو:

هي ڪن گڏ هٽا وڪٽي، ڪن ڪي بيا ڳنهيج،
تنين سان سٽيج، پريان سندي ڳالهڙي.

مٿيون سٽون روميءَ جي هينين بيت جي ياد تازي ڪن ٿيون:

گوش خر بفروش و ديگر گوش خر
کين سخن را در نيابد گوش خر

اهي گڏهه جهڙا ڪن وڪڻ ۽ بيا ڪن خريد ڪر. جو تہ اها ڳالهہ گڏهہ جهڙن ڪنن سان ٻڌي ڪونہ سگهبي.

شاهه ڪريم جي شاعري جو هڪ نئون پهلو اهو آهي ته هن پنهنجي شاعريءَ ۾ لوڪ ڪهاڻين جي ڪردارن کي نئين معنيٰ ۽ مفهوم ڏنو. مثال طور سسئي، سهڻي، مارئي ۽ ليلا جيڪي لوڪ ڪهاڻين جا ڄاتل مڃيہ ڪردار آهن انهن کي تصوف جي پرچار جو اهم ذريعو بڻايائين. ان کان علاوه هن زندگيءَ جي عام ڪردارن جهڙوڪ ملاحن کي پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ وڏو مقام ڏنو. خاص طور هن قاضي قادن جي جوڳيءَ واري تصور کان متاثر ٿي 'ڪاهوڙي' کي 'روحاني مرشد' ۽ عارف جي صورت ۾ پيش ڪيو جيئن سندس هن بيت مان ظاهر آهي:

ڏيهہ ڏيهائين ناهہ، جتي پير نہ پڪيان،
تتي ڪاهوڙيان، ور ڏيئي وڻ چونڊيا.

نثري ترجمو: اهو ڪنهن ڏيهہ يعني ملڪ جهڙو ناهي ۽ اُتي ڪنهن پکيءَ جو پير بہ نٿو پهچي سگهي، پر اهڙي هنڌ (لامڪان) اهي ڪاهوڙي (عارف) هر هر وڃي انهن وڻن جا ميوا چونڊين ٿا.

شاهه عبدالڪريم کان پوءِ صوفي شاعريءَ جا ٻہ وڏا شاعر شاهه لطف الله قادري (وفات: 1090/1679) ۽ شاهه عنايت رضوي (وفات: 1130/1717) ٿي گذريا آهن جن جو شاهه عبدالطيف ڀٽائي جي شاعريءَ تي سنئون سڌو اثر نظر اچي ٿو. شاهه لطف الله قادري سلسلي سان وابستہ هو. پاڻ هڪ وڏي بزرگ هستي ۽ صوفي عالم هو. هن جي سنڌيءَ ۾ صوفيانہ شاعري 1968ع ۾ منظر عام تي آئي. ان ڪانسواءِ هن جو فارسي ڪتاب 'منهاج المعرفت' تصوف ۾ اعليٰ درسي ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو، جيڪو هن سالڪ جي رهنمائي ڪرڻ واسطي لکيو، جنهن ۾ هن پنهنجا روحاني تجربا بيان ڪيا آهن، تصوف جي ان واٽ تي هلندڙ سالڪ لاءِ 184 منزلن يا مقامن جي نشاندهي ڪئي آهي. لطف الله قادري جي شاعريءَ ۾ وحدت الوجود جو ڀرپور اظهار ملي ٿو، هن پنهنجي شاعريءَ ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني ۽ شيخ اڪبر ابن عربي جا استعمال ٿيل اصطلاح پڻ ڪتب آندا آهن. هن کي فارسي شاعري جي بہ تمام گهڻي ڄاڻ هئي. اهڙي طرح هُو سنائي، عطار، شيخ سعدي سان بہ گهڻي واقفيت ظاهر ڪري ٿو.

لطف الله جي شاعري ستن بابن ۾ ورهايل آهي. سندس شاعري جو آخري سمورو باب روحاني تجربا بيان ڪري ٿو ۽ هن سلسلي ۾ جوڳين کي عارفن جي حيثيت ۾ پيش ڪري ٿو. ان ۾ آندل ابن عربي جو مقولو سندس عارفانہ مهارت کي واضح ڪري ٿو:

هن سلسلي ۾ سڀني صوفين جو ان تي اتفاق آهي تہ ان رستي تي سالڪ جي رهبريءَ لاءِ ڪامل روحاني رهبر يعني مرشد جو هئڻ ضروري آهي.

شاهہ صاحب اها ڳالهہ سالڪ سسئي کي هيٺين سٽن جي ذريعي سمجهائي ٿو:

سيا سياهي، آهي آري ڄام ري،
ڪڏهن پسبي ڪانہ ڪا، رءُ لالڻ لالائي،
من لا شيخ فشيخ له الشيطان، ان رءُ اونداهي،
هوءَ جا هلي هيڪلي، سا گيرب گمائي،
من يمشي في الطريق بلا شيخ کمن يمشي في
البحر بلا سفينته اهڙي اوائي،
تنہ ريءَ توائي، ڪوڙين ٿين ڪيتريون.

نثري ترجمو: بيشڪ ان آري ڄام کان سواءِ هر طرف اونداهي آهي، ان محبوب ڪانسواءِ ڪنهن بہ طرف ڳاڙهاڻ نظر ڪونہ ٿي اچي. ان قول مطابق جنهن جو ڪو مرشد ناهي، ان جو مرشد شيطان آهي، هرهنڌ اونداهي ڦهليل ٿي. (اي سسئي) جيڪا ان راهہ ۾ اڪيلي هلندي، اها ان گمان ڪري گمراهہ ٿيندي. ان ڪري چيو اٿن جيڪو طريقت جي راهہ ۾ بغير مرشد جي هلي ٿو اهو ڄڻ درياءَ ۾ بغير ڪشتيءَ جي سفر ڪري ٿو، اهو ضرور مصيبت ۾ پوندو، ان ريت ڪيترين پاڻ کي ڪڏ ڪوهہ ۾ اُڇلائي ڇڏيو.

شاهہ لطيف هتي هڪ عام روحاني رهبر جي ڳالهہ نٿو ڪري، پر هُو اهڙي روحاني رهبر جون وصفون ۽ اُن جون خوبيون پڻ ٻڌائي ٿو، جيڪو صحيح رهبر طورِ طالب کي صحيح دڳ ڏيکاري سگهي. سر رامڪلي ۾ اهڙي رهبر جي حوالي سان ڪجهہ هيٺن بيان ڪيو ويو آهي:

حاصل جان نہ حال، صوفي جم سڏائيين،
ڪينهين تنين قال، وٺون جن وڃائيون.

نثري ترجمو: جيستائين تون 'حال' وارو نہ ٿيو آهين، تہ پاڻ کي صوفي نہ سڏراءِ. اهي هر قسم جي گفتگو بند ڪري ڇڏين ٿا جيڪي پاڻ کي فنا ڪن ٿا.

سر رامڪلي ۾ وري شاهہ صاحب انهن کي جوڳي، ڪاپڙي ۽ آديسي ڪوٺي ٿو، پر انهن جي اصل سڃاڻپ عارف جي حيثيت ۾ ڪرائي ٿو.

جياسون جوڙ ٿي، جوڳي ڏنوسون،
ڪنا تنهين مون، حاصل ڪي حال ڪئو.

نثري ترجمو: اسان جي زندگي سڄائي ٿي جو اسان جوڳي (مرشد) کي ڏٺو. هن وٽان مون کي 'حال' نصيب ٿيو يعني حال وارو ٿيس.

هتي شاهہ لطيف 'حال' ۽ 'مقام' بہ اهڙا اصطلاح استعمال ڪيا آهن جن جو مطلب اهو آهي تہ صوفي جيڪا واٽ وٺي ٿو اتي مقام ۽ منزلون آهن، جن جو سڀ کان پهرين ذڪر ڪتاب التعرف، ڪتاب اللمع ۽ رسالہ قشيريہ ۾ ملي ٿو. حال ۽ قال بابت رومي مثنويءَ ۾ هيٺين طريقي سان وضاحت ڪري ٿو:

مابرون را ننگريم و قال را

ما درون را بنگريم و حال را.

ترجمو: اسين ٻاهر ۽ ظاهر کي نٿا ڏسون ۽ نہ وري رڳو ڳالهيون ٻڌون ٿا، اسان اندر يا باطن تي نظر رکون ٿا ۽ حال جي خبر رکون ٿا.

رومي ۽ شاھ ڀٽائي عارفن کي اصل روحاني رهبر طور متعارف ڪرايو آهي ۽ اهو واضح ڪيو آهي تہ جيڪو انهن جي رهنمائي اختيار ڪندو اهوئي پنهنجي منزل کي ماڻيندو. اهي ئي زندگي ۾ نئون روح وجهن ٿا ۽ زندگي ۾ نور ۽ روشني آڻين ٿا، پاڻ کي ٻاري ٻہ ٻين لاءِ روشني ۽ سهائي جو سبب بڻجن ٿا.

جوڳيئڙا جهان ۾، نوري ۽ ناري،
ٻري جن ٻاري، آءٌ نہ جيئندي ان ري

رومي وري ان کي ڪجھ هيئن بيان ڪيو آهي:

سايه يزدان بود بندهٔ خدا،

مرده او زين عالم و زنده خدا.

ترجمو: الله جا اهي ٻانها (عارف) سندس پاڇي وانگر آهن، اهي جهان جي حساب سان مئل پر خدا وٽ هميشہ جيئرا آهن.

هڪ ٻي جڳھ تي رومي واضح ڪيو آهي تہ صرف خدا سان محبت ڪندڙ روح زنده هوندا آهن باقي ٻيا سڀ روح مئل آهن. هن وڌيڪ اهو بہ چيو تہ جيڪڏهن توهان زنده رهڻ چاهيو ٿا تہ هنن جي محفل ۾ وڃي هنن وٽ ويهو. هنن جي مقابلي ۾ ٻيا اهڙا بہ آهن جيڪي بظاهر زنده آهن پر اصل ۾ مئل آهن.

اى خنک آن مرد کز خود رسته شد،

در و جود زنده و پيوسته شد.

ترجمو: اهوئي انسان خوش قسمت آهي جيڪو پنهنجي پاڻ کان آجو ٿيو، ۽ جيڪو (هميشہ) زنده آهي ان سان وڃي مليو.

ٻي جڳھ تي رومي اهڙن روحاني رهبرن کي اسرافيل سان ڀيٽيو آهي ۽ چيو آهي تہ جيئن اسرافيل مُردن کي زنده ڪري سگھندو، اهڙي طرح روحاني رهبر وري مُئل روح کي زنده ڪندو آهي:

هين که اسرافيل و قتند اوليا،

مرده را زيشان حياتست و نما.

ترجمو: خبردار، اهي اولياءَ وقت جا اسرافيل آهن، اهي مُئلن کي جيئرو ڪرڻ وارا ۽ زندگي بخشڻ وارا آهن.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي سر رامڪليءَ ۾ انهن جي باري ۾ گھڻو ڪجھ چيو آهي ۽ بار بار اهي الفاظ چيا آهن تہ "منهنجو انهن روحاني رهبرن کان بغير زنده رهڻ مشڪل آهي چو تہ منهنجي زندگي انهن کان سواءِ نامڪمل ۽ ناممڪن آهي:

ستي سيج هياس، مون کي آھ اٿاريو،
جني جاڳاياس، آءٌ نہ جيئندي ان ري.

نثري ترجمو: مان تہ سيج تي آرام سان سُتل هئس، پر مون کي اوچتو ڪنهن دانهن جاڳائي وڌو، جن مون کي جاڳايو، هاڻي آءٌ انهن کان سواءِ جيئري نٿي رهي سگهان.

ايچ.ٽي.سورلي شاھ عبداللطيف جي شاعريءَ تي روميءَ جي اثر جي باري ۾ لکي ٿو تہ: "خبر نٿي پوي تہ شاھ لطيف ٻين فارسي شاعرن کان ڪيترو باخبر هو. چو تہ ان باري ۾ ڪا شاهدي موجود ڪونهي، پر هڪ ڳالھ واضح آهي تہ هن روميءَ کي پڙهيو ۽ پڙهيو ۽ پٽو هو. اهوئي سبب آهي جو شاھ صاحب وٽ رومي جي مثنوي هر وقت موجود هوندي هئي. رومي جي اثر هيٺ ئي شاھ لطيف روميءَ جي عارف واري تصور کان متاثر ٿي پنهنجي شاعري ۾ ڪاهوڙي ۽ جوڳيءَ واري تصور کي ان معنيٰ ۽ مفهوم ۾ استعمال ڪيو آهي، انهن جي روحاني حاصلات لاءِ حال جو اصطلاح ۽ ان جو جمع احوال استعمال ڪيو آهي، عارفن جي 'احوال' بابت شاھ لطيف جو هي بيت عظيم شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو:

مونا طورسينا، سندا سنياين،
سجدي ۾ سيد چئي، گوڏا گودڙين،
فکان قاب قوسين او ادنيٰ، تا نانگا ائين نمن،
کل من عليها فان، باقي ڪين بچن،
الله ولي الذين آمنوا يخرجهم من الظلمت
الي النور اهڙيءَ پر پرن،
خرموسيٰ صعقا، تا جوڳي جنگ جلن،
مازاغ البصر وما طغيٰ، اهڙيءَ روش رون،
مشاهدو محبوب جو، اتي آديسين،
بي يبصر بي يمسع بي وصال وهن،
بي يشمي بي ينطق تا هڙي چال چلن،
سيد چئي سندين، تون ڪل پڇين تو کهڙي.

انهن سنياسين (عارفن) جا گوڏا (جڏهن هو مونن ۾ منهن وجهن ٿا) طور سينا واري حيثيت رکن ٿا،

اهي گودڙي ڍڪڻ وارا گوڏن ۾ سجدي جي حالت ۾ رهن ٿا.

اهي لباس کان بيپرواهه رهڻ وارا ٻن ڪمانن جي فاصلي کان به گهٽ (قرآني آيت) واري منزل تي نوڙن يا جهڪن ٿا.

’سڀ شيءِ فاني آهي‘ (آيت قرآني) موجب سندن ڪابه شيءِ باقي نه بچي آهي.

’الله ئي انهن جو دوست آهي جيڪو کين اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو. (قرآني آيت) جي مطابق سندن هلت يا رهڻي ڪهڻي آهي.

’حضرت موسيٰ بيهوش ٿي ڪِري پيو‘ (قرآني آيت) ۽ هي جوڳي (عارف) ان باهه ۾ پيا سڙن ۽ پچن.

’هن جي اک نه ٻنڪي ۽ نه گمراهه ٿي‘ (قرآني آيت) جي واٽ تي اهي هلن ٿا.

اهي آديسي (عارف) ان ريت محبوب جو مشاهدو ماڻين ٿا.

’هو مون سان ڏسي ٿو، مون سان ٻڌي ٿو ۽ مون سان ملي ٿو‘ واري حال ۾ آهن

’هو مون سان هلي ٿو، ۽ مون سان ڳالهائي ٿو‘ واري ڪيفيت ۾ آهن

شاهه (لطيف) چوي ٿو ته تون انهن جي ڪهڙي ڳالهه يا خبر ٿو پڇين!؟

هتي مناسب آهي ته عارفن کي ’صاحبِ حال‘ يا ’حال جو صاحب‘ طور سندن علحده سڃاڻپ ڪئي وڃي جيڪي مختلف مقامات جهڙوڪ: ’توبهه، صبر، توڪل‘ ۽ آخر ۾ رضا طي ڪري حال سان خدا جي طرفان نوازيا ويا آهن. صوفين جي سيني بنيادي ڪتابن ۾ ’حال‘ ۽ ’مقام‘ جي سمجهاڻي اهڙيءَ طرح ملي ٿي، جيئن اسان اڳ ۾ ٻڌائي چڪاسون ته رومي ۽ شاهه لطيف هڪ مرحلي تي انهن کي ’حال‘ ۽ ’قال‘ وارو سڏيو آهي، شيخ شهاب الدين سهروردي جنهن کان سهروردي سلسلو شروع ٿئي ٿو، پنهنجي تصنيف ’عوارف المعارف‘ ۾ ’حال‘ ۽ ’مقام‘ جي سمجهاڻي ڏيندي ’قرب‘ جي وضاحت هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

لله عبادٌ طور سينا هم رکبهم تکون رؤوسهم على رکبهم وهم في محال القرب.

ترجمو: الله جا ڪي ٻانها اهڙا آهن جو سندن گوڏا طور سينا جبل وانگر آهن، جڏهن اهي پنهنجو ڪنڌ گوڏن تي رکن ٿا تڏهن اهي قرب ماڻين ٿا.

قرب جي معنيٰ آهي خدا سان ويجهو ٿيڻ. قرب کي وڏيڪ ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪڙو هي ’قرب نوافل‘ ۽ ٻيو آهي ’قرب فرائض‘. صوفين مطابق ان جي تشريح انهيءَ حديث قدسي ۾ آيل آهي. جنهن ۾ اهي الفاظ اچن ٿا. الفاظ ’بي يسمع و بي يبصر‘ وغيره پڻ آندل آهن.

روکه بی یسمع و بی یبصر تونی،

سر تونی چه جانی صاحب سر تونی.

ترجمو: هاڻي تون وچ جو تون 'مون سان ٻڌين ٿو ۽ مون سان ڏسين ٿو.'
اهو راز ٻہ سمجهہ تہ صاحب راز ٻہ تون آهين.
رومي خدا سان عشق واري ڪيفيت کي 'حال' سڏيو آهي. جيڪا ڪين نصيب ٿئي ٿي.

عشق جان طور آمد عاشقا،

طور مست و خر موسيٰ صاعقا.

ترجمو: اي عاشق، اهو عشق ئي هو جنهن طور جبل ۾ ساهہ وجهي چڏيو،
انهيءَ ڪري طور جبل مست ٿي ويو ۽ حضرت موسيٰ بيهوش ٿي ڪِري پيو.
شاهہ لطيف جي بيت ۾ ٽين ڪيفيت کي وري 'مشاهدو' سڏيو ويو آهي،
جنهن جو حوالو قرآني آيت 'مازاع البصر' ۾ ڏنل آهي. ان باري ۾ روميءَ وري هيئنئن چيو:

چشم ظاهر ظابطه حيله بشر،

چشم سر حيران مازاغ البصر.

ترجمو: جيتوڻيڪ هن جي ظاهري اک عام انسان واري آهي، پر هن جي اندر واري اک ان مشاهدي ۾ محو آهي 'جڏهن اها غلطي نٿي ڪري.'

مطلب اهي آهن اهي ڪيفيتون جن تي صوفي پهتا آهن ان جي ثابتي لطف الله جي ڪتاب: منهاج المعرفت ۾ پڻ ڏنل آهي.

(مرغ باطن) و ببعض اوقات چنان ميرفت که بيک تگ از همه کون و مکان را گذاشته و جولانٰ در عالم لامکان ميداشت ومسافت 'دنا فتدليٰ' را قطع کرد بعالم معراج مير سيد و طواف درباديه 'قاب قوسين' ميکرد.

ترجمو: اي، جوان ڪڏهن منهنجي روح جو پکيڙرو ايڏو مٿي ۽ ايڏو تيز اڏامي ٿو جو هڪڙي جست ۾ ڪائنات جون سڀ سرحدون لتاڙي زمان ۽ مڪان کان ٽپي وڃي ٿو، 'دَنا فتدليٰ' يعني 'ويجهو ٿيو ۽ جهڪي پيو' کي ٻہ پار ڪري عروج واري عالم ۾ پهچي 'قاب قوسين' يعني ٻن ڪمانن جي فاصلي کان ٻہ گهٽ واري صحرا ۾ رمندو رهي ٿو.

سر رامڪليءَ جو مٿيون بيت صوفيانہ فڪر جو اعليٰ مثال پيش ڪري ٿو جنهن مان شاهہ عبداللطيف جي اسلامي تصوف جي عمومي روايت سان واقفيت ۽ خاص طور مولانا روميءَ جي مثنويءَ سان والهانہ وابستگيءَ جو اظهار ٿئي ٿو.

## حوالا:


(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'شاهہ عبداللطيف جو رسالو'، 1999ع
(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ'، 1989ع، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو
(3) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام'، 1968ع سنڌالاجي، ڄامشورو
(4) ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، 'بيان العارفين'، 2007ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
(5) ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، 'منهاج المعرفت' عربي، 2008ع، سنڌالاجي، ڄامشورو
(6) شيخ شهاب الدين سهروردي، 'عوارف المعارف' عربي، 2000

انگريزي

(7) R.A.Nicholson, Mathnavi Rumi, 1925
(8) A.J.Arberry, Sufism, 1960 London
(9) H.T.Sorley, Shah Abdul Latif of Bhit, 1953, Oxford, London


[ادارو ترجمي تي نظرثانيءَ لاءِ ڊاڪٽر سومري صاحب جو شڪرگذار آهي. — ايڊيٽر مهراڻ]

*



**نذير 'شاڪر' بروهي**
شڪارپور

# سامي ۽ جي شاعري ۾ مَنڌاري، دراوڙي ۽ براهوئي لفظ

قديم دور ۾ سنڌ ۽ هند هڪ هئا. ٻئي علائقا سنڌ جي نالي سان مشهور هئا. 1500 ق. م ۾ آرين جي اچڻ کان پوءِ هند جو نالو مشهور ٿيو، قديم سنڌ ۾ گهڻيون قومون آباد ٿيون، ان متعلق ماهرين بشريات جا مختلف خيال، انومان ۽ تحقيق آهي. سنڌ يا هند کي جنهن نسل پهرين آباد ڪيو. ان جو نالو نگريٽو (Negritive) يعني حبشي هئا.

**حبشي**(Negritive):

هيءُ ماڻهو آفريڪا کان سمنڊ رستي سنڌ ۾ پهتا. جيئن رميش چندرا مجمدار (Ramesh chandra majumdar) لکي ٿو ته:

"The Negroits, immigrant from Africa, is now all but extinct in india a small group still survives in the andamans, while traces of this race are found among the kadars and palayans of Cochin and Travancore, the Nagas of Assam, and a few other tribes in India." (1)

حبشن جو زمانو قديم پٿر وارو زمانو هو، جيڪو ست هزار ق.م کان گهٽ ڪونہ آهي. انهن جو وجود بلوچستان جي قديم آثار مِهر ڳڙهہ ۾ لڌا ويا آهن، هنن ماڻهن کي زراعت جي خبر نہ هئي، پر شڪاري قسم جا ماڻهو هئا. هن نسل جو سنڌي ٻوليءَ تي لساني ۽ نسلي يا ڪلچري اثر جو ڪو بہ ثبوت نہ ٿو ملي. پر موجوده جديد بلوچستان يا قديم قلات رياست يا براهوئستان جي مڪران علائقي ۾ انهن جي موجودگي قديم دور کان ڏسڻ ۾ اچي ٿي. (2) حبشين کان پوءِ سنڌ ۾.

**آسٽرڪ (منڊاري يا ڪول)**: قبيلن قدم رکيو، جن کي قديم آسٽرلائيڊ (Proto- Australoid) منڊاري (Mandarian) يا ڪول (Kolarian) بہ چيو وڃي ٿو، پيرومل مهرچند آڏواڻي هنن لاءِ رقمطراز آهي، تہ:

"سنڌ مان سمنڊ هٽي پري ٿيو تہ اول ڪهڙين قومن اُهي واريسا پَٽ اچي وسايا، سا سُڌ پئجي نہ ٿي سگهي، جنهن زماني (Tertiary Age) ۾ سنڌ جي زمين ظاهر ٿي هئي، تنهن زماني جي ماڻهن جا پنڊ (جسم) هن وقت تائين قَري، پهڻ ٿي ويا آهن. ان وقت جي وڻن پنڊ پهڻ (Tertiary Fossils) سنڌ ۾ زمين جي اندرين تهن مان کيئن لڌا آهن. قديم سنڌ جا اصلي رهاڪو اهي چئبا.

موجودهہ قومن مان قديم ۾ قديم لوڪ، جن اتر هندستان وسايو، سي هاٽوڪي سنٿالن، ڀيلن ۽ منڊ لوڪن جا، اَبا ڏاڏا هئا. اهي قديم لوڪ اصل خشڪيءَ رستي آسٽريليا کان چين ولايت واري واٽ وٺي، آسام ۽ بنگال ڏي آيا، ۽ پوءِ اتر هندستان ڏي ويا. تنهنڪري ڪولن، سنٿالن وغيره جون ٻوليون آسٽريليا جي ٻولين جي خاندان (Austric Family) جي هڪ شاخ ليکجن ٿيون. (3)

هنن جي باري ۾ خيال ڪيو وڃي ٿو تہ هي بحيره روم جي علائقي جي قديم قوم يا نسل آهي. ماهرين بشريات جي مطابق شروعاتي آسٽريليائي ماڻهن جو مَٿو ڊگهو، رنگ ڪارو، نَڪُ چپو هو. آريا انهن کي "نشاد" (Nishad) جي نالي سان سڏيندا هئا. آسٽريليائي زبان، مذهب ۽ تمدن جا بنياد سنڌ ۾ اچي سَنوان ٿيا. سنڌ جي قديم آسٽريلوي قوم جي شاخن پنهنجي زبان کي ڏکڻ اوڀر ۾ ملايا ۽ انڊونيشيا (سماٽرا، جاوا، بالي،

بونيو، سلبيز، فلپائن وغيره) تائين پهچايو ۽ انڊونيشيا کان مائيڪرو نيشيا جزيره ڪيرولين ۽ جزيره مارشل وغيره جزيره سمارڪ، جزيره سليمان، سانتا ڪروز، نيو هيبريڊيز، نيوڪا ويز، فجي وغيره) ۽ پولينيشا (سماوا، ٽانگا، جزيره ڪوڪ، جزيره سوسائٽي، تهيني، جزيره توامونو، مارڪيسا، نيوزيلينڊ، هوائي، راپانوئي يا جزيره اسٽرو وغيره) تائين ڪٽي ويا. جزيره انڊونيشيا، مائيڪرونيشيا شاخ ناهن ٿا. قديم آسٽريلوي نسل ان جزيرن ۾ خاص تبديل ٿي وئي. ان جو سبب ٻين نسلن جو اختلاط هو (اهو به چيو وڃي ٿو ته انڊونيشيا ۾ منگول ۽ مائيڪرونيشيا جي رستي بحرالڪاهل کان پري مشرق جي جزيرن تائين پهچڻ کان پهرين ايشيا ۾ آسٽريلوي ۽ نامعلوم ڪاڪيشسائي نسل جي مخلوط پولينيشيائي ماڻهو موجود هئا) هند چيني ۾ ڪجهه آسٽريلوي قبيلن مان مون (mon)، ڪمير (Khmer) يا ڪمبوڊيائي (Combodians)، چام (Chams) يا ڪجهه غير مصروف قبيلا جيئن اسٽرينگ (Strieng)، بهنار (Bahnars)، پليونگ (Paloungs)،.واس (Was) ۽ ڪجهه ٻيا قبيلا نهيا، هڪ گروهه جزيره نڪوبار ۾ سمنڊ رستي ويو ۽ نڪوبار (Nicobarese) چوڻ ۾ آيو. ٻيا گروهه (مثلا ڪاسي ۽ ٻين قبيلن جا ابا ڏاڏا) جن ۾ آسٽريلوي زبان اختيار ڪئي. سنڌ اچڻ کان بعد ۾ پنهنجي زبان کي محفوظ رکڻ لاءِ آسٽريلوي قبيلا بي شڪ اهي ٻين نسلن، منگولن، دراوڙن ۽ شايد حبشين سان گڏ مخلوط ٿيا هجن.

شروعاتي آسٽريلوي نسل جي هڪ شاخ آسٽريليا هلي وئي، جتي اُهي ڪارن آسٽريلوي ماڻهن جي حيثيت سان مشهور ٿيا. بعد ۾ هڪ گروهه لنڪا جو رستو ورتو ان جزيري ۾ ويدا (Vedas) طور انهن جي باقيات طور مشهوري ماڻي.

آسٽريلوي ماڻهن جي مقابلي ۾ براعظم آسٽريليائي ماڻهن آسٽريليائي (Austro- Asiatic) چورائيندا آهن. آسٽريليائي چورائيندا آهن. آسٽريليائي جي ان آسٽريلوي شاخ ۾ مون ڪمير (مون ڪمير ۽ هند چيني جون ٻيون ڪجهه زبانون شامل آهن)، آسام جي ڪاسي، هندستاني ڪول، يا واس (was)، ۽ پيلونگ (Paloung)، نڪوباري ۽ ملايا جي قديم حبشي نسل جي ماڻهن جون ٻوليون سيمنگ (Semang) ۽ سينوئي (Senoi) شامل آهن. (4)

رميش چندرا مجمدار (Ramesh Chandra Majumdar) آسٽرڪ، ڪولن يا منڊا ماڻهن جو تفصيل ڏيندي رقمطراز آهي.

" The Proto- Australoids, who came from the west, form one of the basic elements of Indian population. by admixture with other elements, specially with the Negriots who came before, and the Mangoloids who came after them, they gave rise to Kol or Munda type, the Mon- khmer type in Assam, Burma, and Indo- china, and vaious other primitive types now found in the islands of the Indian Archipelogo and those of Melansia and Polynesia. The speeches of these peoples, scattered in wide areas extending from Kashmir to Easter Island, belong to the same family of languages known as Austric." (5)

آسٽرڪ نسل جي ماڻهن جو دور ڇهه هزار ق.م کان گهٽ نه آهي. پهريائين هنن زبانن کي 'ڪول' جي نالي سان سڏيو ويندو هو. "ڪول" جي معنيٰ "ماڻهو" آهي. ليڪن جي آر گريئرسن انهن جو نالو تبديل ڪري "منڊا" (Munda) رکيو. منڊا هنن ئي لساني خاندان جي هڪ زبان جو نالو آهي. جنهن جي معنيٰ "سردار" آهي. (6) آسٽرڪ نسل جون زبانون يا منڊا لساني گروهه جون زبانون آسٽرو ايشيا ٽڪ (Austro- Asiatic) خاندان سان واسطو رکن ٿيون. ماريو پي، آسٽريشيا ٽڪ لساني گروهه متعلق لکي ٿو ته:

"A family of Languages, spoken in South East Asia (the Chota- Nagpur region of India; parts of Indo- China and of the Malay Peninsula, in Annam, Combodia and parts of Thailand). hence also called South- East Asiatic. It consists of the Mon- Khmer, Annamese- Muong and Munda (or Kolarian) Branches.........." (7)

ماريو پي، منڊا لساني گروهه جي باري ۾ وضاحت ڪندي رقمطراز آهي ته:

"A Language (also called kol or kolarian) Consistituting a branch of the Austro- Asiatic family of Languase, and Consisting of a great number of dialects spoken in Central India (Chote Nagpur) and around the Himalaya Mountains. According, it is customarily divided into two groups: Chota- Nagpur or Souther Munda, and Himalayan or Northern Mund.........." (8)

ڊيوڊ ڪرسٽل، آسٽرو ايشيا لساني گروهه جي باري ۾ لکي ٿو، تہ:

" A Family of over 100 languages spoken througout south- east Asia. chiefly in countries between china and Indonesia, with a few furthur west in Northern India and the Nicobar Island. the three main branches of the family are Mon- Khmer, which contains by far the largest group of languages, and Mund and Nicobarese. which are spoken well to the west of the Mon- Khmer area............." (9)

ڊيوڊ ڪرسٽل، منڊا لساني گروهہ جو تفصيل ڏيندي رقمطراز آهي تہ:

A small group of Languages within the Austro- Asiatic Family, chiefly spoken in several parts of north- east India. the most widely used languages are Santali (C.S million) and Mundari (C.1.5 million). Northern, Southern, and Western Munda Subgroups have been recognized, with nearly 90 0/0 of the speakers belonging to the northern Subgroup. they use the Bengali and Devanagari alphabets........" (10)

منڊا لساني گروهہ ۾ منڊاري، سنٿالي، ڪيرا، هو، ڪيرواڙي، ڪورڪو، سورا، گورم (پرينگا)، ڪاريا، جوانگ، (يموربونڊا)، گتوبہ گتا (ديتاءِ)، نهالي، ڪاسي ۽ ٻيون زبانون اچي وڃن ٿيون. (11) اوڏ، ڀيل ۽ ٻيا ڪجهہ منڊاري قبيلا پنهنجون اصلي زبانون ڇڏي يا وساري، ان جي جاءِ تي هند آريائي زبانون ڳالهائين ٿا.

سنڌ ۾ ڪيترن هنڌن تي ڪيترائي منڊاري قبيلا قديم دور کان بودوباش رکن ٿا. انهي وجهہ کان سنڌن سنڌي قوم ۽ ٻوليءَ تي گهڻو لساني ۽ نسلي اثر پيو آهي. ڪيترائي منڊاري ٻوليءَ جا لفظ ۽ گرامري بناوٽ جا اصول سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ موجود آهن. جن کي اسان روزمره استعمال ڪيون ٿا. اسان اڳتي هن مقالي ۾ ساميءَ جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل منڊاري لفظن جي نشاندهي ڪنداسون.

**دراوڙ** (Dravidians) : دراوڙن جي بنياد متعلق ڪيترائي مفروضا ۽ نظريا موجود آهن، پر جديد ترين نظريو اهو آهي تہ اهي حبشين ۽ پروٽو آسٽرلائيڊ جي اختلاط (امتزاج) سان پيدا ٿيا آهن. دراوڙ ڪٿان ٻاهران نہ آيا آهن، بلڪ اهي هتان جا اصلي (aboriginal) رهاڪو آهن/ هئا. (12) ڪرشنا مورتي، دراوڙن بابت راءِ ڏيندي رقمطراز آهي، تہ:

"The Speakers of the Dravidian Languages a native people of India," (13)

شروع ۾ دراوڙي زبان هڪ هئي، جنهن کي قديم ترين دراوڙي زبان (Proto- Dravidian Langurqe) چيو ويندو هو. اُها سڀني دراوڙي زبانن جي ماءُ زبان (Parent Language) هئي. جڏهن اسان چئون ٿا تہ براهوئي، تامل، تيلگو، ڪُرخ، مالتو، ڪُئي، ڪناڊا يا ٻيون دراوڙي زبانون هڪ ئي قسم جون يا زمري جون زبانون آهن، تہ ان مان مراد يا مقصد اهو آهي تہ ڪنهن قديم دور ۾ اهي سڀ زبانن جا ڳالهائيندڙ هڪ ماءُ زبان (Parent Language) ڳالهائيندا هئا. پروٽو دراوڙي لفظ کي پهريون دفعو ونيسٽا ويرن پهريون دفعو 1875ع ۾ استعمال ڪيو. (14)

جيئن جارج ايربوسي لکي ٿو، تہ:

"Thus when we say that Tamil, Telegu, Toda, Kolami, gondi, Malto, Brahui etc. are related, we are saying that we consider it proven that there was at some time in the past as single speech Commmunity (which we usually call "Proto- Dravidian". (15)

پروٽو دراوڙي يا قديم ترين دراوڙي زبان وقت جي حساب سان تبديل ٿيندي، چئن حصن:

-1 ڏاکڻين دراوڙي (South- Dravidian)

-2 ڏاکڻين- وچين دراوڙي (South- Central- Dravidian)

-3 وچين دراوڙي (Central- Dravidian)

-4 اترئين دراوڙي (North- Dravidian)

۾ تقيسم ٿي وئي. وري اهي چار حصا مختلف ٻولين ۾ ورهائجي ويا. مثلا:

1: ڏاکڻين دراوڙي زبان هيٺين تامل مليالم، ارولا، ڪرمبا، ڪوڏاگو، ٽوڊا، ڪوٽا، بداگا، ڪنادا، ڪوراگا، ٽلو زبانن ۾ ورهائجي وئي.

2. ڏاکڻين- وچين دراوڙي زبان هيٺين تيلگو، گوندي، ڪوندا (ڪوبي)، ڪُئي، ڪوي، پينگو، منڊا ۽ ٻين زبانن ۾ ورهائجي وئي.

2. ڏاکڻين- وچين دراوڙي زبان هيٺين تيلگو، گوندي،ڪوندا (ڪوبي)، ڪُئي، ڪوي، پينگو، منڊا ۽ ٻين زبانن ۾ ورهائجي وئي.

3. وچين دراوڙي وري هيٺين ڪولامي، نائڪڙي، نائڪي (چندا)، پارجي، اولاري، ڪونديڪور (گدابا) ۽ ٻين زبانن ۾ ورهائجي وئي.

4. اترئين دراوڙي زبان وري هيٺين ڪُرخ، مالتو ۽ براهوئي زبانن ۾ ورهائجي وئي.

هاڻي دنيا اندر ٽوٽل 26 دراوڙي زبانون ڳالهائجن ٿيون، جيڪي وري مختلف 91 محاورن (dailects/ varities) ۾ ورهايل آهن

دراوڙي ٻولين جو خاندان دنيا ۾ چوٿين يا پنجين نمبر تي لساني خاندان آهي، جنهن جي ڳالهائيندڙن جو انگ 230 (ان ۾ 10 ملين براهوئين جو انگ به آهي) ملين آهي، هنن جا ڳالهائيندڙ ڏکڻ هندوستان، وچ هندوستان، سريلنڪا، بنگلاديش، نيپال، انڊونيشيا، ملائيشيا، ماريشيس، ميانمار، سنگاپور، ڏکڻ آفريڪا، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن ۾ موجود آهن. (16)

**سنڌي:** جڏهن سنڌ تهذيب جي سائنسي کوجنا ٿي ته پوءِ اها ڳالهه سامهون آئي ته اها تهذيب پروٽو دراوڙي تهذيب آهي. جيئن آسڪو پرپولا لکي ٿو، ته:

"موهن جي دڙي يا سنڌ تهذيب جي ماڻهن جي ٻولي Proto- Dravidian ٻولي هئي." (17)

پوءِ ڊاڪٽر الانا، پرسو گدواڻي ۽ ٻين سنڌي ٻوليءَ کي دراوڙي ته بلڪ پروٽو دراوڙي سبٽ جي ٻولي قرار ڏنائون (18) ڊاڪٽر الانا، سنڌي ٻوليءَ کي سڀني ٻولين جي ماءُ ٻولي (Parent Language) قرار ڏئي ٿو. اهو مفروضو بحث لائق آهي. جو ته آسڪوپرپولا' واضح نموني سان لکي ٿو، ته:

"The Indus Language is likely to have belonged to the North Dravidian Sub- branch represented today by the Brahui Language spoken in the mountain valleys and plateaus of Afghanistan."(19)

دراوڙي ٻولين يا دراوڙي لساني خاندان جو سنڌي زبان تي تمام گهڻو لساني، نسلي ۽ ڪلچري اثر پيو آهي. هزارين دراوڙي لفظ ٿوري صوتي فرق (Phonatic change) سان سنڌي ٻوليءَ ۾ مستعمل آهن، پر انهن کي جي شرٽ ارنيسٽ ٽرمپ، آرڪالڊويل، عين الحق فريد ڪوٽي، پرسوگدواڻي، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ٻين عالمن آڻي ۾ لوڻ برابر، پڻي ڪنهن به ظاهر نه ڪيو آهي. هن مقالي ۾ ساميءَ جي شاعريءَ ۾ دراوڙي ٻولين جي استعمال ٿيل لفظن جي نشاندهي ڪنداسين ۽ انهن جي بنياد متعلق لکنداسون.

**براهوئي (بروهي):**

1980ع تائين هن زبان کي اترئين دراوڙي شاخ (Northern Dravidian) جي بنياد جي زبان طور تسليم ڪيو ويندو هو. جيئن ايم. ايس. آندروف (M.S Andronov) لکي ٿو ته:

"According to the modern Conception, Brahui belongs to the north- western group of the Dravidian Languages" (20)

پر پوءِ مهرڳڙهه ۽ موهن جو دڙو تي نئين تحقيق جي تناظر ۾ براهوئين جي نسلي ۽ لساني بنياد متعلق نوان نظريا ۽ ويچار سامهون آيا. جارج وين ڊريم (George van Driem) براهوئين جو سنڌ تهذيب سان تعلق متعلق لکي ٿو ته:

"It is true that the proto- Brahui and their descendants have remained in Baluchistan and Kalat since Harappan times."(21)

راڌا ڪمود مڪرجي (Radha Kumud Mookerji) براهوئين کي سنڌ تهذيب جا قديم باسي قرار ڏئي ٿو هو لکي ٿو، ته:

"Brahui gives evidence pointing to speakers of Dravidian Lauguage as the ancient inhabitants of Mohenjo-Daro." (22)

پيرو مريگي، سنڌ تهذيب جي ماڻهن کي براهوئين جا ابا ڏاڏا قرار ڏئي ٿو. هو لکي ٿو، ته:

"The Language of the inhabitants of the Indus valley as "Proto- Brahui." (23)

تازي تحقيق موجب براهوئي، سنڌي زبانون دراوڙي الاصل نه بلڪ قديم براهوئي (Proto- Brahui) ۽ قديم سنڌي (Proto- Sindhi) آهن. جيڪي لسانياتي طور پينر آهن ينهي جي ماءُ قديم سنڌ تهذيب (مِهر ڳڙهه ۽ موهن جو دڙو) جي قديم زبان آهي. ان لاءِ ٻنهي جي گرامري ساخت ۽ لغتي خزاني ۾ هڪجهڙايون آهن.

براهوئي زبان جون ڇهه ٻوليون (Varieties) آهن. جن ۾ سراواني براهوئي، جهلاواني براهوئي، نوشڪوي براهوئي، سنڌ ۾ براهوئي ڳالهائي ويندڙ براهوئي زبان، ايراني براهوئي ۽ افغانستاني براهوئي شامل آهن.

براهوئي، سنڌ کي پنهنجو اصلي وطن سمجهن ٿا، هن وقت تقريباً ويهه لکن کان مٿي براهوئي، سنڌ ۾ بودوباش رکن ٿا.

سنڌي زبان ۾ جيڪي براهوئي لفظ آهن يا براهوئي ۾ جيڪي سنڌي لفظ آهن، اُهي قديم دور جي تعلقات جي طرف اشارو ڪن ٿا، ساميءَ پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ جيڪي براهوئي زبان جا لفظ ڪم آندا آهن، اُهي قديم سنڌي ۽ براهوئي جي قديم لساني اشتراڪ جو نتيجو آهن. اسان هت ساميءَ جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل براهوئي لفظن کي نِروار ڪري سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

اسان جي هن مقالي جو عنوان "ساميءَ جي شاعريءَ ۾ مَنداري، دراوڙي ۽ براهوئي لفظ" آهي. ساميءَ جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل لفظن جي بنياد ۽ معنائن متعلق تي لغتون سامهون آيون آهن. جن ۾:

1: سنڌي لغات قديمي از مرزا قليچ بيگ، پرڳڙي نيشنل پريس. 1924ع.

2: تحقيق لغات سامي از عبدالڪريم سنديلو.

3: اکر ڪوش از پروفيسر ناگراڻي ۽ ڪوڙومل، ساهتيہ منڊل.

مٿين لغتن مان پهرين ۽ ٽين ساميءَ جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل ڏکين لفظن جي معنائن جون لغتون آهن. جن ۾ صرف لفظن جي آسان سنڌيءَ ۾ معنيٰ ڏنل آهي. انهن لغتن ۾ لفظن جي گرامري حيثيت، بنياد ۽ اشتقاق بابت ڪجهه ڏنل نه آهي. ان لاءِ اهي لغتون اسان جي تحقيق جي دائري کان ٻاهر آهن. باقي ٻين ۽

وچين، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي لغت، جنهن ۾ سامي؏ جي شاعري؏ ۾ استعمال ٿيل ڏکين لفظن جي معنائن سان گڏ، بنياد بہ ڏنل آهي. اهو اسان جي بحث جي لائق آهي، ان سان گڏ سنديلي صاحب جي 'تحقيق لغات سنڌي' مان پڻ مدد وٺبي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سامي لغت ۾ جن لفظن جا بنياد ڄاڻايا آهن، انهن زبانن ۾ ترڪي، پراڪرت، پنجابي، سرائڪي، سنسڪرت، فارسي ۽ گجراتي شامل آهن. (24) پر انهن ٻولين ۾ منداري، دراوڙي ۽ براهوئي شامل نہ آهن. اهڙي طرح 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ لفظن جي بنياد جي سلسلي ۾ ڏنل ٻولين ۾ اُپيرتش' اسپيني، انگريزي، بلوچڪي، ترڪي، پراڪرت، پورچوگال، سرائڪي، سنسڪرت، عربي، فارسي، گجراتي، مراٺي، ملايا، هندي ۽ يوناني شامل آهن، پر منداري، دراوڙي ۽ براهوئي شامل نہ آهن. ان مان اِها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ سنديلي صاحب کي منداري، دراوڙي ۽ براهوئي ٻولين جي لغتن جي ڄاڻ نہ هئي. حالانڪ هن جي پنهنجي 'تحقيق لغات سنڌي' 1955ع ۾ شايع ٿي، جڏهن تہ منداري لغت 1931ع، براهوئي لغت 1934ع ۾ مختلف دراوڙي لغتون 1955ع کان اڳ ۽ پوء شايع ٿي چڪيون هيون.

اسان پنهنجي هن مقالي ۾ سنديلي جي لغت مان منداري، دراوڙي ۽ براهوئي ٻولين جي بنياد جا لفظ پيش ڪنداسون، جن کي هن اڻڄاڻائي؏ مان ٻين ٻولين جو قرار ڏنو آهي. ان بعد سامي؏ جي شاعري؏ مان مثال ڏيئي نوان منداري، دراوڙي ۽ براهوئي بنياد جا لفظ مثال طور پيش ڪنداسون، جن جو سنديلي صاحب پنهنجي لغت ۾ ذڪرئي نہ ڪيو آهي.

**"تحقيق لغات سامي؏" ۾ منداري، دراوڙي ۽ براهوئي لفظ:**

**آرسي:** سنديلو صاحب هن لفظ لاءِ 'تحقيق لغات سامي؏' ۾ لکي ٿو تہ، (پرا. آرسي. سن. آدرش. آ= چئني طرفن کان+ درشن- ڏسڻ)، آهينو، آئينو، دَرسني." (25) جڏهن تہ 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ هن لفظ جي بنياد لاءِ تحرير ڪري ٿو تہ "(ڏن. اَيَرِيسو. پرا. اَرسو. سن. آدرشَ. آ= چئني طرفن کان + دَرش- ڏسڻ) آهينو، آئينو، دَرسني." (26) دراصل هي منداري ٻولي جي بڻ بنياد جو لفظ آهي. ان ٻولين ۾ هي لفظ "آرسي" جي روپ ۾ مستعمل آهي. (27) هي لفظ دراوڙي ۽ براهوئي ٻولين ۾ بہ ٿوري صوتي فرق سان مروج آهي. مثلاً:

ڪُرخ = اِرسنا معنيٰ آئينو

مالتو = اِرسي = آئينو (28)

براهوئي = اِرسي = آئينو (29)

**آوي:** سنديلو صاحب هن لفظ جي بنياد کي عربي جي هاوِيَہ ۽ فارسي جي آوه مان ڄاڻايو آهي ۽ معنيٰ 'نهائين' ڏنو اٿس. (30) جڏهن تہ 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ هن لفظ جو ذڪر نہ ڪيو آهي.

دراصل هي منڊا ٻولين جو لفظ آهي، جنهن جو اُچار "آوا" (Aawaa) آهي، جيڪو صوتي تبديلي؏ جي وجهہ کان "آوي" جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. (31) جنهن جي معنيٰ "ٻنو" يا اُهو ٻنو جنهن ۾ ٺِڪر جا ٿانو پچائجن.

**پچو:** سنديلي صاحب 'تحقيق لغات ساني؏' ۾ هن لفظ جو بنياد پراڪرت لفظ جي پڇڇٺو ۽ سنسڪرت جي لفظ پشچڪ معنيٰ پيچو، پُٺ، پويون ۽اڳوقرار ڏنو آهي. (32) جڏهن تہ 'تحقيق لغات سامي؏' ۾ هن لفظ (سن. پرشٺ) پُٺيءَ طرف، پوئتي، پويدان" ڏنو اٿس. (33) جڏهن تہ 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ "پُٺ" جي بنياد متعلق لکي ٿو تہ" (هيم. پِٺ، پِٺ، پُٺ، پرا. پَٺ، سن پرشٺ، ف. پُشت) پُٺي، پُشت، پونيرُ، پنيان، پويان..." (34)

دراصل پُٺ ۽ اُن مان مشتق ٿيل ٻيا لفظ مثلاً پُٺي، پوءِ، پويون، دراوڙي الاصل بنياد جا آهن. مثلاً:

ٽُلو: Pendagu معنيٰ پُٺ، پوءِ، پويون

تيلگو: Pidapa = پُٽ ، پوءِ

گوندي: Pijja = پُٽ، پوءِ

ڪُرخ: Pista = پٽ

ڪُئي: beto = پُٽ (53)

پارجي: pot = پُٽ

گدابا: pottel = پُٽ

براهوئي: pad = پدرپويون، پوءِ (36)

**پَنُ:** سنڌيلي صاحب 'تحقيق لغات سامي' ۾ هن لفظ جو بنياد سنڪرت ٻوليءَ جو لفظ "پرڻ" قرار ڏنو آهي، ۽ ان جي معنيٰ پَنُ ۽ پَتو ڏنو آهي. (37) جڏهن تہ 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ پڻ ن لفظ جو بنياد سنسڪرت لفظ "پَرڻ" معنيٰ برگ، وَڻ جو پتو، پَنو، ڪاغذ قرار ڏنو آهي. (38)

جڏهن تہ هي لفظ دراوڙي ۽ براهوئي ٻولين جي بنياد جو آهي. ڪيترن ئي دراوڙي ٻولي ۽ براهوئي ٻوليءَ ۾ مروج آهي. مثلاً:

تامل: Panai معنيٰ پَنُ

ڪنادا: Pane = پَنُ (39)

براهوئي: Phan = پَنُ

**پوٽي:** سنڌيلي صاحب، 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن جو بنياد سنڪرت لفظ پُستي معنيٰ عزت ڪرڻ ڏنو آهي. وڌيڪ لکيو اٿس تہ هندن جو ڌرمي ڪتاب، ڌرمي ڪتابن وارو، (40) 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ لکي ٿو تہ، پوٽي رڌن. ٻيو. هيمر. پوٽئو. پرا. پُٽ. پُٽيہ. سن. پُستڪ)، هندن جي ڌرمي ڪتاب جڏهن تہ پوٽي لفظ کي ڏار لکي ان جو بنياد (پرا. پُٽي. سن. پُوتڪا) رَئو، زنانو مَٽي جو ڪپڙو، ڏنو آهي." (41)

دراصل هي دراوڙي ۽ براهوئي ٻولين جي بنياد جو لفظ آهي. اصل لفظ "پَٽِي آ"، "پيٽي آ" يعني عورت آهي. جو تہ عورت جي مٿي تي پوٽي پيل هوندي آهي. ان لاءِ ان کي "پوٽي وارو" چوندا آهن: مثلاً:

تامل: Pettai معنيٰ عورت

مالتو: Petta = عورت

تيلگو: Petta = عورت

ڪول: Petta = عورت

براهوئي: Pattia = عورت (42)

سنڌ تهذيب جي ٻوليءَ جي ٻاچ جي نامور اسڪالر آسڪوپرپولا، موهن جي دڙي مان مليل هڪ مهر جي پڙهڻي "پيٽي" (Peeny) يعني عورت (Woman) ڪئي آهي. (43) جيڪا پنهنجي جاءِ تي بلڪل صحيح آهي. اِهو ئي لفظ اڄ بہ براهوئي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ "پٽي آ"، "پيٽي آ" يعني عورت جي معنائن ۾ مستعمل آهي. جنهن جو تفصيل اسان مٿي ڏيئي آيا آهيون. سنڌي زبان جي "پيڻ" لفظ لاءِ دراوڙي ٻوليءَ جو لفظ "پيڻ" (Pen) يعني (Sister) مروج آهي. (44)

**دَلالُ:** سنڌيلي صاحب، 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ جو بنياد (ع. دَ لال، دَلُ = هدايت ڪرڻ)، ٽياڪڙ، ثالث، قرار ڏنو آهي. (45) جڏهن تہ 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ کي شامل نہ ڪيو اٿس.

دراصل هي منڊاري ٻولين جو لفظ آهي، جنهن جو اُچار "دالال" آهي، جيڪو پوءِ صوتي فرق سان "دلال" ٿي، اسان جي ٻوليءَ ۾ مروج ٿيو. (46)

**ڏَنڊُو:** سنديلي صاحب، ’تحقيق لغات سامي‘ ۾ هن لفظ جو بنياد (سَن. دَنڊَ = سزا ڏيڻ جرمانو، سزا. قرار ڏنو آهي. (47) ’تحقيق لغات سامي‘ ۾ پڻ ساڳي معنيٰ ۾ بنياد ڏنو آهي. (48) دراصل هي مَنداري ٻولين جو لفظ آهي. ان ٻولين ۾ هن لفظ جو اُچار ۽ معنيٰ ”ڏنڊ“ يعني ”سزا“ آهي. (49)

**سِندَ:** سنديلي صاحب، ’تحقيق لغات سامي‘ ۾ هن لفظ جو بنيادِ (سن، سِيندَ، سِيندَ = وَهڻ)، سنڌو ندي، درياءُ، سمنڊ، خوف جو ساگر ڪيو آهي. (50) جڏهن ته ’تحقيق لغات سامي‘ ۾ ”سندَ“ لفظ جو بنياد ”سِندَو“ ڄاڻائي ٿو ۽ ان کي (پرا. سندُ سن. سِندَ سن. سندُ - وهڻ، جا سڏائين پيئي وهي)، سنڌوندي قرار ڏئي ٿو. (51)

عبدالحليم شرر هڪ شڪ جي ڳالهه ڪئي آهي ته:

’افسوس اس امر کی ہے کہ ہمیں کوئی اطلاع نہیں مل سکی کہ آریہ لوگوں کی آنے سے پہلے یہاں کی اصلی اور غیر آریہ باشندوں میں یہ ملک کس نام سے یاد کیا جاتا تھا۔ مگر آریہ جن ہندوستان میں آئے تو یہ دریا آریہ لوگوں نے قبضہ کرنے کے بعد اس دریا کا نام سندھ رکھ دیا، اس لیے نیز ان کی زبان سنسکرت میں سندھو کی معنیٰ دریا کی تھی۔۔۔‘ (52)

”افسوس اس امر کي هي ڪہ هيس ڪوئي اطلاع نهيس مل سکي ڪہ آريہ لوگون کي آني سي پهلي يهان کي اصلي اور غير آريہ ناشندون مين يہ ملڪ ڪس نام سي ياد ڪين جاتا تها. مگر آريہ جن هندوستان مين آئي تو......... يہ دريا آريہ لوگون ني قبضہ ڪرني کي بعد اس دريا ڪا نام سندهہ ويا. اس ليہ نيز ان کي زبان سنسڪرت مين سندهو کي معنيٰ دريا کي تهي........“ (52)

مولانا ابوظفر ندوي پڻ ساڳي ڳالهه ورجائي آهي. (53) هِت سوال ٿو اڀري ته آرين کان اڳ هن سر زمين يا دريا جو نالو نہ هو يا آرين کان اڳ سنڌو درياءَ جو وجود ئي نہ هو! آريا تہ 1500 ق. م ۾ سنڌ ۾ قدم رکيو ۽ سنسڪرت زبان کي 400 ق.م ۾ پاڻيني ”اُديچيہ“ محاوري کي جوڙي سنواري ”سنسڪرت“ نالو ڏنو. (54)

فادرهيراس، مِهر عبدالحق. پي ايس ڪسي پانڊي ۽ ايبونٽ برائنٽ سندَ لفظ جو بنياد ”سِدِ“ ٻڌائين ٿا ۽ ان کي قديم دراوڙي ٻوليءَ جو لفظ تسليم ڪن ٿا. پر اها ڳالهه تسليم جوڳي نہ آهي، ڇو تہ قديم قديم دراوڙي (Proto- Drandian) ٻوليءَ ۾ سي/ ۽/ د/ صوتياڻ هئا. (55) ٽِي بُرو ۽ ايم. بي. ايمينيو ”دراوڙي ٻولين جي تقابلي اشتقاقي لغت“ ۾ جديد دراوڙي ٻولين ۾ سندَ (سنڌي يا اندي) جا تفصيل ڏيندي لکي ٿو ته:

تامل = intu

مليالم = intal

ڪناڊا = ical, icil

ٽلو = icilu

تيلگو : ita

پارجي: Cind

گونڊي: indi

ڪئي: Sita

سنسڪرت: Hintala

پراڪرت: Sindi

ساورا: Sindi (56)

براهوئي: Sindul

جوهانا ۽ سينل لونيا جي تحقيق موجب قديم دراوڙي لفظ ”ڪنٽ“ (Cintu) (ياسِنٽُ) صوتيا تبديلي کان پوءِ ”سندَ‘ صورت اختيار ڪري ويو آهي. ڪرشنا مورتيءَ قديم دراوڙيءَ ٻوليءَ ۾ سنت/ ڪنٽ جي اصل

صورت سنت/ ڪنٽ (Cintct) ڏنو اٿائين...... قديم دراوڙي لفظ سنت/ ڪنٽ جو جديد دراوڙي ٻولين ۾ صوتياتي تبديليءَ جا تفصيل ڏيندي ڪرشنا مورتي لکي ٿو ته:

PD Cint- `datepalm` SDI: Ta.
inry, incal, ma. Intal, Ka. Ical (Lin.
CCal> intt- al), SCD (SDii). Te:
TTa (< intta-) Go: Sindi, hindi,
Indi, Kenda. Sintel, Kui SIta.
Kuvi. Sindi, CD: PA. Gad: Sindi:
ND. Kur- Kinda.................." (57)

قديم دراوڙي لفظ ڪنٽ (Cintu) لفظ جو/ ڪ/ آواز/ س/ ۾/ نٽ/ آواز/ ند/ ۾ تبديل ٿي ”ڪنٽ“ لفظ ”سنڌ“ ۾ تبديل ٿيو. (58)

**مُهاڙي**: سنڌيلي صاحب، ’تحقيق لغات سامي‘ ۾ هن لفظ جي بنياد ڪي (سن. مُک+ آڙي پچاڙي)، مُنهن، اڳ، مُهَڙ، اڳيون حصو قرار ڏنو آهي (59) ساڳي ڳالهه ’تحقيق لغات سامي‘ ۾ به ڪئي اٿائين. (60)

دراصل هي براهوئي ۽ دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي ۽ ڪيترن ئي دراوڙي ٻولين ۾ مستعمل آهي. مثلاً:

| | | | |
|---|---|---|---|
| تامل: | مون | معنيٰ | منهن، مُهاڙي |
| ڪناڊا: | مو، مونو | معنيٰ | مُنهن، مُهاڙي |
| ڪوداگو: | موني، مُني | معنيٰ | مُنهن، مُهاڙي |
| تيلگو: | موني | معنيٰ | مُنهن، مهاڙي |
| ڪولامي: | مُت | معنيٰ | منهن، مهاڙي |
| پارجي: | مُنا | معنيٰ | منهن، مهاڙي |
| گداٻا: | مُنديل | معنيٰ | منهن، مهاڙي |
| گونڊي: | مُني | معنيٰ | منهن، مهاڙي |
| ڪُرخ: | مُند | معنيٰ | منهن، مهاڙي |
| مالتو: | مندي | معنيٰ | منهن، مهاڙي |
| براهوئي: | مون، موني، مهاڙو، | معنيٰ | مُنهن، مهاڙي اڳيان، اڳ (61) |

**وات**: سنڌيلي صاحب ’تحقيق لغات سامي‘ ۾ هن لفظ جو بنياد (سن. وَد= ڳالهائڻ) وات مان، وائي نه واتو= وات مان وائي يا ذڪر نٿو ڪري) قرار ڏنو آهي. (62) وري ’تحقيق لغات سنڌي‘ ۾ وات لفظ ڪي (سن. وَچ = ڳالهائڻ)، مُک، وات بنياد جو سڏيو اٿائين. (63)

دراصل هي لفظ براهوئي ۽ دراوڙي الاصل آهي ۽ سيني دراوڙي ٻولين ۾ مستعمل آهي مثلاً:

| تامل | واءِ | معنيٰ | وات |
|---|---|---|---|
| مليالم: | واءِ | معنيٰ | وات |
| ڪناڊا: | باءِ | = | وات |
| تلو: | بائي | = | وات |
| تيلگو: | وائي | = | وات |
| ڪُرخ: | وائي | = | وات |
| براهوئي: | با | = | وات (64) |

دراوڙي ٻوليءَ جي هن لفظ مان سنڌي ٻوليءَ جا واڪا ڪرڻ، وات هڻڻ، ٻانءِ ٻانءِ ڪرڻ، ٻَڪ ٻَڪ ڪرڻ، واءِ واءِ ڪرڻ ۽ ٻيا لفظ جڙيا آهن.

**واڙ**: سنديلي صاحب، 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ جو بنياد (سن. واٽ. وَٽ = چوڌاري وڪوڙڻ) لوڙهو ڏنو اٿس. (65)

جڏهن تہ 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ جو ذڪر نہ ڪيو اٿائين.

دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ "وَل" لفظ جي تبديل ٿيل صورت آهي. (66) اصل ۾ اُهي سڀئا مِٽ مائٽ جن جي گهرن جو تعداد ستن کان ڏهہ هجي ۽ هڪ جاءِ تي هجن: وري انهن سڀني گهرن کي ٻاهران ڍنگهرن جو لوڙهو ڏنل هجي. اهڙن گهرن کي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ واڙ، ويڙهو چئجي ٿو.

ساميءَ جي شاعري مان مثالن ذريعي مَنداري، دراوڙي ۽ براهوئي لفظن جا مثال آهن: "پَرِبَلُ آهي، مايا مَحبوبن جي"

ساميءَ جي هن سلوڪ ۾ "آهي" لفظ استعمال ٿيل آهي. (67)

سنديلي صاحب پنهنجي ٻنهي لغتن ۾ هن لفظ کي استعمال نہ ڪيو آهي.

دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي. ان جو براهوئي زبان ۾ نعم البدل "اَري" آهي، جنهن جو مطلب "آهي" آهي. (68)

**ڏينهن**: "جنهن کي ڏائڻ ڏينهن ۾، ڦِڪَل ساڻ ڦري (69)

هن لفظ کي سنديلي صاحب پنهنجي لغتن ۾ ڪم نہ آندو آهي. دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي. دراوڙي ٻولين ۾ 'ني' (Ne) يا 'دي' (de) جي صورتن ۾ رائج آهي. براهوئي زبان ۾ 'دي' (de) جي صورت ۾ مستعمل آهي. (70)

اهو دراوڙي لفظ 'ني' (Ne) يا 'دي' (de) سنڌيءَ ۾ 'ڏينهن' ٿيو آهي.

**کَٽَ**: پاڻي کِميا کٽ، سامي سُمهيو سَراءِ ۾ (71)

سنديلي صاحب، 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ کي ڪم ۾ نہ آندو آهي. جڏهن تہ 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ ان جو بنياد کٽ (پرا. کٽا. سن، کٽوا. کٽ = چاهڻ) کٽولو، چار پائي (72) قرار ڏنو آهي.

دراصل هي دراوڙي لفظ آهي. ڪالڊويل ان جي بنيادي صورت کٽوا (khatva) ڏني آهي ۽ معنيٰ کوچ، کٽ يا سمهڻ جي جاءِ ڏني اٿس. (73)

**ڪاري/ڪارو**: مايا مُنهن ڪاري، ڪنهن سان نيبهہ ڪينڪي (74)

سنديلي صاحب، 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ کي استعمال نہ ڪيو آهي. جڏهن تہ 'تحقيق لغات سنڌيءَ' ۾ هن لفظ جو بنياد (سن. ڪال) سياهہ، ضد 'اڇو' قرار ڏنو آهي. (75)

دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي. انهن ٻولين ۾ ڪارو (karu) يعني (Black) جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. (76)

**ماڻُن**: مايا منجهاڻي، موڳو ڪيو ماڻُن کي (77)

سنديلي صاحب، 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ کي استعمال نہ ڪيو آهي. جڏهن تہ 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ جو بنياد ماڻُ هو (پرا. ماڻس. سن. ماڻشيہ)، ماڻهو قرار ڏنو آهي.(78)

دراصل هي لفظ دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي. انهن ٻولين ۾. ان جو تلفظ "مانرو" (manru) يعني ماڻهو يا فرد آهي. (79) جڏهن براهوئي ۾ "بندغ" ۽ "ماڙهو" لفظ مروج آهن. مليالم ٻوليءَ ۾ منوشيا (manusau) يعني ماڻهو يا فرد لفظ مستعمل آهي. (80)

**ڪَٽَڻ:** مَنوتِ جي مُڪَن سان، راتيون ڏينهن ڪُٽي. (81) سنديلي صاحب، 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ جو ذڪر نہ ڪيو آهي. جڏهن تہ 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ جو بنياد ڪُٽڻ (پرا. ڪُٽن، ڪُٽ= پَچَڻ) سَٽَڻ، مارڻ، ڏڙڻ، ڳَنڍَڻ، چِلهڻُ قرار ڏنو آهي. (82)

دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي، ان ٻولين ۾ هن لفظ جو اُچار "ڪٽ" (Kutt) معنيٰ ڏڪ هڻڻ جي معنيٰ ۾ مستعمل آهي. (83)

**دَرياءُ:** اُڻ هوندي دَرياهہ ۾، غوطاڻِتُ ڪائي. (84) سنديلي صاحب 'تحقيق لغات ساميءَ' هن لفظ کي ڪم نہ آندو آهي ۽ نہ ئي 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ ڪتب آندو آهي.

دراصل هي منداريں ٻولين جو لفظ (Daria) "دَرِ آءُ" معنيٰ سمنڊ يا درياءَ جي معنيٰ ۾ مستعمل آهي. (85)

**ڪوٽ:** "ڪانئر ڳُهمَن ڪوٽ، ڪري ٿاهہ نِڳيءَ جا" (86)

سنديلي صاحب، 'تحقيق لغات سامي' ۾ هن لفظ جي معنيٰ ۽ بنياد جي سلسلي ۾ لکي ٿو تہ:

"ڪوٽ رس. ڪوٽ. ڪَٽ = وڃڻ)

ڪروڙ............ (87)

سنديلو صاحب هت "ڪوٽ لفظ جي معنيٰ ڪروڙ ڪڍي آهي جيڪو صحيح نہ آهي، جو تہ سامي پاڻ ئي هن لفظ کي "ڪوٽ ڳهمڻ" جي معنيٰ طور ڪتب آندو آهي. جڏهن تہ 'تحقيق لغات سنڌيءَ' ۾ هن لفظ جو بنياد "ڪوٽ (سن. ڪوٽ)، قلعو، ڳڙهہ" ڏنو آهي. (88) معنيٰ صحيح آهي، پر بنياد بابت راءِ صحيح نہ آهي.

دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي. رابرٽ ڪالڊويل هن لفظ جي معنيٰ ۽ بنياد لاءِ "ڪوٽا" (Kota) يعني فورٽ معنيٰ ڏنو اٿائين. (89)

**ڪاتي:** "ڪَلِڪائين ڪَپَٽُ جي، ڪاتي ڪهاڙي". (90)

سنديلي صاحب 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ کي ڪتب نہ آندو آهي. جڏهن تہ 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ هن لفظ جو بنياد "ڪاتي (سن. ڪَرَ تري. ڪرت - وڍڻ) ننڍو ڪات، وڏو چاقو ڏنو آهي. (91)

دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي. اتي اهو لفظ "ڪاتي" (katti) يعني (a Knife) جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. (92) ايم. بي ايمينيو پڻ پنهنجي لغت ۾ هن لفظ کي دراوڙي الاصل قرار ڏنو آهي. (93) براهوئي زبان ۾ اِهو لفظ "ڪَتار" جي صورت ۾ مستعمل آهي.

**ويلو:** "سامي ڳِجِي ڪِينڪي، وقتُ ۽ ويلو." (94)

سنديلي صاحب پنهنجي ٻنهي لغتن ۾ هن لفظ کي ڪتب نہ آندو آهي.

دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي ۽ 'ويلي' (Vele) جي تبديل ٿيل صورت آهي. (95) براهوئي زبان ۾ "بيل" (Bela) چئبو آهي.

**ڦَلُ:** "ٻجَ ورائي نہ ٿئي، دَرخت پَنُ ڦَلُ ڦولُ"، (96)

سنديلو صاحب، 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ کي ڪتب نہ آندو آهي. جڏهن تہ 'تحقيق لغات سنڌيءَ' ۾ هن جو بنياد "ڦَلُ (پرا. ڦَلُ) ميوو فائدو، عيوض، نتيجو ڏنو آهي. (97)

هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي. جتي Palam (پلم) ۽ Param (پرم) جي صورتن ۾ مروج آهي ۽ معنيٰ اٿس ميوو. ڊاڪٽر الانا صاحب پڻ هن لفظ کي دراوڙي الاصل لفظ قرار ڏنو آهي. (98)

**ڪَلا:** "سمجهي جَن سامي چئي، ڳهري گيانُ ڪلا". (99)

سنديلو صاحب 'تحقيق لغات ساميءَ' ۾ هن لفظ کي ڪم نہ آندو آهي. جڏهن تہ 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ هن لفظ جو بنياد ڪَلا (سن. ڪلا) هُنر، جوت، روشني، ڏيا ڏنو آهي. (100)

دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي. جنهن جو اصل بنياد ڪل، ڪر، ڪلي معنيٰ فن، يا فن ڪار آهي. (101) براهوئي ۾ بہ ڪَلا چئبو آهي.

**سُئي**: ”آهي جنهن جي آسري، سامي سُميرُ سُئي“. (102)

سنڌيلي صاحب پنهنجي ٻنهي لغتن ۾ هن لفظ کي ڪتب نہ آندو آهي.

هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي. جتي سِوي جي صورت ۾ مستعمل آهي. (103) براهوئي ۾ هي لفظ ”مسِيلَ“ جي صورت ۾ مروج آهي.

**اَٺ**: ”جِتي جوت جڳي، اَٺ ئي پَهَر اُ نيئي.“ (104)

سنڌيلي صاحب، ’تحقيق لغات ساميءَ‘ ۾ اَٺ جي بنياد ۽ معنيٰ بابر (اَنا رهن رهہ. سن اَشٽا (سن. اَشٽ = اَٺ+ دَشن = ڏهہ) وچور ڏنو آهي اڑرهن. ”پراٺن“ ڏانهن جي ارڙهن آهن (105) جڏهن تہ ’تحقيق لغات سنڌي‘ ۾ هن لفظ کي ڪتب نہ آندو اٿس.

دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي، جيڪو ڪيترين ئي دراوڙي ٻولين ۾ رائج آهي. مثلاً:

تامل: ettu

مالتو: ettu

ڪوندا: et

ٽوڊا: ot

ڪنڊا entu (106)

براهوئي زبان ۾ ”هَشت“ لفظ مستعمل آهي، جيڪو فارسي زبان جي اثر جو نتيجو آهي.

**ساڻ**: ”سدا ساڻ خَسَمُ، ٻُورَنُ ڏسي پَرمائما.“ (107)

سنڌيلي صاحب پنهنجي ٻنهي لغتن ۾ هن لفظ کي ڪتب نہ آندو آهي. حالانڪ هي دراوڙي لفظ آهي. دراوڙي ٻولين ۾ ان جو اُچار ”سوڑي“ (Sori) يعني ويجهو، مليل آهي. (108) براهوئي زبان ۾ اِهو لفظ ”ساڙي“ جي روپ ۾ ۽ ساڳي معنيٰ ۾ مروج آهي.

**گهوڙو**: ”گهوڙو پَلاڻي، سَيڪو ٻوڙي دَهَ ڍِسا“. (109)

سنڌيلي صاحب پنهنجي ٻنهي لغتن ۾ هن لفظ کي ڪم نہ آندو آهي. دراصل هي دراوڙي ٻولين جو لفظ آهي. ڪيترن دراوڙي ٻولين ۾ ٿوري صوتياتي فرق سان هڪ ئي معنيٰ ۾ مستعمل آهي. مثلاً:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪوندا: | ڪدير | معنيٰ | گهوڙو |
| ڪنادا: | ڪدير | = | گهوڙو |
| تيلگو: | ڪديرا | = | گهوڙو |
| ڪولامي: | گرام | = | گهوڙو |
| نائڪي: | گهرام | = | گهوڙو |
| پارجي: | گرول | = | گهوڙو |
| ڪوندا 2: | گرام | = | گهوڙو (110) |

ڪالبوبل گهوٽا (ghota) معنيٰ ”گهوڙو“ لفظ کي دراوڙ الاصل لفظ قرار ڏنو آهي. (111) براهوئي ٻوليءَ ۾ گهوڙي کي ”هُلي“ يا ”اُلِي“ (Hulee), `ulee) چئبو آهي، جيڪو پڻ دراوڙي اصل لفظ آهي. (112)

**پڙهڻ**: ”ويد پر ان پڙهي، پَنڊِتَ ٿِيڙا ڪيترا.“ (113)

سنڌيلو صاحب، ’تحقيق لغات ساميءَ‘ ۾ هن لفظ کي ڪتب نہ آندو اٿس. پر ’تحقيق لغات سنڌيءَ‘ ۾ پڙهڻ جو بنياد ۽ معنيٰ ”پڙهڻ (پرا. پَڊَڻ. سن. پَٺَنَ. پَٺ - پڙهڻ، پرائڻ، سکڻ، واچڻ“ لکيو اٿس. (114)

دراصل هي دراوڙ ٻولين جو لفظ آهي ۽ ڪيترن ئي دراوڙي ٻولين ۾ رائج آهي. مثلاً:

| | | | |
|---|---|---|---|
| تامل: | پٽ | معنيٰ | پڙهڻ، چوڻ |
| مليالم: | پٽي | = | پڙهڻ |
| ڪوندا: | پڙو | = | پڙهڻ |
| ٽودا: | پوڙي | = | پڙهڻ |
| ڪنادا: | پڏُ | = | پڙهڻ |
| ڪودا: | پڏُ | = | پڙهڻ |
| تيلگو: | پڏُ | = | پڙهڻ |
| ڪولامي: | پڏُ | = | پڙهڻ |
| نائڪي: | پاڙ | = | پڙهڻ |
| گدابا: | پاڙ، پار | = | پڙهڻ |
| ڪرخ: | پڙنا | = | پڙهڻ |
| مالتو: | پڙي | = | پڙهڻ (115) |

براهوئي: پڙ پڙينگ بي ڊنگو ڪا ڳالهه ڪرڻ. (116)

**ڪوهه**: "ڪوهه ڪرين اُپياس، ٿو موڙڪ مايا موهُ جو؟". (117)

سنديلو صاحب، 'تحقيق لغات سامي' ۾ "ڪوهه" لفظ جي بنياد ۽ معنيٰ متعلق لکي ٿو ته،" ڪوهه (سن. ڪروش. ڪرش - ڇڪڻ) ٻه ميل (مفاصلي جا". (118) 'تحقيق لغات سنڌيءَ' ۾ صرف "ڪوهه (سن. ڪروش) ٻه ميل" تفصيل ڏنو اٿس. (119) سنديلو صاحب "ڪوهه" لفظ جي صرف هڪ معنيٰ "ٻه ميل" ڏني آهي. جڏهن ته ان جي ٻي معنيٰ "جبل، پهاڙ" به آهي. اُها نه ڏنو اٿائين. باقي ان لفظ جي بنياد جي باري ۾ سندس راءِ صحيح نه آهي. جو ته هند يورپي زبانن ۾ "ڪوهه" يعني جبل لاءِ مختلف لفظ مستعمل آهن. مثلاً:

| | | | |
|---|---|---|---|
| قديم هند يورپي: | Mons, mont, men | معنيٰ | جبل |
| اوستا: | گ اِر، گري | معنيٰ | جبل |
| سنسڪرت: | پربت، پاروتي | = | جبل |
| يوناني: | وونو (vouno) | = | جبل |
| جرمني: | برگ (berg) | = | جبل |
| انگريزي: | mountain | = | جبل |
| جديد فرانسيسي: | beaumont | = | جبل |
| لاطيني: | montanus | = | جبل |
| جديد فارسي: | ڪوهه (قديم ۾ نه آهي | = | جبل |
| اردو: | پهاڙ | = | جبل |
| هندي: | پهاڙ | = | جبل |

جديد فارسي زبان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به هند يورپي زبان ۾ اِهو لفظ مستعمل نه آهي. دراصل فارسيءَ اِهو لفظ ايلامائيٽ ۽ قديم براهوئي. (Proto- Brahui) ڪان مستعار ورتو آهي. (120)

"ڪوهه" پروٽو دراوڙي (Proto-Dravidian) لفظ آهي. ڪيترائي دراوڙي ٻولين ۾ "ڪوهه" معنيٰ جبل لاءِ استعمال ٿئي ٿو. مثلاً:

تامل: ڪو معنيٰ جبل

"the Dravidian languages," edited by: Sanforb. B. Steever, landon, Routledge, 1998, p.1.

Frawlcy, william, international encyclopedia of linguistics," vol-1, new york, oxford university press inc, 2003, p. 462.

(17) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٽئون ڇاپو 2004ع، ص. 187.

(18) سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ص. 298.

(19) "Forgotten cities on the indus", edites by: Michael Jansen, Maire Mulloy and others, Germmany, Verlog Philipp von Zabern. mainz, 1991, p. 195.

(20) Andronov, M.S, 'the Brahui Language", Mpscow, Nauka Publishing house, 1980, p. 17.

(21) Driem, Van George, "handbuch Der orientalistik", vol-2, volume- 10, brill, leiden, 2001, p. 1036.

(22) Mookerji, Radha Kumud, "Hindu Civilization (from the earliest times up to the establishment of man rya empire)`, America, langmian, green and co. 1936, p. 37.

(23) "journal of Tamil Studies" vol- 2 international institute of Tamil studies' india, 1970, p. 53.

(24) سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘، ڪتاب: ’ساميءَ جا سُلوڪ‘، مرتب: پروفيسر بي.ايچ ناگراڻي، خيرپور، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، 2015، ص. 812.

(25) ايضاً، - - - -

(26) ايضاً، ’تحقيق لغات سنڌي‘، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پنجون 1980ع، ص. 4.

(27) Manindra, Bhusan, Bhaduri, "Mundari- English dictionary", new Delhi, 1994, p. 11.

(28) Burrow. T and Emeneav. M.B, "A Dravidian etymological dictionary", oxford Clarendon press, 1961, p 37, and also see manindra, Bhusan, op. cit. p. 13.

فريد ڪوٽي، عين الحق، ’اردو زبان کي قديم تاريخ‘ لاهور ارسلان پبليڪيشنس، 1972، ص. 109.

(29) Bray, Denys, Sir, "the Brahui Language" (part-ii, the Brahui Problem), etymological vocabulary, part - iii, Dethi Manager of publications, 1934, p. 224.

(30) سنڌيلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 815.

(31) Manindra. Bhusan, op. cit. p. 13. and also see.

فريد ڪوٽي، عين الحق، حواله ديا گيا هے، ص. 109.

(32) سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 850.

(33) سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ص. 849

(34) سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سنڌي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 81.

(35) Burrow. T and Emeneau, op. cit. p. 13.

(36) Bray, Denys. Sir, op. cit. p. 224.

(37) سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 855.

(38) سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سنڌي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 92.

(39) Burrow. T and Emeneau. M.B, op. cit. P. 262.

(40) سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘ حوالو ڏنل آهي، ص. 856.

(41) سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘ حوالو ڏنل آهي، ص. 95.

(42) Burrow. T and Emeneau. M.B. op. cit. p. 291.

(43) parpola, Asko, "the indus decipherment", Madras, 1970, p.p. 4, 6. and also see. Allana, Ghulam Ali, Dr., " the origin and growth of sindhi languase", Jamshoro. institute of sindholag4, 2002,. pp. 69, 70

(44) Burrow. T and emeneau. M.B. op. cit. p. 290.

(45) سنديلو، عبداڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 871.

(46) Manindra. Bhusan, op. Cit. p. 34. and also see.

فريد ڪوٽي، عين الحق، ’حوالہ ديا گيا هے‘، ص. 121.

(47) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘، حوالو ڏنل آهي، ص، 875.

(48) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سنڌي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 145.

(49) Manindra, Bhusan, op. Cit. op. Cit. p. 36.

(50) سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘، حوالو ڏنل آهي. ص. 892.

(51) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سنڌي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 178.

(52) شور، عبدالحليم، مولانا، ’تاريخ سنده‘، (اردو)، لکهنو، دلگذار پريس، 1907ع، ص. 1- 2.

(53) ندوي، ابوظفر سيد، ’تاريخ سنده‘ (اردو، اعظم گڑھ- هندوستان) دارالمصنيفين، 1947ع، ص. 1.

(54) صديقي، خليل، ’زبان کيا هے‘ (اردو)، ملتان، بيڪر بڪس، 1989ع، ص. 218.

(55) بروهي، نذير شاڪر، ’سنڌ جي نالي جو بنياد، تاريخ، مذهب، لسانيات ۽ تنقيد جي تناظر ۾، تحقيقي جائزو‘، مقالو: ٽه ماهي مهراڻ، جلد 67، نمبر 4، حيدرآباد/ ڄامشورو، س. ا. ب، آڪٽوبر- ڊسمبر 2017ع، ص. 30.

(56) ايضاً، - - - - ص. 31.

(57) Krishnamurti, Bhadriraju, op. cit. p. 126.

(58) بروهي، نذير شاڪر، ’مقالو‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 33.

(59) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 927.

(60) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سنڌي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 255.

(61) Burrow.T and Emeneau. M.B. op. cit. pp. 341, 342.

(62) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 936.

(63) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سنڌي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 270.

(64) Burrow. T and Emeneau. M.B. op. cit. P. 366.

(65) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سامي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 936.

(66) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، حوالو ڏنل آهي، ص. 191.

(67) ’ساميءَ جا سُلوڪ‘ مرتب: پروفيسر بي.ايچ ناگراڻي، سهيڙ: محمد ابراهيم جويو، خيرپور، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2015ع، ص. 8.

(68) Burrow.T and Emeneau. M.B, op. Cit. pp. 1.2.

(70) Burrow. T. and Emeneau, M.B. op. cit. p. 243, and also see:

bid, "A Dravidian etymological dictionary" (Supplement, orford clarendon press, 1968, p. 79.

(71) ’ساميءَ جا سلوڪ‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 21.

(72) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سنڌي‘، حوالو ڏنل آهي، ص. 217 .

(73) Caldwell. Robert. Rev., "A comparative grammar o the Dravidoan or South- indian Family of Languages". New Delhi, First indian edition 1974, p. 570.

(74) 'سامي؛ جا سُلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 14.

(75) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سنڌي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 195.

(76) Burrow. T.and Emeneau, M.B. op. cit. p. 90 and also see:

Caldwell. Robert. Rev. Op. cit. p. 548.

(77) 'سامي؛ جا سُلوڪَ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 17.

(78) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سنڌي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 243.

(79) Burrow. T and Emeneau, op. Cit. P. 310.

(80) Andronov, Sergeevich. Mikhail, 1 A Grammar of the Malayalam languase in historical treatment", germany, otto itarrass ouits, weisbaden, 1996, p. 38.

(81) 'سامي؛ جا سلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 35.

(82) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سنڌي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 199.

(83) Burrow. T and emeneau. M.B. op. cit. p. 116

(84) 'سامي؛ جا سلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 34.

(85) Manindra. Bhusan, op. cit. p. 38.

(86) 'سامي؛ جا سلوڪ'، حوالو نالو آهي، ص. 74.

(87) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سامي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 907.

(88) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سنڌي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 211.

(89) Caldwell, Robert. Rev, op. cit. P. 570.

(90) 'سامي؛ جا سلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 80.

(91) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سنڌي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 194.

(92) Caldwell, Robert, Rev, Op. Cit. p. 591.

(93) Burrow. T and emeneau. M.B, op. cit. p. 86.

(94) 'سامي؛ جا سلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 281.

(97) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سنڌي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 100.

(98) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، حوالو ڏنل آهي، ص. 191.

(99) 'سامي؛ جا سلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 390.

(100) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سنڌي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 207.

(101) Burrow. T. and Emeneau. M.B. op. cit. P. 91 and also see:

* الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، حوالو ڏنل آهي، ص. 191.

(102) 'سامي؛ جا سلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 533.

(103) Pischell. R. "Comparative grammar of the prakrit Language', Delhi, Motilal Banarsidas, 1965, p. 7. and also see:

• الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، حوالو ڏنل آهي، ص. 190.

(104) 'ساميء جا سلوڪ' حوالو ڏنل آهي، ص. 369، 72، 50، 33، 12.

(105) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سامي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 817.

(106) Burrow. T. and emeneau. M.B. op. cit. p. 60.

(10) 'ساميء جا سلوڪ' حوالو ڏنل آهي، ص. 42.

(108) Krishnamurti, Bhadriraji, op. cit. p. 242.

(109) 'ساميء جا سلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 245.

(110) Burrow.T and Emeneau. M.B, op. cit. p: 117.

(111) Caldwell, Robert. Rev, op. cit. p. 577.

(112) Krishnamurti, Bhadriraji, op. cit. p. 157

(113) 'ساميء جا سلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 111. 81.

(114) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سنڌي' حوالو ڏنل آهي. ص. 89.

(115) Burrow. T.. and Emeneau. M.B. op. Cit. P. 272.

(116) Krishnamurti, Bhadriraju, op. cit. p. 15.

(117) 'ساميء جا سلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 556، 549، 533، 155.

(118) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سامي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 907.

(119) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سنڌي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 213.

(120) براهوئي، نذير شاڪر، 'براهوئي وبلوچ' (اردو)، ڪوئٽه) براهوئي ريسرچ انسٽيٽيوٽ پاڪستان، 2015ع، ص. 152، 151.

(121) براهوئي، نذير شاڪر، 'براهوئي وبلوچ' (اردو)، ڪوئٽه) براهوئي ريسرچ انسٽيٽيوٽ پاڪستان، 2015ع، ص 152.

(122) Andronov, M.S, "The Brahui Language", Moscow, 1980, p. 16, Note No: 4.

(123) براهوئي، نذير شاڪر، 'براهوئي وبلوچ'، حوالو ديا گيا هي، ص. 152.

(124) 'ساميء جا سلوڪ'، حوالو ڏنل آهي، ص. 101.

(125) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سامي'، حوالو ڏنل آهي، ص. 902.

(126) سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'تحقيق لغات سامي'، حوالو ڏنل آهي، ص، 197.

(127) Krishnamurti, Bhadrirajv, op. Cit. p. 6.



**ڊاڪٽر الطاف جوکيو**

محرابپور

# مولوي احمد جي شاعريءَ ۾ تجنيس لاحِق جو جائزو

**جائزي جو ڳڻتي**

مولوي احمد ملاح سنڌي ٻوليءَ جو محافظ شاعر رهيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ لفظن جي جادوگري ڪمال جي آهي. ان حوالي سان مولوي صاحب جي شاعريءَ تي فن ۽ فڪر جي مختلف دائرن ۾ سندس شاعريءَ جي اڀياس جي ضرورت آهي. هتي صنايع بدايع جي روشنيءَ ۾ 'تجنيس لاحِق' مفقود آهي.

تجنيس لاحِق مان مراد شعر ۾ يا شعر جي مصرع ۾ اهڙا همجنس لفظ جيڪي شڪل توڙي وزن ۾ مماثلت رکندا هجن. هيءَ تجنيس 'مضارع' جي پڻ ويجهو هوندي آهي، ليڪن آوازن جي تبديليءَ ۾ مخرج جاچيا ويندا آهن. تجنيس لاحِق ۾ مختلف مخرج ۽ برابر وزن جو ميزان رکيو ويندو آهي.

تجنيس لاحِق بابت 'جامع سنڌي لغات' ۾ هن ريت ڇاڻايل آهي:

**تجنيس لاحِق:**

ث. شعر جي مصرع ۾ ٻن هم وزن لفظن جي پهرئين اکر جي تبديل ۽ معنيٰ مختلف هئڻ واري صنعت "پر قبوليندا خوشيءَ سان ڪين پنهنجي ٻار هار." ( بلوچ، 591: 1981)

جامع سنڌي لغات ۾ ڇاڻايل وصف ۽ تجنيس مضارع جي وصف ۾ ڪو خاص فرق ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي.

تجنيس مضارع بابت جامع سنڌي لغات ۾ هن ريت دائرو ڏنل آهي: "تَجنِيس مُضارَع: ث. شعر ۾ ساڳئي آواز ليڪن معنيٰ ۽ صورتخطي مختلف هئڻ واري صنعت 'لال لب لعل کان پڻ لال منا توکان ٿيا." (بلوچ، 591: 1981) مضارع واري وضاحت ۽ مثال ڪنهن حد تي مناسب آهي، ليڪن ان ۾ به جهولُ آهي. بيشڪ ڇاڻايل مثال 'لال ۽ لعل' ۾ هڪ اکر جي تبديليءَ کي صورتخطيءَ جو ئي فرق سمجهو، ليڪن شعر ۾ ساڳئي آواز واري ڳالهه ڪنهن ٻي تجنيس ڏانهن پڻ اشارو ڪري پئي. تجنيس مضارع ۾ هڪ اکر توڙي آواز جو فرق رهندو آهي. جامع سنڌي لغات موجب 'مُضارَع' جي اعراب ۾ به غلطيءَ جو امڪان آهي.

بهرحال تجنيس لاحِق ۽ مضارع واري فرق جو پيراميٽر اهو ناهي، جيڪو 'جامع سنڌي لغات' ۾ ڏنو ويو آهي.

تجنيس لاحِق بابت مزمل حسين 'اردو میں علم بیان اور علم بدیع کے مباحث: تحقیقی و تنقیدی جائزہ' ۾ لکي ٿو ته: "لفظی معنی ہے، ملا ہوا، وابستہ، کسی چیز کے پیچھے یعنی آخر میں لگا ہوا۔ اصطلاح میں یہ تجنیس کی وہ قسم ہے جس میں دو ایسے ہم جنس الفاظ استعمال کیے گئے ہوں کہ ان میں ایک حرف متحدالمخرج یا قریب المخرج نہ ہو بلکہ مختلف آغاز، درمیاں یا آخر میں ہو سکتا ہے۔

یہ بھی اس نازک بدن کو بار ہو
گر کر باندھے نظر کے تار سے

'بار' اور 'تار' میں تجنیس لاحق کی پہلی صورت واقع ہے۔

يا فاطمہ کا لاڈلا مقتول ہوا ہے
يا ذبح کوئی بندہء مقبول ہوا ہے۔

'مقتول 'اور' مقبول 'میں' ت 'اور' ب 'جیسے حروف کا فرق ہے اور یہ بعید المخرج ہیں لٰہذا یہ تجنیس لاحق کی دوسری صورت ہے۔ آخر کی مثال دیکھیے ۔

سرمہ تسخیر سے ہم خود مسخر کیوں نہ ہوں
آنکھ کی پتلی جو تھی جادو کا پتلا ہو گیا۔

'پتلی 'اور' پتلا 'میں' ی 'اور' الف 'کا اختلاف ہےاس لیے یہ تجنیس لاحق کی صورت ہے. (مزمل، 78: 2005)

مزمل حسين جي وضاحت واضح پئي ڪري تہ هن تجنيس ۾ وزن تہ ساڳيو هجي، ليڪن آواز بعيد المخرج هجن. 'بار' ۽ 'تار'، 'مقتول' ۽ 'مقبول' ۾ جاٿايل ترتيبوار آواز 'ب ۽ ت' ۽ 'ت ۽ ب' بيشڪ (تـ شمسي ۽ بـ قمري) بعيد المخرج آهن، ليڪن آخري مثال ۾ 'الف ۽ ي' حرف علت يعني ڊگها سُر (Vowels) آهن، جيڪي سُرن (Vowels) جي خيال کان حلقيہ آهن ۽ وينجن (Consonant) موجب قمري حرف آهن، ان نسبت مزمل حسين جي ڏنل مثال کي بہ مناسب نہ سمجهبو.

**جائزي جا سوال**

مٿئين تلهہ مان 'تجنيس لاحق' بابت هيٺيان سوال اُڀرن ٿا:

- ؟ تجنيس لاحِق کي ڪهڙي ميزان تي پرکڻ گهرجي؟ آواز يا اکر تي.
- ؟ ڇا هن تجنيس ۾ 'قريب المخرج' ۽ 'متحد المخرج' وارا اکر يا آواز اچي سگهن ٿا؟
- ؟ ڇا تجنيس لاحِق جي مثالن ۾ صرف بعيد المخرج جا اکر يا آواز شامل ٿي سگهندا؟
- ؟ ڇا هن تجنيس ۾ هڪ ئي اکر يا آواز جو اختلاف رکيو ويندو آهي؟
- ؟ ڇا تجنيس لاحِق ۽ تجنيس مضارع ۾ ڪا مماثلت آهي؟

**جائزي جو عمل**

'فيروز اللغات' عربي- اردو جي مدد سان جاٿايل اصطلاح جي لغوي اکيڙ رکجي ٿي:

**تجنيس لاحِق:**

(تجنيس- تَفعِيل- مصدر) جِنسَ = هو پڇي راس ٿيو (جنسوار ڪرڻ، جنسي ترتيب ڏيڻ + لاحِق -فاعل- صفت )لَحِقَ = هو هن سان وڃي مليو- هو هن سان چهٽيو رهيو (مليل- ڳنڍيل- پويان اچي ملڻ وارو- پهچڻ وارو- علم بيان موجب ڪنهن شعر ۾ اهڙا همجنس لفظ ڪم آڻڻ جن جي اڳيان، وچ يا آخر ۾ بعيد المخرج اکر /آواز جي تبديلي واقع هجي، جيئن: خدا- سدا، قهر- قصر- قدر- قدم وغيره.

مولوي صاحب جو هڪ شعر آهي:

سدا ساريان سڄڻ سائين، وَرو آهُن مٿي آئين،
هلي آءُ گڏ حشر تائين، رهون خوش خوب خوش حالا.
(احمد کليات- ياڳو، پيون 2017: 71)

'خوش' ۽ 'خوب' ۾ آخري اکر جي تبديلي آهي. 'ش = اسليہ- شمسي' ۽ 'ب = شفويہ قمري' بعيد المخرج آهن، يعني ٻئي 'شمسي ۽ قمري' مخرجي گروهہ پاڻ ۾ مليل /ڇهٽيل آهن، ان سبب ان چال کي تجنيس لاحِق ٿو چئجي.

مختصر اڀياس مان اها ڳالهہ سامهون اچي ٿي تہ تجنيس لاحِق ۽ تجنيس مضارع ۾ هڪ اکر جي تبديلءَ نسبت مماثلت آهي، ليڪن واضح فرق اکرن /آوازن جي 'مخرج' جو آهي. جيئن تہ هن تجنيس جو بنياد

عربي کان سنڌي ٻوليءَ ۾ آيو آهي، ان لاءِ اسان کي عربيءَ جي مخرج کي ئي ميزان بڻائڻو پوندو. عربيءَ جي نسبت، اُٺاويهه اکرن /آوازن جي مخرج کي ٻن گروهن: 'شمسي ۽ قمري حروف' ۾ ورهايو ويو آهي، جيئن:

✓ **شمسي حروف:** هن ۾ ٻه مخرج ترتيب ڏيئي، ان ۾ چوڏهن اکر رکيا ويا آهن:

- سِنيه (ڏندن تي زبان رکڻ سان): ت ث د ذ ط ظ ل ن.
- اَسليه (زبان جي چوٽيءَ وارا): ر ز س ش ص ض.

مٿين اکرن يا انهن جي آوازن کي 'شمسي حروف' سڏيو ويندو آهي، جيڪڏهن ساڳئي مخرج وارا آواز / اکر هوندا ته متحد المخرج سڏبا، پر جيڪڏهن شمسيءَ جا مختلف مخرج هوندا ته ان کي قريب المخرج چئبو.

✓ **قمري حروف:** هن ۾ ٽي مخرج ترتيب ڏيئي، ان ۾ چوڏهن اکر رکيا ويا آهن:

- شفويه (چپن وارا): ب ف م و.
- لهويه (سخت تارونءَ وارا): ج ي.
- حَلقيه (نڙيءَ وارا): الف ح خ ع غ ق ڪ هه.

مٿين اکرن يا انهن جي آوازن کي 'قمري حروف' سڏيو ويندو آهي، ساڳين مخرج وارن اکرن کي متحد المخرج ۽ قمريءَ جي مختلف مخرج وارن آوازن کي قريب المخرج چئبو.

مٿين ورچ بعد ترتيب هن ريت بيهي ٿي:

✓ قمري 14 اکر: ا ب ج ح خ ع غ ف ق ڪ م و هه ي.

✓ شمسي 14 اکر: ت ث د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ل ن.

اها ترتيب نحوَ، لغت ۽ علم عَروض جي ماهر، خليل بن احمد فراهيدي بصري (780) ترتيب ڏني هئي. اُن حرفن /آوازن کي حلق جي مخرج مطابق درجي بدرجي ترتيب ڪيو: 'ع ح هه، خ غ ق، ڪ ج ش ض، ص س ز، ط د ت، ظ ذ ث، ر ل ن ف، ب م ء ي و. 'بيشڪ لسانيات جي محققن آڏو اهو وڏو ڪارنامو ۽ قدر جي لائق هو.' (سليم، ۱۹۸۱ :۹۱ سے ۹۲)

تجنيس لاحق ۾ اهو خيال رکيو ويندو آهي ته ساڳي مصرع يا شعر ۾ اهڙن همجنس لفظن جو استعمال هجي،جن جا تبديل اکر /آواز بعيد المخرج هجن.

**تجنيس لاحِق ۽ تجنيس مضارع ۾ مماثلت ۽ فرق:**

اها ڳالهه واضح ٿي بيٺي آهي ته هڪ اکر جي تبديليءَ واري مماثلت ٻنهي ۾ آهي، ليڪن تجنيس لاحق ۽ مضارع ۾ فرق جاچڻ لاءِ وزن ۽ مخرج جو اطلاق ٿئي ٿو، ان حوالي سان سنڌي علم عروض جي ڏاهي شيخ محمد ابراهيم خليل تجنيس مضارع لاءِ ڄاڻايو آهي: "تجنيس مضارع: هڪجهڙن لفظن ۾ ڪي حرف جي قريب المخرج آهن سي جدا هجن پر رڳو هڪ حرف هوندو آهي. اهو حرف منڍ ۾، وچ ۾ يا پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي.

ڏند دلبند تنهنجا مرواريد، لال لب تنهنجا لعل رماني.

لال ۽ لعل ۾ الف ۽ عين قريب المخرج حرف آهن." (خليل، 56: 1983)

شيخ ابراهيم خليل جي مثال تي اختلاف رکڻ کان هٽي ڪري، اها ڳالهه چٽي طرح سامهون اچي ٿي ته تجنيس مضارع ۾ 'متحد المخرج يا قريب المخرج' آواز يا اکر جي تبديلي واقع ٿئي ٿي؛ جڏهن ته تجنيس لاحق ۾ 'بعيد المخرج' هجڻ گهرجي.

**تجنيس لاحِق ۽ تجنيس مضارع ۾ مماثلت ۽ فرق جو مثال:**

تجنيس لاحق ۽ مضارع جي لفظن ۾ هڪ اکر /آواز جي تبديليءَ جي مماثلت آهي، ليڪن آوازن نسبت 'قريب المخرج' ۽ 'بعيد المخرج' جو فرق ٿئي ٿو، جيئن:

**تجنيس مضارع جو مثال:**

اگ 'مَرڻ'، تنهن لگ 'مِلڻ'، مَخرج لهين ري كان نہ لامر،
كنهن مشائخ ايئن مون كي، مَذكور موچارا ڏنا.
(387 :2017 پهريون، پاڱو -احمد كليات)

ان شعر ۾ 'مرڻ' ۽ 'مِلڻ' وارن لفظن ۾ 'ر' (اَسليہ مخرج) ۽ 'ل' (سِنيہ مخرج) ۾ مخرجي ساڳيائپ ناهي، ليكن گروهي لحاظ كان انهن جو شمار 'شمسي حروف' ۾ ٿئي ٿو، ان سبب انهن كي 'قريب المخرج' چئجي ٿو، ان بنياد تي مٿيون مثال 'تجنيس مضارع' جو سڏبو.

**تجنيس لاحِق جو مثال:**

'رات' ڏينهن تنهنجو رڳوئي، 'راڳ' رڳ رڳ روح ۾،
تنهنجون تن من ۾ تنوارون، 'تون' كري ٿي تند تند.
(216 :2017 ٻيون، پاڱو -احمد كليات)

مٿئين شعر ۾ 'رات ۽ راڳ' ۾ هڪ اكر /آواز جي تبديليءَ سبب تجنيس لاحق جو مثال چئي سگهجي ٿو، ڇاكاڻ تہ 'ت' (سنيہ مخرج - شمسي) ۽ 'ڳ' (حلقيہ مخرج- قمري) ۾ گروهي اختلاف آهي، ان سبب ان كي 'تجنيس لاحق' كوٺيو ويندو. (واضح رهي تہ سنڌي اكر /آواز بہ عربي مخرجن جي آوازن سان پيئي، گروهہ ۾ سمجهيو ويندو).

**هڪ شعر ۾ تجنيس لاحِق ۽ تجنيس مضارع جي موجودگي**

اكيون 'احمدَ' اُتر 'ترسن'، بهاريون بوند سان 'برسن'،
دڙي تان دوست جو 'درسن'، اٿر دل جي دوا البت.
(127 :2017 ٻيون، پاڱو -احمد كليات)

✓ **تجنيس لاحِق جو مثال:**

'ترسن ۽ برسن' ۾ 'ت' (سنيہ مخرج - شمسي) ۽ 'ب' (شفويہ مخرج- قمري) بعيد المخرج وارا آواز /اكر آهن، ان سبب ان كي تجنيس لاحق كوٺبو.

**تجنيس مضارع جو مثال:**

'ترسن ۽ درسن' ۾ 'ت' (سنيہ مخرج- شمسي) ۽ 'د' (سنيہ مخرج- شمسي) ساڳئي مخرج وارا آواز ۽ شمسي حرفين آهن، ان سبب ان جي تجنيس مضارع كوٺبي.

**تجنيس لاحِق جو دائرو:**

اڀياس مان جيكي نكتا ڇنا ٿي بيهن ٿا، سي هن ريت آهن:

- ✓ تجنيس لاحق جي لفظن ۾ هڪ اكر جو فرق ركيو ويندو آهي.
- ✓ تجنيس لاحق ۾ اكر جو فرق لفظ جي اڳيان، وچ ۾ يا آخر ۾ ٿي سگهندو آهي.
- ✓ تجنيس لاحق جي لفظن جي اكرن /آوازن ۾ 'بعيد المخرج' هجڻ لازم آهي.
- ✓ تجنيس لاحق جي لفظن ۾ آوازن جي وزن واري برابري لازمي آهي.

**مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس لاحِق جو جائزو**

**شروعاتي اكر /حرف جي تبديليءَ سان:**

ٺڏا ٺاڪ ٺر جا، جتي ٺين 'ٺوڪ'،
رهيا راڄ، راڄا، رهي كانہ 'روڪ'،
لكين قسم لايون، لُٽن پوڪ 'لوڪ'،

مٿي مينهن مارن وسن 'اوڪ' 'موڪ'،
پڇي ڪينَ پيرو بهارن سندو.
(احمد ڪليات- ڀاڱو پهريون، 2017: 289)

'ٿوڪ (ٿ-سِنيہ مخرج)، روڪ (ر -اسليہ مخرج) ۽ لوڪ (ل - سِنيہ مخرج) قمري مخرج آهن، جڏهن تہ'اوڪ' (الف- حلقيہ مخرج) ۽ موڪ' (م- شفويہ مخرج) شمسي مخرج آهن. اڳين اکرن جي تبديليءَ سان اڳيان ٿي آواز ۽ پويان بہ آواز بعيد المخرج هجڻ سبب 'تجنيس لاحق' سڏبي.

پُهتا 'پَلڪ'، طوبيٰ 'ٽلڪ'، گهميا 'فَلڪ'، 'مُلڪ' و 'مَلڪ'،
بَر، بَحر، لڪ جَلوا 'جهَلڪ'، چوڏس بَلڪ چمڪار آهہ.
(احمد ڪليات- ڀاڱو ٻيون، 2017: 501)

مٿئين شعر ۾ اڳئين هڪ اکر جي فرق سان ڇهہ لفظ هم وزن آهن، انهن ۾ هڪ لفظ 'ٽلڪ' ۾ (ٽ- سِنيہ مخرج) شمسي آواز وارو اکر آهي، جڏهن تہ'پلڪ' (پ- شفويہ مخرج)، 'فَلڪ' (ف- شفويہ مخرج) 'مُلڪ' (م- شفويہ مخرج) 'بلڪ' (ب- شفويہ مخرج) 'جهَلڪ' (جهہ - لهويہ مخرج) ۾ قمري آواز وارا اکر آهن، هڪ اکر، جو ٻين اکرن جي پيٽ ۾ بعيد المخرج سڏبو، ان سبب ان کي تجنيس لاحق ۾ شمار ڪبو.

واهہ، سانوَڻ 'ڏينهن'، سارڪ 'مينهن'، سانوَل ساڻ' نينهن'،
يار پيڙو، باغ بلبل، بُوند بار و بار گڏ.
(احمد ڪليات- ڀاڱو ٻيون، 2017: 230)

'ڏينهن (ت- سِنيہ مخرج) ۽ نينهن' (ت- سِنيہ مخرج) لفظن ۾ شمسي آواز /اکر ۽ مينهن (م - شفويہ مخرج) ۾ قمري آواز /اکر آهن، ان بعيد المخرج واري چال کي تجنيس لاحق ڪوٺبو.

گڏهہ، گهوڙا بہ گڏ 'شامل'، چڙهيو تہ بہ سِر ڪُلهن' ڪامل'،
اديون، آيم اڱڻ 'عامل'، ٻڌو ڙي، ٻاٻيهل ٻولي.
(احمد ڪليات- ڀاڱو ٻيون، 2017: 530)

'شامل' (ش- اسليہ مخرج) شمسي آواز /اکر آهي، جڏهن تہ 'ڪامل' (ڪ- حلقيہ مخرج) ۽ 'عامل' (ع- حلقيہ مخرج) قمري آواز /اکر آهي، بعيد المخرج سبب ان کي تجنيس لاحق سمجهبو.

سڄڻ سڏيَم، 'شُڪر' يا 'سَڪر' گهرجي،
ويهي ايءُ ڳالهہ ويچاريَم 'فڪر' سان.
(احمد ڪليات- ڀاڱو ٻيون، 2017: 376)

'شڪر' (ش- اسليہ مخرج) ۽ 'سڪر' (س- اسليہ مخرج) شمسي آواز /اکر آهن، جڏهن تہ 'فڪر' (ف- شفويہ مخرج) قمري آواز /اکر آهي، بعيد المخرج سبب ان کي تجنيس لاحق سمجهبو.

سڄڻ، تو ري اِيا سج چنڊ، اُلهن اڀرن اکين سامهان،
ڏٺي تن کي طبيعت جي، ڪُلي 'طاقي' تہ 'باقي' ڇا.
(احمد ڪليات- ڀاڱو ٻيون، 2017: 43)

'طاقي' (ط- سِنيہ مخرج) شمسي اکر ۽ 'باقي' (ب -شفويہ مخرج) ۾ بعيد المخرج سبب 'تجنيس لاحق' آهي.

پڙهيم لاتقنطُوا 'فرمان'، گئي احمد اُتان 'ارمان'،
مِلي دل دي دوا 'درمان'، ڪلما پاڪ پروَر دا.
(احمد ڪليات- ڀاڱو ٻيون، 2017: 29)

’فرمان‘ (ف- شفويہ مخرج، قمري) ارمان (ا- حلقيہ مخرج، قمري) ۽ درمان (د- سِينہ مخرج، شمسي) ۾ بعيدالمخرج آهي.

ڏسو قدرت سندي ’قادر‘، تہ صحبت جت ٿئي ’صادر‘،
نظر سان نازنين ’نادر‘، ڀڃي مان پار ٿي آيس.
(298 :2017 ڀيون، ڀاڳو -احمد ڪليات)

’قادر‘ (ق- حلقيہ مخرج، قمري)، ’صادر‘ (ص- أسليہ مخرج، شمسي) ۽ ’نادر‘ (ن- سنيہ مخرج، شمسي) بعيد المخرج آهي.

**وچئين اکر /حرف جي تبديليءَ سان**

ٿِيَم دل شاد، دل ’آزاد‘ ’آباد‘،
وِيَم اندر منجهان ارمان انديش.
(304 :2017 ڀيون، ڀاڳو -احمد ڪليات)

’آزاد ۽ آباد‘ ۾ وچيان اکرَ ’ز‘ (اسليہ مخرج، شمسي) ۽ ’ب‘ (ب- شفويہ مخرج، قمري) بعيد المخرج سبب تجنيس لاحق آهي.

تا ’اسُر‘ ڀاريان ’اگر‘ ۽ عود اهنجي آسري،
ڪن پکين ڏي پرھ ۾، پانڌين پڇان پيغام خاص.
(307 :2017 ڀيون، ڀاڳو -احمد ڪليات)

’اسُر ۽ اگر‘ وچئين اکر ’س‘ (اسليہ مخرج، شمسي) ۽ ’گ‘ (حلقيہ مخرج، قمري) جي بعيد المخرج سان تجنيس لاحق جو مثال آهي.

هن وار جو، سِڌ پار جو، سرڪار جو، ڏاتار جو،
اچ يار جو، ’دلدار‘ جو، ’دادار‘ جو ديدار آهِ.
(501 :2017 ڀيون، ڀاڳو -احمد ڪليات)

’دلدار ۽ دادار‘ وچئين اکر ’ل‘ (سنيہ مخرج، شمسي) ۽ ’ا‘ ڊگهو سُر (حلقيہ مخرج، قمري) جي بعيد المخرج سان تجنيس لاحق جو مثال آهي.

جهَلي ذَر نہ ’ديوار‘ ’ديدار‘ کان،
پڄي قلب رکيا ڪڙا، قفل ڪوٽ.
(159 :2017 ڀيو، ڀاڳو -احمد ڪليات)

’ديوار ۽ ديدار‘ وچئين اکر ’و‘ (شفويہ مخرج، قمري) ۽ ’د‘ (سنيہ مخرج، شمسي) جي بعيد المخرج سبب تجنيس لاحق رهندي .

هُت ’وڄڻ‘ ويري نہ ڏيئر، هِت ’وَرڻ‘ واري نہ ڪا،
هَٽ ڪٿان هيڏي ڪِ هوڏي، پير چوريان؟ چوريان چور ٿئي.
(584 :2017 ڀيون، ڀاڳو -احمد ڪليات)

’وڄڻ ۽ ورڻ‘ ۾ وچئين اکر ’ج‘ (لهويہ مخرج، قمري) ۽ ’ر‘ (اسليہ مخرج، شمسي) جي بعيد المخرج سبب تجنيس لاحق رهندي .

**آخري اکر /حرف جي تبديليءَ سان**

سدا جاني، جيين تون شال، منهنجي موءِ چا ٿيندو،
پڇن پَروان پاڻهين، ناھ پَرواھ پوءِ چا ٿيندو.
(477 :2017 ڀيون، ڀاڳو -احمد ڪليات)

آخري اکر جي تبديليءَ سان تجنيس مضارع جو مثال آهي.
'پروان' ۽ 'پرواهہ' ۾ آخري اکر 'ن' (سنيہ مخرج، شمسي) ۽ 'هہ' (حلقيہ مخرج، قمري) جي بعيد المخرج سبب تجنيس لاحق رهندي .

اسان کي عيش عشرت عيب 'احمد'،
فقيرن جو فخر فاقي فقر سان.
(377 :2017 هيون، ڀاڱو -احمد ڪليات)

'عيش' ۽ 'عيب' ۾ آخري اکر 'ش' (اسليہ مخرج، شمسي) ۽ 'ب' (شفويہ مخرج، قمري) جي بعيد المخرج سبب تجنيس لاحق رهندي .

روئي ڇٺون چو نہ قادر کي، تہ قابو ڪر تون ڪانئيرن،
جڏهن 'مُحبوس' اڄ 'محبوب' جهڙا مور ٿيا آهن.

'محبوس' ۽ 'محبوب' ۾ آخري اکر 'س' (اسليہ مخرج، شمسي) ۽ 'ب' (شفويہ مخرج، قمري) جي بعيد المخرج سبب تجنيس لاحق رهندي .

نہ 'محروم' ڪر، بلڪ مرحوم ڪر مون،
مَرڻ ڏي مسافر کي منجهہ مُلڪ 'محروس'.
(292 :2017 هيون، ڀاڱو -احمد ڪليات)

'محروم' ۽ 'محروس' ۾ آخري اکر 'م' (شفويہ مخرج، قمري) ۽ 'س' (اسليہ مخرج، شمسي) جي بعيد المخرج سبب تجنيس لاحق رهندي

**قافين ۾ تجنيس لاحق**

مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ لفظ جي بازيگري ڪمال جي آهي، ايتريقدر جو سندس قافين ۾ بہ تجنيس لاحق جا مثال ملن ٿا. قافين ۾ آخري حرف کي 'حرف رَوي' ڪوٺيو ويندو آهي، باقي قافين ۾ اڳين اکرن جي تبديلي لازمي سمجهي ويندي آهي. هيٺ قافين جي نسبت شروعاتي اکر جي تبديليءَ وارا مثال پيش ڪجن ٿا:

**شروعاتي اکر/حرف جي تبديليءَ سان**

جتي روح ريڌو، اتي روز رَڪ،
ڪڍي قلب ٻئي ڏي قياماً نہ ڪڪ.
سبيَم ساهہ هڪ سان، سوين مَر سکن،
چڱا ڪير چوندو ٻيائيءَ کي ٻَڪ.
سڄڻ ساڻ صف ۾ صفا ٿي ٻيهن،
انهن جا اجايا وڃن ميٽ مَڪ.
اِرم ۾ نہ آرام ان ري اچيم،
پرينءَ پار پهچان ڪري پير پَڪ.
ڏيکارين جن کي ڏکويو هجيم،
مٺا، مفت مون سان رکن ڪار ڪک.
ويهڻ وهہ ٿيم، واٽ کهڙي وڃان،
.نہ لانگهو نہ ليڪو نکو لڙهہ نہ لک.

کندي خرچ خدمت سندن ۾ رسان،
تہ لک دل نہ لوڙهيان، لڳن خواه لک.
احد ساڻ 'احمد' جو عهد و الست،
پيو جڳ پلين جام ماري پيو جَک.
(326 :2017 پيون، پاڱو -احمد ڪليات)

متئين غزل جي قافين ۾ اڳيون اکر جي بنياد تي، 'رَک' (ر -اُسليہ مخرج، شمسي)- ڪَک (ڪ- حلقيہ مخرج، قمري)- ٻَک (ٻ- شفويہ مخرج، قمري)- مَک (م- شفويہ مخرج، قمري)- پَک (پ- شفويہ مخرج، قمري)- ڳک (ڪ- حلقيہ مخرج، قمري) لک (ل- سنيہ مخرج، شمسي)- جَک (ج- لهويہ مخرج، قمري) ۾ بعيد المخرج سبب تجنيس لاحق سڏبي.

نہ ڪرهو ڪاڪ تي آيو، اڏر ڪاغذ ڪٽي 'ڪانگا'،
سلامي ٿي سَنيهو ڏج، چڏيان ڪهڙي سبب 'سانگا.'
رهاٽيون روح ۾ رهنم، رسڻ سان رڻ ڪيئي راٽا،
لڳان اڄ لوڪ ۾ ليزم، ٿيا لازم متم لانگا.
سَڙيم سورن ڪنان صورت، سوا تو سيج ٿي سوري،
ونهيَل، ويهي وهايم رات، اٿيا ٻانگ تي ٻانگا.
نہ واهي چو نماڻي نار، نارا نِير نيڻ مان،
جڏهن ناموس وارا نُر، نهوڙي نينهن ڪيا نانگا.
پٽوريون پَٽ متي اُجليان، پٽر پَٽراٽين بدران،
نہ باغن ۾ بهاريون اڄ، ٿيا ڦوڙاءِ ۾ ڦانگا.
ميارن مارڙي آهيان، معافي ميندرا، گهرجي،
رُوان رت، ٿي روزانو هت، روا راٽا، نہ رُوسانگا.
نہ چاٽي مينڌري منهن موڙيو، مومل جي ماڙيءَ ڪان،
احد گهرجي تہ 'احمد' رک، نہ اندر تون بہ آلانگا.
(67 :2017 پيون، پاڱو -احمد ڪليات)

'ڪانگا' (ڪ- حلقيہ مخرج، قمري)- سانگا (س- اُسليہ مخرج، شمسي)- لانگا (ل- سنيہ مخرج، شمسي)- ٻانگا (ٻ- شفويہ مخرج، شمسي)- نانگا (ن- سنيہ مخرج، شمسي)- ڦانگا (ڦ- شفويہ مخرج، قمري)' وارن قافين ۾ پهرئين اکرن بعيد المخرج سبب تجنيس لاحق جو مثال آهي.

ڏرائين دوست هڪ سان دل ٻَتم خاص،
لڙي لک تان لقا لالڻ لَدم خاص.
ڪُنيو نک، ڪان جي قد، ڪونج جيئن ڪنڌ،
پرينءَ جي پاڪ پيرن ۾ پَدم خاص.
هلي زاريءَ بنا چا زور تن سان،
پلا جن ساڻ لشڪر لک پَدم خاص.
ڳلي درٻار جو در يارَ، مون تي،
تہ خدمت ۾ رهان خادم خدم خاص.

كڏهن أو ڏينهن ايندو يا الاهي،
جڏهن ڇُمندس قريبن جا قدم خاص.
ٿيو 'احمد' مٿي احوال روشن،
تہ آدم آهہ دَم كو يا عَدم خاص.
(ٻيون، ڀاڱو -احمد كليات 2017: 308- 309)

'ٻَدَم' (ٻ- شفويہ مخرج، قمري)- لَدَم (ل- سنيہ مخرج، شمسي)- پَدَم (پ- شفويہ مخرج، قمري)- خَدَم (خ- حلقيہ مخرج، قمري)- قَدَم (ق- حلقيہ مخرج، قمري)- عَدَم (ع- حلقيہ مخرج، قمري)' بعيد المخرج سبب تجنيس لاحق آهي.

مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ اهڙا كوڙ سارا مثال ملندا جيكي قافين جي صورت ۾ 'تجنيس لاحق' جا مثال بيهن ٿا .هي ته غزل خيال خاطر پيش كيا ويا آهن.

**حاصل مطلب /اختصار /نتيجو**

- تجنيس لاحق مان مراد شعر ۾ اهڙا همجنس لفظ، جيكي وزن ۾ برابر ۽ اكرن /آوازن جي تبديل سبب بعيد المخرج هجن .
- هن تجنيس ۾ هڪ اكر جو فرق ركيو ويندو آهي، جيكو لفظ جي اڳيان، وچ يا آخر ۾ ٿي سگهي ٿو.
- هيءَ تجنيس، هڪ اكر جي تبديليءَ سان بلكل تجنيس مضارع سان مماثلت ركي ٿي، فرق صرف اكر جي آواز واري مخرج جو هوندو آهي. تجنيس لاحق ۾ اكر /آواز بعيد المخرج هوندا آهن. جڏهن تہ تجنيس مضارع ۾ قريب المخرج هوندا آهن.
- تجنيس لاحق ۾ لفظن جي وزن جي برابري پڻ لازمي ليكي ويندي آهي.
- مخرج جي بنياد تي آواز ٻن حصن ۾ ورهايل آهن، هكڙا: شمسي ۽ ٻيا: قمري.
- هڪ مثال خيال خاطر ڏجي ٿو:

ڏسو قدرت سندي 'قادر'، تہ صحبت جت ٿئي 'صادر'،
نظر سان نازنين 'نادر'، ٻڌي مان ٻار ٿي آيس.

'قادر' (ق- حلقيہ مخرج، قمري)، 'صادر' (ص- أسليہ مخرج، شمسي) ۽ 'نادر' (ن- سنيہ مخرج، شمسي) ۾ پويان ٻہ آواز /اكر اڳئين جي ڀيٽ سان بعيد المخرج آهن، ان سبب ان شعر جي تجنيس لاحق سڏبي.

**حوالا/ذريعا**


- بلوچ، نبي بخش، ڊاكٽر (1981) جامع سنڌي لغات، جلد 2، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- رستماڻي ضرار، پروفيسر (2017) كليات احمد) مولوي احمد ملاح (ڀاڱو پهريون ۽ ٻيون. كنڊيارو: روشني پبليكيشن.
- سيد، محمد سليم، پروفيسر (1981) اردو رسم الخط . كراچی: مقتدرہ قومی زبان .
- شيخ، محمد ابراهيم، خليل (1983) مضامين خليل) غلام محمد شاهہ گدا، (ص 43-64)، مرتب: عبدالقيوم صائب، حيدرآباد زيب ادبي مركز.
- فيروزالدين (1979) فيروز اللغات- عربي اردو، لاهور: فيروز سنز لميٽيڊ.
- مزمل حسین (2005) اردو میں علم بیان اور علم بدیع کے مباحث : تحقیقی و تنقیدی جائزہ۔ لاہور :پنجاب یونیورسٹی۔

ڊاڪٽر نواز علي شوق
ڪراچي



# قاضي قادن جو ڪلام

## قاضي قادن جي ڪلام جي مختصر سمجهاڻي

(هن مضمون کي 'مهراڻ' جي ٻن پرچن 2020/4 ۽ 2021/1ع پرچن سان ملائي پڙهندا)

(76)

ڪنج ڏيئي جهَلِيو، جنهين روحَ رَساءُ
تِنهين سَندي ٿُرهڙي، سونهاري سَياءُ.

جن پيارن منهنجي رُوح کي ٻڌي سوگهو ڪيو آهي، سيئي سڪ واري ٿُرهي ذريعي مون کي پار پهچائيندا، ڇو ته اهي سهڻي سُياءَ وارا آهن (انهن ۾ ڀلائي جا ڀير آهن).

(77)

سَڄڻُ ڏڄڻ ڏيک ڪي، چت نه ڪِجي ڀنگُ
لوٽي ٽيئي پارچي، لاک نه چڙي رنگُ.

سڄڻ جيڪڏهن توکي (ڪنهن وقت) ڏڄڻ (دشمن) محسوس ٿئي ته دل ۾ ڪو وسوسو، افسوس يا ارمان نه ڪر (ڇو ته سڄڻ ڏڄڻ ٿي نه ٿو سگهي). لاک رتل لوئي ڀلي ڪيڏي به ليڙون ليڙون ٿي وڃي، تڏهن به اهو لاک وارو رنگ لهي نه ٿو سگهي. (سڄڻ کي سدائين سڄڻ سمجهه، ان تي ڪڏهن به اهڙو شڪ گمان نه ڪر ته هُو ڏڄڻ ٿي ويو آهي).

(78)

ٿُنڌُ مَ ٿاء ڪُتاءِ، ٻوڏ ڇوَنِي جيءُ ڇَڻ
جي پانئِين پرينءَ مِڙان ته ڏوهَنئون ڳڻ پانء.

اي طالب! جتي ڪٿي ڏڪا ڏوٿا نه کاءُ، اجايو رُلڻ پنڻ ڇڏي ڏي، جيڪڏهن پيارا پرين توکي "ٻوڏ" ڇون، ته تون انهن کي "جيءُ" چؤ. جيڪڏهن تون پرين سان ملڻ چاهين ٿو، ته ان کي هر حال ۾ جيءُ چوندو رهه. هنن جي ڏوهن کي به ڳڻ سمجهه.

(79)

هُنِئون وِنڌا وِجُهه مَ تون، سيٽان ويڻ مَ ڪَٽِ
پيهي مَنجُهه ڪٽيون ڪرين، توه ڳوڻي ۾ هٽ.

هُنن (پيارن پرين جي) پريت ۾ ڪا وِٿي يا ڳهاري نه وجهه، انهن سان ڪو ليکو نه ڪر، (اُن پيهندڙ عورت وانگر) تون اندر ئي اندرِ وچوڙي واري چڪي ۾ پيسجندو رهه. ڪڏهن به اُن چڪيءَ جي هٿيي مان هٿ نه ڪڍ. شاهه لطيف فرمايو آهي:

نهائين ڪان نينهن، سک منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

(80)

اکيون آڪاسانهِ ، فوجون ڪري اُلٿيُون
سوڙهي ڳلي منجهانهِ، سوجهي پرين لهنڌيون.

پنهنجي پرينءَ کي پسڻ لاءِ، اکيون ڄڻ آڪاس مان فوجون ڪري لٿيون آهن. پرين ڪٿي به هجي، ڀلي ڪٿي ڪنهن سوڙهي ڳليءَ ۾ وينو هجي، ته به اُهي پنهنجي پرينءَ کي سولائيءَ سان ڳولي لهنديون.

(81)

اُپرندي سِجان، پرين جي نه پَسَنديُون
ڪَڍي کي ڪانگان، نِوالا نيڻ ڏيان.

جيڪڏهن سِج اڀرڻ سان ئي منهنجون اکيون پنهنجو پرين نه پسن (ٻئي پاسي نهاريندڙيون رهن) ته اهڙيون نياڳيون اکيون ڪڍي ڪانگن کي ڏيان ته ڀلي ان جو لقمو ٿي وڃن.

(82)

جي اکڙين الد، ماءُ سي سڄڻ آئيا
ڳالهڙيون پرين سان اوريان لهي نه سڌ.

اي امڙ! جيڪي پرين اکين کان اڻ لڀ هئا، (جن کي اکيون ڳولهي نه سگهيون) سي مِهر ڪري مون وٽ هلي آيا آهن. وڇڙيل پرينءَ جي ايڏي سڪ هئي، جو جيتريون به پيار محبت جون ڳالهيون ڪريان ٿي، سِڪ پوري نه ٿي ٿئي.

(83)

جَڏهانڪُون پرِيُن، ٻَڌو عَهدُ اکين سين
تڏهانڪُون ترڪ ڪِي، ننڊ مون نيڻن.

جڏهن ڪان منهنجي پياري پرينءَ سان اک اڙي
آهي، تہ مون ان سان نڀائڻ جو وچن ڪيو آهي ۽ ان
وقت کان وٺي منهنجي ننڊ حرام ٿي وئي آهي. ڪنهن
شاعر چيو آهي.

جڏهن ڪان اک لڳي توسان،
تڏهن کان اک لڳي ناهي.

(84)

توڙي هُئِن وَسيُون، مَئِن سَهسين ماڙُهوئين،
اکين کي مُتيُون، جتي هوئِن مان پرين.

جيتوڻيڪ ڪيڏي بہ وَسنءُ هجي، سوين ماڻهو رهندا هجن (پر حق جي طالبن کي اتي آرام نہ ايندو) اکڙين کي آرام اتي ايندو، جتي پيارو پرين هوندو.

(85)

ڪُهي ڪيا شهيدَ، تو جي اکڙين سان
تن ٿُنهنجي تانگِڙي، نہ ڪو عيشُ (نہ عيدَ).

(اي پيارا پرين!) تو پنهنجي قاتل اکين سان جن کي ڪُهي شهيد ڪيو آهي، تن کي تنهنجي ئي تات آهي، نہ ڪين عيش حاصل آهي ۽ نہ وري ڪا عيد جي خوشي ملهائين ٿا.

(86)

ايءُ پر سندي سڄڻان، جي ڪُهن ۽ ڪوئين.

محبوبن جي (هميشہ کان) اها ئي (ظالماڻي) ريت رهي آهي جو پاڻ ئي (عاشقن کي) ڪوئين ٿا ۽ قتل ڪن ٿا.

(87)

جيڪُس نالائِق، آءٌ سِيابِي سَڄڻان
تيلاہ منهنجي سِڪ، سُپريان کي ڪِي نہ ڪَري.

شايد آءٌ انهيءَ جي لائق نہ آهيان، جو پياري پرينءَ جي سڳ سياپي، مِنّي ماڻيءَ ۾ اچي سگهان. (انهن جي برابريءَ جي لائق نہ آهيان) تنهن ڪري منهنجي سِڪ پياري پرينءَ تي ڪو اثر نہ ٿي ڪري.

(88)

بنڌِي سَڀِ قرارَ، اسان لوچڻ لوهَڙيين
مٺي تنَ ترار، سَدا سُپرين جي.

هيا سمورا قيدي قرار ۾ آهن، باقي اسان (وڇوڙي جا ماريل) لوهن زنجيرن ۾ لُڇون ڦٿڪون پيا. (چو جو) اسان جي سِر تي محبوبن جي ياد واري ترار سدائين ٽنگيل آهي.

(89)

چوي سَيَڪوءِ، محبتي مانَ ٿيان
اِن دِرِ اگهيو سوءِ، جو سيباڻو سڄڻان.

هر عاشق جي اها سڌ هوندي آهي، تہ ان کي منُي محبوب جي محبت ۽ صحبت نصيب ٿئي. پر محبوب جي در تي اهو ئي مانُ لهي ٿو، جنهن کي اهو محبوب چاهي ٿو.

(90)

جَڏِهن منهنجا سُپرين! ڏِٺئي جيلاهِين
جوڙُ جَهانان اکيُون تويک تيلاهِين.

منهنجا پيارا پرين! جنهن وقت تو پيار پرين نظرن سان نهاريو، تنهن وقت کان ئي اکڙين هيو سارو جڳ ڇڏي، توسان ئي پيار ڪيو.

(91)

سَدَ سيئي ڪَرِين، پريان جي پريتڻي
سڄڻ تني سامُهُون، جي جيءُ جهُومي ڏِين.

هر عاشق پرين جي پريت جي سڌ ڪري ٿو، پر محبوب ان سان پيارُ ڪري ٿو، جيڪي ان تان جان قربان ڪن ٿا (چو تہ عشق ڪا راند نہ آهي. اُتي سر گهورڻو پوي ٿو).

(92)

سُتي، ويٺي، اُٿيي، ڳالهائيندي ڳِيندي
اسان تُسان جي تانگِڙي واتِڙيين ويندي.

اي پيارا پرين! ستي، توڙي ويٺي، اٿيي، ٻيٺي، ڳالهائيندي يا ڳائيندي يا واتن تي ويندي، اسان کي اوهان جي تات تُوت آهي (سفر توڙي حضر ۾ هر وقت پيارو پرين ياد آهي، ان کي هڪ پل بہ وساري نٿا سگهون، چو تہ ان کي وسارڻ اسان جي وس ۾ ناهي).

(93)

جي تو لائِي رَڇمَڇ، تہ ڇپَڻُ لِڪَڻُ لاهہ
زَهَرُ هَلا هلُ هَٿِ ڪر، ڪارڻ پريان ڪاءِ.

جي تو عشق ڪيو آهي تہ پوءِ لڪڻ ڇپڻ ڇڏي ڏي. عشق جو پڌري پٽ اظهار ڪر، (چو تہ عشق ۾ مشڪ ڪين لڪندا آهن) جيڪڏهن پرين توکي آزمائي

پڻ ائي فرمايو آهي ته:

نهائين کان نينهن سک منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

(102)

پريان سندي ڳالهڙي، مَرُ مَنجهين ئي هوءِ
ٻڌائي ٻين کي، ڪيهو ڪاڄ سَريوءِ.

پنهنجي پياري پرينءَ جي ڳالهه (راز) پنهنجي من ۾ رهڻ ڏي ٻين کي ٻڌائڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. (جو ته جڏهن راز پڌرو ٿئي ٿو ته پوءِ راز نٿو رهي).

(103)

سَجڻ منجهه هُئامِ، مون وينئي واءُ ٿيا
هيڏان هوڏان هَٿڙا، هِيئين جاڙ وِڌامِ.

منهنجا سجڻ ته منهنجي من ۾ ئي هئا، مان ڪين سڃاڻي نه سگهيس ۽ هُو هليا ويا، هينئر ڪين ڳولڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن رُلڻ اجايو آهي.

(104)

سُورُ جنهين کي هوءِ، ليهان تِنهين اُيرَن
ڪاٽي ڪو ڏنوءِ، دانهان ڪندو سُورَ ٻن!

جن کي اندر ۾ آزار هوندو، تنهن کي سُورَ سٽون ڏيندا. ٻنان سُور دانهون ڪندو ڪو توکي نظر آيو؟

(105)

اُونهان اندر ماهَ، ٻاهرِ ڏکَ نه پڌرا
ويڄُ ڪَريندو ڏاهَ، پسڻ سان واڍوڙيا.

منهنجي اندر ۾ اونها گهاءَ آهن، پر اُهي ٻاهران نظر نٿا اچن. اهي گهرا گهاءَ ڏسڻ سان حڪيم کان دانهن نڪري ويندي.

(106)

وچاران ٻي ٻٽِ، توڄَلُ ٻاهرِ نِڪري
اسانهنجي هَٽِ، ڪامڻُ لُوسڻُ مَنجهه ٿيو.

آوي (جيڪا ٻاهران ڍڪيل هوندي آهي) تڏهن به ان جي تپش ٻاهر کان معلوم ٿيندي آهي، پر عشق جي آتش ۾ ڪامڻ پچڻ پچڻ جي باوجود، ٻاهر ٻاڦ نه ٿي نڪري.

(107)

روز محشرَ جتهين سَتر سِڄَ تپَن
سَيُوئي جُهڙُ پانئيان، جي مون پرين مڙن.

حشر واري ڏينهن جتي ستر سجن جيتري تپش هوندي، پر جيڪڏهن منهنجو محبوب گڏ هوندو، ته مون کي ايئن محسوس ٿيندو ته ڄڻ مٿان جهُڙ آهي. محبوب جي مهر ڄڻ جهُڙ مثل آهي، تنهن ڪري تپش محسوس نه ٿيندي.

(108)

حقيقي مون سيڻ، وَسن شهر حَقيق ۾،
ڳالهين چون حَقِيقِيان، چوَن حَقِيقِي وڻ.

منهنجا سجڻ سچا آهن، تنهن ڪري اهي سچ واري شهر ۾ رهن ٿا ۽ سدائين حق سچ چوندا رهن ٿا سندن وڻ به حقيقت کان خالي نه هوندا آهن.

(109)

شَفِيقي مون سيڻ، وَسن شهر شَفيق ۾،
ڳالهه چون شفيقيان، چون شَفِيقِي وڻ.

منهنجا محبوب ڏاڍا مٺا ۽ مهربان آهن ۽ اهي سدائين مِهر ۽ شفقت واري شهر ۾ رهن ٿا. هر ڪنهن سان شفقت ڪن ٿا، ڪا نصيحت ڪن ٿا ته اها به شفقت سان ڀريل هوندي آهي.

(110)

ٻاڙي ۾ وَڻُ هيڪَڙو، سو مون گهڻو سُهاءِ،
ٿار وِهاري سَڄَڻان، ڇڙي پيي وٽراهِ.

منهنجي ٻاڙي ۾ هڪڙو وڻ آهي، جيڪو مون کي ڏاڍو وڻي ٿو، ان جي ٿڌي ڇانوَ منهنجي سجڻ کي سڪون ٿي ڏئي، تنهن ڪري اهو هڪڙو ئي وڻ ڄڻ وڏي وٽراهه آهي.

(111)

اڃا ٻَکهه مَ پَسُ، وَرُ ميرا ئي هنجهڙا
رَتا جي خالق سين، تني لڳي مَ ڪَسُ.

اڃا ٻکهه ڏسي ايئن نه سمجهه ته اهي سهڻا آهن (رنگ تي هرڪجي نه پَٽُ) انهن کان سهڻا هنجهه پڪي آهن، توڙي جو انهن جو رنگ ميرانجهڙو آهي. اهي پنهنجي خالق سان رتل آهن، تنهن ڪري انهن کي ڪو داغ لڳي نٿو سگهي.

(112)

سَرُ سُڪِي ڪڙيُون ٿيو، اُڏڻ لڳي ڪيهه
مانا سَر جي هنجهڙي لڏي ڇڏيو ڏيهه.

وڏو تلاءُ سُڪي ڪيڙي ٿي ويو، اتان مٿي پئي اڏامي. انهيءَ وڏي تلاءَ ۾ رهندڙ هنجهه، اتان اڏامي هليو ويو.

(113)

هُنَ سَرَ سندا هَنجهڙا، اِتي ئي آهين
ڳالِهين رب پَرِتيان جو مَنگي تنهه ڏين.

هُن تلاءَ جا هنجهه، اڃا اتيئي موجود آهن (ڇو جو تلاءَ ۾ وڏو پاڻي موجود آهي) يعني هن جڳ ۾ اڃا به ڪي پيارا ٻانهپا رهن ٿا، جيڪو ڪائنات الله جي پيارن ٻانهن جون ڳالهيون پڇي ٿو ته ان کي انهن الله وارن جا سهڻا ٻول ٻڌائين ٿا.

(114)

دِل اندر دَرياءُ، پُڇين ڪِيان سَمُوندَ ڪَلَ
ماڻِڪَ اِي سَرياءِ، ڇُڳي چوڪا نہ ڪڍِين!

اي طالب! تنهنجي دل جي اندر درياءُ آهي (تنهنجي دل ئي درياءُ آهي) پوءِ سمنڊ جي پڇا ڇو ٿو ڪرين. تنهنجي دل واري درياءَ ۾ موتي موجود آهن، اهي اتان چونڊي ڇو نہ ٿو ڪڍين؟

(115)

سُتا اُٿي جاڳُ، راتِڙين سَيَئي وِهاڻِيان
مَٿِئِن اياڳُ، پرين وِسارِيُئِي مُڪِري.

اي غافل! ڇو سُتو پيو آهين، غفلت واري ننڊ ڇڏي اُٿي سجاڳ ٿي، نہ تہ تنهنجون سڀ راتيون (سارو وقت) غفلت ۾ گذري وينديون، توتي اياڳ (نياڳ) اچي ويو، جو تون پنهنجي پرينءَ سان ڪيل واعدي تان ڦري وئين.

(116)

سُتُون سَڄي راتِ، مُنهن ڍَڪي مُٺن ڇئين
نہ تو سَمَرَ تاتِ، نہ جهوري تو آهِ ڪا.

اي نادان! تون سڄي رات مُنهن ڍڪي مٺُن وانگر ستو پيو آهين. ڏِگهي سفر لاءِ ڪو سعيو ڪو نہ ٿو ڪرين. توکي ان لاءِ ڪا ڳڻتي بہ ڪانہ آهي. (هن بيت ۾ غافل انسان کي آخرت واري سفر لاءِ سمر ڪٺڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي).

ڀٽائي ان بيت کان متاثر ٿي فرمايو:

سُتيئن سنجهيئي، مُنجهن ويڙهي مُٺن جئن،
اوجاڳا اڪين کي، ڄاتئہ نہ ڏيئي،
هٿان تو پيئي، ٿي ڪڇو ڪيڇين کي ڪرين؟

(117)

سُتون ڪيهي ساءِ، تو مَٿي ڪَپَرُ ڳُڙي
هَڻُ تِتائِين ڪاءِ، جتي توهنجو تڪِيو.

اي غافل انسان! ڪپرَ ٿو ڪن ڪري، تڏهن بہ تون ستو پيو آهين! جتي تون ويٺو آهين، اتي درياءُ ڪلاڙ ٿو ڪري (ڀاڪيندڙ پاڻي ٿي)، اهي ڌو ڌڪاوَ توکي ٻڏڻ ۾ نہ ٿا اچن؟)

ڀٽائي ان بيت کان متاثر ٿي فرمايو:

پندر جان پئي، تہ سُڪاڻيا مَ سُمهيو،
ڪَپرُ ٿو ڪُن ڪري، جئن واٽي منجهه مهي.
هيڏو سُور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪئا.

(118)

ٻيان ڪُون ڪيا رويئي، ڏک آپڻي ڪُون رو
ٻنڌ سمل، ٿي ساختي، اِٿ نہ رهسي ڪو.

اي نادان! تون رڳو ٻين جي (مرڻ) تي روئين ٿو (توکي بہ آخر هتان هلڻو آهي) انهيءَ ڏک ۾ روءُ. سَمرُ ٻڌ، تيارُ ٿي، ڇو تہ (هيءَ دنيا فاني آهي) هتي ڪوبہ نہ رهندو.

(119)

مَنجهِين مائو ناهِ ڪِين پَسَڻ کي ڳهاٽي
دُنِي ڪُسُونبي رَنگ جِيُون، وِينَدَئي وِهاٽي.

جيڪو پري کان ڏسڻ ۾ ڳهاٽو، ڳهرو ۽ سهڻو ٿو نظر اچي، سو حقيقت ۾ مائيدار ڪونهي (اهو نظرن جو دوکو آهي).

هيءَ دنيا ڪنهنبي جي رنگ وانگر آهي، ان جو رنگ روپ جٽادار نہ آهي (تنهن ڪري تون دنيا جي دوکي ۾ نہ اچ).

(120)

جان جان سو نہ پَسن، جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا
تان تان سَنياسين، وَرِهہ وِهامي راتڙي.

جيستائين هو سچو سائين (پنهنجو مرشد) نہ ٿا ڏسن، جن جي خاطر هُو جوڳي ٿيا آهن، تيستائين انهن سڪ وارن سنياسين کي هڪ رات بہ ورهيہ واري

محسوس ٿئي ٿي.

(121)

جوڳي جاڳيوس، سُتو هوس ننڊ ۾
ٿِهان پوءِ ٿيوس، سَندي پريان پيچري

مان تہ غفلت جي ننڊ ۾ ستو پيو هوس، مون کي کنهن جوڳي (هادي) اچي سجاڳ ڪيو. ان کان پوءِ ئي مان محبوبن واري واٽ (سنئين راهہ) تي آيس.

(122)

پيرين پاڻُ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوءَ لهُ
ٿُهان ڌار نہ سُپرين، مُنهُ مَنجهئين پاءِ.

اي طالب! پهريائين تون پاڻ مان پاڻپڻو ڪڍي ڇڏي، (نفس ماري ڇڏ) پاڻ وڃائڻ کان پوءِ هُو (محبوب) ڳولي لهي سگهندين. اهو پيارو پرين توکان پري ناهي. تون اندر ۾ جهاتي پائي ڏس تہ اهو منو محبوب توکي نظر ايندو.

ڀٽائي فرمايو آهي تہ:

نائي نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.

(123)

جيئن ڦِقُرُ ماهَ ۾، اِيئن روزا عيدَ نمازَ
اُجان آهي ڪا ٻئي، الله سَندِيَ حاجَ

جيئن جسم ۾ ڦقڙ آهن، تيئن روزا، عيد ۽ نماز آهن (اهي تن من صاف ڪن ٿا) ۾ الله سان ملڻ وارو عمل (انهن سان گڏ) ڪو ٻيو آهي. (حقوق الله سان گڏ حقوق العباد بہ ضروري آهن).

ان بيت کان متاثر ٿي ڀٽائي فرمايو:

روزا نمازون، اِي پڻ چڱو ڪم،
اُوکو ٻئو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

(124)

رَبُ سُڃاڻڻ سُترو، پاڻُ سڃاڻڻ ڏک
تان تان ڪج مَ سُکُ، جان جان پَسين پاڻ کي.

پنهنجي پروردگار کي سُڃاڻڻ سؤلو آهي، پر پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جيستائين پاڻ کي سڃاڻي نہ سگهين، تيستائين آرام سان ويهي نہ رهہ.

(125)

توکي توڙائين، 'لا' سين لاٽائون
اجان پڻ 'آئون'، واريو وِجهين وچ ۾.

توکي تہ اصل کان وٺي 'لا' (نفي) سيکاري وئي آهي، تڏهن بہ تون 'آئون' (پاڻ) آڻيو وچ ۾ وجهين! (اي نادان! اڳ ۾ نفي آهي، ان کان پوءِ اثبات آهي) (ڪلمي پاڪ ۾ بہ اول نفي آهي، پوءِ اثبات آهي).

(126)

'لا' لاهِيندي ڪَن ڪي، 'لا' مورهين ناهِ
بالله ري پريانهہ، ڪَٿُ نہ ڏِسي ڪِي ٻيو.

'لا' (نہ، انڪار) ڪنهن جي نفي ڪندي، 'لا' تہ اصل آهي ئي ڪا نہ. الله جو قسم، پرين کان سواءِ ٻيو ڪجهہ آهي ئي ڪين، تنهن ڪري ٻيو ڪجهہ نظر ئي نٿو اچي. (جڏهن الله کان سواءِ ٻيو ڪجهہ آهي ئي ڪين، تہ پوءِ 'لا' ڪنهنجي نفي ڪندي).

(127)

پهرين ۽ پاڻُ پَرَک، پرين پَرکڻ سؤڪِڙا
دَرُ پِيي سوئِي رَکُ، ڄِتان ڏِکائون لهين.

اي طالب! پهريائين پاڻ کي سڃاڻ (جو تہ اهو ڏکيو ڪم آهي) پرين کي سڃاڻڻ سؤلو آهي. انهيءَ ئي در تي وڃي سين هڻ، جتي توکي ڪي حاصل ٿئي.

(128)

اسين سِڪُون جَن کي، تان سي اسين پاڻُ
هاٿي وچ گُماڻ، سَهي سُڃاتا سُپرين.

اسين جن لاءِ سِڪون پيا (حقيقت ۾) سي تہ اسين پاڻ آهيون. اندر ۾ اٽڪڙ شڪ گمان مون کان ڀڄي پري ٿي، چو جو مون پنهنجي پياري پرينءَ کي صحيح نموني سڃاتو آهي.

(129)

پاٽِي وانگي رَنگَ ۾، پاٽو واڱُ رَتاس
رڱينڊڙ آ پاڻُ ڏٽي، سَڀي رنگَ سَنداس

آءٌ پاٽيءَ جيان پاٽو جاٽي هر رنگ ۾ رچي ويس. رڱينڊڙ بہ پاڻ ڏٽي آهي ۽ سڀ رنگ سندس ئي آهن.

(130)

نہ سو لاهِ، نہ سِري، نہ اوراڙ، نہ پلو
مُوڙهو وَتين جنهِ کي، سو مَن منجهہ نهار.

پيارو پرين، جنهن لاءِ تون حيران ۽ پريشان آهين، سو نہ لاڙ ۾ نہ سري ۾ نہ درياهہ جي اورين پر ۽ نہ پرين پر آهي. اهو تنهنجي من ۾ آهي:

پنائي ان بيت کان متاثر ٿي فرمايو آهي:

وجين چو وٽڪار، هت نہ ڳولين هوت کي،
لکو کين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار.
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

(131)

لِيهان لکَ ڳيامِ، پَسَڻُ -کي پاڻان پرين
سوجهي سيڻ لڏامِ، مَنَ مَنجهين ٿي سُپرين.

پنهنجي پرينءَ کي پسڻ لاءِ مون وڏيون ڪوششون ڪيون. مون مٺي محبوب کي اجايو ٻاهر ٿي ڳوليو، پر اهو پيارو پرين تہ منهنجي من ۾ ئي موجود آهي.

(132)

ٻَهرين ٿِي پيامِ، جو مون ساھُ ئي سيڻان
هِنيَڙو هيجَ پنڌ ڪَري، لڳو ڪَهَ ڪيڻان.

ٻهرين کان (ازل کان) منهنجو ساھُ سپرين سان سوگهو ٿيل هو. منهنجو من خوشيءَ مان پرين واري پيچري تي هلندو رهيو.

(پرين سنئين راھ ڏيکاري ۽ آءٌ ان سنئين راھ تي هلندو رهيس).

(133)

جان (ٿي) پاران پَٽرو، ٻُڌائون (سو) سڏ
مون هِنيَڙو تان ٿي ٽِيو سُپيريان سان گڏ.

جيئن ٿي پرين جي پاران چٽو سڏ ٻڌو سون (الست بربڪم وارو آواز ٻڌوسون) منهنجو من ان وقت کان ٿي پنهنجي پرينءَ سان ملي هڪ ٿي ويو.

(134)

لائي لامُ الف سان، ڪاتبُ لِکي جيئن،
مون هِنيَڙو پريان سان، لڳو آهي تيئن.

ڪاتب جيئن "لام" کي "الف" سان لائي ملائي لکن ٿا. منهنجو من بہ مٺي محبوب سان ايئن ئي ڳنڍيل آهي.

(135)

جِنهِ سَر سَندو نُورُ،
جيلاه سو سُونهون ٿئي
تيلاه لِين سُپرين، ڳالهِ
لهجي مُورُ.

جنهن الله تعاليٰ جو نُور (روشني) ڪنهن جي رهنمائي ڪري، تڏهن ئي محبوب ملن ٿا. اصل حقيقت اها ئي آهي.

(1) هيري ٺڪر اهو بيت هن ريت لکيو آهي:

روز محشر ڏينهڙي، سَتر سِج تپن،
سپوئي جَرُ پانئيان، جي مون پرين مِڙنِ.

ان جي سمجهاڻي هن طرح ڏني آهي:

قيامت جي ڏينهن ستر سج تپن ٿا (حد درجي جي تابش ٿئي ٿي) پر ان ڏينهن جيڪڏهن منهنجو پرين مون کي ملي وڃي تہ مان جيڪر ائين محسوس ڪريان تہ جڻ چوڌاري پاڻي هيٺ ڪري ٺنڍڪ لڳي پئي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هيري ٺڪر جي پيروي ڪندي ان بيت جي اها ساڳي پڙهڻي ڏني آهي:

بيت ۾ آيل لفظ 'جر' ظاهري طور 'جَرُ' پڙهيو ويندو، پر پراڻي صورتخطيءَ موجب اهو 'جُهڙُ' بہ پڙهي سگهجي ٿو. حڪايات الصالحين واري فارسي قلمي نسخي جي حاشيہ تي 'ڏينهڙي' لفظ بجاءِ 'جتهين' لکيل آهي. اهائي پڙهڻي صحيح آهي، چاڪاڻ تہ قاضي قادن جهڙو عظيم شاعر ۽ عالم ساڳي معنيٰ وارو لفظ ساڳي سِٽ ۾ ٻہ ڀيرا آڻي نٿو سگهي. تنهنڪري هن بيت جي اهائي پڙهڻي صحيح آهي. جيڪا حڪايات الصالحين جي حاشيہ تي ڏنل آهي، جيڪا مون هتي ڏني آهي. ۽ هن بيت ۾ 'جَرُ' لفظ کان وڌيڪ موزون لفظ 'جُهڙُ' آهي، چاڪاڻ تہ سِج جي تپش جُهڙ سان ئي جهڪي ٿي سگهي ٿي.

## مددي ڪتاب


1. قاضي قادن جو ڪلام (سنڌ ۾ ان جو اپياس) — هيرو ٺڪر، روشني پبليڪيشن 1996ع
2. قاضي قادن جو رسالو — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1999ع
3. تاريخ معصومي (سنڌي ترجمو) — سنڌي ادبي بورڊ 1985ع
4. ترخان نامو — (سنڌي ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ 2005ع

**قاضي مقصود احمد**
مٽياري

# پير آقا غلام مجدد سرهندي رحہ

## (سوانح ۽ سياسي سرگرميون)

**نسب نامہ حضرت آغا صاحب سرهندي مجدّدي معصومي فاروقي رحہ:**

حضرت آغا عبدالرحيم رحہ بن حضرت ضياءُ الحق شهيد ڪابلي بن شاھ غلام نبي بن شاھ غلام حسن بن شاھ غلام محمد بن شاھ غلام معصوم ثاني بن شيخ محمد صبغت الله بن شيخ محمد معصوم اول بن امام رباني شيخ احمد مجدّد الف ثاني رحہ مخدوم الشيخ عبدالاحد بن شيخ زين العابدين بن شيخ عبدالحي بن شيخ محمد بن شيخ حبيب الله بن شيخ امام رفيع الدين بن شيخ نورالدين بن شيخ نصيرالدين ثاني بن شيخ سليمان ثاني بن شيخ يوسف الثاني بن شيخ اسحاق ثاني بن شيخ عبدالله بن شيخ شعيب بن شيخ احمد بن شيخ يوسف اول بن خواجہ شهاب الدين مشهور بہ فرخشاھ ڪابلي بن خواجہ نصيرالدين اول بن خواجہ محمود بن خواجہ سليمان اول بن خواجہ مسعود بن خواجہ عبدالله واعظ اصغر بن عبدالله واعظ اڪبر بن خواجہ ابوالفتح بن خواجہ اسحاق اول بن خواجہ ابراهيم بن حضرت ناصرالدين (مشهور بہ سالم) بن حضرت عبدالله رضہ بن حضرت عمر الفاروق ابن الخطاب رضہ.

حضرت آغا صاحب رحہ جن جا اٺ فرزند هئا، جن جا نالا هن ريت آهن. پهريون خواجہ عبدالحليم عرف حاجي آغا، ٻيو فضل قيوم عرف فدا مجدّد (جيڪو قنڌار لڏي ويو ۽ هاڻي سندس اولاد اڏيرو لال اسٽيشن ويجهو پير ڳوٺ ۾ پنهنجي ٻنيءَ تي يا ڪراچيءَ ۾ رهي پيو)، ٽيون حاجي محمد عظيم (لاولد)، چوٿون آقا محمد علي، پنجون احمد علي عرف منو جان، ڇهون پير شير علي (لاولد)، ستون پير غلام علي (لاولد)، اٺون پير فتح علي، جيڪو ملير ۾ پير سرهندي ڳوٺ ۾ مدفون آهي. انهن مان وڏو فرزند آغا عبدالحليم ڪانئن پوءِ سندن گادي نشين ٿيو. پير آغا عبدالحليم جان سرهندي صاحب ئي پنهنجي والد جي مزار تي مقبرو اڏرايو، جيڪو 1319هہ ۾ جڙي راس ٿيو. 1331هہ ۾ سندن وفات ٿي. جنهن کان پوءِ سندن فرزند جناب پير آقا غلام مجدّد سرهندي رحہ درگاھ مجدّديہ سرهنديہ مٽياريءَ جي گادي سنڀالي.

**پير آقا عبدالله غلام مجدّد سرهندي رحہ:** ويهين صديءَ جي سنڌ پاڪستان توڙي ننڍي کنڊ جي اهم مذهبي ۽ سياسي شخصيت حضرت پير آقا غلام مجدّد سرهندي رحہ جي ولادت 6 رجب المجرب 1300هہ بمطابق 13 مئي 1883ع تي شهر مٽياري ۾ ٿي. سندن پيدائش مهل سندن والد آغا عبدالحليم ۽ ڏاڏو حضرت آغا عبدالرحيم رحہ ٺٽي ۾ هو. جيئن ئي کين اطلاع مليو، هڪدم مٽياريءَ ۾ هليا آيا ۽ ستين ڏينهن سندن عقيقو ڪرايائون. سندن نالو عبدالله غلام مجدّد رکيو ويو ۽ سندن جد بزرگوار حضرت آغا عبدالرحيم رحہ کين پيرزاده جي لقب سان سرفراز ڪندي چيو تہ "اين پيرزاده هم ست"(يعني هي سڀني جو پيرزادو آهي). پاڻ، قرآن مجيد جي تعليم مٽياري جي مشهور عالم قاضي عبدالرحمان بن قاضي عبدالحڪيم بن قاضي عبدالرحمان کان حاصل ڪئي، جيڪو سندن والد جو بہ استاد هو. فارسي زبان جي تعليم مٽياري جي مشهور عالم قاضي عنايت الله "بيراڳي" کان حاصل ڪيائون. عربي تعليم لاءِ مولانا حسن الله پاٽائيءَ کي خاص طور تي درگاھ شريف مٽياري تي گهرايو ويو. جيڪو ڪافي سالن تائين مٽياري ۾ مقيم رهي پير صاحب کي درس نظامي جي تعليم ڏيندو رهيو. تعليم حاصل ڪرڻ واري عرصي دوران جڏهن پاڻ 14 سالن جا هئا، تڏهن آچر رات 24 جمادي الاول 1314هہ 92 سالن جي ڄمار ۾ سندن مشفق ڏاڏي حضرت آغا عبدالرحيم قدس سره

جن جي رحلت ٿي ۽ سندن والد محترم جناب پير عبدالحليم جان سرهندي صاحب سجاده نشين درگاهه مجدديه سرهنديه مٽياري ويٺو. پير آغا غلام مجدد سرهندي رحه جو حافظو ڏاڍو تيز هو. ان جو هڪ مثال هن طرح آهي جو پڙهائيءَ واري عرصي دوران مولوي حسن الله پاٽائي ذاتي مصروفيتن ڪري پڙهائڻ اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو هو. تنهنڪري سندن والد مٽياريءَ جي مشهور عالم ۽ قاضي القضات قاضي لعل محمد کي پڙهائڻ لاءِ عرض رکيو. قاضي صاحب ڪانئن سوال پڇيا ته انهن جا جواب صحيح ڏنائون، البت هڪ اڌ سوال رهجي ويو. جڏهن قاضي صاحب پاڻ کين اها عبارت پڙهي ٻڌائي ته پير صاحب چيو ته اها ته مون کي ياد هئي، پوءِ هڪدم اها پڙهي ٻڌايائون. تنهن تي قاضي صاحب چيو ته هيءَ عبارت کين ياد نه هئي، بلڪ منهنجي ٻڌائڻ بعد ياد ڪئي اٿس. هن جو حافظو ڏاڍو تيز آهي. بهتر آهي ته سندس پراڻي استاد کي ٻيهر گهرائي هن جي ٻانهن سندس حوالي ڪئي وڃي. تنهن کان پوءِ علامة الزمان مخدوم حسن الله پاٽائي رحه کي ٻيهر مٽياري گهرايو ويو. خود علامه حسن الله پاٽائي اڪثر کين چوندو هو ته توکي ته ڪنهن جي شاگرديءَ جي ضرورت ئي ڪانهي. پر جيئن ته دنيا جو دستور ائين آهي، ان ڪري ئي آئون توکي پڙهايان پيو. پير صاحب 1322هه ۾ فارغ التحصيل ٿيو ۽ 12 جمادالثاني 1322هه تي کين دستار فضيلت ٻڌائي وئي. سندن دستاربنديءَ جي موقعي تي ٽي سو عالم موجود هئا.

**تصوف جي طريقت جو بيان:**

حضرت آغا غلام مجدد المعروف حاجي پيرزاده رحه جن جو تصوف جي نقشبنديه، قادريه، چشتيه، سهروورديه، ڪبرويه، مداريه، قلندريه اويسيه جي سلسلن ۾ پنهنجي والد کان ذڪر ورتل هو.

پهريون حج ۽ اتي ڪيل ذڪر لائق سرگرميون: پير صاحب 1323 هه مطابق 1904ع ۾ پهريون پيرو حج تي ويا ۽ پوءِ ڪجهه عرصو حجاز ۾ ئي رهي پيا. ان عرصي دوران اتي جي مشهور محدث سيد علي وتريءَ کان شاگرديءَ جو شرف حاصل ڪيائون. هن واقعي جي يادگيريءَ طور سائين جن جا فرزند ارجمند جناب پير غلام رسول سرهندي صاحب رحه جن لکن ٿا ته "جنهن وقت آئون ڪيس مليس ته منهنجي هٿ چمڻ تي پاڻ منهنجي پيشانيءَ تي بوسو ڏنائون. جڏهن ويهي حالي احوالي ٿياسون ته وري دوباره اٿي ٻيو بوسو ڏنائون ۽ فرمايائون ته پهريون بوسو عربي دستور هو، ان موافق ڪيڪاريو هو ۽ ٻيو دفعو توهان جو ننڍي عمر ۾ ٻلي ملڪ ۽ ٻلائيءَ ڏانهن منهن هجڻ خاطر مون چمي ڏني آهي. جڏهن تڪميل احاديث ٿي ته منهنجي ضيافت ڪيائون ۽ ٻيهر کارڪون ۽ کير گڏي رڌرائي فرمايائون ته اها ضيافت پيغمبر ﷺ جن، حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه جن جي ڪئي هئي. آئون اها سنت بجا ٿو آڻيان."

پير سائين غلام رسول رحه جي روايت مطابق مديني ۾ ان رهائش دوران جناب پير آغا غلام مجدد رحه جن، شيخ عبدالحق مهاجر مڪي رحه جي تلميذي سلسلي ۾ پڻ داخل ٿيا.(1)

هن موقعي تي علم و ادب ۽ ڪتابن سان سندن دلچسپيءَ جو هڪ واقعو ڄاڻائڻ ضروري سمجهه ۾ اچي ٿو ته "بمبئي جو هڪڙو سيٺ، جيڪو چاچو والد جي نالي سان مشهور هو، انهيءَ کين امانت طور رقم ڏني ته بمبئيءَ ۾ منهنجي پاءُ کي رسايو. ان کان اجازت ورتائون ته اهي پئسا في الحال پنهنجي تصرف ۾ آڻي پوءِ ڳوٺ پهچي تنهنجي پاءُ کي پهچائيندس. هن اجازت ڏني، جنهن تي پاڻ عربي زبان ۾ لکيل اسي هزار روپين جا ڪتاب خريد ڪري پاڻ سان آندا. پوءِ هتان مٽيارين مان اها رقم مالڪ کي رسائي وئي".(2)

**جناب پير آغا غلام مجدد رحه جي شادي خانه آبادي:** سندن شادي والد جي حياتيءَ ۾ ئي 27 رجب المرجب 1329هه تي پوري شان مان سان ٿي. ان سلسلي ۾ عجيب واقعو اهو آهي ته سندن شاديءَ جا ڏينهن ٻڌجڻ مهل سندن والد وٽ موڙيءَ جي نالي ۾ هڪڙو روپيو ۽ هڪڙو ٽڪو رکيل نه هو، پر جڏهن مهل آئي ته دوستن، ماٽن، مريدن ۽ معتقدن سڄو بار پنهنجي ڪلهي تي کڻي ورتو ۽ هن شاديءَ کي تاريخي شادي بنائي ڇڏيائون.

**والد جي وفات ۽ پڳداري:** جناب پير عبدالحليم سرهندي رحه جي وفات 1331ھ ۾ ٿي. جنهن کان پوءِ 27 صفر 1331ھ تي کين سجاده نشينيءَ جي دستار ٻڌائي وئي.

**خلافت تحريڪ ۽ پير آغا غلام مجدد رحه:**

23 نومبر 1919ع تي دهليءَ ۾ پهرين خلافت ڪانفرنس ٿي، ان جي ڪجهه مهينن گذرڻ بعد 19 مئي 1920ع تي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس بمبئيءَ ۾ ٿيو، جنهن ۾ عدم تعاون جي تحريڪ شروع ڪرڻ جوُ فيصلو ڪيو ويو. تحريڪ هلندي 9 سيپٽمبر 1922ع تي ترڪيءَ جي سلطان عبدالوحيد ترڪيءَ تي ڪمال عطا ترڪ جي حامي فوجن جي قبضي کان پوءِ ڀڄي ويو ۽ لڪندي ڇپندي 17 نومبر 1922ع تي وڃي برطانيه جي ملايا ۾ بيٺل جنگي جهاز تي پناهه ورتائين. ڪانئس پوءِ سلطان عبدالمجيد خليفو ٿيو. پر 30 مارچ تي ڪمال عطا ترڪ سندس تختو اونڌو ڪيو.(3)

ان کان پوءِ خلافت جو مڪمل خاتمو اچي ويو. جنهن جي ڪري نتدي ڪنڊ جي مسلمانن جي هلايل خلافت تحريڪ کي به ناڪام ٿي ختم ٿيڻو پيو.

خلافت تحريڪ جون سنڌ ۾ اٽڪل 180 سب ڪميٽيون هيون، جن مان هڪڙي مٽياريءَ ۾ به هئي. ان سب ڪميٽيءَ جو اڳواڻ سيد علي اڪبر شاهه هو. جڏهن ته سيڪريٽري الهڏنو ميمڻ هو. ان کان علاوه پير آغا محمد عمر جان سرهندي رحه ضلعي ڪميٽيءَ جو ميمبر هو(4). جڏهن ته هتي جا پيا به ڪيترائي عالم تحريڪ جا سرگرم ميمبر هئا. هتي اهو چوڻ بجا ٿيندو ته پير آغا غلام مجدد رحه جي شخصيت ڪري مٽياري، سنڌ ۾ خلافت تحريڪ جو مرڪز بڻجي وئي هئي.

هڪ غلط فهمي جو ازالو: اڄ جي دور جا ڪي محقق چون ٿا ته پير غلام مجدد سرهندي پهرين خلافت تحريڪ جي حق ۾ نه هو. ان جو ثبوت اهو آهي ته مڪي جي گورنر شريف حسين جي خلافت جي حق ۾ نڪتل فيض الڪريم جي فتويٰ تي پير غلام مجدد سرهنديءَ به صحيح ڪئي هئي. هتي اهو واضح ٿي وڃڻ گهرجي ته پير صاحب پنهنجي سياست جي شروعات ئي اسلام جي جذبي سان سرشار ٿي خلافت تحريڪ جي پليٽ فارم تان جدوجهد جو آغاز ڪرڻ سان ڪئي. حقيقت اها آهي ته اها دستخط پير غلام مجدد سرهندي مٽياريءَ جي نه، بلڪ پير غلام مجدد سرهندي بن ضياءِ معصوم جان سرهندي شڪارپوريءَ جي هئي، جيڪو 1320ع ۾ جائو. يعني پاڻ پير غلام مجدد مٽياريءَ کان ويهه سال ننڍو هو. هيءُ بزرگ واعظ اسلام طور مشهور رهيو. هن بزرگ جي وفات 1390ھ/1970ع ۾ ٿي ۽ سندس آخري آرامگاهه ماتلي ضلع بدين ۾ آهي. جي.ايم.سيد پنهنجي آتم ڪٿا ۾ چٽيءَ طرح هن بزرگ جو نالو فتويٰ تي صحيح ڪندڙن ۾ ڄاڻايو آهي(5).

اها حقيقت آهي ته جوانيءَ جي ڏينهن ۾ پير صاحب گهمڻ ڦرڻ ۽ دوستيون ياريون رکڻ جا شوقين هوندو هو. ڪيترا ئي انگريز عملدار ۽ مقامي آفيسر سندس واسطيدار هوندا هئا. پر سندس مذهبي رجحان شروع واري دور ۾ به پڌرا پيا هئا. ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ 1912ع ۾ انجمن هلال احمر جي تنظيم ڪاري حاجي عبدالله هارون ۽ مير ايوب خان ڪئي هئي. پير غلام مجدد سرهندي ان وقت ننڍي عمر جو هو. ان دور ۾ به پير غلام مجدد جي ڪوشش سان انجمن لاءِ ٻارهن هزار روپيا گڏ ڪيا ويا.(6)

مولانا عبيدالله سنڌيءَ 1913ع ۾ انجمن خدامِ ڪعبه جو بنياد رکيو. سارا ڊي ايف انصاري، "سنڌ جا پير ۽ برطانوي راڄ" ۾ لکي ٿي ته پير صاحب جي ڪوشش جي ڪري حيدرآباد کان 25 ڪلوميٽر پري مٽياريءَ ۾ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن جي شاخن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ماڻهو ميمبر ٿيا".(7)

خلافت تحريڪ ۾ شموليت کان پهرين پاڻ انهن دوستين يارين تان به هٿ کڻي ڇڏيائون. سندن خاندان کي سرڪار پاران خانقاهه جي خرچ پکي لاءِ ننڍي شهر لڳ سدا واهه تي ڪجهه زمين مليل هئي. جڏهن خلافت تحريڪ شروع ٿي ۽ پاڻ حڪومت جي مخالفت ۾ فتوائون صادر ڪيائون ۽ انگريزي فوج ۾ نه ڀرتي ٿيڻ جي فتويٰ تي دستخط ڪيائون، تڏهن اها زمين پاڻمرادو ڇڏي ڏنائون. ان دور ۾ وڏن گهراڻن کي حفاظت لاءِ بندوقون رکڻ جو پروانو ڏنو ويندو هو.

پير صاحب کي به 24 بندوقون پاڻ وٽ رکڻ جو گزيٽي پروانو مليل هو. پاڻ اهي ڪاغذ به سرڪار کي اهو چئي واپس ڪيائون ته پوءِ جو ڦري وٺن، تنهن ڪان سٺو آهي ته انهن کي پاڻ ئي ڇڏي ڏجي. پروانو واپس ڪيائون، پر هٿيار جمع نه ڪرايائون ۽ اهي يا ته ڀين ضرورتمندن کي ڏئي ڇڏيائون يا زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيائون ته جيئن انگريز سرڪار کي ڪم نه اچي سگهن.(8)

ان دور ۾ انگريزن، ڪين پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ سنڌن دوستن جي واسطي سان ڪيترين ئي لالچون ڏنيون، شمس العلماءَ جي خطاب سان نوازڻ جي پيشڪش به ڪئي، لنبو اسٽيشن تي سرهندي آباد نالو رکڻ جي پيشڪش به ڪئي، پر پاڻ اهي سمورين آڇون رد ڪري ڇڏيائون. هڪ ڀيرو پاڻ ٽرين ذريعي دوري تي وڃي رهيا هئا جو رستي ۾ انگريز ڪلڪٽر گبسن کين ڏٺو ۽ سنڌن لاءِ شربت گهرايو، پر پاڻ اهو شربت پيئڻ کان انڪار ڪندي چيائين ته "جيڪڏهن هن گلاس ۾ شربت بدران تنهنجو رت هجي ها ته آئون ضرور پيان ها. ڇو ته تون اسان جي ترڪ پائرن جو رت پي رهيو آهين". اهو ٻڌي انگريز ڪليڪٽر ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "شايد هن تي منهبي جنون غالب پئجي ويو آهي"(9). انگريز عملدارن سان سنڌن رويي ۾ آيل اهڙي تبديلي دراصل عدم تعاون جي صورت ۾ حڪمرانن ڪان بغاوت جو اعلان هئي، جيئن پير علي محمد راشدي لکي ٿو ته "عدم تعاون جو فيصلو ٿيو ته پير غلام مجدد ٻين ڪان به ٻه پير اڳتي ويو. فتويٰ ڪڍيائين ته "انگريز جو منهن ڏسڻ به ڪبيرو گناهه آهي، جنهن انگريز ڏٺو، سو زيارت رسول ﷺ کان محروم رهندو. عمر گذري ويس، انگريز جو منهن ڪونه ڏٺائين. اوچتو رخ چڙهيس ته پنهنجي منهن کي پڳ جي پلاند سان ڍڪي پني ڏئي هليو ويندو هو."(10)

پر واضح رهي ته پير صاحب جو اهوعمل منهبي ڪٽرپڻي سبب نه هو، ڇو ته اهو رويو انگريز عملدارن تائين محدود هو. باقي ان دور ۾ ئي ڪيترائي هندو عامل ۽ ديوان سنڌن واسطي ۾ هئا ۽ پير صاحب جي گرفتاريءَ جي دوران به درگاهه تي ايندا رهندا هئا. هن سلسلي ۾ به سال سخت پورهئي سان سزا ملڻ تي بزرگ رهنمائن جي ڏنل بيانن ۾ پير صاحب جو بيان ڏسي سگهجي ٿو، جنهن ۾ هن ڪليل لفظن ۾ هندو مسلم اتحاد تي زور ڏنو آهي. ٻيو ته نهيو ۾ آخري عمر تائين سنڌن پاران حيدرآباد ۾ عيد ميلاد النبي جي موقعي تي ٿيندڙ واعظن جي تقريبن ۾ سنڌن ئي واسطي سان هندو ۽ عيسائي به شرڪت ڪندا هئا، جنهن جو وڌيڪ ذڪر اڳتي ڪيو ويندو.

**خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ پير صاحب جون اوائلي سرگرميون:**

پير صاحب، خلافت تحريڪ جي پليٽ فارم تان نهايت سرگرم سياسي جدوجهد جي شروعات ڪري ڏني. ان سلسلي ۾ پير صاحب پنهنجي شهر ۾ خلافت ڪانفرنسون به ڪرايون، جنهن ۾ سماج جي هر طبقي وڏي چڙهي حصو ورتو. انهن ڪامياب ڪانفرنسن جي ڪارڪردگيءَ جو احوال "الوحيد" ۽ "الامين" اخبارن ۾ موجود آهي.

پير صاحب جي صدارت ۾ مٽياريءَ ۾ جيڪي خلافت ڪانفرسون ٿيون هيون. تن مان ٽن جي جاڻ اسان کي ملي سگهي آهي. انهن مان ٻن ڪانفرنس جون رپورٽون مختلف ماخذن جي حوالي سان هتي پيش ڪجي ٿو:

مٽياريءَ ۾ جلسهءِ ترڪ اموالات جي سلسلي ۾ مليل رپورٽ 1: 27 ۽ 28 شعبان تي مٽياري ۾ پير آقا غلام مجدد سرهندي جي صدارت ۾ خلافت ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ هر طبقي ۽ هر پيشي سان لاڳو ماڻهن جو وڏو انگ شامل ٿيو جن ۾ مولوي، ملا، صحافي، زميندار ۽ هاري وغيره شامل آهن.

تقريرن دوران قرباني ۽ جاکوڙ، عزم ۽ ولولي، جذبي ۽ بيقراري جي سچي تصوير اکين جي سامهون هئي. جنهن حڪومت اندر ماڻهن جي ڏک، سور ۽ پيڙا جي اها حالت هجي اها سلطنت ڪهڙي ترقي ڪري سگهندي. جلسي ۾ هيٺيان ٺهراءَ بحال ڪيا ويا.

(1) مسلمانن جي هن جلسي جي گڏيل راءِ آهي ته امير المومنين جي حڪومت کي ڏرين پاران

صلح جا جيڪي شرط پيش ڪيا ويا آهن، اهي نه رڳو اسلام جي بنيادي اصولن ۽ مسلمانن سان ڪيل وعدن جي ابتڙ آهن، پر خود پنهي ترڪن جي انهن جنگي اصولن ۽ مقصدن سان به ٽڪر کائيندڙ آهن، جنهن جي حمايت لاءِ ترڪن وچ ۾ جنگ جو اعلان ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري مسلمانن جو هي ڀرپور اجلاس انهن شرطن کي قبول ڪرڻ کان انڪاري آهي ۽ هي جلسو لاڳاپن ٽوڙڻ جي رٿ کي قبول ڪري ٿو.

(2) جن مسلمانن کي جيڪب آباد يا سنڌ جي ٻين جاين تي خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ جي ڪري سرڪاري عملدارن کان تڪليف پهتي آهي، هي جلسو انهن کي واڌايون ڏئي ٿو ۽ عملدارن جي ظلمن کي جنهن رضا خوشيءَ سان برداشت ڪيو آهي، هي جلسو انهيءَ کي وڏنڊڙ نظر سان ڏسي ٿو ۽ سنڌ خلافت ڪميٽي کي عرض ڪري ٿو ته گرفتار ٿيل انهن مسلمانن جي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جو جلدي انتظام ڪيو وڃي.(11)

مٽياريءَ ۾ جلسهءِ ترڪ موالات جي سلسلي ۾ مليل رپورٽ 2: مٽارين ۾ 3 آڪٽوبر 1920ع جامع مسجد ۾ خلافت ڪميٽي جي سهاري هيٺ جناب حاجي پير غلام مجدد صاحب جي زير صدارت هڪ جلسو منعقد ٿيو. هيٺيان ٺهراءَ بالاتفاق پاس ٿيا.

(1) مولانا ظفر علي خان صاحب سان ۽ اهڙيءَ طرح مولانا بقاءُ الله ۽ ٻين اديان ملت سان همدردي ظاهر ڪندي حڪومت جي انهيءَ بي جا روش تي اظهار ناراضگي ڪئي وئي.

(2) هي جلسہ سياست اخبار جي ضمانت جو هڪ مسلمانن جي واجبي ڳالهه ضبط ڪئي وئي، ان کي پٽري منهبي دست اندازي سمجهي ٿو.

(3) هي جلسہ ترڪ موالات جي جميعت علماءِ هند ۽ قوم جي فيصلہ کي قبول ڪري ان تي عمل ڪري ٿو.

(4) هي مجموع ٺهراءُ ڪري ٿو ته ڪنهن به اميدوار صاحب کي اسلام ۽ ڪلمہ جو قسم وجهي اميدوار تان باز اٿڻ گهرجي.

(5) مٽيارن جا سڀ مسلمان ووٽر جو قريب 20 سو آهن، اهي قسم کڻي انجام ڪن ٿا ته هو ڪنهن به اميدوار کي ووٽ نہ ڏيندا. (ان وقت ڪيترن حاضرينن قسم کڻي ووٽ نہ ڏيڻ جوانجام به ڪيو).

(6) هي جلسہ مسٽر جيرامداس صاحب جو هن قطع تعلقات تي پارٽ واسي جي ايڊيٽري تان هٽ ڪنيو ۽ اهڙيءَ طرح مسٽر سنتداس وڪيل جو شڪريو ادا ڪري ٿو جو صاحب ڪائونسل تان دست بردار ٿيو ۽ پارٽ واسي جي موجوده روش کي نازيبا سمجهي ان سان ناراض "هندو" اخبار کي عزت سان ڏسي ٿو(12).

مٽياريءَ کان علاوه سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ خلافت جي جلسن ۾ اڪثر ڪري پير صاحب شرڪت ڪندو رهيو. ان سلسلي ۾ مخدوم احمد مجتبيٰ ملڪاڻي صاحب 4 جنوري 1920ع تي حيدرآباد ۾ ٿيندڙ خلافت ڪانفرنس ۾ پير صاحب جي شرڪت جو ذڪر پنهنجي تصنيف 'شهاب ثاقب' ۾ ڪيو آهي(13). ان کان علاوه 13 نومبر 1920ع تي ٽنڍي ۾ قاضين جي تلاءَ واري ميدان ۾ پير غلام مجدد سرهنديءَ جي صدارت هيٺ خلافت تحريڪ جي حوالي سان هڪ عظيم الشان جلسو ٿيو، هن جلسي ۾ انگريز راڄ پاران ترڪ خلافت ۽ اسلام دشمنيءَ جي مذمت ڪئي وئي ۽ ترڪن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو ويو.

1920ع ۾ ٿي خلافت تحريڪ پاران هجرت تحريڪ هلائي وئي ته حڪومت هجرت تحريڪ کي ناڪام ڪرڻ لاءِ امن سپائون قائم ڪيون ته جيئن ترڪ اموالات (هجرت تحريڪ) کي ختم ڪري سگهجي. خلافت تحريڪ پاران ترڪ اموالات جي حمايت ۾ هڪ فتويٰ "علماءِ سو" نالي سان ڇپائي وئي، جنهن ۾ ترڪ موالات کي عين اسلامي ثابت ڪيو ويو. مٽياريءَ جي عالمن مان قاضي ابوبڪر، حاجي محمد شاهه ۽ حافظ محمد صالح ميمڻ جون دستخطون بحيثيت عالم جي ان تي موجود آهن.

**ولايتي ڪپڙي بابت خلافت تحريڪ ۾ اختلاف:**

خلافت تحريڪ هلندي هڪ موقعي تي ولايتي ڪپڙو پائڻ يا نہ پائڻ جي سلسلي ۾ عالمن ۾ اختلاف ٿي پيو. مولانا اسدالله شاهہ ٽڪڙائي، جيڪو پاڻ بہ تمام وڏو عالم هو، تنهن اها فتوا ڏني هئي تہ ولايتي ڪپڙي ۾ امامت ڪرڻ جائز نہ آهي. هن فتوا کان پوءِ جتي ڪٿي ولايتي ڪپڙي جو استعمال ختم ڪرڻ لاءِ ولايتي ڪپڙي جا سٿن جا سٿا گڏ ڪري ان کي باهيون ڏياريون ويون. ان معاملي ۾ پير صاحب جو وڏو ڪردار رهيو. ان سلسلي ۾ ويجهي دور جو هڪ ليکڪ حافظ غلام محمد ميمڻ، لکي ٿو تہ "قطع تعلقات تحريڪ شروع ٿي ۽ ديوبند مان بين ڪيترن عالمن جي تصديق سان اها فتويٰ نڪتي تہ غير ملڪي سامراجي ملڪن جي مال ۽ ڪپڙي جو استعمال ناجائز آهي تہ پير صاحب سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهچي، اهو پيغام پهچايو، سندس پرجوش تقريرن تي ماڻهو جلسي ۾ ئي سڀ ڪپڙا ۽ بديشي سامان ڦٽو ڪري ايندا هئا"(14). ۾ هن سلسلي ۾ عالمن جا ٻہ گروپ ٿي پيا. جن مان هڪڙن جو چوڻ هو تہ ولايتي ڪپڙو موجوده حالتن ۾ استعمال نہ ڪئي ڪجي، پر ان کي حرام قرار نہ ٿو ڏئي سگهجي. ان سلسلي ۾ حيدرآباد ۾ هڪ مناظرو ٿيو، جنهن ۾ حرام نہ هجڻ جي حق ۾ مولوي قاضي لعل محمد مٽياروي، مولانا محمد عثمان قراني پنيرو ۽ مولوي عبدالقيوم بختياربوري (دادو) شريڪ ٿيا ۽ حرام هجڻ جي سلسلي ۾ مولوي اسدالله شاهہ ٽڪڙائي، حڪيم شمس الدين حيدرآبادي ۽ مولوي محمد عثمان ڪڏي وارو مناظري ۾ ويٺا. آخرڪار ٽن ڏينهن جي لڳاتار دليل بازيءَ کان پوءِ مولوي معين الدين اجميري (مناظري جو ثالث ۽ راجپوتانا خلافت ڪميٽيءَ جو صدر) پنهنجو فيصلو حلال چوندڙن جي حق ۾ ڏنو. سندس اها فتويٰ رسالي جي صورت ۾ "القول الفيصل في جواز الثياب من الحربي المقاتل جي نالي سان شايع ٿي.(15) اها فتوا قاضي لعل محمد متعلوي جي فتوائن جي بياض ۾ هن طرح موجود آهي:

**سوال:** ڪپڙي ديسي کان سواءِ ٻيو ڪپڙو ڪرڻ ۽ وٺڻ هن وقت ۾ حرام آهي يا نہ؟

**جواب:** ٻيو ڪپڙو جڏهن هيترا ڏينهن اڳي حلال هو، تڏهن اسان کي هينئر حرام چوڻ گناهہ آهي، بلڪ حد لنگهڻ آهي. نص قرآني سان قال الله تعاليٰ يا ايهاالذين آمنو الا تحرمو اطيبات ما احل الله لکم و لا تعتدو و ان الله لا يحب المعتدين باقي مصلحت ڪري نہ وٺڻ ۽ نہ ڏکڻ سا ٻي ڳالهہ آهي. وهو تعاليٰ اعلم.(16)

ان دور ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جو ائين مارجي وڃڻ وڏي ڳالهہ هئي. اهو شهيد آخوند محمد رحيم سڄي هندستان ۾ خلافت تحريڪ جو پهريون شهيد هو. ان جي شهادت تي سڄي هندستان ۾ غائبانہ جنازي نماز پڙهي وئي. پير علي محمد راشدي، پير آغا غلام مجدد سرهندي جي ذڪر ۾ نالو وٺڻ کان سواءِ آخوند محمد رحيم جي شهادت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ "......پير مجدد خود انگريزن جي مٽي وڃائڻ لاءِ لٺ ڪٽي باهر نڪري پيو. پوليس فائرنگ ۾ جان جي پهرين قرباني سندس ڳوٺ مٽيارين ۾ پيش ٿي. انهن ڏينهن ۾ هڪڙي انسان جو مرڻ بہ وڏي ڳالهہ هوندي هئي."(17)

ترڪ موالات تحريڪ جي هلندي پير صاحب جا ڪيترائي بيان الوحيد اخبار جي ان وقت جي شمارن ۾ شايع ٿيل آهن، جن ۾ مسلمانن جي سڀني طبقن پيرن، سجاده نشينن توڙي عام مسلمانن کي ترڪ موالات لاءِ تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

**مشهور زمانہ خالق ڏنہ هال ڪيس جي سلسلي ۾ پير صاحب جي گرفتاري:**

8، 9، 10 جولاءِ 1921ع تي ڪراچيءَ جي مشهور خالقڏنہ هال ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ مولانا محمد علي، مولانا شوڪت علي، مولانا حسين احمد مدني، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، مولانا نثار احمد ڪانپوري، شري شنڪر آچاريہ، ڊاڪٽر تيرٿداس ۽ سنڌ مان فقط پير غلام مجدد جن اها

قرارداد پاس ڪرائي تہ انگريزن جي فوج ۾ شامل ٿيڻ حرام آهي. اهو ٺهراءُ مولانا محمد علي پيش ڪيو. انهيءَ ٺهراءَ جو سنڌي ترجمو ڪري ان ڪانفرنس ۾ پير غلام مجدد سرهندي پيش ڪيو ۽ پير صاحب ٺهراءَ جي تائيد ۾ تقرير پڻ ڪئي. پنهنجي تقرير ۾ پير صاحب چيو تہ "هي جلسو مسلمانن لاءِ برطانوي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ کي حرام قرار ڏئي ٿو"(18). ان بنياد تي ئي پير صاحب تي بہ ٻين سان گڏحڪومت پاران "خالقڏنہ هال وارو مقدمو" هليو.

خالقڏنہ هال واري اجلاس جي سلسلي ۾ لاتعداد عالم سڳورا ۽ ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا هئا، پير آقا غلام مجدد سرهندي کي بمبئي مان ايندي ٽنڊوالهيار ريلوي اسٽيشن تي گرفتار ڪيو ويو. جيئن ئي اها خبر شهر جي ماڻهن کي پهتي تہ هڪدم ريلوي اسٽيشن تي ميڙ گڏ ٿي ويو ۽ ماڻهو ريل جي پٽڙيءَ تي سمهي پيا. سپاهين کان اهي ماڻهو هٽايا نہ ٿيا تہ انهن پير آقا غلام مجدد کي گذارش ڪئي تہ ماڻهن کي هٽڻ لاءِ چيو وڃي. پوءِ ماڻهو پير صاحب جي سمجهائڻ تي ريل جي پٽڙيءَ تان اٿيا. اها ساڳي حالت حيدرآباد اسٽيشن تي ۽ ڪوٽڙي اسٽيشن تي بہ درپيش آئي ۽ اتي بہ پير صاحب ماڻهن کي سمجهائي پٽڙيءَ تان اٿڻ لاءِ چيو(19).

**مقدمي جي ڪارروائي ۽ پير صاحب جو بيان:** 26 سيپٽمبر 1921ع تي خالق ڏنہ هال ۾ ئي سٽي مئجسٽريٽ جي آڏو سماعت شروع ڪئي وئي. مولانا محمد علي ۽ سندس ساٿين تي اهو الزام هو تہ انهن 8، 9، 10 جولاءِ تي ڪراچي خلافت ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ۽ اهڙيون قراردادون منظور ڪيون، جن ۾ برطانوي فوج ۽ پوليس کي بغاوت تي اڪسايو ويو آهي. مولانا محمد علي ان ڪانفرنس جي صدارت ڪئي، مولانا حسين احمد اصل قرارداد ڪانفرنس ۾ پڙهي ٻڌائي. ڊاڪٽر ڪچلو، مولانا نثار احمد ان جي تائيد ڪئي. سوامي شنڪر آچاريہ ۽ پير غلام مجدد ان جي حق ۾ تقريرون ڪيون ۽ مولانا شوڪت عليءَ مرڪزي خلافت ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري هئڻ جي حيثيت ۾ ڪانفرنس جي اها قرارداد ڇپرائي.(20)

فرد جرم عائد ٿيڻ بعد انهن رهنمائن کان بيان ورتو ويو. جڏهن پير صاحب جو وارو آيو تہ پاڻ هن طرح بيان ڏنائين:

"دنياوي قانونن ۽ تعزيرات هند جو پورو پورو احترام مان ڪريان ٿو. پر رڳو تيستائين، جيستائين اهي قانون اسان جي قرآن پاڪ جي حڪمن يا اسان جي مذهبي جذبن ۾ ڪنهن بہ قسم جي مداخلت نہ ڪن. پر جنهن وقت ڪا دنياوي قوت اسان کي اسان جي مذهب ۾ بي پروائي ڪرڻ تي مائل ڪري، ان وقت اسان بحيثيت مسلمان جي اهو خيال ڪندا آهيون تہ اسان جو اهو فرض آهي تہ اسان ان طاقت سان هر قسم جو لاڳاپو ختم ڪري ڇڏيون. الله تعاليٰ قرآن حڪيم ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ اهي ماڻهو جيڪي هن قانون کان واقف آهن ۽ ٻين تائين ان کي پهچڻ نہ ٿا ڏين، انهن تي سندس غضب نازل ٿيندو ۽ مان هڪ مسلمان، هڪ عالم ۽ پير آهيان. ان ڪري مون تي وڌيڪ فرض ٿو ٿئي. منهنجي پروردگار جيڪي فرض مون مٿان عائد ڪيا آهن، مان مجبور آهيان تہ انهن حڪمن جي تبليغ ڪريان. جيڪڏهن اسان جيڪي ڪجهہ چيو آهي، اهو جرم آهي تہ مدرسي جو هر مسلمان استاد جيڪو پنهنجن شاگردن کي قرآن پاڪ پڙهائي ٿو ۽ ان جي معنيٰ سمجهائي ٿو، اهو بہ اسان سان گڏ مجرم آهي. ڪابہ شيءِ اهڙي نہ آهي، جنهن کان مونکي ڊپ يا خطرو هجي. نہ مان جيل کان ڊڄان ٿو، نہ ئي ڦاسيءَ کان. جيڪڏهن خداوند عالم جي ارشاد جي ادب ۽ احترام ۾ مان سزا لائق ٿو ٻڌجان تہ مان پنهنجي مذهب لاءِ تڪليف ڪٽڻ پنهنجي لاءِ خوشقسمتيءَ جو ڪارڻ سمجهندس".

پير صاحب جيوري ۽ سيشن جج کي مخاطب ٿيندي فرمايو "توهان کي خبر آهي تہ مسلمان عام طور تي خلافت جو ڪيترو نہ احترام ڪندا آهن. پر اسان کي اهو حڪم بہ ڏنو ويو آهي تہ جيڪڏهن اسلام جو خليفو پنهنجا فرض پورا نہ ڪري، جيڪي قرآن مجيد مطابق مٿس لاڳو ٿين ٿا تہ مسلمان کيس بہ نظرانداز ڪري سگهن ٿا. مان اهو سمجهڻ کان قاصر آهيان تہ حڪومت اسان کان ڇا تي ڪرائڻ گهري

جيڪڏهن حڪومت ڪا اهڙي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ چوي جنهن جي قرآن پاڪ ۾ اسان کي منع ڪيل آهي تہ اسان ائين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏينداسين. پلي اها اسان کي ڦاسيءَ تي لٽڪائڻ جي ڌمڪي چو نہ ڏي.

جيڪڏهن توهان پنهنجي مذهب جو احترام ڪريو ٿا تہ توهان ڪنهن مسلمان جي نقطہ نظر کي بہ سمجهي ويندا، جنهن لاءِ سندس مذهب ايترو ئي پيارو آهي، جيترو توهان لاءِ آهي. قرآن پاڪ اسان کي حڪم ٿو ڏي تہ اسان سخت ترين سزا جو ڀپ هوندي بہ ڪنهن مسلمان کي قتل نہ ڪريون. هاڻي ڇا توهان اسان کي چوندا تہ اسان ان قادر مطلق جي حڪومت جي احڪامن جي تعميل نہ ڪريون، جنهن جي خوشنوديءَ تي اسان جي موجوده زندگي ۽ اسان جي مستقبل ٻنهي جو انحصار آهي ۽ هڪ دنياوي حڪومت جي تعميل ڪري پنهنجي ضمير کي ماري ڇڏيون ۽ پنهنجي خداءِ پاڪ و برحق جي هٿان دائمي سزا جي تڪليف برداشت ڪريون. اسان صرف هڪ پيرو قرارداد جي تحريڪ ۽ تائيد ڪئي هئي، پر انهن هزارين مسلمانن جي باري ۾ ڇا حڪم آهي، جيڪي قرآن مجيد جون آيتون روزانو پڙهن ٿا. ڇا توهان ڪين ائين ڪرڻ کان روڪي سگهو ٿا؟ ڇا توهان انهن کي تاحيات قيد ۽ ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڏيندا؟ ۽ جيڪڏهن توهان انهن سان اهڙو سلوڪ ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيندا تہ بہ اهي ڪلندي کڏندي ڦاسيءَ تي چڙهڻ پسند ڪندا، ان جي پيٽ ۾ تہ اهي پنهنجن انهن فرضن جي ادائگيءَ ۾ ڪوتائي ڪن، جيڪي الله تعاليٰ انهن تي عائد ڪيا آهن."(21)

هيءُ بيان ماتحت عدالت ۾ ڏنل هو. 24 آڪٽوبر 1921ع تي ڪيس سيشن ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو، جتي مٿين فرد جرم عائد ڪيو ويو. جنهن ۾ مڪمل تفصيل سان واضح ڪيو ويو تہ مذڪوره ست اڳواڻ (1) محمد علي رامپوري (2) حسين احمد ديوبندي (3) ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو امرتسري (4) پير غلام مجدد مٽياري (5) نثار احمد ڪانپوري (6) ڀارتي ڪرشنا تيرٿ جي (7) شوڪت علي رامپوري دفعہ 120، 109، 131، 505 تعذيرات هند تحت ڏوهاري آهن ۽ سيشن ڪورٽ کي ان جي سماعت جو اختيار آهي.

عدالت ۾ پيشيءَ دوران پير غلام مجدد، انگريز حڪومت جي هڪ ڪارستانيءَ تان پڙدو کڻندي عدالت کي ٻڌايو تہ "رات جو ڏهين ٻارهين وڳي ڌاري پير تراب علي شاهہ کي وٽس ڪوٺڙيءَ ۾ موڪليو ويو ۽ ان جي ذريعي مونکي معافي گهرڻ جي ترغيب ڏني وئي. پير غلام مجدد حڪومت جي ان روش جي خلاف سخت اعتراض ڪيو ۽ چيو تہ پير تراب علي شاهہ مون وٽ رات جو آيو ۽ هن مونکي اهو چئي معافي گهرڻ جي ترغيب ڏني تہ خود مئجسٽريٽ ڪيس مون وٽ موڪليو آهي ۽ اهو بہ تہ ٻين ملزمن بہ معافي گهري ڇڏي آهي ۽ هن اهو بہ چيو تہ مان افغانستان جو دوست آهيان ۽ ساڳيءَ طرح مولانا محمد علي ۽ مولانا شوڪت علي بہ افغانستان جا دوست آهن. هن مونکي ٻڌايو تہ جيڪڏهن مان معافي نہ گهرندس تہ مونکي پنج سال سخت قيد جي سزا ڏني ويندي ۽ مونکي جيل جي چڪي پيسڻي پوندي. پير غلام مجدد قطعي طور تي عدالت کي ٻڌايو تہ هو چڪي پيهندو، پر معافي نہ گهرندو. جج سندس ان بيان جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو."(22)

پير صاحب هڪ موقعي تي هيئن بہ چيو تہ "جيڪڏهن ڪوئي وقت جو حاڪم اسان جي مذهبي حڪمن جي ابتڙ اسان کان ڪنهن ڳالهہ جي گهر ڪري ٿو تہ انهيءَ کي نيست ۽ نابود ڪرڻ رڳو منهنجو ئي نہ پر 33 ڪروڙ مسلمانن جو فرض آهي. اسان تي سپاهين کي برغلائڻ جي باري ۾ سازش جي الزام ۾ مقدمو هلايو ويو آهي، پر اسان ڪڏهن بہ انهيءَ معاملي ۾ بحث نہ ڪيو آهي. مان مسلمان عالم ۽ پير آهيان، مونکي ضرور قرآني حڪمن موجب عمل ڪرڻو آهي. مون اڃا تائين پاڻ بہ انهيءَ حڪم جي پوئواري نہ ڪئي آهي. مون رڳو نهراءَ جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي. فتويٰ عالمن سڀني لکي آهي، جيڪا قرآني حڪمن موجب جوڙيل آهي. انهيءَ تي صحيح ڪرڻ ۽ انهيءَ جي پيروي ڪرڻ منهنجو فرض آهي. الله سائينءَ جو فرمان آهي تہ جيڪي ماڻهو خدا جي قانون کي سمجهندا آهن، انهن کي گهرجي تہ اهي دنيا جي ڪنبڪرڇ ۾ انهيءَ جي تبليغ ڪن، نہ تہ انهن

تي خدا جي لعنت وسندي. هڪ آيت ۾ آهي ته ”عالمن جو فرض آهي ته رب جي حڪمن کي هر ماڻهوءَ تائين پهچائين“. هڪ ٻي آيت ۾ آهي ته ”توهان انهيءَ صورت ۾ نيڪ سمجهيا ويندو، جنهن صورت ۾ توهان منهنجو حڪم انسانذات تائين پهچائيندا“. هاڻي ڇا اسان کي رب جي انهيءَ حڪم جي پيروي ڪرڻ گهرجي يا حڪومت جي؟“ جيڪڏهن ڪلام مجيد جي حڪمن جي پوئواري ڏوهه جو ڪم آهي ته پوءِ سڀني عالمن تي، جيڪي هزارين شاگردن کي روزانو قرآن شريف جي تعليم ڏين ٿا، هڪ ڏينهن اسان وانگر قانوني عدالت ۾ مقدمو داخل ڪيو ويندو. منهنجي خاندان جي هڪ بزرگ تي مقدمو هلايو ويو هو، جو ته هن هڪ مسلمان بادشاهه جي حڪم جي اڳيان ڪنڌ نه جهڪايو هو، پر جيڪڏهن مونکي هڪ غيرمسلم حڪومت جي خلاف اسلامي حڪمن موجب پيروي نه ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سوريءَ تي چاڙهيو وڃي ته به مان پنهنجو پاڻ کي ڀاڳن وارو ليکيندس.“

”تنهنجي کهڙي وڏي، مسلمان بادشاهه آڏو ڪنڌ نه جهڪايو هو.“ جج، پير صاحب کان پڇيو، جنهن تي پير صاحب هن طرح واقعو ٻڌايو. ”اسان جا بزرگ رياست پٽيالہ ۾ رهندا هئا. جڏهن ته خاندان جا باقي ماڻهو افغانستان ۾ رهندا هئا. هڪ ڏينهن جهانگير بادشاهه اسان جي جدامجد (حضرت امام رباني شيخ احمد مجدد الف ثاني رحہ) کي گهرايو. هن جو ڪنڌ جهڪائڻ لاءِ هن کي هڪ ننڍي دروازي مان لنگهڻ جو حڪم ڪيو، پر هن اهو چئي انهيءَ حڪم جي پيروي نه ڪئي ته هن صرف خدا جي اڳيان ڪنڌ جهڪايو آهي، تنهنڪري اهو ڪنڌ ڪنهن انسان اڳيان نه جهڪندو. حڪومت سان لاڳو ماڻهن بادشاهه کي چيو ته پير صاحب، بادشاهه جي طاقت جو مقابلو ڪري رهيو آهي. انهيءَ تي بادشاهه حڪم ڏنو ته هن کي جيل ۾ وڌو وڃي. هن کي گواليار جي جيل ۾ موڪليو ويو، پر اها جيل ڪراچي جيل وانگر نه هئي. پر رڳو نظربندي هئي. ڪجهه عرصي بعد بادشاهه کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ هن پير صاحب وٽ وڃي ڪانئس معافي گهري. اهڙيءَ طرح حڪومت به تائب ٿي اسان کان معافي گهرندي“.

”توهان هاڻي پنهنجي اصل بيان تي اچو“. جج، پير صاحب جي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ پير صاحب کي واپس پنهنجو موقف بيان ڪرڻ لاءِ چيو. جنهن کان پوءِ پير صاحب پنهنجي فتويٰ بابت قرآن جا حڪم بيان ڪندي عدالت کي ٻڌايو ته: الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو ته: ”مومن کي قتل نه ڪريو. هاڻي خدا جو ارشاد اهو آهي، پر حڪومت چئي ٿي ته اسان وڃي پنهنجن مسلمان ڀائرن سان جنگ جوٽيون ۽ جيڪڏهن اسان پنهنجن ڀائرن کي رب جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪرڻ کان روڪينداسين ته اسان کي سوريءَ جو سينگار بڻايو ويندو. پر جيڪڏهن مسلمان کي اسلام جي ڪري قتل به ڪيو وڃي يا سوريءَ تي چاڙهيو وڃي ته مسلمان کي ڪا پرواهه ڪانهي. مولانا حسين احمد انهيءَ سزا جي باري ۾ توهان کي ڪيترين ئي آيتون ۽ حديثون ٻڌايون آهن، جيڪي مسلمانن جي قاتلن کي ڏنيون وينديون. مان انهن آيتن کي ورجائڻ نه ٿو گهران. مان صرف اهو چوڻ چاهيندس ته الله تعاليٰ اسان کي قرآن شريف ۾ ست دفعا حڪم ڏنو آهي ته مسلمان جي قتل ۾ ڪنهن به شخص جي مدد نه ڪريو. جيڪڏهن ڪو مسلمان قتل جو خيال ڪري ڪنهن مسلمان جي طرف تلوار سان اشارو به ڪري ته انهيءَ جي ڳچيءَ ۾ ابدي لعنت جو ڳٽ وڌو ويندو. قرآن حڪيم ۾ اسان لاءِ ٻن قسمن جا حڪم لکيل آهن. (1) امر (2) نهي. نهي ۾ اهي ڪم آهن، جن کان اسان کي بچڻو آهي. الله سائينءَ جو حڪم آهي ته مسلمان کي قتل نه ڪريو. جيڪڏهن ڪنهن ته منهنجي نافرمان ٻانهن ۾ توهان جو به شمار ڪيو ويندو. هاڻي ڇا اسان کي الله تعاليٰ ۽ قرآن حڪيم جي پيروي نه ڪرڻ گهرجي؟ ۽ ڇا اسان خدائي حڪمن کي انسانذات تائين نه پهچايون؟ مسلمان، ڪٿي انهن جي ذات، رنگ ۽ فرقو ڪهڙو به هجي، اولهہ، اوڀر، ڏکڻ، اتر، ڪٿان جا به رهڻ وارا هجن، هندستان، عربہ مراڪش، ترڪي ڪنهن به ملڪ جا رهاڪو هجن، جيڪڏهن هو هڪ ئي ڪلمو يعني لا الله الا الله محمد الرسول الله ﷺ پڙهڻ وارا آهن ته اهي سڀ هڪ جسم جي عضون جي برابر آهن. جيڪڏهن

مان پنهنجي مسلمان پائرن جي فوج ڪي پنهنجي مسلمان پائرن جي قتل ڪرائڻ لاءِ انگولا يا ترڪي ڏانهن ويندي ڏسان تہ انهن کي الله تعاليٰ جي عذاب کان بچائڻ لاءِ مان انهن تائين خدا جا احڪام نہ پهچايان؟ انهن ستن سنون حڪمن جي باوجود اسان محض ٺهراءَ جو ترجمو ڪيو آهي“.

پير صاحب پنهنجي تقرير جاري رکندي چيو تہ ”اسانجي نبي سڳوري ﷺ پنهنجن آخري ڏهاڙن ۾ ارشاد فرمايو، ”مان توهان کي حڪم ڏيان ٿو تہ بيت الله شريف اسان لاءِ مقدس آهي، پر مسلمان جو خون انهيءَ کان بہ وڌيڪ مقدس آهي.“ مسلمانن لاءِ قرآن حڪيم کان پوءِ ڇهہ ڪتاب مستند آهن، جن کي صحاح ستہ ڪوٺيو ويندو آهي. انهن ڪتابن موجب صرف ٽن حالتن ۾ مسلمان جو قتل جائز آهي:

(1) قصاص يعني جان وٺڻ جي بدلي جان وٺڻ

(2) جڏهن هو زنا جو ڏوهي هجي.

(3) جڏهن هو اسلام جي مقدس قانون کان ڦري وڃي.

ان صورت ۾ جيڪڏهن اسان هن حڪومت جي اطاعت ڪريون ۽ ترڪن سان وڙهڻ لاءِ انگريز حڪومت جا سپاهي بڻجون تہ ظاهر آهي تہ اسان جي حيثيت اها ٿيندي جو اسان ڪافر ٿي ويندا سين ۽ اسان ڦاسيءَ تي چڙهڻ يا قتل ڪرڻ جي لائق بڻجي ويندا سين. جيڪڏهن اسلامي حڪومت نہ هجڻ جي ڪري هن دنيا ۾ سزا نہ بہ ملي تہ آخرت ۾ سزا ضرور ملندي. هڪ حديث ۾ آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن مسلمان جي خلاف هٿ ۾ تلوار کڻندو تہ خدا ۽ سڀ فرشتہ انهيءَ تي لعنت موڪليندا. ايستائين جو اها تلوار هٿ مان ڦٽي ڪري ڇڏي. انهيءَ قسم جون اڻ ڳڻيون حديثون آهن، جيل جي حبس ۾ بند رهي اسان صرف 80 يا 90 حديثون ياد رکي سگهيا آهيون.

پيشيءَ جي ٻئي ڏهاڙي تي شنڪر آچاريہ کي بہ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. جيئن تہ مقدمي جي ڪارروائي دوران ملزمن اٿي بيهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري کين اٿاري بيهارڻ لاءِ سندس ڪرسيون ڪائڻ ڪسيو ويون. پر هنن بزرگن ضد ۾ اچي پٽ تي ويهڻ قبوليو. هن موقعي تي هندو مسلم اتحاد جو هڪ انوکو مثال سامهون آيو جو مولانا محمد علي جوهر، شنڪر آچاريہ جو احترام ڪندي پنهنجو ڪوٽ لاهي پٽ تي وڇايو تہ جيئن پاڻ ان تي ويهي سگهي.

ڪيس جو فيصلو 1 نومبر 1921ع تي ٻڌايو ويو. فيصلي موجب جيوري جي اڳواڻ مسٽر رامچند تلسيداس 131 ۽ 120 ب جي ڏوهن مان سڀني کي آزاد ڪيو. جيوري ۾ ڏيارام گدومل جي راءِ موجب سڀ ڏوهي باعزت بري ڪجن پر جيوري جي چئن ميمبرن 505 ۽ 109 مطابق ۽ مولانا محمد علي جوهر تي 117 ب ثابت ٿئي ٿي پر سوامي شنڪر آچاريہ تي ڪوبہ ڏوهہ نہ آهي، ان ڪي جج آزاد ڪري ٻين کي پير صاحب سميت ٻہ ٻہ سال سخت پورهئي سان سزا ڏني. مولانا جوهر کي ٻہ سال وڌيڪ سزا ڏني پر شرط اهو رکيو تہ ٻئي سزائون گڏوگڏ شروع ٿينديون.“

سزا وارو دور: سزا واري عرصي دوران کين مختلف جيلن ۾ رکيو ويو. اهي ٻئي ورهيہ کين مختلف ذهني اذيتون ڏنيون ويون. سندن ڪوليءَ جي بيت الخلا جو گٽر ڇاٽي واٽي بند ڪيو ويندو هو. جنهن ڪري پاڻي اٿلي ڪوليءَ ۾ اچي پوندو هو. اهو ان ڪري ڪيو ويندو هو تہ جيئن پاڻ اهڙي ماحول ۾ تلاوت نہ ڪري سگهن. پير صاحب کي ٻين قيدين سان ملڻ کان بہ روڪيو ويندو هو. ان سلسلي ۾ ”الوحيد“ اخبار جي 16 اپريل 1923ع واري اشاعت ۾ ٻڙودا جيل ۾ قيد واري عرصي جي هڪ ڪافي تفصيلي رپورٽ ڇپيل آهي، جيڪا هن طرح آهي:

”جناب پير آقا غلام مجدد صاحب سرهندي کي پهريائين جنهن هنڌ رکيو ويو هو، اتان عام قيدين جي لنگهہ جي آفيس ڏانهن وڃڻ يا وهنجڻ لاءِ حوض تي وڃڻ جي واٽ هوندي هئي ۽ هو ايندي ويندي پير صاحب جن کي سلام ڪندا هئا. اها ڳالهہ جيل وارن کي شايد پسند نہ آئي، تنهنڪري پير کي وٺي وڃي اسپتال جي ڪمپائونڊ ۾ رکيائون، جتي هڪ ڪنڊ تي فقط ٽي ڪوٺيون بينل آهن ۽ ان ۾ جنگ جي وقت ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ ترڪ نظربندن کي رکندا هئا. انهن ٽن ڪوٺين مان هڪ جناب پير صاحب کي سمهڻ ۽ ويهڻ لاءِ ڏنل آهي، ٻئي ۾ هڪ مقدم مرهٽو رات

ڏينهن پير صاحب تي نظر رکڻ لاءِ رهندو آهي. ٽي ۾ پير صاحب لاءِ غسل وغيره لاءِ بندوبست آهي. پير صاحب وٽ مقدمر رات ڏينهن ان لاءِ رکيل آهي ته پيو کوبه ماڻهو پير صاحب سان گفتگو ڪري نه سگهي ۽ اهو مقدمر پاڻ به اڪڙي تڪڙي مرهٽي ڪانسواءِ ڪجهه نه ڄاڻي. اهڙي مقدمر سان ڳالهائڻ پاڻ لاءِ مٽي جو سور خريد ڪرڻ آهي. پير صاحب ڪاغذ جي سري تي قرآن شريف جي آيت لکي. ترجمان اهو ڪاغذ ڏسي واپس ڪيو ۽ پير صاحب کي چيو ته هيءُ آيت سرڪار ڏانهن اشارو ٿي ڪري، تنهنڪري اها آيت ڊاهي رکو ڪاغذ جو احوال لکو ته موڪليو وڃي. جنهن تي پير صاحب فرمايو ته ان قرآن شريف جي اطاعت ڪري آئون هت آيو آهيان. قرآن شريف جي آيت کي آئون ڪڏهن نه ميٽيندس. ڪاغذ موڪليو نه ته نه موڪليو. تنهن ڪان پوءِ پير صاحب ڪاغذ لکڻ بند رکيو آهي."

پونا جيل ۾ رهائش دوران هڪ دفعي هڪ انگريز جيڪو سپرنٽنڊنٽ هو، سو پڙتال ڪندي جڏهن پير صاحب جي ڪوليءَ ۾ آيو ۽ اتي پيل ٿيلهو، جنهن ۾ قرآن شريف به رکيل هو، انهيءَ کي ٺڏو هنيائين. جنهن تي پير صاحب بک هڙتال ڪري ڇڏي. ڏينهن گذرندا ويا، پير صاحب بک هڙتال ختم نه ڪئي. روز سندن وزن ڪري بالا عملدارن کي رپورٽ ڏني ويندي هئي. چوويهين ڏينهن گورنر بمبئي جو پاڻ ان مسئلي لاءِ پونا جيل ۾ آيو ۽ پير صاحب ڪان اچي مامرو پڇيائين. جنهن تي پير صاحب ٻڌايو ته رات جو بتي بند ڪئي ٿي وڃي ۽ پاڻيءَ جو نيڪال ٻاهران بند ڪري اندر ڏانهن پاڻيءَ جو منهن ڪيو ٿو وڃي، جنهن سان سڄي ڪوٺڙي پرجيو وڃي. اصل ۾ ان جو مقصد مون کي بي آرام ڪرڻ هوندو آهي ته جيئن نه ويهي سگهان، نه سمهي سگهان، نه پڙهي سگهان. ٻيون به ڪيترين ئي تڪليفون ڏنيون ٿيون وڃن. باقي اها ڳالهه رهيل هئي جو منهنجو ٿيلهو، جنهن ۾ قرآن شريف رکيل هو، ان کي ٺڏو هنيو ويو، تنهن تي مون هڙتال شروع ڪري ڏني. سندن شڪايت ٻڌي گورنر ان جو ازالو ڪيو ۽ ان سان گڏ جيل ۾ بانگ ڏيڻ ۽ سڀني مسلمانن کي باجماعت نماز پڙهڻ جي اجازت ملي. نماز ڪان پوءِ قيدي ذڪر اذڪار به ڪري سگهندا هئا. ان سلسلي ۾ هڪڙو واقعو ياد رکڻ جهڙو آهي جو ڦاسيءَ جي سزا ٻاتل ٽي هندو، جيڪي پنهنجي دين تي سختيءَ سان ڪاربند هئا، سي قرآن شريف جي تلاوت ۽ ڪلمي شريف جو ورد ٻڌي مسلمان ٿيا. ان جي هڪ هفتي بعد کين ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو.(23)

**بندي خاني ۾ قرآن حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ:** اهڙين سختين هوندي به پير صاحب انهن ٻن سالن ۾ قرآن شريف حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري ورتي. اهي مصيبتون پير صاحب کي پنهنجي اصولي موقف تان تر جيترو به هٽائي نه سگهيون. تحقيق سندن ان صبر ۽ استقامت کين مٽياريءَ جي هڪ درگاهه جي سجاده نشين مان هندستان جي لکين صاحب دل باشندن جي دلين جي درگاهن جو سجاده نشين بنائي ڇڏيو.

**پير صاحب رحہ جي قيد دوران بي امان جي مٽياريءَ ۾ آمد:**

ان عرصي دوران مولانا محمد علي جوهر ۽ شوڪت علي جي والده ۽ مولانا محمد علي جي گهر واري به پنهنجن ساٿين سميت مٽياريءَ ۾ آيون. الهڏني ساند ريلوي اسٽيشن تي سندن شايان شان استقبال ڪيو ويو. انهن، خلافت تحريڪ جي پهرئين شهيد آخوند محمد رحيم جي شهادت واري جاءِ جو پڻ معائنو ڪيو. هيءُ وفد ٽي ڏهاڙا مٽياريءَ ۾ ترسيل هو. ان دوران مٽياريءَ وارن 1400 روپيه چندو ڪري سندن حوالي ڪيو، جيڪا ان وقت جي لحاظ ڪان وڏي رقم هئي. هي واقعو سندن فرزند جناب پير غلام رسول سرهندي رحہ جن پنهنجي تصنيف ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي، "مولانا محمد علي ۽ شوڪت علي جي والده ۽ بيگم محمد علي مع رفقاءِ سندن جيل ۾ هجڻ واري وقت ۾ هت مٽيارين ۾ پهريون پيرو آيا. سندن شايان مرتبه جي الهڏني ساند (ريلوي اسٽيشن) تي استقبال ڪيو ويو. جتان سڌا درگاهه تي آيا ۽ چيائون ته اسان خاص پير صاحب جي ڪري هي سفر اختيار ڪيو آهي ته سندن عيال ۽ اولاد کي ڏسون جو اسين انهيءَ خاندان مجدديه جا مريد به آهيون ۽ (ان سلسلي ۾) رامپور وارن حضرات جا نالا ورتائون. ٽي راتيون کين عزت و احترام سان حويليءَ ۾ ترسايو

جيل جي سزا ڀوڳي چڪو هو. مون کي ان ڏينهن وارو نظارو اڄ به اکين اڳيان پيو ڦري. پير صاحب مرحوم غسل ڪري، نوان اڇا ڪپڙا پهري، مٿي تي سفيد پڳ ٻڌي، کلي مشڪي، ٽهڪندو ٽهڪندو اٿي روانو ٿيو. خدا ڏسي ٿو، ائين ٿي لڳو ته ڄڻ ڪو سهڻو سينگاريل گهوٽ پنهنجيءَ ڄڃ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هلڻ لڳو آهي. اهو پهريون ڏينهن هو. حڪومت جي چاڙتن اڳ ۾ ئي هلائي ڇڏيو هو ته جلوس تي فائرنگ ٿيندي ۽ گهڻا ماڻهو شهيد ٿي ويندا. شڪ هو ته هندن کي به اهڙي سڌ هئي، جنهن ڪري اهڙي نظاري ڏسڻ لاءِ هو به رستي جي ڪنڌن پاسن مان اکيون لائي بيهي رهيا هئا، ٽهڪندي پير غلام مجدد صاحب چوندو ويو ته ”آئون گوليءَ وکهي مران ته منهنجو لاش ساڳين ئي ڪپڙن ۾ عام مجاهدن جي لاشن سان گڏ، بنا غسل ڏيارڻ جي پورائي ڇڏجو، جيئن قيامت ڏينهن به انهن سان گڏ بارگاهه ايزديءَ ۾ حاضر ٿيڻ جو موقعو ملي“. سندس اهو گفتو ٻڌي اسان ٻڌڻ وارن جون اکيون ته آليون ٿي ويون، پر پاڻ بي فڪر، بي پرواهه، الله توآهر چوندو روانو ٿي ويو. سنت ئي ستياگرهين جي جلوس سان گڏ گرفتار ٿي وڃي جيل ۾ رسيو.(26)

راشدي صاحب موجب ستياگرهه هلندي هڪ ڏينهن پوليس جي پهري مان ڳتو ڏسي ستياگرهين منزل گاهه جي چوديواري تي حملو ڪري ڏنو ۽ زور سان پٽ ٽپي اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. پٽ تي سرڪار سوڊا جي بوتلن جا ڀڳل نوڪدار شيشا هڻائي ڇڏيا هئا، جيئن ديوار ۾ هٿ وجهندڙن جا هٿ وڍجي پون. ڪوٺا وارا ۽ انگريز پوليس ڪپتان ٻڌايو ته ان جتي جون اڳواڻ ڳوٺائيون زالون هيون، جيڪي هڪدم ڊوڙي وڃي چوديواريءَ جي شيشن لڳل ديوار سان چنبڙي مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. سندن هٿ وڍيا پئي، هٿن ۽ ٻانهن مان خوب رت پئي وهيو، پر ان هوندي به پٽ ٽپڻ جي ڪوشش کان باز نٿي آيون. مون ان ڏينهن محسوس ڪيو ته اسان جي شاهه سونهاري، ڀٽائي گهوٽ، سنڌ جي مومل، مارئي ۽ سسئي کي اجايو ڪونه ساراهيو هو.(27)

4 آڪٽوبر تي مسلمانن کي مسجد جو قبضو مليو. پر ان کان پوءِ فساد شروع ٿي ويا. ان عرصي دوران پير آغا غلام مجدد سرهنديءَ جي دليراڻي قيادت جو واقعو اڳتي لکجي آيو آهي. پاڻ مسجد جو قبضو ملڻ تائين قيد ۾ هو ۽ سندن گرفتاري مسلمان ستياگرهن جا حوصلا وڌائي رهي هئي.

هي بيان پڙهندڙن کي ياد رکڻ گهرجي ته پير صاحب ڪٽر مذهبي ماڻهو نه هو. ان جو اندازو خلافت تحريڪ جي شروعاتي ڏينهن ۾ 26 مئي 1920ع تي سڄي ننڍي کنڊ وانگر مٽياريءَ ۾ هندن سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڍڳيءَ جي قرباني نه ڪرڻ واري اپيل مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن جي محرڪ سندن شخصيت هئي. ان کان سواءِ خلافت تحريڪ دوران غير مسلم سياستدانن سان سندن اٿ ويٺ ۽ سندن گرفتاريءَ وارن ڏينهن ۾ اڪثر هندو اڳواڻ سندن وارثن سان ملڻ به هن ڳالهه جو ثبوت آهي. ٿورو اڳتي آزاد سنڌ ڪانفرنس جي حوالي سان آيل بيان ۾ پير صاحب پاران پيش ڪيل هندو مسلم اتحاد جي قرارداد به سندن مذهبي رواداريءَ جي جذبي جو پڌرو ثبوت آهي. باقي جتي به ڪنهن غير مسلم توڙي مسلمان اسلامي شعائر جي بيحرمتي يا اسلامي اصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي ٿي، اتي سندن جهادي جذبو ۽ جوش پڌرو ٿي ٿي پيو. اهو ئي سبب هو جو جڏهن مسجد منزل گاهه جي معاملي ۾ ڪن هندو صاحبن اها دعوي ڪئي ته اگر مسلمانن جلوس ڪڍيو ته اسان ان تي گولي هلائيندي به دير نه ڪنداسين، تڏهن پير صاحب ان ڌمڪيءَ کي اسلام لاءِ للڪار سمجهي سر تي ڪفن ٻڌي نڪري پيا. اهو مسجد منزل گاهه جي سلسلي ۾ پهريون جلوس هو.

جناب پير غلام رسول سرهندي رحه هندو انتها پسندن پاران شروع ڪيل ڪن معاملن جي خلاف پنهنجي والد پير آغا غلام مجدد سرهندي رحه جي شرڪت جي نشاندهي هنن لفظن ۾ ڪئي آهي ته ”قلعي جي قبرن ڊهڻ وارو معاملو، جيڪو هندن ڊهرايون ۽ هوشو شهيد وارن جون قبرون هيون ۽ پريا روڊ جي مسجد شريف، جيڪا گهر جي هيٺ تي آئي ۽ جنگشاهيءَ ۾ مسجد جي پٽ تان جيڪا هندن خواهمخواه مسلمانن کي نهرائڻ نه ٿي ڏني. اسلام ڪوٽ واري پهرين مسجد جيڪا هندن اڏڻ نه ٿي ڏني

۽ خواه مخواه ٽنگ تي ٽنگايائون. ڪانپور واري مسجد لاءِ ته مولانا محمد علي جي گهرائڻ تي فوراً پهچي ويا.“(28)

### خلافت تحريڪ جي خاتمي بعد پير صاحب جون ٻين تحريڪن سان وابستگيون

**جميعة العلماءِ هند:**

پير آقا غلام مجدد سرهندي صاحب جميعة العلماءِ هند جي اڳواڻن مان هو ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو. حافظ غلام محمد ميمڻ لکي ٿو ته ”جميعة العلماءِ هند ۾ شامل هئا، پر بعد ۾ پاڪستان جي تحريڪ لاءِ ان جماعت جي پاڪستان جي تحريڪ سان متفق گروپ يعني جميعة العلماءِ اسلام ۾ شامل ٿيا. 1946ع جي چونڊن ۾ حيدرآباد ۾ ان جو جلسو ڪرايائين، جنهن ۾ مولانا شبير احمد عثماني ۽ مفتي محمد شفيع ۽ ٻيا هندستاني عالم به شامل ٿيا. ان بعد سڄيءَ سنڌ ۾ گهر گهر تحريڪ پهچايائون“.(29)

سيد محمد زين العابدين راشدي لکي ٿو ته ”پاڻ ڊگهي عرصي تائين جميعت علماءِ هند جا اڳواڻ رهيا. پر جڏهن اهلسنت جماعت جي عالمن، جميعت تان استعفيٰ ڏني ته پاڻ به استعفيٰ ڏنائون. پير صاحب جن هندن جو بائيڪاٽ ڪيو. هندن جو ڪجهه قرض مٿن هو، انهن چيو ته جيڪڏهن توهان ڪانگريس ۾ شامل ٿي وڃو ته اسان سمورو قرض معاف ڪري ڇڏينداسين، نه ته ڊگري جاري ڪرائينداسين. ان جي جواب ۾ پاڻ پنهنجي زمين وڪڻي سندن قرض ادا ڪيائون، پر پنهنجي ايمان جو سودو نه ڪيائون.“(30)

جميعة العلماءِ هند جي حوالي سان هڪ جلسو ڍورو نارو لڳ اسٽيشن گرائونڊ تي رکايو ويو هو. جنهن جي صدارت پهرين ته شيخ عبدالمجيد سنڌي کي ڪرڻي هئي، پر ڪانگريسي اڳواڻن پاران ڪيل وٺ پڪڙ جي ڪري اهو جلسو ٻي ڏينهن ملتوي ڪرڻو پيو. جيڪو ٽن ڏينهن کان پوءِ وڏيري احمد عالماڻي پلي (ڳوٺ عالم پلي ضلع عمر ڪوٽ واري) جي ڪوشش سان پير آقا غلام مجدد سرهندي رح جي صدارت ۾ ڪرايو ويو.

### سنڌ آزاد ڪانفرنس ۾ پير غلام مجدّد سرهندي رحہ جو ڪردار:

انگريزن جي قبضي مهل سنڌ الڳ ملڪ جي حيثيت رکندي هئي. جنهن کي انهن پنهنجي سهولت خاطر نه رڳو هندستان سان ملائي ڇڏيو، بلڪ هيڏي ساري ملڪ جي سرحدن جي توهين ڪندي، ان کي صوبائي حيثيت ڏيڻ بدران مورڳو بمبئي صوبي سان جوڙي ڇڏيو. ان بعد سنڌ جي بمبئي کان آزادي جي سلسلي ۾ ست ڪانفرنسون منعقد ٿيون، جن ۾ سنڌ جي جداگانه حيثيت جي بحالي لاءِ سنجيدگي سان سوچيو ويو ۽ ٻي گول ميز ڪانفرنس ڪانپوءِ به ڪانفرنسون جن کان پوءِ ”سنڌ آزاد ڪانفرنس“ نالي سان مستقل جماعت قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو، جنهن جو صدر، سر شاهنواز خان ڀٽو، نائب صدر خانبهادر محمد ايوب کهڙو، جنرل سيڪريٽري سيد ميران محمد شاهه کي چونڊيو ويو ۽ سڀني ضلعن جي نمائندن تي مشتمل هڪ ورڪنگ ڪاميٽي چونڊي وئي(31).

ان سلسلي ۾ سائين جي.ايم.سيد پاران حيدرآباد جي نمائندن طور (1) جناب پير آقا غلام مجدد صاحب (2) مير بنده علي خان ايم. ايل. سي، (3) پير ميان بقادار شاهه صاحب (4) مخدوم ميان غلام حيدر صاحب جن جا نالا ڄاڻايا ويا آهن.(32)

هن ڪانفرنس جي استقباليه ڪميٽيءَ جو صدر پير آقا غلام مجدد صاحب سرهندي هو ان موقعي تي سندن پڙهيل خطبو بعد ۾ اسٽنبرڊ پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد سنڌ پاران ڇپيو ويو، جيڪو سندن اعليٰ درجيٰ جي بصيرت جو اظهار ڪري ٿو.

آزاد سنڌ ڪانفرنس جي هن ان اجلاس ۾ جناب پير آقا غلام مجدد سرهندي پاران هڪ رٺ پيش ڪئي وئي هئي، جيڪا هن ريت آهي: ”هيءَ ڪانفرنس سنڌ جي مسلمانن جي طرفان سنڌ جي هندن کي يقين ٿي ڏياري ته هو سنڌي هندن کي ڀائرن وانگر ڪري ليکيندا رهندا ۽ هميشه انهن سان برادرانه سلوڪ ڪندا رهندا. هيءَ ڪانفرنس وڌيڪ اهو اعلان ٿي ڪري ته جيڪڏهن سنڌ جدا صوبو ٿيو ته اهي برادرانه لڳ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا ۽ هندن جا حق محفوظ رکيا ويندا. هن ڪانفرنس کي اميد آهي ته سنڌ جا هندو

هن ڪانفرنس جي انهن خيالن کي پسند ڪندا ۽ مسلمانن سان انهيءَ ڪم ۾ مددگار ٿيندا ته سنڌ ۾ جيڪي مختلف قومون رهن ٿيون، تن ۾ وڌيڪ مٺ محبت پيدا ٿئي. هيءَ ڪانفرنس سنڌ جي هارين ۽ مزورن کي به خاطري ٿي ڏئي ته ان جا حق ۽ نمائندگي پوريءَ طرح سان محفوظ رکي ويندي.“(33)

1935ع ۾ ڪيل آئيني سڌارن تحت پهرين اپريل 1936ع ۾ ئي سنڌ کي بمبئي کان الڳ صوبو قرار ڏنو ويو ۽ ان تحت 1937ع ۾ سنڌ ۾ الڳ اسيمبلي قائم ڪري اليڪشن ڪرائي وئي. ته هن تحريڪ جو بنيادي مقصد حاصل ٿي ويو، جنهن کان پوءِ تنظيم ختم ڪئي وئي.

**پير صاحب جي مسلم ليگ ۾ شموليت:**

جڏهن پير صاحب ٻه سال قيد بامشقت ڪاٽي آزاد ٿيو ته انهن اڳواڻن، کين مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. ان سلسلي ۾ 10 فيبروري 1924ع تي اجلاس ٿيو، جنهن ۾ پير صاحب، مسلم ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. پر ان دوران مسلم ليگ جي صوبائي باڊيءَ جي چونڊ ٿي، تنهن ۾ پير صاحب اهو چئي حصو وٺڻ کان انڪار ڪيو ته پاڻ ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهندو. هن اليڪشن ۾ سيٺ حاجي عبدالله هارون صدر، محمد ڪامل شاهه نائب صدر، شيخ نورمحمد سيڪريٽري ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي خزانچي مقرر ٿيا. پير صاحب البته سترهن رڪني سنڌ ڪائونسل ۾ شموليت اختيار ڪرڻ جي حامي ڀري هئي.

محمد صادق قصوري صاحب لکي ٿو ته ”مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ بعد پير صاحب ڏينهن رات دورا ڪري پوريءَ سنڌ ۾ ان جون شاخون کولرايون ۽ ان کي اصل معنيٰ ۾ عوامي پارٽي بڻائي ڇڏيو. جڏهن 8، 9، 10 آڪٽوبر 1938ع تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس جو انعقاد ٿيو ته ان ۾ چئني طرفان سنڌ جي ماڻهن جي بي پناهه شموليت ڏسڻ وٽان هئي.

پير صاحب سان خلافت تحريڪ جي حوالي سان تعلق رکندڙ عالم ڪانگريس سان واسطو رکندا هئا. جڏهن پير صاحب سڄي گروهه جي پيٽ ۾ مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي ته سندس سڀ واسطيدار عالم سندن مخالف ٿي بيهي رهيا. علماء يڪ قلم ڪانگريسي ٿي ويا. جوڻيءَ کان ننهن تائين مولانا محمد صادق، مولوي دين محمد وفائي، مولوي عبدالڪريم چشتي، حڪيم محمد معاذ وغيره ۽ ٻيا جيڪي به انهن جا ساٿي يا شاگرد يا استاد هئا، اهي اخبارن ۾ مٿن حملا ڪرڻ لڳا. اصلاح اخبار ان سلسلي ۾ سخت پروپيگنڊ ڪندي رهي. محمد علي جناح جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪم ڪرڻ تي به اعتراض واريو ويو. جناب پير غلام رسول صاحب فرزند پير آقا غلام مجدد سرهندي جي ڪتاب ’انساب نامہ ذڪر آل مجدد الف ثاني رضہ‘ ۾ لکيل آهي ته ”مسٽر محمد علي جناح جي اڳواڻيءَ جي مسئلي بابت فرمايائون ته اسان نماز ته نٽا سنڌن پٺ ۾ پڙهون، بلڪ هڪ وڪيل، جيڪو انگريزن ۽ هندوئن کي پورو پورو منهن ڏيو بينو آهي ۽ ڳالهائڻ جي سگهه آهيس ۽ اهڙو ليبر نہ ملي سگهندو.“

**1938ع ۾ سنڌ ۾ مسلم ليگ جي ڪانفرنس ۽ نئين سر تنظيم ڪاري:**

1936ع ۾ سنڌ کي صوبائي حيثيت حاصل ٿي. ان بعد سنڌ ۾ سياسي سرگرميون وڌيڪ تيز ٿي ويون. جن جي سلسلي ۾ 1938ع واري مسلم ليگ ڪانفرنس کي وڏي اهم حيثيت حاصل آهي، جيڪا 8 آڪٽوبر کان شروع ٿي ۽ 11 آڪٽوبر تائين هلي. هن ڪانفرنس ۾ هندستان جي وڏن اڳواڻن مان بنگال جي وزير اعظم، مولوي فضل حق، پنجاب جي وزير اعظم سردار سڪندر حيات، آسام جي وزير اعظم سعيد الله خان، کان علاوه ٻين وڏن اڳواڻن مان قائد اعظم محمد علي جناح، لياقت علي خان، ۽ ٻين به ڪيترن ئي اڳواڻن شرڪت ڪئي.

هن ڪانفرنس ۾ سنڌ جي اهم نمائندن مان سر حاجي عبدالله هارون، پير آقا غلام مجدد سرهندي ۽ سائين جي.ايم.سيد قابل ذڪر آهن. 10 آڪٽوبر واري اجلاس ۾ پير صاحب تقرير ڪئي، جنهن ۾ پاڻ تقرير ڪندي چيائين ته ’منهنجو اڪثر تعلق اسلامي دنيا سان رهيو آهي ۽ فلسطين سان منهنجو روحاني پيوند آهي. اتي مان ڪيترائي دفعا ويو آهيان.‘(34) ان بعد فلسطين ۾ برطانيہ جي عرب مسلمانن خلاف ظلمن

جي خلاف هڪ ٺهراءُ پاس ڪري يهودي نواز پاليسين ڪي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

محمد صادق قصوري لکي ٿو ته 'پير صاحب پنهنجي ايمان افروز ۽ باطل سوز خطاب ۾ مسلم ليگ جي لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ حضرت قائداعظم کي مخاطب ٿي فرمايائون ته سنڌ مسلم ليگ اوهان کي يقين ڏياري ٿي ته قيام پاڪستان جي سلسلي ۾ هن کي ٻين صوبن کان پويان نه پائيندا. جنهن تي حضرت قائداعظم خوشيءَ جو اظهار ڪيو. ان اجلاس ۾ قائداعظم جي مشوري سان سنڌ مسلم ليگ جي تنظيم نئين سرعمل ۾ آئي. سنڌ مسلم ليگ پارٽيءَ جو بنياد رکي سڀني اسيمبلي ميمبرن کي چيو ويو ته هو مسلم ليگ ۾ شامل ٿين“(35).

هن ڪانفرنس جي صدارت قائد اعظم محمد علي جناح ڪري رهيو هو. سندس صلاح تي سنڌ مسلم ليگ جو بنياد نئين سري سان رکيو ويو.

هن سلسلي ۾ جيڪا پهرين باڊي قائم ڪئي وئي، ان ۾ هينيان عهديدار شامل هئا.

| | |
|---|---|
| صدر: | حاجي عبدالله هارون |
| نائب صدر: | پير غلام مجدد |
| نائب صدر: | محمد ايوب کهڙو |
| جنرل سيڪريٽري: | شيخ عبدالمجيد سنڌي |
| جوائنٽ سيڪريٽري: | علي محمد راشدي |
| جوائنٽ سيڪريٽري: | غلام نبي پٺاڻ |
| خزانچي: | غلام حسين هدايت الله(36) |

پير آقا غلام مجدد سرهندي رحہ جو مسلم ليگ ۾ شموليت کان پوءِ جو ڪجهه رڪارڊ مختلف ڪتابن مان مليو ٿو، گهڻو مواد سندن فرزند ارجمند ۽ سجاده نشين جناب پير غلام رسول سرهندي رحہ پنهنجن تصنيفن ۾ تحرير ڪيو آهي، جنهن جو به گهڻو حصو سندن يادگيرين تي مشتمل آهي. پر خانداني ذريعن جو چوڻ آهي ته پير آقا غلام مجدد رحہ جي وفات بعد سندن ويجهو ساٿي سيد علي اڪبر شاهه ميهڙ وارو، پير صاحب جي شخصيت تي لکڻ لاءِ اهو مواد ڪٺي ويو هو، پر پوءِ جلد ئي شاهه صاحب جي به وفات ٿي وئي ۽ اهي شيون اتي ئي رهجي ويون.

مسلم ليگ ۾ شموليت کان پوءِ ان دور جي يادگارن ۾ اسان کي جيڪي ناياب شيون ملن ٿيون، انهن ۾ ”صور اسرافيل“ نالي سان اڙدوءَ ۾ ڇپيل هڪ پمفليٽ به شامل آهي.

**تحريڪ ختم نبوت جي سلسلي ۾ پير صاحب جو ڪردار:**

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ملڪ ۾ قاديانيت جو مسئلو پيدا ٿيو. ان سلسلي ۾ مختلف پارٽين جي اجلاس ۾ انهن خلاف منظم تحريڪ هلائڻ لاءِ هڪ جنرل ڪائونسل جوڙي وئي. پير صاحب ان جي اهم ميمبرن مان هڪ هو. هن جنرل ڪائونسل ۾ چونڊيل نمائندن جا نالا هن ريت آهن:

(1) سيد عطاءُ الله شاهه بخاري (2) مولانا ابو الحسنات سيد محمد احمد قادري (3) مولانا سيد ابو الاعليٰ مودودي (4) مولانا عبدالحامد بدايوني (5) حافظ ڪفايت حسين (6) پير صاحب سر سينو شريف مشرقي پاڪستان (7) مولانا احتشام الحق ٿانوي (8) مولانا محمد يوسف ڪلڪتوي (9) پير غلام مجدد سرهندي (10) مولانا نور الحسن (11) ماسٽر تاج الدين انصاري (12) مولانا اختر علي خان (13) مولانا محمد اسماعيل گوجرانواله (14) سيد مظفر علي شمسي (15) حاجي محمد امين سرحدي.(37)

**حيدرآباد ۾ عيد ميلاد النبي ﷺ جي جلسي جو بنياد وجهڻ:**

پير صاحب رحہ جو فرزند جناب پير غلام رسول صاحب ڄاڻائي ٿو ته 'اهو پير آقا غلام مجدد ئي هو، جنهن حيدرآباد ۾ عيد ميلاد النبي ﷺ جي جلسي جي ابتدا ڪئي. پاڻ زندگيءَ جي آخري سال تائين عيد ميلاد جي سلسلي ۾ نڪرندڙ جلوس ۾ پيرين پيادا هلندي خوشي محسوس ڪندا هئا. ان موقعي تي لاهور، دهلي، ميرٺ، بدايون ۽ عرب ملڪن مان واعظ گهرائي رسول الله ﷺ جي حيات طيبہ تي روشني وجهرائيندا هئا. پير صاحب بي مثال شخصيت ڪري ڪيترائي هندو ۽ عيسائي به انهن پروگرامن ۾ شريڪ ٿي رسول الله ﷺ شان کان واقفيت حاصل ڪندا هئا. جلسي جي اها روايت اڄ به برقرار آهي ۽ هن وقت ان جلسي جي قيادت جناب ڊاڪٽر صاحبزاده ابوالخير محمد زبير الوري صاحب جن ڪندا آهن“(38).

(30) صاحبزاده سيد محمد زين العابدين شاهه راشدي، 'انوار علماءِ اهلسنت'، صفحو 680، زاويه پبلشرز لاهور، 2006ع.

(31) جي.ايم.سيد، 'سنڌ جي بمبئي کان آزادي'، صفحو 91، 92، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1989ع.

(32) جي.ايم.سيد، 'سنڌ جي بمبئي کان آزادي'، صفحو 121، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1989ع.

(33) جي.ايم.سيد، 'سنڌ جي بمبئي کان آزادي'، صفحو 120، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1989ع.

(34) ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، 'پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو'، صفحو 127، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2012ع.

(35) محمد صادق قصوري، 'تحريڪ پاڪستان اور مشائخ عظام'

(36) ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، 'پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو'، صفحو 325، 326، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2012ع.

(37) سيد محمد سلطان شاهه، 'ڀٽو اور قادياني مسئلا' (اردو)، صفحو 77، ڇاپو 1953ع

(38) پير غلام رسول سرهندي، 'انساب نامو- ذڪر آل مجدد الف ثاني'، صفحو 293 مارئي اڪيڊمي، ڇاپو 1، سال 2009ع..

(39) ڊاڪٽر ابوالخير محمد زبير صاحب جو جناب پير آغا غلام مجدد سرهندي سنڌي رحہ تي لکيل اردوء ۾ لکيل مضمون قلمي حالت ۾ جناب پير غلام مجدد سرهندي صاحب (موجوده سجاده نشين) کان مليو. جنهن مان اهو حوالو ڪنيو ويو آهي.

(40) ڊاڪٽر ابوالخير محمد زبير صاحب جو جناب پير آغا غلام مجدد سرهندي سنڌي رحہ تي لکيل اردوء ۾ لکيل مضمون قلمي حالت ۾ جناب پير غلام مجدد سرهندي صاحب (موجوده سجاده نشين) کان مليو. جنهن مان اهو حوالو ڪنيو ويو آهي.

(41) پير غلام رسول سرهندي صاحب، 'انساب نامو ذڪر آل مجدد الف ثاني'، صفحو 300، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ / حيدرآباد سنڌ، 2009ع.


نوان ڪتاب






**پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار ھَڪڙو**
شڪارپور



# نامور محقق ۽ سخنور **مرزا گل حسن ’احسن‘ ڪربلائي**

ڪنهن جا ٻهه ٻهه ٻول، ٻريا ٻاھر ٻاٽ ۾،
آڌيءَ رات رتــول، ٻــري پيــا ڏيــئڙا.

حيدرآباد جي علمي ۽ ادبي اڪابرن مان سداحيات عالم، اديب ۽ شاعر مرزا گل حسن ’احسن‘ ڪربلائي جي علمي بصيرت، ادبي قامت، تحقيقي دانشمندي، ترتيب جي صلاحيت ۽ اسلوب جي حسناڪيءَ ۾ جا تازگي موجود آهي، سا مُني صديءَ پڄاڻان به ارواحن سان ملي، ونين جي وچاڻن تي جڏهن همہ تن گوش ٿئي ٿي، تڏهن ادب جي روح پرور مجلسن ۽ علم جي محفلِ احسن سان نہ رڳو بزمون باغ ۽ بهار ٿيو پون، پر ارواحن جي عالم ڪان برزخ جي ڏيهہ جون فضائون بہ تبديل ۽ تغير پذير ٿيو وڃن.

سنڌ جو ھي مدبر ۽ مؤرخ اسان جي لاعلمي، بي ادبي، بي اعتنائي ۽ احساس محرومين ۾ ورتل دنيا جو شڪار ٿيڻ جي باوجود بہ جنهن تدبر ۽ تفڪر سان پنهنجي صلاحيتن سارو ٻولي، ادب، تاريخ ۽ تحقيق جون ذميواريون نباهيندو رهيو، تن نہ رڳو ڏيهي ٻوليءَ جي چاڻن، پر ٻين ٻولين جي ماهرين جا بہ ڪَنجها ڪڙڪائي ڇڏيا. ڪٿي پروفيسر ڊاڪٽر مولانا محمد شفيع لاهوري، ڪٿي حفيظ هوشيارپوري، ڪٿي سيد سليمان ندوي، ڪٿي علامہ نياز فتح پوري ۽ غلام رسول مهر ڪان سواءِ ٻيا اردو دان! رڳو چاڻ سڃاڻ، خط و ڪتابت ۽ هڪٻئي وٽ اچڻ وڃڻ ۽ مسلسل رابطي ۾ رهي، علمي ۽ ادبي دنيا ۾ وهڻ ۽ واپرڄڻ جي سموري ساڃاهہ، ساهہ پساهہ سان سنگم ۽ ساٿ سان اوربي پئي رهبي هئي. پنهنجي ٻوليءَ جي سدا ملوڪ محققن ۽ عالمن مان مرزا قليچ بيگ، مولائي شيدائي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ راشدي برادران سميت علمي اڪابرن سان تعلقات بہ قائم رهيا.

حيدرآباد جي ٽنڊي نوڙهي ۽ ٽنڊي آغا جي پاڙن جو هر گهر خانئہ علم هو. گويا ٻئي ٽنڊا علمي گهوارا ۽ ادبي انجمنيون آهن. اٺويهين ۽ ويهين ٻيئي صديون تہ سخنوري جي سلامتيءَ ۽ صحتمنديءَ جي



ضمانت لاءِ، مرزا صاحبن جون ئي ڪوششون ڪامياب رهيون. مرزا مراد علي بيگ ’سائل‘، مرزا فتح علي بيگ ’فتح‘، مرزا غلام حيدر بيگ ’قنبر‘، مرزا قاسم علي بيگ ’قاسم‘،مرزا غلام رسول بيگ، مرزا ٻڍل بيگ، مرزا قربان علي بيگ ’قربان‘ ۽ مرزا علي بخش جن جي فني مهارت ۽ ڪماليت جو اثر نہ رڳو همعصر زماني تائين رهيو، پر ايندڙ زمانن ۽ نسلن ۾ تهائين وڌيڪ نِکريو ۽ نروار ٿيو. انهن چوڀارين ۽ ڪچهرين جو سھڻو سخنور مرزا دوست محمد ’دوست‘ بہ هو، (ڄم 1862 ع - وفات: 24-9-1920 ع)(1) جو پنهنجي والد مرزا علي بخش بيگ وانگر شاعريءَ جي فن سان رغبت رکندو آيو. پنهنجو گهراڻو ۽ پاڙو جي شاعريءَ جي فني ماحول سان مالامال هجن تہ وڏن جو اثر ننڍن تي بہ ضرور ئي پوندو. ماحول ۽ موسمن جي اثر کي ڪير ٿو روڪي سگهي! هڪ مارچ جو مهينو جنهن ۾ بسنت جي

بهاري هجي، ٻيو رمضان المبارڪ جو برڪتن ڀريو ماه ۽ ٽيون ڦوڳ جي ڦلهار هرهنڌ هٻڪار! مکڙيون مُرڪي گُل جَهلين، ٻُورن جي خوشبوءِ ۽ ساوڪ جا سرها ڏيک ڏسي ڏڪارو ڏيل بہ سڪارو پيو لڳندو. ان مند جي سرهائيءَ ۾ مرزا دوست محمد بيگ 'دوست' جي گهر واري خانزادي بنت مرزا فتح علي بيگ 'فتح' جي جهوليءَ ۾ تاريخ پهرين مارچ 1897ع مطابق 26 رمضان المبارڪ 1314ھ سومر 20 ڦوڳ 1953 بڪرميءَ تي فرزند ارجمند مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي تولد ٿيو. مرزا دوست محمد بيگ 'دوست' پٽ جي تولد تي هيئن سجع موزون ڪئي:

ز باغ مصطفيٰ يک گل حسن است.(2)

ننڍپڻ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ان وقت جي رواج موجب اول پنهنجو والد صاحب کان قرآن مجيد پڙهيو ۽ پوءِ کانئس فارسي جي تعليم حاصل ڪئي. مرزا دوست محمد 'دوست' جهڙو هو پاڻ هوشيار ۽ قابل تهڙو پنهنجي پُٽ کي بہ عالم ۽ فاضل بڻايائين. مرزا دوست محمد 'دوست' جو ذڪر خليل ٺٽوي 'تنڪره تڪمل مقالات الشعراء' ۾ مير عبدالحسين خان سانگيءَ جي ساٿارين ۽ مشاعري ۾ شريڪ ٿيندڙ شاعرن جي فهرست ۾ ڪيو آهي. (ص 385) (3) مير عبدالحسين سانگي تہ مير شهداد خان 'حيدري' ۽ دوست محمد 'دوست' مرزا جي جوانيءَ جي واکاڻ پنهنجي هڪ شعر ۾ بہ ڪندي چيو آهي تہ:

اجها 'دوست' ۽ 'حيدريءَ' جي جواني،
اسان ۽ گدا سا وساري عزيزو.

'دوست' اردو ۽ فارسي شاعريءَ ۾ مولانا ابوالحسن لکنويءَ جو شاگرد هو تہ سنڌي سخنوريءَ جي تربيت غلام محمد شاهہ 'گدا' کان حاصل ڪيائين. خوش خط بہ اهڙو هو، جو مير نورمحمد خان ٽالپر کانئس تپيداري نوڪري ڇڏائي، پاڻ وٽ ڪاتب مقرر ڪيو. تپيداري جو ذڪر بہ پنهنجي ڪلام ۾ هيئن ڪيو هنائين:

ڪريان ڪنهن جو هرگز نہ شڪر و شڪايت،
هئي قسمت ۾ هي تپيداري عزيزو.

'دوست' جيتوڻيڪ قابل فارسيدان هو ۽ اردوءَ تي بہ ملڪو حاصل هوس، پر سنڌي غزل ۾ سندس زبان، لب و لهجو، اسلوب ۽ فراواني کيس منفرد مقام تي رسائي ڇڏيو آهي.

هجر ۾ محبوب جي جند جان ڳاريو ڳاريان،
آرزوئي وصل ۾ ڳوڙها آهہ هاريو هاريان،
هيڪڙائي هٿ ڪري آهہ ٻن ٻيائي کي ڏيان،
آهہ يڳاني يار ڏاران ٻيو نہ ڏاريو ڏاريان،
رات مُرڪي مون کي چيو محبوب منهنجي، منهنجا 'دوست'،
آهہ تہ تو جهڙا سوين عشاق ساريو ساريان.(4)

'دوست' جي همعصر شاعرن مان ڪيترن جا ڪليات ۽ ديوان ڇپجي بہ ويا، پر هن لاڪيڻي جون لاتيون ڪنهن نہ چت تي چاتيون!

مرزا گل حسن 'احسن' 1917ع ۾ حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج مان سنڌي ڪاميٽيءَ جو امتحان پاس ڪري، ميونسپالٽيءَ ۾ سن 1918ع کان نوڪري ڪرڻ لڳو. هو تعليم حاصل ڪرڻ دوران ئي 1914ع کان شعر چوڻ لڳو. شاعريءَ ۾ هو 'احسن' ڪربلائي مشهور ٿيو. سندس رغبت ماحول موجب مرثيہ گوئي ڏانهن وڌيڪ رهي. حافظ حيات شاهہ، مرزا قربان علي بيگ 'قربان' ۽ مرزا مدد علي بيگ 'مدد' کان اصلاح حاصل ڪرڻ جو اعتراف ڪيائين. ان زماني ۾ ٿيندڙ طرحي ۽ غير طرحي مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو رهندو هو. آخر ۾ سندس شاعريءَ متعلق راءِ سان گڏ انتخاب شامل ڪيو ويندو.

مرزا 'احسن' کي شاعريءَ سان گڏ تاريخ جو مطالعو بہ دلچسپيءَ وٽان هو. وسيع مطالعي سبب تاريخ نويسيءَ ۾ بہ حيدرآباد ۽ ٽالپر اميرن جي علمي ذوق شوق ۽ محفلين متعلق مقالات لکيائين. اهڙا مفيد مقالا ماهوار رسالي 'نئين زندگي' ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيندا رهيا. اٽڪل پندرهن مقالا شايع ٿيل آهن، جن ۾ هن جي مطالعي جي باريڪ بيني، تقابلي جي قابليت، اختلاف ۽ اتفاق جا ڪارڻ، زمان ۽ مڪان طرف ڌيان، مباحثي جا سلسلا، موضوع متعلق مواد جي ترتيب ۽ نتيجا سهڻي سليقي، ڏانوَ ۽ معيار جي بلندي ڏانهن نهاري، هڪدم هن جي ڳوڙهي بصيرت جو اعتراف ڪرڻ لازم ٿيو پوي. سندس صلاحيت ۽

قابليت لهڻ لاءِ هن هيٺ سندس مقالن مان اقتباسات پيش ڪجن ٿا:

**ٽالپر حاڪمن جا علمي ڪارناما:**

هن عنوان سان سندس پهريون مقالو ماهوار رسالي 'نئين زندگي' جي فيبروري 1954ع ۾ سورهن صفحن تي مشتمل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مقالي ۾ مير حاجي نورمحمد خان جي ڪتبخاني جو احوال ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ سندس گڏ ڪيل ڪتابن ڪانسواءِ بين ٽالپر اميرن جا ڪتاب بہ موجود هئا. احسن صاحب اهو ڪتبخانو 1925ع ۾ ڏٺو. ڪتابن رکڻ لاءِ ڪافور جي ڪاٺ جون پيٽيون رکيل هيون ۽ وري انهن ۾ ڪافور جون گوريون پيل هيون. هن مقالي ۾ اٺن قلمي قرآن پاڪ جي نسخن جو احوال آيل آهن. مختصر طور بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي:

1- قرآن ڪريم ڪوفي خط ۾ لکيل هو، جنهن تي مير صاحبن ۽ ڪلهوڙن جو عهدنامو لکيل هو. اهو حضرت علي عليہ السلام جو لکيل هو. مٿس سن لکيل ڪونہ هو، مگر ڪيترن عالمن جون تصديقون ٿيل آهن.

2- قرآن ڪريم ميان نورمحمد ابن ميان يار محمد عباسي جي نالي لکيل هو. ماه شعبان 1314هہ.

3- قرآن ڪريم بامعنيٰ شاهہ ايران تحفي طور مير ڪرم علي خان ڪي موڪليو هو. 1240هہ

4- قرآن پاڪ معنيٰ سان سن 1182هہ.

5- قرآن مجيد ڪلان ڳاڙهي مس سان ڪاتب علي سيد حسن شيرازي 1252هہ ۾ لکيو.

6- قرآن پاڪ، حافظ محمد جيئو هالائي 1250هہ.

7- قرآن مع تفسير حافظ محمد وارو،

8- قران پنج هزاري بمع تفسير.

تفسيرن ۾ تفسير 'جواهرالبصير' 1043هہ ۽ 'تفسير خلاصتہ المنهج' تي اورنگزيب جي صحيح پيل آهي، سن 1088هہ ديوان حضرت علي عليہ السلام 909هہ ۽ نهج البلاغه 1000هہ.

ان ڪتبخاني ۾ حديثن ۽ تاريخن جا بہ ڪجهہ قلمي نسخہ لکيڪ ڏنا.

**تذڪره:** ناياب تذڪره جي ان ڪتبخاني ۾ موجود هئا: 'تنذڪره شعراء فارس'، 'آتش قدح' لطف علي آذر. 'تنذڪره حسيني'، 'رياض الشعراء'، 'تذڪره غلام علي بلگرامي'، 'محڪ خسروي'، 'محڪ محسن'، 'محڪ فخري'، 'مقالات شعراء' ۽ 'تڪملہ مقالات الشعراء' وغيره.

ڪيترن فارسي شاعرن جا ديوان جن مان ٿيهہ مشهور شاعرن جا، سنڌ جي فارسي شاعرن جا ديوان ۽ ڪلام بہ ڪثير تعداد ۾ موجود مليس. ديوان سرفراز عباسي فارسي جي پهرين پني تي ميان غلام شاهہ جي شادي، جا ڪڇ جي راجا جي نياڻي سان ڪئي هئائين سا 'بود اين قران شمس و قمر' 1176هہ ۽ وفات ميان غلام شاهہ هاتفي 'جنات فيها خالداً' 1186هہ درج ٿيل آهن. بنائي شهر حيدرآباد از سرفراز: از عطا هائي واهب منان- 'حيدرآباد گشت آبادان' 1182هہ تاريخ عربي بنائي شهر حيدرآباد.

'يارب اجعل هذا البلد آمنا' 1182هہ

هن مقالي ۾ مير محمد معصوم بکري جي 'ديوان نامي' فارسي جو ذڪر ملي ٿو، جنهن جي پهرين صفحي تي خود مصنف هن طرح لکيو هو: "اين ڪتاب حق ملڪيت مير معصوم ترمذي قندهاري غره شوال 1012هجري" راقم معصوم بکهري. ان کان پوءِ آخري صفحن ۾ مير محمد معصوم جي وفات جي تاريخ هن ريت لکيل هئي:

تاريخ وفات حسرت آيات

مرحوم مغفور جناب مغفرت ماب حضرت ڪعبہ من مير محمد ترمذي و بکهري عليہ الرحمتہ والغفران تاريخ ششم ذي الحجہ 1014هجري يوم جمعہ وقت هفت ساعت صبح ازين جهان فاني بعالم جاوداني رحلت فرمودند. ان کان پوءِ هي قطعہ لکيل آهي:

مير معصوم آن شہ برج شرف،
آفتاب شرع دين فخر زمن،
روز جمع سادس ذوالحج گشت،
عازم جنت بہ امر ذوالمنن،
سال فوتش از خرد جستم بہ گفت،
"بود نامي صاحب ملڪ سخن"

”راقم المصنف مير بزرگ بتاريخ پانزدهم ذوالحج 1014هه“

حسام الدين راشدي، ’امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکري‘ تاليف ۾ مرحوم احسن ڪربلائي جي ’ديوان نامي‘ جي مٿي ڏنل سموري عبارت نقل ڪري هن ريت راءِ ظاهر ڪئي آهي ته: ”(الف) مزار تي درج ٿيل ڪتبو، سال ۽ مهينو ۽ ڏينهن اهوئي آهي جيڪو ديوان تي ڏنو ويو.

(ب) ڪربلائي صاحب جي لکت مطابق تاريخ مير بزرگ جي تصنيف ٿيل آهي، جنهن کي هن وفات کان ڏهه ڏينهن پوءِ تصنيف ڪري ديوان تي، جيڪو مير معصوم جو پنهنجو ۽ خانداني نسخو هو، لکي ڇڏي.

(ج) وفات جمعي ڏينهن ستين بجي صبح جو ٿي.“ (ص 173) (5)

**سنڌ جي شهزادين جو علمي شوق:**

هي مقالو ماهوار ’نئين زندگي‘مارچ 1954ع جي رسالي ۾ شايع ٿيو، پنجن صفحن جو هي مقالو هن کان اڳ آيل مقالي جي ٻي ڪڙي يا قسط سمجهي سگهجي ٿي. ان ۾ مير فتح علي خان جي دخترنيڪ اختر جا مير نورمحمد خان جو ديرو هئي، تنهن شهزاديءَ کي به ڪتابن گڏ ڪرڻ جو گهڻو شوق هو. وٽس عربي، فارسي، سرائيڪي ۽ سنڌي ڪتاب گهڻي تعداد ۾ موجود هئا. ان شهزادي جي وفات 16 صفر 1287هه تي ٿي، سندس پٽ مير حسين علي خان هي تاريخ لکي آهي:

يک عدد از مصرع تاريخ برگيرد بگو
باد يارب دست او در دامن زهرا مدام
1287-1=1288هه

هن شهزادي جي ڪتبخاني ۾ مير شهداد خان جي ديره نالي سان موجود ڪتابن ۾ شاهه عبدالڪريم جو رسالو ڏنو ويو، جو محمد رضا بن عبدالواسع داروغه ساڪن ٺٽو جو ترتيب ڏنل هو. احسن ڪربلائي صاحب ڪتابن ڏسڻ سان کي خاص ڳالهيون ظاهر ڪندي هڪ ڳالهه اها به چِٽي ڪئي آهي ته مير ڪرم علي خان جي هڪ تي مير صاحب پنهنجو سلسلهٔ نسب ’حضرت حمزي‘ سان وڃي ملايو هو، تنهنڪري امير پاڻ کي ٽالپر سان گڏ ’حمزوي‘ به لکندا هئا.

**سنڌ جا مشهور ڪاتب:**

هي مقالو ماهوار ’نئين زندگي‘ مئي 1954ع جي رسالي ۾ ڇپيو. پنجن صفحن جي هن مقالي ۾ موضوع موجب ته مفيد معلومات پکڙي پيئي آهي، البت ضمناً به جيڪا ڄاڻ درج ڪيل آهي، سا نهايت قابل توجهه آهي. هڪ هنڌ ڄاڻايو اٿس ته: ٽالپر خاندان جي سلطنت جو بنياد شاهه اردي بهادر شير جنگ مير فتح علي خان 1782ع ۾ وڌو، جنهن کان پوءِ ان جو اولاد هيٺين طرح سنڌ جي مسند تي ويٺو.

1- مير فتح علي خان 1782 کان 1802ع
2- مير غلام علي خان 1802ع کان 1812ع
3- مير ڪرم علي خان 1812ع کان 1828ع
4- مير مراد علي خان 1828ع کان 1833ع
5- مير نورمحمد خان 1833ع کان 1841ع
6- مير نصير خان 1841ع کان 17 فيبروري 1843ع

هي سمورو مقالو مير فتح علي خان جي درٻار ۾ قائم ٿيل محفلين ۽ خاص مصاحبن مير عظيم ٺٽوي ۽ سيد ثابت علي شاهه جي سخنوري جي بلند معيار قطعه تاريخن ۽ ڪاتبن جي ذڪر ۽ اذڪار جو اهڙو شهپارو آهي، جو محققن، عالمن ۽ اديبن جي استفاده جي مرڪز لاءِ هميشه تازو رهندو مير صاحب جي درٻار جي خاص جمعي جي ڏينهن آراسته ٿيندڙ محفلين مان هڪ محفل جو مختصر ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو.

هڪڙي جمعي تي درٻار ۾ هڪ ايراني شاهنامه فردوسي پڙهي رهيو هو. ان وقت ان بلبل شيراز جي نغمه سرائي کان گلستان درٻار سنڌ ۾ ويٺلن کي محو حيرت ڪري ڇڏيو هو، ايراني هي بيت بار بار پڙهڻ لڳو.

سپر بود بر پشت شه کامياب
چون ابر سيه حائل آفتاب

جنهن تي هر طرف کان داد سخن ملي رهيو هو. ان وقت مير فتح علي خان جي اوچتي نظر مداح آل نبوي سيد ثابت علي شاهه تي وڃي پئي جو هيٺ

ڪنڌ ڪيو ڪنهن خيال ۾ وينو هو. جنهن تي مير صاحب، شاهه صاحب کي مخاطب ٿي فرمايو تہ شاهه صاحب بيت پسند آيو؟ جواب ۾ شاهه صاحب فرمايو تہ قبلہ سبحان الله مگر بندي کي جو خيال آيو آهي، سو عرض رکان ٿو:

سپر بود بر پشت زوج بتول،
چون مهر نبوت بہ دوش رسول.

شاهه صاحب بيت چئي بس ڪيو تہ مير صاحب فرمايو تہ سبحان الله شاهه صاحب مڪرر! پوءِ تہ هر طرف کان سبحان الله ۽ واه واه جا آواز اچڻ لڳا، خود ايراني بہ تصوير حيرت بنجي ويو ۽ شاهه صاحب کي سونن مهرين سان نوازيو ويو. جڏهن مٿيون بيت ايران ۾ پهتو تڏهن ايرانين چئي ڏنو تہ: 'زاده سند از ڪجا اين پايہ يافت'.

تاريخ 10 محرم 1217هہ وقت اڌ رات جو ٽالپر خاندان جي سلطنت جي بنياد کي قائم ڪندڙ معمار پنهنجي فاني دنيا جو محل ڇڏي وڃي 'مڪين قصر بهشت' 1217هہ ٿيو. ڪيس خداآباد هالن واري جي پرسان دفنايو ويو. ڪانئس پوءِ امير الامراء نظام الملڪ مير غلام علي تخت نشين ٿيو. سندس سجع هئي:

'ناصر من بود نبي و ولي-
منم از جان و دل غلام علي'.

ڏهہ ورهيہ تخت ماٿي 6 جمادي الاول 1227هہ دنيا ڇڏي ويو. ڪيس ان ئي خداآباد ۾ سڪارتو ڪيو ويو.

**مير ڪرم علي خان جو علمي شوق:**

مير غلام علي کان پوءِ مير ڪرم علي خان حڪومت سنڀالي. سندس لقب 'سرڪار عظمت مدار' هو ۽ شاعريءَ ۾ 'ڪرم' تخلص هو. سندس سجع هئي:

بحق- حضرت نبي و ڪريم
ڪرد بامن ڪرم علي العظيم

مير ڪرم علي قرآن ڪريم جو حافظ هو. 1206هہ ۾ حفظ ڪرڻ شروع ڪيائين تہ 1210هہ ۾ مڪمل ڪيائين. عظيم ٺٽوي ٻئي تاريخون قلمبند ڪيون:

'عقل ڪل سال اين نويد عظيم
گفت حفظ ڪلام واحد حق' ۽
1206هہ

'هاتفم اين سال نويد عظيم گفت زهي ختم ڪلام مجيد'.
1210هہ

سندس ڪلام جو 'ديوان' 1244هہ قلمي موجود هو، مير ڪرم علي خان 12 جمادي الثاني 1244هہ ۾ وفات ڪئي، 'باغ ارم' 'بادا بهشت بارگاه' مان سال وفات نڪري ٿو.

**مير مراد علي خان جو علمي شوق:**

مير ڪرم علي خان جي وفات کان پوءِ سنڌ جو سرتاج مير مراد علي خان ٿيو. سندس لقب 'سرڪار جهان مدار' ۽ تخلص 'علي' هو. مولائي شيدائي 'جنت السنڌ' ۾ سندس ٻيو بہ لقب 'امير الدولہ بهادر' ڄاڻائي، 6 جمادي الثاني 1244هہ تخت نشينيءَ جي تاريخ ڏني آهي، جڏهن تہ پاڻ ئي لکي ٿو تہ: "مير ڪرم علي خان جي وفات کان پوءِ مير مراد علي خان گاديءَ تي وينو." (ص 454) مير ڪرم علي خان جي وفات 12 جمادي الثاني 1244هہ آهي تہ 6 جمادي الثاني ڪيئن ٿي سگهي هوندي!؟

مير مراد علي جون سَجعون هن ريت آهن: (1) بحق حضرت نبي ولي، يافت از حق همہ مراد علي، (2) بنده مصطفيٰ مراد علي داشت. ڪيس-فارسي ادب ۽ طب مرغوب موضوع هئا. 'ديوان علي' فارسي ۽ (2) طب مراد فارسي بہ ڪتاب لکيل آهن. 6 جمادي الثاني 1249هہ تي وفات ڪيائين. ميان محمد يوسف، 'وعد المتقون في جنات' ۾ سندس سن (1251-2-1249هہ) قلمبند ڪيو. سندس انتقال کان پوءِ مير نورمحمد خان لقب 'سرڪار عاليمدار' تخت نشين ٿيو. ڪيس فارسي ادبيات سان شوق هو. دربار ۾ ڪيترا شاعر هئا، جن کي وظيفو ڏنو ويندو هو. سندس زال جي علمي ذوق جو ذڪر هن کان اڳ ٿي چڪو آهي. مير صاحب 10 شوال 1256هہ ۾ جهان ڇڏيو. ميان محمد يوسف 'باد بہ رضوان مقيم' 1256هہ ۾ سال وفات لکي. مير صاحب پنهنجي حڪومت

جي ڪاروبار ۾ مير صوبدار خان لقب 'حشمت مدار' تخلص 'مير' هو. (پنهنجي تصنيف فتح نامہ سنڌ ۾ چم جي تاريخ: 'بہ تاريخ نهم ز رب الودود مرامنزل آمد بہ ملک وجود' (9 محرم 1217ھ لکي آهي)، مير محمد خان ۽ مير نصير خان کي بہ شامل ڪيو هو. مير صوبدار خان هڪ فارسي ديوان ۽ پنج مثنويون تصنيف ڪيون. 14 رجب 1262ھ تي ڪلڪتي ۾ وفات ڪيائين. سندس لاش خداآباد ۾ دفن ڪيو ويو.

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي جو هي مقالو ماهوار 'نئين زندگي' نومبر 1954ع جي رسالي ۾ ڇپيو.

**مرحوم مير نصير خان جي علمي شوق:**

مير نصير خان تخلص 'جعفري' 14 محرم 1219ھ تي حيدرآباد جي قلعي ۾ ڄائو. ايران ۽ سنڌ جي قابل استادن ۽ آخوندن کان تعليم حاصل ڪيائين. سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي زبانن ۾ شعر چئي سگهندو هو. فارسي ديوان ۽ مثنوين کان سواءِ منظوم سفرنامہ جعفري (1260ھ)، خطوط جعفري ۽ اردو ديوان لکيائين. تاريخ ڏهين سيپٽمبر 1841ع تي حيدرآباد ۾ جڏهن سائس نيپيئر ملاقات لاءِ آيو، تڏهن راڻي وڪٽوريا پاران ميناڪاري سان هڪ واچ تحفي طور کڻي آيو، جا سندس پوين وٽ هئڻ جو مرزا احسن صاحب ذڪر ڪيو آهي. 17 فيبروري 1843ع تي انگريزن کيس تخت تان لاهي، بمبئي، پوني ۽ ساسور کان پوءِ ڪلڪتي نظربند ڪيو. ڪلڪتي جي قيدخاني ۾ 7 ربيع الثاني 1261ھ اڱاري ڏينهن انتقال ڪيائين.

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي 'تذڪره لطفي' جي جلد ٻي ص 115 تي ان جي مصنف لطف الله بدوي جي مير صاحب بابت لکت تہ 'جعفري پوني ۾ وفات ڪئي آهي.' سان اختلاف ظاهر ڪندي، مير صاحب جي سفرنامي مان اقتباس پيش ڪيا آهن.

**مير حسن علي خان ٽالپر جو علمي شوق:**

ميرحسن علي خان 'حسن' 'سرڪار رفعت مدار' 26 ذيقعد 1240ھ تي حيدرآباد ۾ ڄائو. سجع اٿس:

"آسوده بر سرير امارت بخوشدلي
فخر الملوڪ ظلِ الاهي حسن علي"

سال 1843ع ۾ مياڻي جي جنگ کان پوءِ کيس ڪلڪتي ۾ قيد ڪيو ويو، جتان سال 1863ع ۾ آزاد ٿي حيدرآباد سنڌ ۾ آيو. پنهنجي چاچي مير نورمحمد خان جي ڌيءُ سان شادي ڪيائين. کيس اولاد ڪونہ ٿيو. تاريخ 15 ذوالحج 1324ھ اربع ڏينهن هڪ وڳي وفات ڪري ويو. مولانا ابوالحسن لکنوي هيئنئن تاريخ لکي:

'بہ تاريخ فوتش رقم زد 'حسن'
سرِ فکر کرده در آغوش والي 1324ھ.

اول سندس لاش بنگلي جي هڪ ڪمري ۾ امانت طور دفنايو ويو. جتان 19 ربيع الثاني 1330ھ تي مير نورمحمد خان ڪڍائي ڪربلا معليٰ ڪڻائي ويو، جتي پنهنجي خريد ڪيل قبرستان ۾ 21 جمادي الاول 1330ھ ۾ دفن ڪيو ويو.

مير حسن علي خان جو شاعريءَ ۾ استاد آخوند احمد هالائي هو، جو ڪتاب 'تحفة السلاطين' جو مصنف هو. مرزا فتح علي بيگ (محترم احسن ڪربلائي جو نانو) وٽس مناقب پڙهندو هو. مير حسن علي خان جي تصنيفات ۾ (1) لسان الحق في ميزان الصدق (فارسي نثر ۾) (2) مختارنامہ ثقفي (سنڌي نظم ۾) (3) رويائي صادقہ (فارسي نثر ۽ نظم ۾) (4) نهرالبڪا (5) مثنوي فتح نامہ سنڌ (سنڌي ۾) (6) احسن البيان (سنڌي نثر ۾) (7) رد خوارج (سنڌي نثر ۾) (8) مجموعہ خطوط فارسي (9) شڪار جا ڪتاب (10) مثنوي حملہ حيدري يا شهنشاه نامہ سنڌي. ٻهريان پنج ڪتاب شايع ٿيل آهن.

هي مقالو ماهوار 'نئين زندگي' اپريل 1955ع جي رسالي ۾ شايع ٿيل آهي.

**شهزادي شيرافگن جي شاعري:**

مير حسن علي خان جو ملڻي جو پاڻ هن خاندان جو شاعر مير عباس علي خان 'مومن' 'شوڪت مدار' هڪ هو. سندس سجع هئي: 'ياحضرت عباس علي ادرڪني'. سندس فارسي ديوان پڻهنس مير عبدالحسين خان وٽ موجود هو، جو وٺانئس گم ٿي

ويو. مير عباس علي 'مومن' کي شاعري ۽ شڪار ڪرڻ جو شوق هو. سندس سندربن ڪلڪتي ۾ ڪيل شينهن سان مقابلي جو سمورو احوال مير حسين علي خان پنهنجي قلمي ڪتاب 'مناقب علوي فارسي' ۾ ڏنو، جنهن جو سنڌي ترجمو محترم احسن ڪربلائي مضمون ۾ شامل ڪيو آهي، جو دلچسپ ضرور آهي. مير صاحب 8 رجب 1273هه تي ڪلڪتي جي قيد ۾ وفات ڪئي. مرزا حسن علي 'وفا' عباس "علي شهيد شد باردگر" 1293-20=1273هه (1857ع) سن لکيو، ماهوار 'نئين زندگي' جولاءِ 1955ع جي رسالي ۾ هي مضمون ڇپيو.

**مرحوم سانگي:**

شهداداڻي خاندان جو شاعر ۽ نثرنويس مير عبدالحسين خان سانگي ولد مير عباس علي خان سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ جو شاعر هو. سنڌيءَ ۾ سانگي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ عبدالحسين تخلص 'عبدالحسين' ڪتب آيل آهي. سندس سجع هي آهي:

'سبزپوش- ماتم- آل عبا عبدالحسين'

سندس والد مير عباس علي خان جڏهن ڪلڪتي ۾ قيد هو، تڏهن يورپين عورت سان شادي ڪئي هئائين، جنهن مان 1851ع ۾ سانگي ڄائو. ٽيرهن سالن کان پوءِ 1863ع ۾ ڏاڏي مير حسين علي خان سان سنڌ ۾ آيو. آخوند احمد ۽ غلام محمد شاهه 'گدا' سندس شعر ۾ استاد هئا. سن 1877ع ۾ مس رائٽ سان شادي ڪيائين.

هي به پيءُ وانگر شڪار جو شوقين هو. مس رائٽ به ساڻس شڪار تي گڏ ويندي هئي. سانگي مشاعرا به ڪرائيندو هو، جن ۾ وڏا وڏا شاعر اچي شعر پڙهندا هئا. هو 12 جون 1924ع مطابق 8 ذيقعد 1342هه خميس ڏينهن ٽين وڳي منجهند جو وفات ڪري ويو. ڪيس بروقت ان ئي ڪمري ۾ دفنايو ويو، جنهن ۾ مير عباس علي دفن ڪيو ويو هو. سال کان پوءِ 11 جون 1925ع تي ڪيس اُتان ڪڍي وصيت مطابق پٽ شاهه تي دفن ڪيو ويو، جنهن لاءِ آسائتو هو.

قرب درگاهه- لطيفي تي نصيب عبدالحسين،
هي سوال آهي سدائين حيدر ڪرار کي.

سانگي هميشه صبح جو سوير ڇئين وڳي اٿندو هو. ان وقت کان صبح جوستين وڳي تائين مطالعو ڪندو هو ۽ شعر به لکندو هو. پوءِ نيرن ڪري ٻاهر ويندو هو. هڪ وڳي تائين آيل ماڻهن ۽ مهمانن سان ڪچهري ڪري، گهر اچي ماني کائي آرام ڪندو هو. ٽين وڳي وري اوطاق ۾ وڃي ڪورٽ هلائيندو هو. سانگي متعلق مضمون ٽن قسطن ۾ ماهوار 'نئين زندگي' جنوري، فيبروري ۽ مارچ 1956ع جي رسالن ۾ ڇپيو.

**شالمين شيدي ۽ هوش شيدي:**

شالمين شيدي اصل ۾ ميان محمد مرادياب ڪلهوڙي جو زرخريد غلام هو. ڪانئس پوءِ غلام شاهه تخت نشين ٿيو ته اهو به ڪيس وڏي عزت ڏيندو هو. 1767ع ۾ غلام شاهه جڏهن حيدرآباد جو قلعو ٺهرايو، تڏهن ان جي سنڀال لاءِ شالمين کان سواءِ ٻيو ڪوبه اعتبار جوڳو انسان ڏسڻ ۾ نه آيو، تنهنڪري پريءَ دربار ۾ شالمين جي سر اها جوابداري سپرد ڪئي. سال 1781ع ۾ مير فتح علي پنهنجي امير حاجي احمد کي فوج ڏيئي، قلعو فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو، تڏهن شالمين قلعي جا دروازا بند ڪري ويهي رهيو، ڇاڪاڻ ته وٽس قلعي ۾ ڪلهوڙي جي فوج گهٽ هئي. بُرجن تان بندق بازي ۽ تيراندازي پئي هلي. پورا ڀه سال اهوئي عالم رهيو آخر حاجي احمد بارود کي باهه ڏيئي اندر گهڙيو ۽ شالمين کي قيد ڪري اچي مير فتح علي خان اڳيان پيش ڪيو. مير صاحب سندس بهادري جو قدر ڪندي، ڪيس پنهنجي حضور ۾ رهڻ جي آڇ ڪئي، جا هن ڪونه قبولي پوءِ به مير صاحب ڪيس آزاد ڪيو، شالمين پوءِ ڪٿي وڃي رهيو ۽ پساهه پورا ڪيائين، سا خبر خدا کي.

هوش محمد شيدي مير صوبدار خان جو غلام هو، مير صاحب جڏهن پنهنجي چاچن مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان ملڪي ورهاڱي لاءِ بغاوت ڪئي ۽ لاڙ مير غلام علي خان سان مليو، تڏهن مير مراد علي خان فوج وٺي مير صوبدار خان سان مقابلي لاءِ آيو. مير صوبدار خان جي لشڪر کي اهو معلوم ٿيو ته ڇڙوڇڙ ٿي ويو ۽ ٻارهن سئو سپاهي باقي بچيس تنهنڪري مير صوبدار خان وڃي مير مراد علي خان کي پيش پيو. مير غلام علي خان

ان جنگ لاءِ ڪو ٻهرو نہ ورتو. ان وقت مير صوبدار خان ۽ هوش محمد وچ ۾ جا گفتگو ٿي، تنهن تي مير صاحب مٿس ڏمرجي پيو ۽ پوءِ ڪيس معافي ڏنائين. 24 مارچ 1843ع ۾ دٻي جي جنگ ۾ مير شير محمد خان جي فوج سان گڏ وڙهندي، ان ئي تاريخ تي شهادت ماڻي، ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ سندن لاش انگريزن حيدرآباد جي قلعي ۾ دفنايو، تنهن جي حقيقت معلوم ٿي نہ سگهي آهي. بهرحال ميرن جي وفادارن ۽ وطن پرستن ۾ شالمين ۽ هوش محمد جا ڪردار قابل احترام رهندا.

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي تاريخ ۾ ميرن جي ادبي ذوق کي ظاهر ڪرڻ لاءِ باريڪ بينيءَ سان جيڪو جائزو پيش ڪيو آهي، تنهن مان سندس عقيدن سان لاڳاپيداريءَ سبب ايراني زبان جو فارسي ادب پروريءَ لاءِ جيڪو نسل درنسل ڪردار ادا ڪيو، سو چٽو ٿي بيٺو. ان کان بعد اردو ۽ سنڌي ادب ڏانهن بہ جزوي ڌيان ڏنو. هونئن بہ هرهڪ خطي جي امرائن جي درٻارن ۾ ادب ۽ آرٽ جي سرپرستي ڪئي وئي آهي، جا ڏيهي ٻولين ۽ ملڪ ۾ رائج ٻين ٻولين کان سواءِ آسپاس جي علائقائي زبانن ۾ ٿيندي رهي، حالانڪہ ٽالپر اميرن جي ٻولي سرائڪي ۽ سنڌي رهي.

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي جي انهن مقالن سان سندس هڪ ئي وقت ادب ۽ تاريخ جي خدمت سامهون اچي ٿي، جنهنڪري ڪيتريون سجعون، قطعہ تاريخون، تخت نشينيءَ جون تاريخون ۽ درٻاري واقعا پڌرا ٿي ايندڙ محققن لاءِ تحقيق ۾ مددگار ثابت ٿي سگهندا.

**شمس العلماء مرزا قليچ بيگ:**

سنڌي ادب جي نامور هستي شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي حياتيءَ تي مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي جو هي مضمون ماهوار 'نئين زندگي' آگسٽ 1958ع جي رسالي ۾ شايع ٿيو. هن مضمون ۾ شمس العلماء جي خود نوشت متعلق مسودن مٿس لکيل ٻين اديبن جي سوانح عمرين کان سواءِ سندس حصول تعليم، خواتين جي تعليم، ننڍي وهيءَ جي راندين، هنرمندن، ٻولين جي ڄاڻ، خوشخطي، نوڪري، کاڌ خوراڪ، پوشاڪن ۽ مشهوريءَ جي موضوعن تي مختصر ۾ جامع مضمون لکيو. اهو مضمون 2019ع ۾ منهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب 'اڀريو سورج سنڌ تي' ۾ شامل ٿيل آهي.

**مرحوم مرزا ٻڍل بيگ ـ سنڌي مرثيہ گو شاعر:**

شخصيتن تي سوانحي، علمي ۽ ادبي خدمتن تي ڪجهہ مضمون لکيا ويا، جن مان مير عبدالحسين خان سانگي جي ادبي شوق ۽ شاعريءَ جي شوق کان علاوه مرزا صاحب جو مٿيون مرزا قليچ بيگ تي مضمون ۽ هي مطالعو پڻ اهم آهن. مرزا ٻڍل بيگ ولد مرزا فتح علي بيگ ولد مرزا مراد علي بيگ 'سائل' سال 1279ھ ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. تعليم حاصل ڪري مير حاجي نورمحمد خان وٽ ڪاتب مقرر ٿيو. مير حسن علي خان جو ڪليات لکي ورتائين تہ مير صاحب سندس لياقت کي ڏسي وزير مقرر ڪيو. سندس طب ۾ مهارت سبب مير نورمحمد خان جي زال جو بيماريءَ ۾ علاج ڪيائين تہ شفايات ٿي ويئي. ان تي ميرن وٽ سندس مرتبو بلند ٿي ويو. سنڌي راڳ جو بہ ڄاڻو هوندو هو، وٽس ڪتان ڪتان جا استاد گويا اچي راڳ ڳائي داد وٺندا هئا. استاد گامڻ خان، پيارو خان، جمال خان ۽ سينتو خان اهم هئا.

مرزا ٻڍل بيگ شاعريءَ ۾ تربيت پنهنجي والد، مرزا قاسم علي بيگ ۽ مصري شاهہ نصرپوريءَ کان حاصل ڪئي، جنهن جي اعتراف ۾ چيائين تہ:

استاد منهنجو ڪامل مصري شاهہ نام بيشڪ،
هئي شعر ۾ انهيءَ جي لذت فسون گري جي.

مرزا صاحب کي سندس پاءُ مرزا قاسم علي بيگ چيو تہ سنڌي ڪلام ۾ 'ٻڍل' تخلص ڪتب آڻجي تہ فارسيءَ ۽ اردو ۾ 'مرزا' پڻ. جنهن تي عمل ڪيائين. سندس ڪتبخانو ڏسڻ وٽان هو. ڇاپي ڪتابن سان گڏ قلمي ذخيرو بہ موجود هو. سندس تصنيفات ۾ ديوان ۽ ڪليات، مختارنامو ۽ حملہ حيدري ۽ مناظره ۽ سفرنامہ آهي. سندس وفات 12 ذيقعد 1334ھ مطابق 11 سيپٽمبر 1916ع سومر

ڏينهن شام جو ستين وڳي ٿي. کيس ميرن جي قبن ۾ مير نصير خان جي صفحي جي پرسان امانت طور دفنايو ويو. بعد ۾ 1918ع ۾ ڪربلا معليٰ ۾ مرزا صاحب جي نالي تي قبرستان خريد ڪري مير صاحبن دفن ڪرايو.

'مرزا بِدِل بيگ جي مرثيي نگاري' جي عنوان سان ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' جو هڪ مضمون ماهوار 'نئين زندگي' مارچ 1971ع ۾ شايع ٿيل آهي. مرزا صاحب جي وفات تي مرزا سلطان حيدر بيگ هن ريت قطعه تاريخون رقم ڪيون:

جڏهن خلد ٿيو راهي مرزا بِدِل بحق
سلطان هوس دل ۾ شه ڪربلا سان عشق
مدفون ٿي ڪربلا ۾ سندس نعش پاڪ،
443
جو آغاز کان بِدِل کي هو شاه هدا سان عشق.
1473 + 443
1916

ڪئي قضا دنيا مان جڏهن مرد مومن ديندار،
هو بِدِل سلطان غلام پنجتن پڻ سربسر،
مرثيه گوئي جو آ مهر مبين ٿي ويو نهان،
حشر ۾ محشور ٿيو در خدمت خيرالبشر.

**مهراڻ جي ماٿريءَ جو تاريخي شهر ـ حيدرآباد:**

هي مقالو ماهوار 'نئين زندگي' ڊسمبر 1960ع جي رسالي ۾ شايع ٿيو. مصنف حيدرآباد کي 'نيرون ڪوٽ' کان سواءِ 'پٽالا بندر' ثابت ڪيو آهي. چوي ٿو ته: "اسڪندر مقدوني 327 قبل مسيح ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪئي ته پٽالا جي راجا موڪسس سندس آڌ مجي." جاگرافيائي لحاظ کان پٽالا ۽ نيرون ڪوٽ اتي ئي آباد هئا، جتي حيدرآباد آهي. ان لاءِ هن علامه شمس الدين احمد بن محمود شهروزي جي ڪتاب 'نزهته الارواح' جي حوالي سان و روضته الافراح في تواريخ الحڪماءُ المتقدمين والمتاخرين نيرون کي بيرون مدينته بالسند ڏيکاريو آهي. نيرون ڪوٽ ڇهين صدي عيسوي ڌاري راءِ گهراڻي جي حاڪم راءِ سيهرس بن ساهسي راءِ جي حڪومت ۾ برهمڻ آباد ٿي هٽ هيٺ هو. ان وقت پٽالا بندر اجڙي چڪو هو. ستين صدي عيسوي جي پڇاڙيءَ ۾ راجا ڏاهر پاران نيرون ڪوٽ جو حاڪم سندر نالي مقرر ڪيل هو جنهن کي 'شمني' جو لقب مليل هو ۽ ٻڌ ڌرم جو هو. 1182هه ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي قلعو تعمير ڪرايو ۽ خداآباد هالن واري ڇڏي حيدرآباد کي گادي بڻايو. حيدرآباد جي تاريخ جو تسلسل سان چڱو واضح تاريخي پسمنظر بيان ڪيو ويو آهي. شهر ۾ مختلف ماڻهن جي نالن سان جيڪي ٽنڊا منسوب ٿيل آهن، تن جو به تذڪرو موجود آهي.

**قديم تاريخ يادگار ـ حيدرآباد جو قلعو:**

ميان غلام شاهه ذوالحج 1182هه ۾ قلعو تعمير ڪرائي اچي ويٺو. قلعي جو سال قرآن مجيد جي هن آيت مان اخذ ڪيو ويو. "يَارَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا امِنًا" يعني اي ڌڻي هن شهر کي امن وارو ڪر، قلعي ۾ مختلف عمارتون تعمير ڪرايون ويون. انهن تي پوءِ انگريزن اچي قبضو ڪيو، قلعي جو مختصر ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

**جنگنامو 'مياڻي':**

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي سنڌ ۾ ٽالپر اميرن جي تاريخ متعلق درست مطالعو پيش ڪرڻ لاءِ جيتري محنت ڪئي آهي، تيترو علمي حلقن مان اعتراف ٿي ڪونه سگهيو آهي. ٽماهي 'مهراڻ' جي سن 1957ع جي پهرين ۽ ٻي رسالي (ص 142 کان 163 تائين) ۾ مياڻي جي جنگ تي هڪ نظم جنگنامو 'مياڻي' شايع ڪرايو. هي رزميه نظم سيد احسان علي شاهه ولد سيد ثابت علي شاهه 'ثابت' ڪربلائي جو تخليق ڪيل آهي. مسدس جي صنف ۾ پنجهٺ بندن تي مشتمل بحر رمل مثمن محذوف جي وزن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن تي لکيل نظم تاريخ جو درست ۽ حقيقي منظرنامو پيش ڪري ٿو. ان منجهان اختصار هن طرح آهي:

بارڪ الله! مير، مومن مصطفيٰ جو ديندار،
سنڌ سرور بنده پرور، شاه عالم، شهريار،
جنهن جي در دائم سلامي خلق عالم بيشمار،
هر ولايت ۾ سدا ٻانيڪنامي آشڪار.

سايہ فضلِ خدا جو دائما سرتاج هو،
سڀڪو ان جي لطف ۽ احسان جو محتاج هو.

سنڌ جي شمشير جو ناموس عالم آشڪار،
ٿا ڪنبن ڪوپا دلاور شير سرڪش هو ديار،
آهي ناموس بزرگان نت اسان کي يادگار،
ڪئن ڪريون ناموس ڪم، اي خسروِ عالي تيار؟
”اڄ ڪنداسين جنگ هن ڪفار مشترڪ سان مڙي،
مير سين ويندا سين هرگز نہ ورنداسون وري!“

ٿيا ٻئي لشڪر مقابل ۽ وڄاياٺون نفير،
صف بصف سڀئي دلاور جنگ تي ٿيا جانگير،
نامور ’نصر من الله‘ چئي اُٿيا غازي امير،
جنگ جو جهونجهار جنگي جان محمد شيرگير،
تنهن سان گڏ سيد فتح محمد لکياري پهلوان،
ٿيا بهادر بيمثل جنگاهہ ۾ سورهيہ سجان.

ڦرين حملي ۾ هڻائي ڪيئون فرنگي خستہ جان،
تير باران چوطرف ميدان ۾ ڪيا پهلوان،
صف شڪن صفدر صفون ڪيون صاف مردِ پهلوان،
ڏڙ ڏڙن تي ڍير ڪيا هرسو سڻي سورهيہ سجان،
فتح هئي اسلام جي لشڪر جي بيشڪ بيد رنگ،
پر گهرو دشمن ڪري، ٿي جنگ جو ويو هو ٻيو رنگ.

تير باران رڻ ۾ ڪئي انگيز ات بي انتها،
چوطرف ٿيا تير بي پايان جو باران بيخطا،
۽ پليتن دشمنن جا تير زرهن ۾ لڳا،
۽ لڳي سيني جوانن جي ڇٽي ڪمرن ۾ پيا،
مير مومن نامور کي تير ڪنهن بي پير جو،
۽ ڪلهي ساڄي کان ڪُرتي مون لنگهي سو پار پيو.

مير صاحب! تنهنجا نت حامي حمايت چار يار،
تون سدائين چار ياري آهين، مومن دينار،
سنڌ- سرداريءَ جي سر دستار تنهنجي، تاجدار،
سوٽ پاٽيچا روانا ڪر مڙوئي آ شڪار،
تن سان ماڻهو پنهنجا ڪر همراهہ پانهون ڏئي اچي،
هان، متان سرڪش وري سنڀري سڀئي نڪري وڃن.

قفل ڏيئي ڳوٺ جو دربند ڪيو ڪوڙي يزيد،
مير قيدي ڳوٺ ۾ ڪيا هاءِ ان قومِ عنيدِ!
ڪيئون صداقت مون عداوت، ٿيا ڦري سرڪش شديد،
خط نيان جرنيل ڏي جلدي منجهئون آوت پليد،
چيئين وڃي انگريز کي هڻ مير صاحب جي دعا،
قيد ڪياسين ڳوٺ ۾ دشمن سنڌ ڏيئي دغا!

شاها! ”احسان علي“ مسڪين ثابت، جئن گدا،
تنهنجي در دائم سوالي آهي سائل، سيدا،
لطف پنهنجي ساڻ سڻ عاجز سندي هيءَ التجا،
ڪر سندم هي مرثيو ’مقبل‘ جئن، شها!
مدح خوانيءَ جو ڪُهري انعام شاعر ’شاهہ‘ کون،
نت فضل ’احسان‘ هردم تو پئي الله کون!

’جنگنامو مياڻي‘ جي پيش ڪرڻ کان اڳ ’احسن ڪربلائي‘ ان تي چئن صفحن جو هڪ ڪارائتو مضمون پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪيترين تاريخي ڇنڊڻن ۽ حقيقتون سمايل آهن. ڪيس هي جنگنامو مير نورمحمد بن مير علي بخش خان جي ڪتبخاني ۾ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين جي هڪ بياض ۾ ڏسڻ ۾ آيو.

سنڌ تي انگريزن جي حڪومت هئڻ ڪري، ڪنهن بہ تاريخ لکندڙ کي ايتري جرائت ڪانہ ٿي، جو مياڻيءَ جي جنگ جي سچيءَ حقيقت کان قوم کي واقف ڪري، درسي ڪتابن ۾ يا عام ماڻهن جي ذهن تي نقشو چٽيل آهي، سو نہ رڳو وڏاءُ ٿيل آهي، بلڪ نسورو ناحق آهي.

مياڻيءَ جي جنگ جي هار جو سڀ کان وڏو سبب ميرن جو گهرو نزاع هو، جو اڄ بہ ماڻهو چوندا آهن تہ ’ميرن جي ڪٿان ڦِٽي؟ چي: گهر مان ڦِٽي!‘ ان وقت سنڌ ٽن پاڳن ۾ ورهايل هئي: هڪ پاڳو خيرپور وارو مير رستم خان ۽ سندس ماٽيجي ڀاءُ مير مراد علي خان جو، ٻيو پاڳو ميرپورخاص وارو مير ٺاري جي اولاد وارو، ٽيون حيدرآباد وارن ميرن جو.

مياڻي جي جنگ ۾ انگريزن جي فوج جو تعداد پنجن ڇهن هزارن جي وچ ۾ هو ۽ بلوچن جو لشڪر پنجن هزارن کان وڌ ڪين هو. نيپئر ۽ سندس ڀاءُ وليم نيپئر غلط انگ اکر ڄاڻايا آهن.

ڪن بلوچن ته پنهنجي پيرن ۾ ڏاوڻ وجهي، مياڻيءَ جي ميدان ۾ پاڻ کي ٻڌي ڇڏيو هو ته جيئن لڙائيءَ جي زور وقت پير پٺتي نه هٽي سگهن.

ڇيو وجي ٿو ته ثابت علي شاهه نواب اعظم سان سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو، اهو سن 1128هه ٻڌايو ويو آهي. اهو درست ڪونه آهي، ثابت علي شاهه جو ڏاڏو سيد نورمحمد شاهه عرف ثابت علي شاهه ولد سيد عيسيٰ شاهه نواب اعظم خان سان 1128هه سان ٺٽي آيو. پوءِ 1131هه ۾ سيوهڻ لڏي آيو، جتي ثابت علي شاهه 1153هه ۾ سيوهڻ ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو مدار علي شاهه هو. ثابت علي شاهه 27 جمادي الثاني 1225هجري ۾ سيوهڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو. مير فتح علي خان ٽالپر سندس قطعه تاريخ رقم ڪئي، جا سندس مرقد تي ثبت ٿيل آهي.

شبِ شهادت شاهِ شهيد، رحلت کرد،
امير فتح علي خان خديو صاحب عصر
بگفت 'ثابت' زوار سال تاريخش،
'مکين قصر بهشت و مکان بهشتي قصر
1127هه 1218 (تاريخ مرقد)

تڪمله مقالات الشعراء جي مقدمه نگار، تصحيح ۽ حواشيه نگار حسام الدين راشديءَ، سيد ثابت علي شاهه جي احوال جي تصحيح لاءِ احسن ڪربلائي جي مذڪوره مقالي تان استفادو ڪيو آهي. (ڏسو تڪمله مقالات الشعراء، ص 94 کان 97) تڪمله جي ص ص 315، 317 ۽ 732 تي سندس ڪتبخاني ۾ موجود مخطوطن جو احوال ملي ٿو.

هن جنگنامي جو ليکڪ احسان علي شاهه سيد ثابت علي شاهه جي ٻن پٽن مان ننڍو پٽ هو. سندس وڏي پٽ جو نالو سيد امداد علي شاهه هو. سيد ثابت علي شاهه جي وفات کان پوءِ مير مراد علي خان، سندس اولاد کي سيوهڻ مان گهرائي حيدرآباد ۾ ميرن جي قبن جي پرسان جايون ۽ لوازمو ڏيئي رهايو.

**ناٽڪ نويسي:**

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي ادب ۾ نظم ۽ نثر جي هرهڪ صنف جو ماهر هو. جنهنڪري آسانيءَ سان پنهنجي ادراڪ ۽ احساس جو اظهار ڪري سگهندو هو. هو جڏهن مير ٽالپرن جي علمي ۽ ادبي شوق ڏانهن متوجهه ٿيو، تڏهن سندس دلچسپي وڌي ويئي، پوءِ ته گهرائيءَ سان ان جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو. انڪري مٿس گهرا اثرات مرتب ٿيندا رهيا. ايستائين جو جيئن سندس ادراڪي قوتون ۽ صلاحيتون جنبش ۾ آيون، تيئن هو مختلف شخصيتن جي علمي شوق تي مقالا لکندو آيو. اهو سلسلو جيستائين هليو تيستائين انهن جي آسپاس جي ماحول ۽ ماڻهن جي ڪردار جو به جائزو وٺندو آيو. اهڙيءَ طرح انهن افرادن کي به تاريخ جي ترتيب ۾ جاءِ ڏنائين. محقق جي حيثيت سان تحقيق جون ذميواريون نباهڻ کان پوءِ اديب ۽ تخليقڪار جي احساسن جو تلاطم وري نئين جوش ۽ جنون سان متحرڪ ٿيو ۽ فطري تقاضائن مطابق ادب جي اهم صنف 'ناٽڪ' جي تخليق لاءِ قلم سنڀرايائين. جيتوڻيڪ سندس مقالن لکڻ وارو وقت سن 1954ع ۽1955ع وارو چئي سگهجي ٿو ۽ انهن جي اشاعت پوءِ سلسلي وار هلي. آگسٽ 1956ع تائين ۽ بعد ۾ ڪن ٻين سلسلن سان به منسلڪ رهي. ان ئي زماني ۾ ناٽڪ جي تخليق عمل ۾ آيل ٿي ڏسجي.

**'مياڻيءَ جي جنگ جو فيصلو':**

جنگ ڪريسون، پُٺ نه ڏيسون،
مرويسون، پر سنڌ نه ڏيسون!

حيدرآباد مان ترقي پسند تحريڪ جي ترويج لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو 'پرهه ڦٽي' جي نالي سان قاسم شاذ ۽ مس سڪينه سنه 56-1955ع ۾ جاري ڪيو، جنهن جي پهرين نمبر ڪتاب ۾ (ص 67 کان 80 تائين) هي ناٽڪ شايع ٿيو.

سنڌ جي تاريخي واقعي متعلق هي تاريخي ناٽڪ شايع ٿيو. منهنجي خيال ۾ ورهاڱي کان سنڌ جي تاريخ سان تعلق رکندڙ پنهنجي نوعيت جو هي پهريون ناٽڪ چئي سگهجي ٿو. هي ناٽڪ 'تاريخي ڊائلاگ' جو اهو منفرد مثال آهي، جو سنڌي ناٽڪ

نويسيءَ ۾ الڳ حيثيت جو حامل ٿي سگهي ٿو. مصنف ڪي حقيقتون تاريخي تناظر ۾ رقم ڪرڻ ڪان آرٽ جي هن صنف ۾ محسوس ڪرائڻ جي، جا ڪوشش ڪئي آهي، تنهن ۾ ڪيس چڱي ڪامياب ٿي آهي، هن پڙهندڙن کي حقيقتن کان آگاهه ڪرڻ ۽ قلم جي وسعت تي اعتماد ڪرڻ جو سبق پيش ڪيو آهي. جنهن ڏانهن ادب جي شائقن کي توجهه ڏيڻ گهرجي. اهو ناٽڪ بعد ۾ اٺن سالن کان پوءِ جڏهن ماهوار رسالي 'نئين زندگي' اپريل 1964ع (ص 35 کان 38) ۾ شايع ٿيو، تڏهن پڙهندڙن جو خوب ڌيان ڇڪايائين. سنڌ ته بجاطور، پر هند مان پوني جي اديب ڪشور اجيت لکيو: 'مان جڏهن اپريل جي 'نئين زندگي' (جا ستيش روهڙا کان ملي) ۾ 'مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون' (ناٽڪ) پڙهيو، تڏهن منهنجي اکين مان اجهل پاڻي وهي ويو." (ن. ز: جولاءِ 1964ع، ص 54)

سدا ايريا سنڌ ۾، آنديءَ جيئن انسان،
وڙهندي مٽِس مهان، مٽيءَ منجهه سمائيا.
(اياز)

**تصنيفات:**

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي جو ڪتاب 'واقعہ ڪربلا' جي نالي سان 1950ع ۾ انجمن اماميہ سنڌ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. علامہ رشيد ترابي ان سال واقعہ ڪربلا کي چوڏهن سئو سال ٿيڻ ڪري آل سنڌ- هند پنجاب ڪانفرنس ڪرائي هئي جنهن ۾ سنڌي ۽ اردو ڪتاب ڇپايا ويا هئا. سندس ان ڪتاب جي اشاعت بہ ائين عمل ۾ آئي. سن 1961ع ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ريجن پاران ڇهين ڪلاس جي شاگردن جي لازمي مطالعي لاءِ 'ديني تعليم' جي نالي سان هڪ ڪتاب مخدوم امير احمد سان گڏ لکيو، جو ٽيهن سبقن سان هڪ سؤ ٽيهن صفحن تي مشتمل آهي. ڪرائون سائيز جو هي ڪتاب آگسٽ 1961ع ۾ دين و دنيا بوڪ ڊيپو شاهي بازار حيدرآباد پاران ڇپايو ويو.

**اميرانِ ٽالپور کي علمي ڪارنامي:**

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي جا سنڌي زبان ۾ لکيل اهي مقالا پروفيسر رحمت فرخ آباديءَ اردو ۾ ترجمو ڪيا، جي ڪتابي صورت ۾ آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس' ڪراچي پاران 1988ع ۾ شايع ٿيا. ڪتاب جو پهريون ڀاڱو مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي جي مقالن تي مشتمل آهي ۽ ٻيو ڀاڱو ٻين خيرپور جي ٽالپر حڪمرانن جي مختصر تاريخ ۽ اتي جي ديني ۽ اسلامي تعليمات تي ڊاڪٽر دائودپوٽي ۽ عطا محمد حامي جا مضمون ترجمي جي صورت ۾ ڏنل آهن، پوين ڪجهه صفحن تي ضميما پڻ ڏنا ويا آهن. بهرحال اهي مفيد مقالا جي هر لحاظ کان اهميت ۽ افاديت وارا آهن، سي اڄ تائين سنڌ جي ڪنهن بہ اشاعتي اداري پاران ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرا ڪونہ ٿي سگهيا آهن. جنهن جا هونئن تہ ڪهڙا بہ اسباب ٿي سگهن ٿا، مگر انهن جي گڏيل اشاعت کان اسان جا ادارا يا انهن جا منتظمين نابلد رهيا هوندا. اڄوڪي تحقيقي دور ۾ وقت جي ۽ تحقيق جي ضرورتن کي شايد محسوس ئي ڪونہ ٿو ڪيو وڃي، حالانڪ سنڌ جي اعليٰ تعليمي ادارن جي هرهڪ شعبي ۾ ڪيترن ئي مختلف عنوانن تي تحقيقي مقالا لکجن پيا، جن تي سَندون پيون ڏنيون وڃن، پر ڪوبہ اهڙو ادارو ڪونہ آهي، جو اهي مقالا ڇپائي، اسان جي اشاعتي ادارن جي منتظمين ۾ بہ هاڻي تہ ڊاڪٽوريٽ جون ڊگريون حاصل ڪيل داناءَ بہ شامل آهن، پر اهي بہ ذاتي پسند ۽ ناپسند جهڙن لاڙن کان مٿاهان ٿي نہ سگهيا آهن. اڳ جڏهن فقط بي.اي ۽ ايم.اي جون ڊگريون رکندڙ منتظمين هوندا هئا ۽ ڊاڪٽرن جي گهٽائي بہ ڪونہ هوندي هئي، تڏهن مختلف تحقيقي عملن لاءِ رٿائون بہ جڙنديون هيون تہ ڪارڪنن جون ڪاميٽيون بہ ٺهنديون هيون. اڄ اهڙيون رٿائون تہ ڪونہ ٿيون جڙن، ماڳهين جيڪي نور نچوئي ڪجهه ڪندا رهن ٿا، تن جي تصنيفن ۽ تاليفن ڇپائڻ جا مجاز اهي مجاور آهن، جن جي ڪاتي ۾ ۾ ڪو تحقيقي شهپارو تہ نظر ڪونہ ايندو، البت ٻين سمورن اديبن ۽ محققن جي شايع ٿيندڙ تصنيفات متعلق ڪانئن اهي دعوائون ٻڌبيون تہ جي انهن جي هستيءَ جا هٿ نہ هجن ها تہ نہ هوندا اهو ڪتاب ائين ڇپجي سگهي ها ۽ نہ مصنف يا مؤلف ان لائق ٿي سگهي ها!

**شاعري:**

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي کي شعر ۽ شاعريءَ سان شوق ننڍپڻ کان ئي هو. سن 1914ع کان 'ظفر' تخلص اختيار ڪري شعر چوڻ لڳو. ان وقت هن جي عمر سترهن سال هئي. سندس شاعري جڏهن والد صاحب ڏٺي، تڏهن کيس هدايت ڪيائين ته 'تعليم مڪمل ڪري پوءِ پلي شعر چئو في الحال ڌيان پڙهائيءَ ۾ ڏريو'. والد جو حڪم دل تي رکي ڇڏيو. تعليم مڪمل ڪري، شعر چوڻ لڳو. ان زماني ۾ مشاعرن جو رواج به گهٽ هو. غير طرحي مشاعرن کان سواءِ طرحي مشاعرا به ٿيندا هئا. سن 1930ع ۾ حيدرآباد ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جو بنياد پيو ته احسن ڪربلائي، ان جي باني خانبهادر محمد صديق ميمڻ جو اهم صلاحڪار ۽ پاڻهن پيلي ٿي بيٺو. سوسائٽيءَ لاءِ کيس ڪيترائي ڪتاب ڏنائين، جن مان گهڻي مدد وٺڻ کان سواءِ کي ڪتاب ڇپايا به ويا. هُو شايع ٿيندڙ سالياني رپورٽن ۾ پنهنجي خدمتن جي ذڪر کان ڪناره ڪش رهندو هو. ان جي پهرين ساليانو جلسي جي مشاعري لاءِ مصرع طرح ڏني ويئي هئي: 'سج چڙهي آيو مٿي اُٿ ننڊ مان بيدار ٿي'. ان مصرع طرح تي 'احسن' ڪربلائي صاحب به طبع آزمائي ڪئي:

تان ڪجا هي غفلتون اي قوم تون هوشيار ٿي،
"سج چڙهي آيو مٿي اُٿ ننڊ مان بيدار ٿي."

ذرو ذرو ٿي ويو روشن سحر جي نور کان،
پر تون آهين خواب راحت ۾ پيو بيڪار ٿي.
بسترِ راحت تان اُٿ اي نوحه خوان هست بود،
هوش ڪر ڇڏ نيستي تون چست ٿي باڪار ٿي.
ختم ڪر دور شراب نيستي لله تون،
بادهٔ بيداري کان پُرڪيف ٿي سرشار ٿي.
اي اسيرانِ عياشي ڪشتگانِ بي حسي،
وقت آيو تون رباب و چنگ کان بيزار ٿي.
علم جي دولت تي آهي، قوم جو دارومدار،
پر اسان جي قوم هن دولت کان اڄ نادار ٿي.
صرف ٿي جا قوم ملت لئي سا بهتر زندگي،
ورنه 'احسن' ڪربلائي زندگي بيڪار ٿي.

'احسن' ڪربلائي جو قلم جهڙو آهي نثر ۾ پختو، تهڙو آهي نظم ۾ مضبوط. فني نڪته نگاهه کان عروضي بندش به مستحڪم ته فڪري لحاظ کان به اظهار ۾ وسعت ۽ پرواز جي بلندي دلڪشيءَ جو سبب ٿي رهي. پاڻ بحر عروض تي پنهنجا خيالات هن ريت منظوم ڪيائين:

بحر عروض جا سي شناور ڪٿي ڪٿي،
صدف سخن جا اڄ ويا گوهر ڪٿي ڪٿي.
ڏاڪو هو جن جي نظم جو روئي زمين تي،
رونق مشاعري جي ٿي جن جي ڪلام کان،
شيرين زبان ٿيا سي مقرر ڪٿي ڪٿي.
ڪوشش کان جن جي سبز هو بستان مرثيه،
بوئي سخن سند اسي گلِ تر ڪٿي ڪٿي.
روشن هو آسمان غزل جن جي نور کان،
فلڪ سخن جا خسرو خاور ڪٿي ڪٿي.
زيرنگين جن جي هئي اقليم مثنوي،
سي ڪشور سخن سندا افسر ڪٿي ڪٿي.
مشهور جن جي تيغ مخمس جهان ۾ هئي،
ميدان نظم جا سي دلاور ڪٿي ڪٿي.
ميدان رباعي جو ٿي رهيو جن جي هٿ سدا،
ملڪ سخن جا شير بهار ڪٿي ڪٿي.
اصلاح شعر تي ٿي ڏني جن خيال سان،
استاد مهربان سي سخنور ڪٿي ڪٿي.
صحبت مان فيض جن جي رسيو ٿي اي گل حسن،
سي نڪته دان فيض سندا گوهر ڪٿي ڪٿي.

'احسن' ڪربلائي جي ڪلام جي گهرائي، بلندي ۽ انداز بيان متعلق سوچجي ٿو هت هر مصرع محاسن ڪلام جو اهڙو مثال آهي، جيئن هڪ هنڌ چوي ٿو:

مشتاق اهل سخن سندءِ شعر جا ٿيا،
احسن سين کي ٿيو تنهنجو حُسن بيان پسند

هن جو ڪلام حسن ۽ عشق کان سواءِ زندگي ۽ ڪائنات جي بين گهڻن ئي موضوعن جو خزانو آهي. فرقت، جواني، دوستي، وطن سان محبت، رشد ۽ هدايت ۽ موت کان پوءِ شاعر ۽ عاشق کي محبوب جو اوسيڙو ۽ اضطراب. انهن عنوانن تي سندس نازل خيالي ۽ نباهه کي ڏسي حيرت ٿئي ٿي.

شاعريءَ ۾ نه ته هو سهل پسنديءَ جو قائل ٿو نظر اچي، ۽ نه ورجاءُ وهيٺو. ڏکي زمين ۾ متوجهه ڪندڙ پختو ڪلام جڻ ته مرزا خاندان ۽ اباڻي ورثي جي ارتقا جي اهڙي سونهري ڪڙي پيو محسوس ٿئي جو جيڪر ائين چئي ڏجي ته اهوئي ڪمال فن ۽ جمال سخن آهي.

ٿي ٿئي رخسار مصحف ساڻ همسر آرسي،
ايترو گستاخ ٿي الله اڪبر آرسي.
زنده جاويد ٿيو اظهر هرهڪ اهلِ ڪمال،
تان قيامت جڳ ۾ ٿي نام سڪندر آرسي.
خود نمائي تنگ ٿي روشن دلين جي واسطي،
ڪنهن طرح ظاهر ڪري باطن جا جوهر آرسي.
سنگدل ڪي پنهنجي پاسي ۾ جڳهه هرگز نه ڏي،
ڏس رکي ٿو ڪير پٿر جي برابر آرسي.
غير جو احسان گوارا اهلِ جوهر ڪي نه ٿيو،
ٿي ڪڏهن بوئي زلف خوبان ڪان معطر آرسي.
دل ڪي دنيا جي هوا ۽ حرص ڪان تون ڏور ڪر،
دم جي آمد شد ڪان ٿي پڻ مڪدر آرسي.
دل جي آئيني ۾ ڏسندس حال عالم گل حسن،
جام پنهنجي گهر رکي جم ۽ سڪندر آرسي.

مرزا 'احسن' ڪربلائي جي شاعريءَ جو معيار بلند آهي، جنهن تي سير حاصل گفتگو ڪرڻ لاءِ الڳ مقالي لکڻ جي گهرج محسوس ٿئي ٿي. ان لاءِ مثال جي چونڊ به ايتري گهٽي ڪري سگهجي ٿي، جو سندس ذخيرو گهڻو ڪمائتو ۽ ڪارائتو آهي. هُو حيدرآباد ۾ منعقد ٿيندڙ تقريباً مشاعرن ۾ شريڪ ٿي ڪلام پيش ڪندو هو. سن 1924ع ۾ لاڑڪاڻي جي بزمِ مشاعرا پاران ڏنل مصرع طرح: "چشم موسيٰ به حسرت رهجي ويئي ديدار جي" تي حيدرآباد ۾ مشاعري ۾ شريڪ ٿيو. ساڻس مرزا مدد علي به ان مشاعري ۾ شريڪ ٿيو. 1952ع ۾ جيڪب اباد جي طرحي مشاعري (فدائي قوم ٿي ۽ جذبهٔ ايثار پيدا ڪر) ۾ شرڪت ڪيائين. سن 1956ع ۾ حيدرآباد ۾ ريڊيو پاڪستان قائم ٿيو ته شروع کان ئي ان جي مشاعري ۾ شعر پڙهندو هو. پوءِ ته ريڊيو سان ايترو منسلڪ ٿي ويو جو ان لاءِ سندس خدمتن جو الڳ تذڪرو لکي سگهجي ٿو. سندس پختي نثر نويسي ۽ تحقيق جي ڏکي کيتر ۾ ڪامياب وکون کڻڻ جي باوجود طبيعت هر طرح موزون پئي محسوس ٿي. هو مشاعرن ۾ به شريڪ ٿي شعر پڙهندو هو. سندس حلقهٔ احباب به دانائن ۽ دانشورن تي مشتمل هو. سنڌي زبان ڪانسواءِ اردو ۽ فارسيءَ ۾ به تحريرون موجود آهن. پنهنجي زماني ۾ هو ادب جي دنيا جي نامور ۽ ناليوارن هستين ۾ شمار پئي ٿيو.

'احسن' ڪربلائي انگريزي ادب جو به مطالعو رکندڙ هو، پر سندس وڌيڪ مرغوب فارسي ۽ اردو ادب جو مطالعو هو. ايران جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن ڪان سواءِ هند- سنڌ جي اردو اديبن، عالمن ۽ شاعرن سان به گهاٽا ناتا قائم هوندا هئا.

**شخصي لاڙا:**

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي جي شخصيت علمي، ادبي لحاظ کان ته منفرد ۽ مثاهين هئي، پر سماجي ۽ شخصي طور به قابلِ داد هئي. هو محبت، خلوص، اخلاق، اخلاص، سهپ ۽ سنجيدگيءَ جو مثال هو. چاڪاڻ ته روحاني پور تي اسلام جي رهبر ڪامل حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ ۽ آقا جي اهلبيت حضرت علي ڪرم الله وجههٔ سندن آل حضرت امام حسنؑ ۽ حسينؑ سان گڏ معصومين جي فڪر ۽ راهه جو پيروڪار هو. سندن حيات مبارڪن جي عادات و اطوار ڪان نه رڳو واقف هو، پر نقشِ قدم تي هلڻ جو سختيءَ سان پيروڪار هو. اهل شيعت سان وابستگي هئڻ ڪري، مرثيه گوئي، سلام، مناقبا ۽ واقعه ڪربلا جي متعلق دردِ دل ۽ محبتِ آلِ رسول تحت مختلف اصناف سخن ۾ اظهار ڪرڻ ڪانسواءِ محفلن ۽ مجلسن ۾ پڙهي، عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندو هو. سال 1921ع ڪان انجمن اماميه سنڌ جي ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر رهيو ۽ ان جي هر تقريب ۾ پنهنجون تحريرون پيش ڪندو رهندو هو. روحاني اثر ڪري، زندگيءَ جو هر پهلو ان ئي روشنيءَ سان منور ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. انسانن سان محبت ۽ خلوص جو برتاءُ ڪندو رهيو. جيڪڏهن ڪنهي کو رويو ناگوار محسوس ٿيو ته گهڻي تدبر ۽ متانت سان ان تي سوچي، ردِعمل جي بجاءِ سهپ ۽ رواداريءَ جو رويو اختيار ڪري، اولاد ۽

عزيزن کي بہ ان کان متاثر ڪندو هو. هونئن بہ پاڻ ادراڪ سان گڏ احساس جي دولت سان بہ مالامال هو.

**سير ۽ سفر:**

دنيا حيرت ۽ عبرت جو جهان آهي، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ اهلِ دانش لاءِ ان جي حيثيت درسگاهہ واري آهي، ان جي مطالعي ۽ مشاهدي مان ئي هر قسم جي سکيا حاصل ٿئي ٿي. انڪري عام طور تي مردن لاءِ چيو ويو آهي تہ: 'مڙس رُلي تہ ڳُلي!' اتي 'رلڻ' مان مراد آوارگي وٺڻ نہ ڪپي، پر ڪليل اکين سان ڏسجي بصيرت سارو سکيا حاصل ڪرڻ آهي، ان لحاظ کان 'احسن' ڪربلائي بہ سير ۽ سفر جو شوقين ۽ شائق هو. پنهنجي حال سارو ڏيهہ پرڏيهہ ڏٺائين. سن 1921ع ۽ 1927ع ۾ مير نورمحمد خان سان گڏ ڪربلا معليٰ جي زيارتن تي ويو. ان سير ۽ سياحت مان هو روحاني ۽ دنياوي طور تي فيض ور ۽ لطف اندوز ٿيڻ سان گڏ مشاهدي سان سرشار ٿيو. ايران ۽ افغانستان جي مختلف شهرن گهمندي، اُتان جي مشاهيرن جي مزارن جي زيارت ڪري، مختلف تصنيفون ۽ تاليفون خريد ڪري آيو. انڪري هو پاڻ کي ذهني لحاظ کان پختو ۽ مطمئن محسوس ڪرڻ لڳو. ان سير ۽ سفر تان موٽي اچي 'ظفر' تخلص ترڪ ڪري 'احسن' اختيار ڪيائين.

سن 1934ع طبيعت ناساز هئڻ ۽ يڪسانيت جي اثر سبب ڊاڪٽر چمنداس جي صلاح سان سملي، ڊرمپور ۽ پنجاب گهمڻ ويو. لاهور ۾ نامور فلسفي ۽ شاعر علامہ اقبال ۽ اورينٽل ڪاليج لاهور جي پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر مولوي محمد شفيع لاهوريءَ سان ملاقاتون ڪري ڪتاب وٺي آيو. سندس ان سفر کان پوءِ سن 1935ع ڌاري ڊاڪٽر مولوي محمد شفيع لاهوري سنڌ جي علمي سفر تي نڪتو ۽ سموري سنڌ گهمي، ڪيئي قلمي ڇاپي ۽ ڪتاب تحفتاً حاصل ڪري ۽ خريدي ويو، هو جڏهن حيدرآباد ۾ آيو، تڏهن 'احسن' ڪربلائي وٽ مهمان ٿيو. هن کيس کُليءَ دل سان خاطر تواضع ڪئي ۽ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي لئبرري ڏيکاري. اها ڏسي هو بيحد متاثر ٿيو ۽ علمي ۽ ادبي شوق جو اعتراف ڪيائين. واپسيءَ تي اورينٽل ڪاليج ميگزين ۾ سموري علمي سفر جي روئداد رقم ڪيائين. بعد ۾ سندس پٽ اهي مضمون گڏ ڪري 'صناديد سنڌ' جي نالي ڪتاب ترتيب ڏيئي شايع ڪرايو.

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي جي جوانيءَ واري زماني ۾ مردن کي جسم جي جوڙ، جاننائي ۽ بهادري ظاهر ڪرڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. مطلب تہ ان دور کي ديڪا ديکيءَ جو دور بہ چئي سگهجي ٿو. ان جي اثر سبب هن مرد مجاهد کي بہ جسماني جوڙ، ڪسرت ۽ ورزش سان شوق رهيو. انڪري هو طاقتور ۽ توانو رهندو آيو. ان طاقت جي زور تي تارون بہ واهہ جو ٿيو. نئين ڦليليءَ جي هڪ ڪناري کان ٻي ڪناري تري پهچڻ تہ خير هو، پر ٽٻيءَ ۾ بہ يڪ ساهيءَ وڃي نڪرندو هو. انڪري دوستن احبابن ۾ وڏو ماڻُ لهندو هو.

**شادي ۽ اولاد:**

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي ٻہ شاديون ڪيون، سندس پهرين گهر واري پاڳيري بنت مرزا نورمحمد بيگ سان ٿي، جنهن مان هڪ فرزند تجمل حسن 'مشتاق' ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. اها گهر واري سن 1935ع ۾ وفات ڪري وئي، سن 1955ع ۾ سندس فرزند تجمل حسن بہ جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو. احسن صاحب 1937ع ۾ ٻي شادي خانم بنت محمد يوسف پٺاڻ سان ڪئي، جنهن مان توسل حسن 'ممتاز' مرزا، تفظل حسن 'ظفر' مرزا، نجمل حسن 'نجمي'، اختر حسين، غضنفر حسين ۽ سليم حسن ۽ ڇهہ نياڻيون اولاد ٿيو، سندس ٻي گهر واري 18- آگسٽ 2018ع تي وفات ڪري وئي.

'احسن' صاحب اولاد جي تعليم ۽ تربيت ڏانهن توجهہ ڏنو، جنهنڪري هو پنهنجي زندگيءَ جي مقصدن تعين ڪرڻ ۽ عملي طور ڪاميابين سان همڪنار ٿي، سکي زندگيءَ سان وابستہ رهيا. انڪري چئي سگهجي ٿو تہ هو پنهنجي وسيلن سارو پنهنجي گهُرجن موجب چيٽ ڪَتيءَ هڪجهڙو هلي، خود انتظامي جو پابند رهيو. سندس خودداري، ايمانداري، سچائي ۽ ثابت قدمي اڄ بہ جٽي ڪٽي پيئي ٻڌبي، توڙي جو سندس وڇڙي، اڇي چاليهارو سال پورا ٿيڻ وارا آهن. پاڻ پنهنجي زندگيءَ کي ڏکن سکن ۾ ۽

عارضي سمجهندي به ان ڏانهن مثبت رويو اختيار ڪندو آيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان وابسته رهيو. هن پنهنجي پنجهٺ سالہ ڄمار ۾ علمي، ادبي، مذهبي ۽ سماجي زندگي ۾ جيڪي به خدمتون سرانجام ڏنيون، سي سندس شخصي لحاظ کان غير محدود، وسيع ۽ قابل قدر مڃي سگهجن ٿيون، جن جو اعتراف علمي، ادبي ۽ مذهبي حلقن کان وڌيڪ سماجي حلقن ۽ تحقيقي حلقن ۾ ڪيو پيو وڃي.

**'احسن' ڪربلائي جي تحريرن جو علمي ۽ ادبي ڪارج:**

'احسن' ڪربلائي جي مٿي پيش ڪيل مضمونن ۽ مقالن سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي متوجهه ڪيو، تعليمي ادارن جي استادن، عالمن، اديبن ۽ محققن انهن جي مطالعي کي لازمي سمجهي، نہ رڳو تاريخ واري پهلوءَ ۾ پنهنجي مطالعي کي درست بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٽالپرن جي سموري حڪومتي دور ۾ سنڌ ۾ مختلف زبانن ۾ ادب جي ترويج جي خبر پئجي سگهجي ٿي. علامہ ڊاڪٽر دائودپوٽي جي بقول: "جيڪڏهن احسن ميرن تي نہ لکي ها تہ هوند اسان سنڌ جي ادب جي تاريخ جي هڪڙي نهايت عاليشان دور کان محروم ٿي وڃون ها. انهيءَ محبت لاءِ 'احسن' کي جس هجي، هن وڏي قومي خدمت سرانجام ڪئي آهي. (ن.ز: 1962/9ع، ص 5) اڄ کان سٺهٺ ورهيہ اڳ جيڪو ذخيرو 'احسن' ڪربلائي جي نظر کان گذريو، ٿي سگهي ٿو تہ ان مان ڪجهہ حصو زماني جي اٿل پٿل جي ور چڙهي ويو هجي، يا هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ منتقل بہ ٿيو هجي، بهرحال ڪن اهلِ علم ۽ ادب شناس افرادن انهن تحريرن مان ڪو استفادو بہ ڪيو هجي، جيئن حسام الدين راشدي پنهنجي تاليف امين الملڪ ميرمحمد معصوم بکري جي وفات جي تاريخ کي مستند سمجهڻ ۽ مير بزرگ هٿان لکڻ جي تصديق ڪئي، سن 1956ع ۾ جڏهن پاڪستان پبليڪيشن ڪراچيءَ پاران پير حسام الدين راشدي جي ترتيب ڏنل 'نئين زندگي' ۾ ڇپيل مضمونن، افسانن ۽ شاعري جو چونڊ مجموعو 'مهراڻ جون موجون' شايع ڪيو ويو. تڏهن 'ٽالپر حاڪمن جا علمي ڪارناما' عنوان هيٺ اهي مقالا چوراسي صفحن تي شايع ڪيا ويا، حسام الدين راشدي انهن متعلق لکيو تہ: 'مرزا 'احسن' ڪربلائيءَ جو مضمون 'ٽالپر حڪمرانن جا علمي ڪارناما' سنڌ جي تاريخ تي هڪ مستقل اهميت جو مضمون آهي." (ص 3)

ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جي مضمون جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. ان جي هڪ ٻئي مضمون 'سنڌي ادب ۾ رزميہ شاعري' ۾ پڻ مرزا ٻڍل بيگ جي شاعري متعلق گفتگو ملي ٿو. اهو مضمون سن 1966ع جي رسالي 'نئين زندگي' ۾ قسطن ۾ ڇپيل آهي.

هرومل سدارنگاڻي خادم پنهنجي ڊاڪٽوريٽ جي مقالي (Persian Poets of Sindh) جي صفحي 240 تي 'بياض احسن' تان استفادو ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي سنڌ جي محققن جي مدد لاءِ فراغ دلي جو مظاهرو ڪندڙ هو. سندس لئبرريءَ ۾ ڇپيل ڪتابن کانسواءِ ڪيترائي قلمي نسخا بہ موجود هئا، جي ونس وڏن کان ورثي ۾ مليل هئا، هو پاڻ بہ مير نورمحمد خان جي ڪتبخاني جي نظرداري ڪندو هو ۽ نهايت خوش خط هئڻ ڪري مير صاحب کانئس خط پٽ لکرائيندو رهندو هو. ضرورت آهي تہ اڄ تحقيقي لحاظ کان وڌندڙ رجحان ڪري احسن ڪربلائي جي حياتيءَ جي هرهڪ رُخ کي روشن ڪرڻ لاءِ ڪا مستقل تصنيف ترتيب ۾ آڻي ڪمي پوري ڪئي وڃي.

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي پنهنجي والد جي نرينہ اولاد ۾ ٻيو نمبر پٽ هو. اڳ ۾ وڏو پٽ مرزا غلام حسين هو. پاڻ ۾ ڪل پنج ڀائر هئا. کانئس پوءِ مرزا علي بخش 'ڪوثر' ۽ ننڍو مرزا امام

بخش 'اختر' ۽ مرزا يار محمد هو. ڪين ﺑﻪ پينرون هيون. سندس والد دوست محمد 'دوست' مرزا 24- سيپٽمبر 1920ع جمعي ڏينهن وفات ڪري ويو ﺗﻪ احسن صاحب ٽنين ڀائرن جي نظرداريءَ سان گڏ والد جي ڪٽنب جو سرپرست ٿي پيو. 'احقر' ۽ 'ڪوثر' ﺑﻪ اهلِ ذوق، باشعور ۽ محنتي هئا. مرزا امام بخش 'احقر' ۽ علي بخش 'ڪوثر' سان ڀائپي ﺗﻪ هئي، پر ساڻن دوستي ﺑﻪ هئي. ڪين 1955ع ۾ 'احسن' صاحب جي وڏي پٽ مرزا تجمل حسن جي ناگهاني موت گهرو صدمو رسايو. انڪري 'احسن' صاحب لاغر ٿي پيو. اهو ڏک تازوئي هو ﺗﻪ 8 آگسٽ 1961ع مطابق 25 صفر 1381ھ اڱاري ڏينهن 'ڪوثر' ﺑﻪ ڪوچ ڪئي. ان وقت سندس عمر اٺونجاھ سال، ست مهينا ۽ يارهن ڏينهن هئي، مرزا علي بخش 'ڪوثر' 27 ڊسمبر 1911ع مطابق 5 محرم 1330ھ اربع ڏينهن تولد ٿيو. 1933ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري لاڙڪاڻي ۾ انڪم ٽئڪس آفيس ۾ ڪلارڪ ٿيو. ٽن سالن ڪان پوءِ حيدرآباد جي صحت کاتي ۾ ملازمت ملي. جتي ترقي ڪري ائڊمنسٽريٽو آفيسر ٿيو. سندس وڇوڙي تي ٽنڊي آغا مٽان ڏک ۽ غم جي فضا ڇانيل رهي. سندس مرزا سلطان حيدر بيگ جي قطعہ تاريخ مان اهو الميو محسوس پيو ٿئي:

شعر و سخن جي خالي ٿي مسند غصب ٿيو
ڪوثر عجيب مرد هو حق معرفت ڪري.
1950 + 1961

محمد ابراهيم خليل جو قلم ﺑﻪ جنبش ۾ اچي ويو. خليل چئي ڏنو ﺗﻪ:

رحلت جي ڪيم سال جي ڳولا جو خليل اچ،
هاتف ﺑﻪ چيو مون کي ﺗﻪ صادق غم ڪوثر.

سندس آتم ڪٿا جو ننڍڙو ڪتاب لکيل هو، جنهن تي بهترين مهاڳ پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب لکي 'حيات ڪوثر' جي نالي سان شايع ڪرايو، ڪيس جَس هجي جو مرزا قليچ بيگ، مرزا مدد علي بيگ، مرزا غلام رسول مقبل ۽ 'احسن' ڪربلائي رهبر سخن هئا. مرزا علي بخش 'ڪوثر' جي معلومات لاءِ 'حيات ڪوثر' تان استفادو ڪيو ويو آهي.(6)

مرزا علي بخش 'ڪوثر' جي وڇوڙي جي ٻي سال 28 سيپٽمبر 1963ع مطابق 9 جمادي الاول 1383ھ ڇنڇر ڏينهن صبح جو ٻائيتاليهن سالن جي ڄمار ۾ مرزا امام بخش 'احقر' انتقال ڪري ويو، هن عربي ۾ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي مامي مرزا قربان علي بيگ ڪان حاصل ڪئي هئي. انگريزي تعليم هيرانند اڪيڊمي حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. ڪجهہ عرصو آبادڪاري کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. اها ڇڏي مختلف ڪلن جي جوڙجڪ ۽ مرمت ۾ ماهر ٿي ويو. ايستائين جو ريلن جون انجڻيون ﺑﻪ درست ڪري ويندو هو. انڪري پوري هندستان جا وڏا وڏا شهر گهمي ڏٺائين. ڳائڪي سان ﺑﻪ شغف هو ﺗﻪ موسيقي سان لڳاءُ، روز صبح جو ورزش ڪري، رياض ڪندو هو. هي باذوق انسان جڏهن وفات ڪري ويو، تڏهن مراد علي مرزا مٿس مضمون لکيو، جو مهراڻ 1963/3ع جي رسالي ۾ شايع ٿيو.

مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي، سنڌ جو دورانديش عالم ۽ اديب 28 اپريل 1962ع مطابق 22 ذوالقعد 1381ھ ڇنڇر ڏينن تي پنجهٺ سالن هڪ مهيني ۽ ستاويهن ڏينهن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات تي ماهوار 'نئين زندگي' جون 1962ع جي رسالي ۾ (ص 4) ان جي ايڊيٽر عبدالواحد سنڌي لکيو ﺗﻪ: 'موت جي ظالم هٿن اسان ڪان هڪ اديب ۽ مؤرخ مرحوم مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي کسي ورتو، مرحوم مرزا صاحب سنڌ ۾ ٽالپري عهد جي تاريخ جو هڪ وڏو ڄاڻو هو، 'ٽالپرن جي علمي ڪارناما' تي قسطن ۾ سندس ڪيترا مضمون رسالي 'نئين زندگي' ۾ شايع ٿيا آهن، جي گهڻي شوق سان پڙهيا وڃن ٿا. ادارو 'نئين زندگي' مرحوم جي عزيزن، عقيدتمندن ۽ پوئلڳن سان سندن غم ۾

شريف آهي. ڏٺي شل سندس روح کي اعليٰ عليين ۾ جڳهه ڏئي ۽ سندس پسمانده کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. عبدالقيوم 'صائب' سندس وفات جو سال (1381ھ) هيئن قلمبند ڪيو آهي:

گلشن- هستيءَ ۾ سهڻا گل ٽڙيا،
پر انهن ۾ 'گل حسن' هو بهترين،
شاعرو تاريخدان، ڄاڻو اديب،
گل حسن کي ٿا چون سڀ باليقين،
آهي اڄ ۾ سنڌ ۾ قحط الرجال،
پيا وڃن ويتر لڏي يار متين،
داغ حسرت جي ڪري اي گل ٿيون،
چشم پرنم ۽ دليون اندوهگين،
بار غم ڪان ماٺ ۾ 'صائب' هيس،
تا ڏنو پيغام جبريلِ امين،
ڪلڪ ڪڻ احسن جو لک سالِ وصال،
'جنت الفردوس ۾ ٿيو جاگزين.'

حفيظ هوشيارپوري به فارسيءَ ۽ اردو ۾ قطعہ تاريخون 1381ھ لکيون: (7)

محرم راز درد جدائی برفت، آشنائی غم، آشنائی برفت،
ڪربلائي بحق واصل وسال او، ميرزا گل حسن ڪربلائي برفت
1381ھ

گیا آشنائی، غم آشنائی،
ديا ڪربلائي ني داغ جدائي
1381ھ

باندزه غم هئي تاريخ رحلت
غم گل. حسن ماتم ڪربلائي
1962

مرزا سلطان حيدر بيگ، احسن مرحوم جي وصال جو سال 'بنده مغفور لکھ' اردو ۾ هيئن لکيو:

دار دنیا سے احسن کربلائی چل بسے،
ہے صدائے دل کہ ان کو شاعر مشرور لکھ۔
سال رحلت ان کا لکھنے کا ہوا جس دم خیال،
دی ندا ہاتف نے سلطان 'بندہ مغفور لکھ'
1381ھ

مرزا گل حسن احسن ڪربلائي ڪيترن خاص انساني اخلاقن ۽ اوصافن جو اهڙو مثال هو، جو حيدرآباد جي سرزمين تي شايد ڪو ٻيو نظر ايندڙ هجي. قابليت ۾ يگانو ته هوئي، پر انڪساريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. اڪثر سندس ڪتابن تي پنهنجي لاءِ لکي ڇڏيندو هو:

احسن برائے نام ہوں ہر فعل ہی برا۔

## حوالا:


1. طالب المولىٰ مخدوم محمد زمان: "يادِ رفتگان" ص 34، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ڇ-3 2012ع
2. مرزا عباس علي بيگ: مرحوم مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي (مضمون) ص 4، نئين زندگي رسالو 1962/9ع
3. 'خليل' مخدوم ابراهيم: 'تڪملہ مقالات الشعراء'، ص 385، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، 1958ع
4. قادري اياز: 'سنڌي غزل جي اوسر'، ص 215 ج 2، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ڊسمبر 1984ع
5. راشدي حسام الدين: امين الملڪ نواب مير محمد بکري ج 2، ص 173، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
6. ڪوثر مرزا علي بخش: 'حيات ڪوثر'، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 2014ع
7. مراد علي مرزا: 'مرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي، پارڪو پارس جا' (مضمون، ص 144، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ سندس همعصر عالم ۽ اديب" (2007ع)، مرتب: ڊاڪٽر قاضي 'خادم'، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

**محمد حبيب سنائي**
هالا پراڻا

# اي.بي آڏواڻي ايم.ايل.ايل.بي هڪ وساريل مورخ

ويهين صديءَ جي ٽئين ۽ چوٿين ڏهاڪي ۾ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ ان جي انگريزي ٻوليءَ واري جرنل سنڌ جي تاريخ کي جديد بنياد تي مرتب ڪرڻ ۾ اهم رول ادا ڪيو آهي. ان تنظيم جو هڪ سرگرم عهديدار ۽ سوسائٽي پاران شايع ٿيندڙ جرنل جو هڪ ايڊيٽر اي.بي آڏواڻي به هو. ياد رهي ته هيءُ صاحب سوسائٽي جي بنياد وجهندڙن رڪنن مان هڪ هو. آڏواڻي صاحب سال 1934ع کان وٺي، جڏهن سوسائٽيءَ جو باقاعدي قيام ٿيو، سال 1942ع تائين نه صرف سوسائٽي جو جوائنٽ سيڪريٽري، لائبررين رهيو، پر پهرئين شماري کان وٺي 24 شماري تائين ان جو ايڊيٽر به رهيو. ان کان علاوه جرنل ۾ وڌ ۾ وڌ لکندڙ جيڪي چند ليکڪ هئا، تن مان به هيءُ هڪ هو.

افسوس اهو آهي ته هن جي ذاتي زندگيءَ جو تفصيلي احوال موجود ڪونهي: خبر نه آهي ته هُو ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو، ۽ ڪٿي پڙهيو. ڪڏهن کان لکڻ شروع ڪيائين. بهرحال ايترو معلوم آهي ته هُو سال 1942ع جي آخر ۾ هوائي حملن کان حفاظتي ڪاتي (AIR RIAD PRECAUTIONS) جيڪو پوءِ سول ڊفينس ڪاتو ٿيو، ۾ سينئر انسٽرڪٽر طور پرتي ٿي لاهور ويو، ۽ پوءِ ورهاڱي جي ڪري هندستان لڏي ويو، پر ڪڏهن فوت ٿيو ۽ هندستان ۾ رهڻ دوران سندس وفات تائين سندس علمي سرگرميون يا لکڻين جو ڪو اتو پتو نه آهي ۽ نه ئي ڪو هن جي مضمونن جو ڪو مجموعو هند توڙي سنڌ ۾ شايع ٿيو آهي.

بهرحال سوسائٽي جي جرنل ۾ هن صاحب جا 15 کن مضمون شايع ٿيا، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

| نمبر شمار | مقالي جو عنوان | جرنل جو واليوم ۽ حصو نمبر |
|---|---|---|
| 1 | The Early British Traders in Sindh | واليوم 1 حصو 1، مئي 1934 |
| 2 | The Kalhora Dynasty and its overthrow by Talpur Chiefs of Sind | واليوم 1 حصو 2، آڪٽوبر1934 |
| 3 | Mirza Khusro Beg | واليوم1، حصو 3، مارچ، 1935 |
| 4 | Sheedee Hosh Mohammad | واليوم 1، حصو 4، 1935 |
| 5 | His Majesty's Horses | واليوم 2، حصو 1، جنوري 1936 |
| 6 | The English Missions of 1808, 1809 and 1829 to Sind | واليوم 2، حصو 3، ڊسمبر 1936 |
| 7 | Some European Adventures in Sind | واليوم 3، حصو 1، آگسٽ 1937 |
| 8 | Some Sindhi Proverbs and their connection with History of Sind | واليوم 3، حصو 2، جنوري 1938 |
| 9 | Holy Hair at Rohri | واليوم 3، حصو 3، جون 1938 |
| .10 | Guns at Kot Diji | ساڳيو |
| 11 | Crimes and Punishment in the days of the Talpurs | واليوم 3، حصو 4، ڊسمبر 1938 |
| 12 | Diwan Gidumal and Seth Naoomal Hotchand | واليوم 4، حصو 2، سيپٽمبر، 1939 |
| 13 | Defence of the British Residency at Hyderabad | واليوم 4، حصو 4، آگسٽ، 1940 |
| 14 | Two minor Invasions of Sind | واليوم 5، حصو 1، جنوري 1941 |
| 15 | The Lion's Last Roar | واليوم 6 حصو 3، فيبروري، 1943 |

انهن مان قريبن ست کن مضمون پيهر جرنل مان چونڊيل مضمونن جي ٻن مجموعن ۾ شايع ٿيا. پهريون مجموعو ڊاڪٽر مبارڪ علي Sindh Observed جي نالي سان مرتب ڪيو، جيڪو پهريون ڀيرو سال 1993ع ۾ شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ ڪل 19 مضمون هئا، جن مان ٽي (نمبر شمار 6، 13 ۽ 14) اي.بي آڏواڻي صاحب جا هئا. هن مجموعي جو اردو ترجمو به شايع ٿيل آهي.

وري سال 2017ع ۾ جرنل ۾ شايع ٿيل مضمونن مان چونڊيل مضمونن جو هڪ ٻيو مجموعو Discovering Sindh's Past جي نالي سان آڪسفرڊ يونيورسٽي ڪراچيءَ پاران شايع ٿيو آهي. ان مجموعي کي مچل بوئن، مٿيو ڪڪ ۽ زوليان ليوسڪ مرتب ڪيو آهي. انهي مجموعي ۾ 13 مضمون شامل آهن، جن ۾ چار مضمون (نمبر 2، 3، 10 ۽ 11) آڏواڻي صاحب جا آهن.

انهيءَ تازي مجموعي جي هڪ مرتب محترم مٿيوڪڪ مهرباني ڪري سوسائٽي جي جرنل جي 30 شمارن مان 24 شمارا پنهنجي ويب سائيٽ تي رکيا آهن. ستم ظريفي اها آهي ته سنڌ جي ڪنهن به لائبرري ۾ اهي شمارا اوهان کي نٿا ملن.

مون کي ذاتي طرح هن جي 13 مضمونن کي پڙهڻ جو موقعو مليو آهي، تن مان هرهڪ جو تت اوهان سان اورجي ٿو.

## 1. سنڌ جا اوائلي انگريز واپاري The Early British Traders in Sind

اهو مضمون سوسائٽيءَ جي گڏجاڻي ۾ 25 مارچ، 1834 تي پڙهيو ويو هو ۽ جرنل جي واليوم 1 حصو 1، مئي 1934ع واري شماري ۾ شايع ٿيو هو.

هن مضمون ۾ 17 صدي جي ابتدا کان وٺي ارڙهين صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪن تائين واري عرصي دوران انگريز واپارين جي سنڌ اندر سرگرمين جو احوال شامل آهي.

آڏواڻي صاحب جي خيال ۾ سورهين صدي جي آخر تائين سنڌ مغرب لاءِ هڪ سيل ٿيل ڪتاب وانگيان هئي، ۽ انهن وٽ سنڌ جي حوالي سان تمام گهٽ ۽ غلط معلومات هئي. يوروپين ۾ پورچوگيز پهريئن قوم هئا، جيڪي سنڌ ۾ 1555ع ۾ مرزا عيسيٰ خان ترخان جي دعوت تي سلطان محمود خلاف فوجي مدد واسطي آيا.

31 ڊسمبر 1600ع تي ايسٽ انڊيا ڪمپني قائم ڪرڻ کان پوءِ، پهريون انگريز انٿوني اسٽارڪي، جيڪو ڪنهن جهاز جو ملاح هو، سو فيبروري 1612ع ۾ واپاري امڪانن جي خبر لهڻ لاءِ هتي پهتو.

ورنڌڙ سال ۾ 26 سيپٽمبر، 1613ع تي هڪ جهاز ديول بندر تي پهتو. ان ۾ ٻين سان گڏ والٽر پيٽان به هو، جنهن پنهنجي جنرل ۾ سنڌ جو احوال توڙي سنڌو درياهه جو نقشو ناهيو. جهاز جي ڪئپٽن جهاز ۾ آندل شين جي وڪري واسطي مقامي عملدارن کان اجازت گهري، پر ڪيس اجازت نه ڏني ويئي.

ساڳئي سال هڪ ٻيو انگريز واپاري نڪولس وٿنگٽن احمد آباد کان ٺٽي اهو ٻڌي آيو ته بندر تي ٽي جهاز سامان کڻي لنگرانداز ٿيا آهن. هن کان ٺٽي جي ويجهو ٺي ڦر ڪئي ويئي، ۽ وري پوءِ ڪيس هڪ مقامي عملدار قيد ڪيو، پر ڪنهن طرح هو هتان ڀڄي وڃي واپس سورت پهتو.

مغل دربار ۾ انگريز سفير سر ٿامس رو مارچ 1616ع ڌاري تجارت جو معاهدو حاصل ڪيو، جنهن جو ٻيو شق سنڌ سان واپار متعلق هو، پر سالن تائين ان سلسلي ۾ ڪا اڳڀرائي نه ٿي.

سال 1629ع ۾ سنڌ مان واپاري ڪوٺي جي قيام لاءِ درخواست پهتي. هڪ مقامي واپاري کي هتي موڪليو ويو، جنهن ڪپڙي ۽ ٻين شين جا نمونا هٿ ڪري آندا، جيڪي انگلنڊ موڪليا ويا، پر پنجن سالن تائين ڪا اڳڀرائي نه ٿي.

وليم فريملين، جان اسپلر ۽ رچهارڊ موئيل کي سنڌ ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ اهي سنڌ ۾ 10 ڊسمبر 1635 تي پهتا ۽ هتي به اڍائي مهينا رهي واپاري امڪانن جي کوجنا ڪندا رهيا.

سال 1640ع ۾ جان اسپلر کي سنڌ ۾ چيف فيڪٽر مقرر ڪيو ويو، جنهن سال 1652ع تائين هتي ڪم ڪيو. ڪانئس پوءِ نڪولس اسڪريونر کي چيف فيڪٽر ڪيو ويو، پر سال 1656ع ۾ واپاري حالتون خراب ٿيون. ان سال رنڇڙ ٿيندڙ مغل گورنر هنن جي ٽن ٻيڙين تي قبضو ڪري ورتو.

وري سال 1658ع واري ڏڪار ان صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪيو. ٻئي پاسي انهي سال وري مغلن شهزادن جي وچ ۾ اقتدار جي حاصلات لاءِ جنگ لڳي، جنهن ۾ آخرڪار اورنگزيب عالمگير سوڀارو ٿيو.

1662ع ۾ وليم بيل چيف فيڪٽر ٿيو. هن فنڊن ۾ خردبرد ڪئي، ان ڪري کيس واپس انگلنڊ موڪليو. انکانپوءِ اسان ٻين انگريز فيڪٽرن جو احوال نه ٿا ڄاڻون.

1699ع ۾ انگريز ڪئپٽن اليگزينڊر هئملٽن ڏهه هزارن جي ماليت رکندڙ وکر کڻي ٺٽي آيو. هن جي ڪتاب A New Account of East Indies ۾ سنڌ جي سماجي ۽ واپاري حالتن جو احوال ملي ٿو. هن لکيو آهي ته سندس هتي آمد کان ٽي سال اڳ هڪ ڏڪار جي ڪري 80 هزار ڪوري مري ويا هئا. ڪاٽن، ريشمي ۽ پشم وارو ڪپڙو، بستري جون چادرون، اعليٰ ڪپٽ، جن ۾ ڪن جي اندر عاج Ivory لڳايل هئي، ٺٽي جون مکيه مصنوعات هيون. ان کان علاوه مکڻ کي مختلف سائيز جي دلن ۾ ڏيساور اماڻيو ويندو هو. هڪ ٻي شيءِ Ligna Dulcis به چين ڏي وڪرو ڪئي ويندي هئي.

هن کان پوءِ اسان رڳو هڪ ٻئي انگريز ايبورڊ ڪڪ جو ذڪر ٻڌون ٿا، جيڪو خانگي واپاري هو. هو ڪافي ٻوليون ڄاڻندو هو. هو ٺٽي ۾ رهندي، 8 مئي 1748ع تي گذاري ويو.

## 2. ڪلهوڙا خاندان ۽ ٽالپرن پاران انهن جي اقتدار جو خاتمو The Kalhora Dynasty and its overthrow by the Talpur Chiefs

هن مضمون ۾ ڪلهوڙا گهراڻي جي اصليت، اڀار ۽ زوال کي بحث هيٺ آندو ويو آهي.

ليڪ موجب عباسي ڪلهوڙن جي اصليت قدامت جي ڌنڌ ۾ گم آهي. اسان ڀهريائين ڪلهوڙن جو ذڪر 10 صدي ۾ ٻڌون ٿا، پر وري سال 1204ع کان وٺي سال 1557ع تائين هيءُ خاندان اڻاتو ٿي ويو. ان بعد هڪ مذهبي شخص ميان آدم شاهه، جيڪو چانڊڪا ۾ رهندو هو، سو ڪلهوڙن جو سرواڻ ٿيو. سال 1586ع ۾ مغل جرنيل خان خانان کيس ان ضلعي ۾ جاگير ڏني، تنهنڪري ڪلهوڙا هاڻي زميندار به ٿيا. انهن جي هن نئين حيثيت جي ڪري ٻين ڌرين ۾ حسد پيدا ٿيو ۽ آخر آدم شاهه کي ملتان ۾ ماريو ويو.

پر ايندڙ صدي ۾ هو جڏهن وڌيڪ طاقتور ٿيا، ۽ ميان شاهه محمد ڪلهوڙي گهاڙ واهه کوٽايو ۽ مقامي ماڻهن جون زمينون قبضي هيٺ آنديون ته عام زميندار جي دانهن تي مغل گورنرن جو جٿو مدد لاءِ آيو، ان جي ناڪامي بعد ٻيو جٿو آيو ۽ ميان دين محمد ڪلهوڙي کي قتل ڪيو ويو. سندس ڀاءُ ميان يار محمد دهلي دربار ڏي دانهن کڻي ويو، جتي هن کي مانُ مليو ۽ هو جاگير توڙي خدا يار خان جو لقب حاصل ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿيو. هن 1700ع کان 1718ع تائين حڪمراني ڪئي ۽ خدا آباد کي پنهنجي راڄڌاني طور قائم ڪيو. ياد رهي ته هيءُ صاحب جهوڪ شريف ۾ صوفي شاهه عنايت جي شهادت ۾ مکيه ڌر هو. هن جي پونير ميان نور محمد کي 1737ع ڌاري سڄي سنڌ تي قبضو حاصل ٿيو، تنهن ڪري ان سال کان ئي سندس حڪمراني جو دور شروع ٿيو.

ڪلهوڙن وري ٽالپرن کي فوجي سهائتا واسطي دعوت ڏئي گهرايو.

ٽالپرن جو ويجهڙ ۾ عام وڏو ڪوڪا يا بيگم هو. ان جي پٽ هوتڪ کي شهداد نالي پٽ هو. هي صاحب پنهنجي چاچي سان اختلاف ٿيڻ بعد، پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي سنڌ ۾ آيو ۽ ميان يار محمد جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو. هيءُ سال 1734ع ۾ فوت ٿيو، ۽ سندس جاءِ تي هن جو پٽ مير بهرام مقرر ٿيو.

ان بعد ڪلهوڙي جي مختلف حاڪمن جا دور، نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابدالي جون ڪاهون ۽ ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي اختلافن جون روايتون ڏنل آهن، مدد خان جي ڪاهه جو ذڪر ۽ آخر ۾ ميان عبدالنبي جو مستقل اقتدار وڃائي، جوڌپور تائين جون ڳالهيون آهن.

وري سال 1781ع ۾ مير بجار کي ٻن راجپوت قاتلن ماريو، نتيجي ۾ ميان عبدالنبي قلات ڏي خزانو کڻي ڀڄي ويو. سندس غير موجودگي ۾ هن جي ملڻ صادق علي کي حاڪم ڪيو ويو، پر هن حڪومتي معاملن ۾ دلچسپي نٿي ورتي. ميان عبدالنبي قلات جي خان توڙي جوڌپور جي راجا جي فوج جي مدد سان ڪاهي آيو، پر ڪيس شڪست ملي.

ان کان پوءِ هن وري افغان سردار مدد خان کي خزاني جي لالچ ڏئي سهائتا لاءِ چيو. جنهن اتر کان ڏکڻ تائين خزاني واسطي سنڌ کي تاراج ڪيو. اهڙي تباهيءَ کان پوءِ هن مير بجار جي پٽ مير عبدالله سان صلح ڪيو، پر وري به هن ميرن مان جان آجي ڪرڻ جون رٿائون رٿڻ شروع ڪيون. سندس دربار ۾ دغا سان مير عبدالله ۽ مير فتح علي ماريا ويا. هاڻي ٽالپرن تيش ۾ اچي بغاوت ڪئي ۽ هالاڻيءَ جي جنگ ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ڏني وئي.

عبدالنبي افغان حاڪم تيمور شاهه وٽ دانهن کڻي ويو، جنهن سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهايو. پر ٽالپرن جي سفيرن تيمور شاهه کان پنهنجي حق ۾ فرمان جاري ڪرايو. ٽيجي ٿو ته ان نوازش پويان نون لکن جي ادائيگي هئي. ميان عبدالنبي ڪجهه عرصي جي رولاڪي بعد جوڌپور ۾ مستقل رهي پيو.

سال 1793ع ۾ تيمور شاهه مري ويو ته ان جي جاءِ تي زمان شاهه اقتدار ۾ آيو، جنهن ٽالپرن جي اقتدار کي تسليم ڪيو.

## 3. مرزا خسرو بيگ

هن مضمون ۾ مرزا خسرو بيگ (1790-1860) جي ذاتي زندگي توڙي ان زماني جو احوال ڪيو ويو آهي. مرزا خسرو بيگ ميرڪرم علي خان ٽالپر جو پٽيلو ۽ سندس دربار جو سگهارو رڪن هو. هُو سنڌ جي مايناز عالم ۽ اديب مرزا قليچ بيگ جو نانو به هو.

1783ع ۾ جڏهن ٽالپر سنڌ جي اقتدار جا مالڪ ٿيا ته هنن سنڌ جي انتظام کي ٽن حصن ۾ ورهايو، جن مان مکيه حيدرآباد هو، جنهن جو حاڪم مير فتح علي خان هو، جنهن کي ٽي پائر مير غلام علي، مير ڪرم علي ۽ مير مراد علي هئا. سندن پاڻ ۾ ميٺ محبت جي ڪري کين گڏيل طور چار يار چيو ويندو هو.

مير ڪرم علي جون ٻه شاديون ڪيل هيون، پر ڪيس ڪو اولاد ڪونه هو. سندس هڪ وزير آخوند محمد اسماعيل فارس يعني ايران جي هڪ وزير حاجي ابراهيم کان مرزا خسرو بيگ کي مير ڪرم علي لاءِ پٽيلو ڪري آندو، مرزا خسرو بيگ اصل ۾ جارجيا جي بادشاهه گرگن خان ٽئين جو پُٽ ۽ جنگي قيدي هئو.

مرزا خسرو بيگ کان پوءِ فريدون بيگ (مرزا قليچ جو والد) ۽ مرزا قربان علي بيگ کي به سنڌ گهرايو ويو. هيءُ پوءِ ميرن جو وزير ٿيو. انگريزن جي سنڌ تي حملي وقت هن نيپئر کي چيو ته سنڌ حلوو ناهي جو کائي ويندين. نيپئير سنڌ فتح ڪرڻ بعد کيس قيدخاني ۾ حلوو موڪليو جيڪو هن ڪتن کي ڏئي ڇڏيو. مرزا خسرو بيگ مير ڪرم علي جي ديرن جي سنڀال طور ٽنڊي سائينداد طرف رهيو. بعد ۾ ميرن جي واپسي تي کيس قليلي جي ڪپ تي ٽنبو ٺوڙهو لڳ هڪ باغ ڏنو ويو، جنهن مان سينٽرل جيل واري ايراضي عيوض کيس ملي معاوضو مليو.

زندگيءَ جا آخري ست سال مرزا بستري پيڙو رهيو، جتي هُو عربي ۽ فارسي ادب پڙهڻ ۾ وقت گذاريندو هو. هو 2 جمادي الثاني، 1277 هجري بمطابق 1860ع تي ٺٽي نوڙهي ۾ وصال ڪري ويو.

هن مضمون جي پڇاڙيءَ ۾ مرزا خسرو جو شجرو ڏنو ويو آهي.

**4. شيدي هوش محمد**

هن مضمون ۾ ٽالپر اميرن جي هڪ فوجي جنرل هوش محمد شيدي جو احوال آهي، جيڪو مياڻي توڙي دبي واري جنگين ۾ بهادري سان وڙهيو. پر آڏواڻيءَ جي خيال ۾ هيءُ نڪي غلام هو ۽ نہ ئي آفريقين جو پٽ هو. هن جا والدين سنڌ ۾ رهندڙ هئا، جيئن هن جي مائٽن زباني تصديق ڪئي. هنن کي مقامي طور قمبراڻي بہ چيو وڃي ٿو. جيئن هڪ نظم ۾ آهي.

آڏواڻي رچرڊ برٽن جي حوالي سان قمبراڻي لفظ جي مخصوص وضاحت اها ٿو ڪري تہ جڏهن سنڌي مسلمان ڪنهن شيدي عورت سان شادي ڪندو آهي تہ ان جي اولاد کي قمبراڻي چيو ويندو آهي.

هوش محمد مير فتح علي جي نوڪري ۾ هن جي 1802ع ۾ وفات تائين رهيو، پوءِ هو هن جي پٽ مير صوبدار خان جي نوڪري ۾ آيو.

آڏواڻي پنهنجي مضمون جي آخر ۾ان زماني ۾ حيدرآباد واري قلعي جي صورتحال جو احوال ڏئي ٿو، جتي هن هڪ ديوار تي اها پينٽنگ ڏٺي، جنهن ۾ هوش محمد شيدي مير ناصر خان جي پويان بيٺل هو.

**5. عالي مرتبت جا گهوڙا His Majesty's Horses**

هيءُ مضمون انگريز ڪارندن جي انهن ڪوششن جو احوال آهي، جيڪي هنن سنڌن بادشاهہ پاران رنجيت سنگھ کي گهوڙا پهچائڻ واري مشن جي آڙ ۾ سنڌو درياءَ جي سروي ڪرڻ لاءِ سرانجام ڏنيون هيون.

اهو مشن ڪڇ جي مانڊوي بندر تان 21 جنوري 1831ع تي روانو ٿيو ۽ آخر جولاءِ 1831ع ۾ لاهور پهتو. رنجيت سنگھ گهوڙي ۾ ڪجھ دلچسپي ڏيکاري، ۽ سنجٽيل گاڏي کي بہ ہر تي ڏينهن استعمال ڪيو ويو، پر چئن گهوڙين تي تہ هن نظر ئي نہ وڌي.

سنڌو درياءَ تي ڪاميابي سان سفر ڪيو ويو، ۽ ميمائر آن دي انڊس نامي رپورٽ ۽ درياءَ جو نقشو گورنر جنرل کي موڪليو ويو ۽ برنيس پنهنجي مشن جي ڪاميابي تي سرڪاري حلقن ۾ سرخرو ٿيو.

**6. سنڌ ڏانهن 1808، 1809 ۽ 1820ع ۾ انگريزن جا وفد يا مشن The English Missions of 1808, 1809 & 1820 to Sind**

هيءُ مضمون جيڪو جرنل جي واليوم 2، حصو 3، ڊسمبر 1936ع واري شماري ۾ شايع ٿيو هو، سو 31 مئي، 1936ع تي گڏجاڻي ۾ پڙهيو ويو هو. هيءُ مضمون واضح لفظن ۾ بڌائي ٿو تہ اهي مشن يا سرڪاري وفد ڇو آيا، ڪهڙا معاهدا ڪيا ويا ۽ انهن جو اصل مقصد ڇا هو. هن مضمون ۾ ميرن جي حڪومت برپا ٿيڻ ٽي راڄڌانيون قائم ڪرڻ ۽ حيدرآباد جي ميرن جي 'چوياري' واري حڪمراني بعد هڪ نقطو اهو بيان ڪيو ويو آهي خيرپور جي ميرن 'ڪابل' جي غلامي مان جان ڇڏائڻ انگريزن طرف دوستي جو هٿ وڌايو ۽ انگريزن نهايت چالبازي سان ميرن ۾ اختلاف وجهي معاهدا ۽ انهن جون پيچيدگيون استعمال ڪري سنڌ فتح ڪئي

**7. سنڌ ۾ وارد ٿيندڙ ڪجھ يورپي مهم جو Some European Adventurers in Sind**

31 جنوري، 1937ع تي گڏجاڻي ۾ پڙهيل هيءُ مضمون، جرنل جي واليوم 3 جي حصي پهرئين (آگسٽ 1938ع ۾شايع ٿيو آهي. هن مضمون ۾ ڪن يورپي مهم جوئن جو احوال آهي، جيڪي يا سنڌ مان گذريا يا سنڌ ۾ ڪجھ عرصو رهيا.

سڀ کان اول آڏواڻي صاحب نڪولو مانوڪي جو احوال ڪري ٿو، جيڪو اٽالين مهر جو هو، ۽ هن جو چئن جلدن وارو ڪتاب بعنوان *Storia Do Mogor* ڄاڻ جو خزانو آهي. ڪنهن فرينچ جي مدد سان هو دارا شڪوه جي فوج ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

ٻيو يورپي چارلس مئسن آهي، جيڪو نامور مسافر، جاگرافيدان، آرڪيالاجسٽ ۽ سڪن جو ماهر هو. هن کان اڳ لاشڪ مسٽر سمٿ، پاٽنجر ۽ ٻيا سنڌ آيا هئا ۽ سنڌو درياءَ تائين سفر ڪيو هو، پر اهي حيدرآباد کان اڳتي نہ ويا هئا. بهرحال اسان هن صاحب جا ممنون آهيون، جو هن سنڌ جو سماجي، اقتصادي ۽ سياسي احوال لکيو آهي.

جيتوڻيڪ ماڻهو هن کي جرمن سمجهندا هئا، پر هن آمريڪي هجڻ جي دعويٰ ٿي ڪئي. بهرحال اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ هيءُ غير معمولي شخص بنگال جي توبخاني جي ڀرتين دستي ۾ خانگي طور ڪم ڪندڙ هو، ۽ سندس اصل نالو جيمس ليوس هو، پر هُو فوج ڇڏي پنجاب ڏي روانو ٿيو.

چارلس مئسن، شڪارپور، سکر، روهڙي ۽ خيرپور ۾ رهيو. بعد بهاولپور، لاهور مان ٿيندو واپس ٻيهر سنڌ آيو ۽ مرزا قربان علي بيگ وٽ لاڙڪاڻي مان ٿيندو پهتو. سندس سفرنامي جي ڪتاب ۾ ڪراچي تائين پهچڻ ۽ رهڻ جا تمام دلچسپ واقعا آهن. هو ڪٿي حاجي، ڪٿي مُلان، ڪٿي فقير جي روپ ۾ پنهنجيون روپ مٽائڻ جون دلچسپ ڳالهيون ڪري ٿو.

1931ع ۾ هو ڪراچي ۾ آيو، ان کان پوءِ وري سال 1838ع ۾ هن جو ذڪر ملي ٿو، جڏهن هُو سر هينري فين سان گڏجي هتي آيو، جيڪو انگلنڊ روانو ٿيڻ لاءِ هتي آيو هو. مئسن هن کان موڪلائي نئين پاٽنجر سان ملڻ آيو، جنهن جي مدد سان هن پنهنجي ڪتاب جو مسودو انگلنڊ اماڻيو.

آڏواڻي جنهن ٽئين يوروپي مهر جو جو ذڪر ڪري ٿو، تنهنجو نالو رابرٽ ڊڪ آهي، جيڪو برطانوي فوج جي ميجر جنرل جو ناجائز پٽ هو. هن پنهنجي فوجي نوڪري جي شروعات گواليار فوج ۾ ڪئي، پوءِ اسڪنر جي جٿي ۾ آيو، جتان هو سال 1831ع ۾ شاهہ شجاع جي فوج ۾ داخل ٿيو. پر هن سان سهمت نہ ٿيو، تنهنڪري ان کي ڇڏي، 300 سپاهين کي پاڻ سان ملائي سنڌ ۾ پهتو. ۽ ميرن کي راضي ڪري، هنن جي نوڪري ۾ آيو. جڏهن هن شاهہ شجاع کي ڇڏيو هو، تہ نہ رڳو پاڻ سان 300 سپاهين جو پر ٻين جٿن جو پڳهار بہ ڪٽي فرار ٿيو هو. پڳهار کان محروم هڪ صوبيدار ڪيس ڳوليندو اچي ڪوٽڙي پهتو ۽ ڪانئس پنهنجو حصو گهريو... هو 1835ع ۾ بخار ۽ گهڻي شراب نوشي جي باعث گذاري ويو.

ميرن جي انهي گريڪ ڪمانڊٽ جي حوالي سان وڌيڪ ٻي ڄاڻ ميسر نہ آهي.

آخر ۾ ڪئپٽن جان هاويل جو ذڪر آهي، جنهن جو ڀريون ذڪر مياڻي واري جنگ (17 فيبروري، 1843ع) دوران هٿو ويو. جيتوڻيڪ هيءُ ميرن پاران وڙهي رهيو هو، پر هو نيپئر جي سپاهين مٿان فائر نہ ڪري رهيو هو، جنهن جو عذر حب الوطني ڏنو. هن کي گرفتار ڪيو ويو، پر جلدي آزاد ٿيو.

جڏهن مئڪمرڊو اتر ڏي ڀرتين پنجاب واري جنگ ۾ مدد لاءِ وڃي رهيو هو، هو بهاولپور جي هڪ وزير سان مليو، جيڪو ٻيو ڪير نہ پر مقامي پوشاڪ ڀريل جان هاويل هو. هن بهاولپور جي فوج ۾ سٺي نموني ڪم ڪيو ۽ هن کي ديوان ملراج جي اڳواڻيءَ ۾ ملتان ڏي باغين جي خاتمي لاءِ اماڻيو ويو. اتان واپسي کان پوءِ هو جلدي سال 1865ع ۾ گذاري ويو.

**8. روهڙيءَ ۾ موئي مبارڪ** The Holy Hair at Rohri

هيءُ مضمون 19 ڊسمبر، 1937 تي هڪ گڏجاڻي ۾ پڙهيو ويو ۽ جرنل جي واليوم 3، حصو 3، جون 1938ع واري شماري ۾ شايع ٿيو.

هن مضمون ۾ روهڙيءَ ۾ رکيل رسول اڪرم صلعم جي موئي مبارڪ جي تاريخ ٻڌائي ويئي آهي. روهڙيءَ جو مخدوم عبدالباقي حج تي روانو ٿيو. حج کان واپسي تي هو ترڪي جي شهر استنبول ويو، جتي نجم الحق صديقي سان مليو، جنهن وٽ هيءَ وار مبارڪ هو، ۽ هن کان اڳ اهو پيغمبر ﷺ جي ڪنهن حرم پاڪ جي ملڪيت هو. مخدوم عبدالباقي صاحب انهي بزرگ صديقي صاحب جي نياڻي سان پرڻيو ۽ ڪيس چيو ويو ته هو هن جي وفات تائين ڪيڏانهن به نه ويندو. اهو صاحب جڏهن وفات ڪري ويو ته پنهنجي وطن سنڌ ڏي واپس آيو ۽ روهڙيءَ ۾ ترسيو. حاڪمن ۽ عوام جي خوف کان هن وار مبارڪ کي مخفي رکيو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ هڪ بزرگ شاهه حيدر حقاني کي خدائي پيغام مليو ته مخدوم عبدالباقي کي چوي ته اهو وار مبارڪ عام لاءِ پڌرو ڪري. ان تي هن بزرگ الله پاڪ کي عرض ڪيو ته هڪ ٻئي بزرگ کي به اهڙي بشارت ٿئي. ائين هڪ ٻئي شخص عبدالمالڪ کي مڪي ۾ حج دوران اهو پيغام مليو. ٻئي صاحبان الله جي حڪم سان وٽس آيا ۽ کيس الله پاڪ جو حڪم ٻڌايو ته هو هن پاڪ وار کي عوام لاءِ پڌرو ڪري ته جيئن اهي ان جو ديدار ڪري سگهن. ان بعد هن ان کي عام لاءِ پڌرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان مقصد لاءِ هڪ جاءِ خريد ڪري هڪ خاص مسجد جوڙائي ويئي، جتي اهو موئي مبارڪ عام ديدار لاءِ رکيو ويو.

**9. ڪوٽ ڏجي قلعي ۾ رکيل توبون** Guns at Kot Diji

هيءُ مختصر مضمون به 19 ڊسمبر 1937 واري گڏجاڻي ۾ پڙهيو ويو ۽ ساڳئي شماري ۾ شايع ٿيو: هن مضمون جي شروع ۾ ڪوٽ ڏجي قلعي جو احوال ڏئي پوءِ ٻڌايو ويو آهي ته هتي قلعي اندر عجيب و غريب توبون رکيل آهن. پهرئين پتل جي هڪ ڏگهي 12 گولن واري آهي. ان تي فارسي ۾ لکت آهي، جنهن ۾ سرڪار مير سهراب خان ٽالپر جو نالو درج آهي. ٻي هڪ ننڍي توب آهي. ان تي ساڳي فارسي عبارت اڪريل آهي. گائيڊ آڏواڻيءَ کي ٻڌايو ته ان کي شيدياڻي ٽا چون. هڪڙي برج اندر هڪ وڏيرڙي پتل واري توپ نظر آئي. ان لاءِ مقامي روايت اها آهي ته ان جو گولو ڪافي ميل پرتي تائين ويندو هو. اها هن وقت تمام خراب حالت ۾ آهي، ۽ آڏواڻيءَ جي خيال ۾ بارود خاني جو ڪو سپاهي به ان کي هلائڻ جو تجربو نه ڪندو. ان توب تي پورچوگيزي ٻولي ۾ پنج لائينن واري لکت اڪريل آهي. جنهن جي هڪ امڪاني پڙهڻي موجب مغل دور ۾ سال 1537ع ۾ فرانسس هيءَ توب استعمال ڪئي يا ناهي.

آخر ۾ آڏواڻي لکي ٿو ته اهي توبون هن قلعي ۾ ڪنهن، ڪڏهن آنديون، ڪيئن پهتيون ۽ اهڙن ٻين لاڳاپيل سوالن جا معقول جواب مقامي رهواسي نٿا ڏين.

**10. ٽالپرن زماني جا ڏوهه ۽ سزائون** Crimes and Punishment in the days of the Talpurs

جرنل جي واليوم 3، حصي 4، ڊسمبر1938 واري شماري ۾ شايع ٿيل هن مضمون ۾ ٽالپرن جي دور ٿيندڙن ڏوهن ۽ ان لاءِ ڏنيون ويندڙ سزائن جو ذڪر آهي.

**11. ديوان گدومل ۽ ناؤمل هوتچند** Diwan Gidumal and Seth Naoomal Hotchand

هيءُ مضمون جرنل جي واليوم 4، حصي 2 سيپٽمبر 1939ع ۾ شايع ٿيو. هن مضمون ۾ ٻن اهم تاريخي شخصن جي زندگيءَ جو مختصر احوال آهي.

ديوان گدو مل جي ڄمڻ جي تاريخ معلوم ڪونهي. سال 1755ع ۾ کيس ميان نورمحمد ڪلهوڙي احمد شاهه دراني ڏي وڪيل ڪري موڪليو هو، تنهن مان اندازو آهي ته هو 1720ع کان 1725ع واري عرصي ۾ ڄائو هوندو. هيءُ پنجاب ۾ پيدا ٿيو ۽ پنهنجي ذهانت ۽ حرفت جي باعث اتي جي حڪمرانن جي ويجهو ٿيو. تنهن کان

پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي نوڪريءَ ۾ آيو ۽ سنڌ ۾ اچي رهيو. ميان نورمحمد جي وفات ڪان پوءِ هن جي ڪوشش سان ميان محمد مرادياب امير ٿيو، پر هُو غير مقبول ٿيو، تنهنڪري اڳتي هلي اقتدار غلام شاهه کي مليو، جيڪو مٺي گلان جو پٽ هو.

حيدرآباد جي آبادڪاريءَ ۾ بہ ديوان صاحب جو ڀرپور حصو آهي. هو ٻن ڀيڙين ۾ پئسا ڪٽي هالا ڪان روانو ٿيو ۽ اچي سنڌو درياءَ جي ڪناري رسيو، جتي جيڪو نئون ڳوٺ نهيو، تنهن کي گنو جو ٽنبو يا گنو بندر چيو وڃي ٿو. پراڻي تباهہ ٿيل نيرون ڪوٽ کي صاف ڪري ان جي جاءِ تي مظبوط قلعو جوڙيو ويو. ان گاديءَ واري شهر کي حضرت علي سائين جي ياد ۾ حيدرآباد جو نالو ڏنو ويو. ڪوٽ ڪان ٻاهر واري زمين ضرورتمندن کي مفت ۾ ڏني ويئي ۽ سگهو ئي اتي شهر آباد ٿي ويو. ديوان پنهنجي واسطي قلعي جي ڀرپاسي ۾ گهر جوڙيو. گدواڻي گهٽي ان جو ثبوت آهي.

سال 1783ع ۾ ڪلهوڙن جو اقتدار پڄاڻي پهتو تہ ٽالپر امير ٿيا، پر ديوان جي حيثيت ساڳئي رهي. هن جا فارس جي شهنشاهہ سان سٺا تعلقات رهيا.

آڏواڻي جي خيال ۾ سندس موت سال 1803ع ۾ ٿيو هوندو، ڪافي مورخ ۽ قصا خوان ان تي متفق آهن تہ هن کي ميان غلام علي خان ماريو، پر ان جي سببن تي اختلاف آهن. ڪن جي خيال ۾ هن ٽالپرن جي اقتدار جي خاتمي جي ڪوشش پئي ڪئي. ڪن جي خيال ۾ هن جو اثر رسوخ گهڻو هو، جيڪو ٽالپرن کي پسند ڪونہ هو.

**سيٺ نائونمل هوتچند**

سيٺ نائونمل هوتچند سال 1804ع يا 1805ع ۾ ڪراچيءَ جي هڪ واپاري خاندان ۾ پيدا ٿيو. سيٺ کي 1811-12ع واري ڏڪار جو يادگيرو هو. انهي ڏڪار دوران هن جي ڪٽنب پنهنجي گودامن ۾ رکيل ڪٽڪ بکايلن ڪٽنبن ۾ ورهائي ڇڏي هئي. ٻارنهن سالن جي عمر ۾ هن کي پنهنجي خانداني فرم ۾ حساب ڪتاب ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو. اتي صبح ڇهين وڳي ڪم شروع ڪندو هو ۽ رات جو ڏهين وڳي تائين ڪم ڪندو هو.

هن جي هڪ پُٽ کي زوري مسلمان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر هو جيسلمير هليو ويو تہ ڪيس مير مراد علي حيدرآباد واپس گهرايو، بعد ۾ افواهہ اُٿيو تہ نائون مل جو زور 'طهر' ڪيو ويو آهي، جنهن ڪان 'نائون مل' بلڪل انڪاري آهي، پر شرپسند مسلمانن جي حرڪتن سبب هو ميرن ڪان پري ۽ انگريزن کي ويجهو ٿيندو ويو.

انگريزن سان هن جا تعلقات سال 1832ع ڪان شروع ٿيا، جڏهن هن جو ڪرنل پاٽنجر سان واسطو ٿيو، ۽ ان بعد ڏينهون ڏينهن هن جا انگريز عملدارن سان ناتا پختا ٿيندا ويا.

سال 1839ع ۾ هو جڏهن پاٽنجر سان گڏجي حيدرآباد آيو هو تہ مير نورمحمد خان ساڻس ملڻ جي خواهش ڏيکاري هئي. جڏهن هو دربار ۾ پهتو تہ ڪيس منجيءَ تي ويهاريو ويو، جيڪو ان زماني ۾ هڪ وڏو اعزاز هو. ڪيس مير چيو تہ هاڻي هن پنهنجي پيءُ سان ٿيل ڏاڍاين جو پورو بدلو ورتو آهي. تنهن تي هن چيو تہ اوهان اهو ڪيئن ٿا چئو. آڏواڻيءَ جي خيال ۾ مير جي انهن لفظن هن ۾ ضرور فخر جا احساس پيدا ڪيا هوندا.

سال 1843ع ۾ انگريزن جي قبضي ڪان پوءِ سندس پيءُ هوتچند لکپت مان موٽيو تہ هزارين ماڻهن سندس استقبال ڪيو.

چارلس نيپئر هن ڪان بدظن رهندو هو. 1847ع ڌاري مٿس ڪوڙو ڪيس بہ داخل ڪيو ويو، پر جڏهن بارٽل فريئر ڪمشنر ٿيو تہ هن جا نائون مل سان سٺا ناتا جڙيا. فريئر جو پنهنجي عملي کي چيل هو تہ سيٺ نائون مل جيڏي مهل بہ ملڻ اچي تہ ڪيس بنان روڪ ساڻس ملايو وڃي.

سال 1860ع ۾ هندستان جي حڪومت هن جي لاءِ هڪ سؤ روپيه ماهوار پينشن ٽن نسلن تائين مقرر ڪئي ۽ ڪيس جاگير به ڏني ويئي. 1867ع ۾ ڪيس برطانوي اعزاز سان به نوازيو ويو. ائين زندگيءَ جي آخري سالن ۾ مٿائنس اعزازن جي بارش ٿي. هُو روزانو به ميل پنڌ ڪندو هو ۽ شام جو گهوڙي تي سواري ڪندو هو. هن 16 سيپٽمبر 1878ع تي پرلوڪ پڌاريو. سندس موت تي سر فريڊرڪ گولڊسمٽ لکيو: "هو سنڌ جي قبضي ڪان وٺي صوبي جي جاسوسي ڪاتي سان لاڳاپيل رهيو. هو اعتبار جوڳو مخبر ۽ عملدارن جو صلاحڪار رهيو."

آڏواڻيءَ جي خيال ۾ ڪراچي جي ميونسپالٽي جي قيام ۾ هن جو ڀرپور ڪردار رهيو.

**12. ٻه ننڍيون ڪاهون** Two minor Invasions of Sind

25 سيپٽمبر، 1940ع تي گڏجاڻيءَ ۾ پيش ڪيل هيءُ مضمون جرنل جي واليوم 5، حصي 1 جنوري 1941ع واري شماري ۾ شايع ٿيو. هن مضمون ۾ هن پورچوگيزن ۽ نادرشاهه جي ڪاهن جو ذڪر ڪيو آهي. مضمون جي شروع ۾ ڏنل سندس هڪ فوٽ نوٽ موجب انهن ڪاهن تي علحده علحده لکيل تفصيلي مضمونن لاءِ ترتيبوار ينگ بلڊر، جولائي، 1932 ۽ ڊي ڪاليج جي مسليني ڪي ڏسڻ گهرجي.

**13. شينهن جي آخري گجگوڙ** The Lion's Last Roar

هيءُ مضمون 25 فيبروري 1943ع تي گڏجاڻي ۾ پيش ڪيو ويو ۽ جرنل جي واليوم 6، حصي 1، فيبروري 1943ع واري شماري ۾ شايع ٿيو. هن مضمون ۾ مير شير محمد خان ٽالپر جي انگريز فوج سان ڪيل جنگي چڪرين جو احوال آهي.

(گذارش: اسين محترم حبيب سنائي جي محنت ۽ جاکوڙ جو تهه دل سان قدر ڪريون ٿا، هن تفصيلي مضمون جو انتهائي اختصار پيش ڪري صرف موضوعن جي جهلڪ ڏني وئي آهي. آڏواڻي جي ذڪر ڪيل مضمونن کي يا هڪ هڪ ڪري ترجمو ڪري ڏنو وڃي، يا اڃان به بهتر ٿئي ته هنن مضمونن مان هرهڪ مضمون سان گڏ حاشيا ۽ تعليقات ڏنا وڃن ته بهتر ٿيندو. آڏواڻي صاحب جي مضمونن بعد سنڌ جي تاريخ تي تمام جهجهو سارو ڪم ٿي چڪو آهي. ان حالت ۾ هنن مضمونن مان تاريخ جي پڙهندڙ کي ڪو خاص فائدو نه پهچندو ان جي باوجود هي مضمون جن جا ماخذات ڏنل ڪونهي، پر هڪ خاص تاريخي نظريي تحت ڪافي اهم نقطن جي وضاحت ڪن ٿا، ساڳي طرح ٿي سگهي ته ڪي واقعا اڃان تاريخن ۾ آيا هجن. انڪري بهتر ائين ٿيندو ته ترجمي، حاشيه ۽ تعليقات سان هنن مضمونن کي جدا جدا موقعن تي شايع ڪيو وڃي يا ڪنهن ڪتاب جي شڪل ۾ اچن ته تمام لاڀائتو ڪم ٿيندو. (ايڊيٽر)



رسول بخش تميمي
جاتي

# تميم ـ تهيم قبيلو تاريخ جي آئيني ۾

سونهاري سنڌ جي سرزمين سڄي عالم ۾ ڀاڳوند ۽ ڀلاري ڀونءِ آهي، جنهن کي ختم المرسلين جناب محمد مصطفيٰ ﷺ جن پڻ ساريو آهي. هيءَ ڌرتي ايتري ئي قديم آهي جيتري مشرق وسط ۽ يمن ۽ باقي خطءِ زمين. وري سنڌ کي خاص سوکڙي يعني سنتوندي پڻ حاصل ٿي. توريت جي روايت ۽ سيد سليمان ندوي جي تحرير مطابق جنت مان چار دريا، نيل، فرات، جيحون ۽ سيحون نڪتا آهن. بعض محققين جو خيال آهي ته سيحون اهو ساڳيو سنتو درياءَ آهي(1).

قرآن جي گواهي آهي ته آدم عليه السلام ثاني، جناب نوح عليه السلام جو نسل دنيا ۾ پکڙيو سندن فرزندن يافت، سام ۽ حام جي نسل مان دنيا جون سموريون قومون، قبيلا وجود ۾ آيا آهن. دنيا ۾ صحيفن، زبور، توريت، انجيل ۽ قرآن حڪيم کان قديم ۽ سچا ڪتاب ڪي به ناهن.

قرآن ۽ بائيبل جي ارشادات مطابق جناب نوح عليه السلام جو مسڪن سرزمين عراق هو(2). جتي طوفان نوح عليه السلام کان پوءِ بيهر انساني نسل وڌيو ويجهيو دنيا جي مختلف حصن طرف لڏپلاڻ ٿي، تاريخي روايتن موجب سام ابوالعرب، يافت ابوالحرم ۽ حام ابوالحبش آهي. ڪجهه تاريخن ۾ روايت آئي آهي ته سام، عرب، فارس، ۽ روم، يافت، ترڪ، صقاليہ ۽ حام قبطي، سوداني، بربر جو جدامجد آهي، جنهن تي گهڻن محققن، مؤرخن ۽ عالمن اتفاق ڪيو آهي.(3)

جناب ابراهيم عليه السلام سام جي پشت مان، جنهن کي جناب اسماعيل عليه السلام ۽ جناب اسحق عليه السلام ٿيا. جناب اسماعيل عليه السلام کي علماء انسابہ بائيبل ۾ درج ذڪر ۽ علامہ شبلي نعماني جي تحقيق مطابق ٻارنهن فرزند ٿيا(4). سندن فرزند مان قيداد جي اوڻيتاليهين پشت مان عدنان ٿيو، جنهن فرزند معد، معد کي نزار، نزار کي مضر ۽ مضر کي الياس نالي فرزند ٿيو جنهن کي ست فرزند (1) اِتميم (2) صبہ (3) مُزينہ (4) خُزاعہ (جنهن جو ٻيو نالو مِدرڪ هو، ان جي پشت مان جناب محمد ﷺ جن هئا) (5) أسلم، (6) عُڪل ۽ (7) تيم، جنهن جي پشت مان جناب ابوبڪر صديق رضہ هئا.

ترجمو: جناب ابوهريره رضہ، روايت ڪن ٿا ته مون آقاءِ محمد ﷺ جن کان ٽي ڳالهيون ٻڌيون. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته بني تميم، دجال لاءِ سخت مخالف هوندا، جڏهن هو دجال نڪرندو، بني تميم جي هڪ عورت، مڪرم بي بي عائشہ سائڻ رضہ وٽ قيد هئي، پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته ان کي آزاد ڪري ڇڏ، بني تميم حضرت اسماعيل عليه السلام جو اولاد آهن. جڏهن ٻين قبيلن جي زڪوات سان گڏ بني تميم جي زڪوات آئي ته پاڻ سڳورن فرمايو ته اها منهنجي قوم جي زڪوات آهي.

تاريخ تميم (عربيءَ ۾) جي مصنف احمد جدع پنهنجي تحقيق ۾ لکيو آهي ته تميم عرب جي وڏن قبيلن مان هڪ آهي.(6) ابن حزم پنهنجي تصنيف 'الجمهره' ۾ تميم قبيلي جي باري ۾ لکيو آهي ته تميم، عرب جي وڏن قاعدن مان هڪ وڏو قاعدو آهي(7) بصره کان عمان تائين سندن سرداري هئي، جيڪا ظهور اسلام تائين هلي. ظهور اسلام کان پوءِ بني تميم به دائره اسلام ۾ آيا، ۽ گهڻن اصحاب رسول ﷺ جو اعزاز ماڻيو. جن ۾ جناب طلحہ بن عبيدالله تميمي رضہ، جناب خباب بن الارت رضہ، جناب واقد بن عبدالله جناب تعقاع رضہ بن عمرو، جناب عاصم بن عمرو رضہ، جناب سواد بن

مالڪ تميمي رضہ وغيره. گهڻائي تميم شاعر ۽ عالم فاضل ٿي گذريا آهن جن ۾، ابوحرزه جرير، فرزدق حُربن يزيد، مسعود بن حجاج، ابراهيم بن اڌهم، ابراهيم بن الاغلب وغيره شامل آهن. شيخ عبدالواحد بن عبدالعزيز رحہ شيخ السلام محمد بن عبدالوهاب هن وقت رياست قطر جا حڪمران تميمي قبيلي سان تعلق رکن ٿا.

سنڌ ۾ تميم قبيلي جو اچڻ غازي محمد بن قاسم سان سن 93هہ ۾ ٿيو. ان کان اڳ قاتل ۽ مفرور محمد علافي پنج سؤ ماڻهن سان سنڌ اچي لڪو هو. پر ان کان اڳ بہ صدين کان عرب برصغير هند- سنڌ، انڊونيشيا، چين ۽ سريلنڪا واپار سانگي ايندا ويندا هئا، جن ۾ عرب قبيلي بنو تميم جا افراد بہ شامل هئا. ان جو ثبوت اِهو آهي جو اڄ بہ مذڪوره ملڪن ۾ تميم قبيلي جا افراد آباد آهن. البت سنڌ ۽ موجوده پاڪستان ۽ هندستان ۾ آباد تميم جيڪي هاڻي بگڙيل تلفظ سبب ٿهيم سڏجن ٿا.

سنڌ ۾ جنهن وقت عرب آيا، ان وقت سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي ۽ عربن جي ٻولي عربي هئي، هاڻي سنڌ ۾ ٻئي زبانون گڏمڏ هلڻ لڳيون. ظاهر آهي جيڪا حڪمرانن جي ٻولي هوندي آهي، عوام بہ اُها ٻولي ڳالهائي ٿو.

تميم قبيلي جو مجاعہ تميمي سنڌ جو حاڪم مقرر ٿيو.

هلال بن احوز تميمي، عبدالله بن سويد تميمي، خزيم بن عبدالملڪ تميمي، قاضي احمد بن محمد تميمي منصوري ناميارا منتظم ۽ محدث گذريا. مسعود تميمي، عتبہ بن سلميٰ تميمي، خزيم بن عبدالملڪ، جنيد بن عبدالرحمٰن، هلال بن احوزمازني تميمي، مغلس بن سري عبدي تميمي، موسيٰ بن ڪعب تميمي، عينيہ بن موسيٰ تميمي معبد بن خليل تميمي، محمد بن معبد تميمي سنڌ جا حاڪم رهيا، عربن جي تقريباً ٽي سؤ سالہ حڪومت بعد سومرا سنڌ جا حاڪم بنيا. جيڪي پڻ عرب هئا. انهيءَ عرصي دوران گهڻا الفاظ ۽ نالا عربي ۽ سنڌي اُچارن سبب بگڙيا. ابتدا ۾ سومرن جي ٻولي عربي هئي، ليڪن مقامي ٻولي سنڌي پڻ ڳالهائي پئي ويئي. انهيءَ سبب لفظ تميم بگڙي ٿهيم ٿي ويو. جيڪو اڄ تائين بہ انهي قبيلي جا افراد ڪٿي تميم تہ ڪٿي ٿهم سڏائين ٿا انهيءَ بگاڙ جي تصديق مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي تاريخي ڪتاب 'تحفة الڪرام' ۾ مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب 'قديم سنڌ' ۾ قاضي اطهر مبارڪپوري پنهنجي ڪتاب 'خلافت اُميہ ۽ هندستان ۾' شيخ صادق علي انصاري پنهنجي ڪتاب 'سنڌ- بلوچستان ۾ مسلم قبيلا ۾'، بين الاقوامي اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي 'مقالن' ۾، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيا'، 'تاريخ معصومي' کان علاوه 'تاريخ تميم'، مصنف احمد جدع ۽ ڊاڪٽر ارشاد احمد 'تاريخ چنيوٽ'، جسٽس رٽائرڊ عبدالرزاق ٿهيم 'سنڌ ۾ عرب نسل' ۾ پڻ ڪئي آهي.

تميم- ٿهيم قبيلو عرب ۾ نامور رهيو تہ برصغير ۾ پڻ ناموري حاصل ڪئي آهي. پاڪستان جي سيني صوبن ۾ علاوه هندستان ۾ بمبئي، صوبہ گجرات ۾ گهڻي تعداد ۾ وسندڙ آهي. امير ڪبير رهڻ سان گڏ معمولاتِ زندگيءَ جي سيني شعبن سان لاڳاپيل آهي. پوئيين دؤر ۾ هن قبيلي جون ڪجهہ رياستون پڻ رهيون، مثلاً ماتيلو، مگر پين ۽ ٻوهي جي علائقن ۾ هن قبيلي جي سرڪرده اشخاصن جو صوبيداريون رهيون. منصوره جي حڪمرانن ۾ ٿهيم قبيلو حڪمرانن ۽ سرڪرده ماڻهن ۾ شمار ۾ هو. دولهہ دريا خان پل لڳ دملو علائقي ۾ ننڍڙي رياست قائم هئي. هندستان جي موجوده صوبہ گجرات جي ڳوٺ بالاگام ۾ پڻ ننڍڙي رياست ۽ ننڍو بحري بندر وجود ۾ هو، ٻنيءَ جي علائقي ۾ رئيس پيڳارو ٿهيم کي ننڍڙي رياست ڪڇ جي حڪمران پاران عطا ڪيل هئي. غازي محمد بن قاسم پاران جنيد بن عبدالرحمٰن کي چنيوٽ رياست سونپي ويئي. چنيوٽ جا ٿهيم جنيد جي پشت مان آهن. ان خاندان ۾ هڪ شخص نواب سعدالله خان پيدا ٿيو، جيڪو شهنشاهہ هندستان شهاب الدين شاهجهان جو وزيراعظم ٿيو.

**نواب سعدالله خان ٿهيم:**

نواب سعدالله خان ولد امير بخش ٿهيم، 10 صفر 1000 هجري ۾ چنيوٽ لڳ ڳوٺ پتراڪي موجوده صوبہ پنجاب، پاڪستان ۾ ڄائو. سعدالله خان ابتدائي تعليم ۽ تربيت شاھ برهان کان حاصل ڪئي، تنهن بعد ميان سنڌي جي خانقاه مان فيض ۽ علم حاصل ڪرڻ بعد سيالڪوٽ ۾ علامہ ڪمالدين جي درسگاھ ۾ علم ڪلام، حديث، تفسير منطق وغيره جي تعليم حاصل ڪئي، نواب سعدالله خان ۽ حضرت مجدد الف ثاني احمد سرهندي هڪ ئي درسگاھ جا شاگرد هئا. نواب سعدالله خان کي شاهجهان پاران اول نواب جو لقب ۽ ٻيا ڪوڙ انعامات سان نوازيو ويو، بعد ۾ 20 رجب 1055ھ مطابق ڇهرين سيپٽمبر 1645ع تي وزيراعظم، هندستان جي اعليٰ ترين منصب سان نوازيو ويو، نواب صاحب فهم و فراست، دانشمندي ۽ قابليت سان نوازيل هو. وزيراعظم جي عهدي تي فائز ٿيڻ بعد ڪيترائي قابل ذڪر ڪم ڪرايا.

تاج محل، قلعہ آگره، موتي مسجد شاهجهان آباد، لال قلع دهلي، تخت طاؤس، جامع مسجد دهلي، ديوان خاص، شالامار باغ جي اڏاوتن ۾ معاونت کان علاوه پاڻ ذاتي طور بہ اڏاوتون ڪرايون جن ۾ شاهي مسجد چنيوٽ، حويلي ميان خان، پٿرن واري حويلي، موچي دروازو لاهور، حويلي سعدالله خان دهلي، آگري ۽ مٿرا جي درميان درياءَ جهرنا جي ڪپ تي هڪ شهر سعدآباد ۽ هڪ مسجد سعدالله خان، مقبره شاھ برهان الدين- چنيوٽ.

نواب صاحب وڏو عالم هو، هن ڪجهہ تحريرون ڇڏيون، جن ۾ تفسير سورة فاتحہ رسالہ تخت طاؤس، ديوان سعدالله خان، بادشاھ نامہ ۽ سعدالله خان سوانح وغيره

نواب صاحب نوربيگم سان نڪاح ڪيو، جنهن کيس چار پٽ لطف الله خان، حفظ الله خان عرف ميان خان، عنايت الله خان، خسرو محمد بديع ۽ هڪ نياڻي زينت بيگم.

هن نامور شخص 22 جمادي الآخر 1067ھ بمطابق 7 اپريل 1656ع بروز آچر تي فاني جهان کي وداع ڪيو.

**نواب حفظ الله خان ٿهيم_تميم:**

نواب حفظ الله خان ولد نواب سعدالله خان ٿهيم، ننگر ٺٽي ۽ سيوستان جو حاڪم مقرر ڪيو ويو، هي شخص درياءَ، عالم، شاعر هو، وڏو عاشق رسول ﷺ هو. ۽ سندن يوم ولادت تي عام ڪاڌي جو بندوبست ڪندو هو. هٿ پاڻ خود ڊوٺاريندو هو، سيوستان لڳ درياءَ تي پل جوڙائڻ جي نگراني ڪندي، سخت گرميءَ سبب 1112ھ تي رحلت ڪيائين.

مير سيد غلام علي آزاد بلگرامي 'يدبيضا' ۾ سندس تاريخ وفات قرآن حڪيم جي هن آيت مان ڪڍي آهي:

فَلَهُمْ جَنّٰتُ الْمَاْوٰی نُزُلًاۢ بِمَا كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ

ننگر ٺٽي ۾ رهڻ لاءِ نواب هڪ ڪوٽ جوڙايو هو.

**دلاور خان، صاحب خان ۽ جلال خان:**

روايت مطابق شاھ بيگ ارغون سان وڙهندي شهيد ٿيا. ميرپورماٿيلو جي علائقي تي سندس وڏن کان حڪمراني هئي. رتوديرو ۽ شڪارپور رستي تي سندن مقبرا خستہ حالت ۾ موجود آهن.

**رئيس پيڳارو متوفي 1865ھ:**

رياست ڪڇ ۾ هڪ ننڍي رياست جو حاڪم هو، جيڪا اڄ بہ سندس نالي سان سڏجي ٿي، سندس خاندان جا گهڻا ماڻهو قيام پذير آهن، ڪجهہ افراد لڏي پاڪستان ۾ اچي آباد ٿيا آهن.

**احمد بخش ٿهيم:**

نواب احمد بخش ولد محمد عبدالله خان ٿهيم، ڳوٺ سالار واهڻ ضلع خانيوال پنجاب جو رهاڪو هو، نواب احمد بخش پنجاب اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو، پنهنجي علائقي ۽ برادري جي قابل قدر خدمت ڪئي، سندس پوٽو ملڪ ساجد رضا ايڊيوڪيٽ پڻ پنجاب اسيمبليءَ جو ميمبر رهي چڪو آهي.

**جسٽس (رٽائرڊ) عبدالرزاق ٿهيم:**

عبدالرزاق ولد عبدالڪريم ٿهيم، 18 آڪٽوبر 1927ع تي ڳوٺ شيرانپور تعلقي ڳڙهي خيرو ضلعي جيڪب آباد سنڌ ۾ ڄائو. هن صاحب ايم.اي، ايل.ايل.بي جا امتحان پاس، اول وڪالت شروع ڪئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جج مقرر ٿيو. وفاقي شريعت ڪورٽ جو جج، ۽ وارا وفاقي سروس ٽربيونل جو چيئرمين، جنهن جو درجو وفاقي وزير جو هو. سينيٽر چونڊيو ويو. وفاقي وزير، مجلس شوريٰ جو ڊپٽي چيئرمين رهيو. اقوامِ متحده ۾ پاڪستاني وفد جو ريگيولر ميمبر، ڪامن ويلٿ اجلاسن ۾ نمائندو ۽ سفارتي وفدن ۾ نمائندو رهيو. پاڪستان ۾ سرڪاري نيم سرڪاري ريگيولر ۽ اعزازي عهدن تي رهيو.

هسٽري آف عرب قبيلا (انگريزي)، عرب ان سنڌ (انگريزي)، يادگيريون (انگريزي)، جج ۽ انصاف (انگريزي)، سنڌ ۾ عرب نسل تميم عرف ٿهيم ڪين ڪافي اعزاز عطا ٿيا. تمغهِ امتياز، تمغهِ جنگ، امير آف قطر پاران ميڊل، علامہ اقبال صدارتي گولڊ ميڊل وغيره. هن سيپٽمبر 2010ع تي وفات ڪئي.

**خانصاحب فقير محمد خان ٿهيم:**

خانصاحب فقير محمد خان ولد مير خان ٿهيم 1910ع ۾ اباڻي ڳوٺ لڳ منصوره ۾ ڄائو، سندس تعلق منصوره جي تميم حڪمران خاندان سان هو. هن صاحب ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ بعد آبائي پيشي زميندارِيءَ سان وابستہ رهيو، ڪيس تقريباً اڍائي هزار ايڪڙن جي زميندارِي هئي. خانصاحب، پنهنجي قبيلي کي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ لاءِ انتهائي سرگرم ڪردار ادا ڪيو. پير صاحب پاڳاري ۽ خانبهادر غلام محمد وساڻ سان رفاقت سبب سماجي ۽ عوامي ڪمن ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي.

هن صاحب 1980ع ۾ وفات ڪئي.

**رئيس عبدالسلام ٿهيم:**

رئيس عبدالسلام ولد گل محمد ٿهيم، جنوري 1949ع تي ڳوٺ طيب ٿهيم لڳ شهدادپور ۾ ڄائو، پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل هو، ۽ پيرا صوبائي ڪابينہ ۾ وزير رهيو، 2011ع ۾ وفات ڪيائين.

**حوالا:**


(1) مولانا مودودي، سيرت سرور عالم
(2) علامہ شبلي نعماني، سيرت النبي ﷺ
(3) غلام علي آزاد بلگرامي، تمدن عرب
(4) احمد جرع، تاريخ تميم
(5) سيد سليمان ندوي، عرب ۽ هند جا تعلقات
(6) ابن خلدون، تاريخ ابن خلدون
(7) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، نورالمبين
(8) قاضي اطهر مبارڪپوري، عرب و هند عهد رسالت ۾
(9) شيخ صادق انصاري، سنڌ بلوچستان ۾ رهندڙ مسلم قبيلا.
(10) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، تاريخ سنڌ، مقالا
(11) عبدالرزاق ٿهيم، سنڌ ۾ عرب نسل تميم عرف ٿهيم.
(12) ڊاڪٽر ارشاد احمد ٿهيم، تاره
(13) نجي الله عباسي، انوارِ ڪريمي
(14) رسول بخش تميمي، سراج السالڪين
(15) مرزا قليچ بيگ، قديم سنڌ، ان جا ماڻهو
(16) مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفة الڪرام
(17) احمد حسين، ترجمہِ عبدالرحمٰن طاهر سورتي، تاريخ ادب عربي
(18) فلپ هٽي، تاريخ
(19) انسائيڪلوپيڊيا سنڌيا
ڊاڪٽر بلوچ، مهاڳ، سراج السالڪين.


◇



**رسول بخش گڇيرائي**
گڇيرو- شريف

# مخدوم قاضي غلام محمد گڇيرائي بن مخدوم محمد پريل قريشي ملتاني رحمة الله عليه

**سنڌ جي وچولي حصي جي ساهت جو سرواڻ:**

مخدوم قاضي غلام محمد (بگائي) گڇيرائي پنهنجي وقت جا جيد ۽ يگانا عالم، اديب، ٻوليءَ جا ماهر، شاعر، مصنف، مفسر قرآن، محدث، فقير، اهل الله ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريا آهن. ليڪن ڪين تاريخ جي ورقن ۾ نهايت مختصر ياد ڪيو ويو آهي مٿن وقتائتي قلم نه کڻڻ جي ڪري سندن دين اسلام ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪيل ڪاوشون گهٽي قدر ضايع ٿي ويون.

11 صدي هجري ۾ مخدوم محمد پريل قريشي، ملتان ۽ اچ شريف کان سنڌ ۾ آيا ۽ گڇيري پراڻي ۾ مخدوم هنگوري رحمت الله عليه جن جي درگاه تي حاضري ڀري ۽ مخدوم هنگوري رحمت الله عليہ جن جي خاندان جي بزرگن جي توسط سان گڇيري جي ڏکڻ ۾ اٽڪل هڪ ميل جي فاصلي تي مخدوم محمد پريل جن ٻگهين مان شادي ڪري پنهنجا گهر اڏي وينا جيڪي اڳتي هلي 'ڳوٺ ميان محمد پريل جا گهر' جي نالي سان مشهور ٿيا.

مخدوم محمد پريل قريشي جن واپس اچي مخدوم هنگوري رحہ جن جي درگاه تي خيرات في سبيل الله ڪري الله پاڪ کان اولاد لاءِ دعا گهري. الله پاڪ کين فرزند عطا ڪرڻ فرمايو جنهن جو اسم مبارڪ غلام محمد رکيو ويو ۽ مخدوم محمد پريل جن مخدوم هنگوري رحہ جن تي ونڊ (خير) ڏئي آيا اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي ۽ قاضي صاحب جن جي خاندان ۾ نرينو اولاد ٿيڻ تي سُکا ڏئي ايندا آهن.(2)

مخدوم قاضي غلام محمد جن جو جنم 1078 هجريءَ ۾ گڇيري پراڻي لڳ 'ڳوٺ ميان محمد پريل جا گهر' ۾ ٿيو جنهن جا نشان اڄ به ظاهر آهن ۽ هڪ دڙي جي صورت ۾ آهن ۽ ان سان ساڳي جاءِ تي سندن مدرسي ۽ مسجد شريف جا نشان اڄ تائين موجود آهن ۽ مسجد جي اڏاوت دوران حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جن مخدوم غلام محمد گڇيرائي جن جي ديني علوم ۾ قابليت ۽ مهارت وغيره ٻُڌي 'ڳوٺ ميان محمد پريل جا گهر' ۾ آيا ۽ اڏجندڙ مسجد شريف جي ڪم ۾ حصو وٺندي تڳاري کنئي هئي. ان جاءِ تي مخدوم صاحب جن جي ڪجهه زمين ۽ ان کي آباد ڪرڻ لاءِ کوهہ پڻ هوندو هو. اهو کوهہ چند سال اڳ سندن موجوده سجاد نشين قاضي مير حسن صاحب جن لٽائي ڇڏيو ۽ ان جي پر ۾ ٽيوب ويل هٽايو آهي، جنهن تي مخدوم صاحب جن جي زمين آباد ٿيندي آهي. مخدوم غلام محمد گڇيرائي کي ميرعلي شير قانع غلطي وچان کين بگن جي ڳوٺ کي سندن ولادت جي جاءِ ڄاڻائي کين بگائي لکيو آهي، جيڪا غلطي ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مرحوم ۽ ٻيا اڄ تائين ڪندا اچن ٿا ،جڏهن ته مخدوم قاضي غلام محمد گڇيرائيءَ جو تعلق گڇيري شهر سان ٿي آهي ان کانسواءِ مخدوم صاحب کنهن به لکت وغيره تي پاڻ کي بگائي نه لکيو آهي بلڪ مخدوم غلام محمد جن جي پوٽي مخدوم فيض محمد قاضي (همعصر قاضي احمد دمائي 1117هہ-1223هہ) جن کي قاضي احمد جن هڪ خط ۾ مخدوم قاضي فيض محمد گڇيرائي ڪري لکيو آهي.(3)

**مخدوم قاضي غلام محمد گڇيرائي جن جي ظاهري علوم ۽ باطني فيض جي درسگاهہ ۽ درگاهہ:**

مخدوم صاحب جن مخدوم ابوالحسن(1) سنڌي وٽان ظاهري علوم جي دستار فضيلت حاصل ڪرڻ بعد ڪجهه وقت مدرسي ۾ رهيا ۽ پوءِ گڇيري لڳ پنهنجي رهائشگاهہ (ميان محمد پريل جا گهر) تي اچي ديني درسگاهہ قائم ڪئي. ان درسگاهہ ۽ مسجد شريف جا نشان اڄ تائين به موجود آهن جنهن جي اتر- ڏکڻ واري ديوار 33 فوٽ ۽ اولهہ- اوڀر واري ديوار 37 فوٽ آهي. هن درسگاهہ ۾ سنڌ جي مختلف علائقن جا طالبعلم

اچي قرآن پاڪ، تفسير، حديث، فقھ ۽ ٻين ديني علوم جي تعليم حاصل ڪري ويندا هئا، جن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو پڻ اعليٰ بندوبست ٿيل هو. هن ديني درسگاھ مان ڪيترائي عالم ۽ حافظ دستار فضيلت حاصل ڪري سنڌ ۽ هند ۾ دين اسلام جي شمع کي جاري ۽ ساري رکندا آيا ۽ رکندا اچن ٿا. مخدوم صاحب جن نهايت پرهيزگار ۽ پورا خائف خدا ۽ خشوع و خضوع وارا ڪامل ۽ عامل بزرگ ٿي گذريا آهن. پاڻ سچا عاشق رسول هئا حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي سڪ ۾ روئندا هئا، ۽ عشق رسول ﷺ ۾ مولود، غزل ۽ معجزا ٺاهيندا هئا، جيڪي سڄي سنڌ ۾ مدح خوان ڳائيندا رهندا هئا.

موجوده دور جي يگاني عالم حضرت مولانا محمد ادريس ڏاهري دامت برڪاتهم العاليہ جن فرمايو: "ادا رسول بخش آءٌ لاڙڪاڻي جي هڪ شهر ميروخان ۾ تقرير ڪرڻ ويس ۽ اتان جي درگاھ پير حامد حضوري جن جا سجادھ نشين حضرت پير احمد بخش صاحب جن تي جڏهن نظر پيم تہ حيران ٿي ويس ۽ تقرير بعد ڪين عرض ڪيم تہ سائين توهان کي هي فيض ڪٿان مليو آهي بزرگ فرمايو تہ مولوي صاحب اسان جو خاندان 12 صدي هجري کان ڳچيري جي بزرگ مخدوم غلام محمد ڳچيرائي رحمت الله عليہ جن جو مريد ۽ خادم پئي رهيو آهي ۽ جيڪي ڪجھ اسان وٽ آهي سو مرشد مخدوم غلام محمد ڳچيرائي جن جي عنايت آهي.

اهڙي طرح سنڌ جي وچولي حصي جي سنڌي ٻولي جيڪا آسان ۽ اعليٰ قسم جي ٻولي آهي سا نہ صرف ساهتي علائقي، سنڌ جي وچولي حصي بلڪ پوري سنڌ لاءِ آسان ۽ سٽريل ٻوليءَ جي لحاظ کان فخر جو باعث آهي جنهن جو باني اڳواڻ ۽ سرواڻ مخدوم قاضي غلام محمد ڳچيرائي کي سڏجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو، جنهن جو حوالو تاريخ تحفة الڪرام ۾ ڄاڻايل آهي مخدوم صاحب جن جي نثر خواه نظر اڄ بہ عام ماڻهو چڱي طرح ۽ آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو.(2)

سلوڪ ۾ مخدوم قاضي غلام محمد ڳچيرائي جن پهريان نقشبندي سلسلي ۾ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي مريدن ۾ شامل ٿيو ان بعد مخدوم ميان محمد ابوالمساڪين جي خلفاء ۾ شامل رهي تصوف ۾ ڪماليت حاصل ڪيائون تنهن کان پوءِ خواجہ محمد زمان لنواري واري بزرگ کان پڻ فيض حاصل ڪيائون ۽ خلافت جو خرقو ڏکيائون(3) ۽ خواجہ صاحب جن جي پنجن وڏن خليفن مان پاڻ هڪ هئا، جن ۾ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، مخدوم قاضي غلام محمد ڳچيرائي، حاجي محمد صالح ڪڙائي، حاجي ابو الطالب اگهمي، حافظ هدايت الله شامل آهن. مخدوم غلام محمد ڳچيرائي جن نهايت بلند پائي جا عالم صوفي با صفا ۽ ڪامل ولي الله هئا. سندن اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ هزارين معتقد آهن. سندن ڪماليت جي اها پهچ هئي جو هڪ پيري ماه رمضان مهيني ۾ رات جو برسات ڏاڍي پئي ۽ حويليءَ ۾ اُسر جو سحري تيار ڪرڻ لاءِ ڪاٺيون نہ هيون تہ مخدوم صاحب پنهنجي خاص خدمتگار روشن فقير کي فرمايو تہ فقير اُسر جو سحري تيار ڪرڻ لاءِ ڪاٺيون نہ آهن. فقير وراڻيو تہ سائين بندوبست ڪري ٿا وٺون ۽ ان وقت ئي روشن فقير ڪاڻين جي ڳولا ۾ نڪتو ۽ نيٺ ڳوليندي ڳوليندي سڪل ڪاٺيون هٿ ڪيائين ۽ ٻوريءَ ۾ بند ڪري اڌ رات جو در تي اچي ڪاٺين جي ڀري اڇلي تہ ڪاٺين جي آواز تي مخدوم صاحب جن سجاڳ ٿيا ۽ پاڻ فرمايائون تہ ڪير آهي؟ تہ فقير وراڻيو تہ مرشد سائين روشن فقير آهيان ۽ سڪل ڪاٺيون هٿ ڪري آيو آهيان ان تي غلام محمد ڳچيرائي فرمايو تہ "روشن فقير تون ۽ تنهنجو سڄو خاندان سدائين روشن رهندو" قاضي صاحب جن جي دعا سان روشن فقير ڪامل بزرگ بڻجي ويو. اڄ پندرهين صديءَ ۾ بہ سندن درگاھ ميرو خان (ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ علم ۽ فيض جو مرڪز آهي، جيڪا درگاه حامد حضوري جي نالي سان مشهور آهي قاضي غلام محمد ڳچيرائي جن جي ديني علوم ۽ عربي ٻوليءَ تي ايتري گرفت ۽ دسترس هئي، جو سندن 8 سجاده نشين قاضي رسول بخش

گچيرائي جيڪي پندرهن سال اڳ 110 سالن جي عمر ۾ وصال ڪري ويا، تنهن مون (راقم) سان ڳالهه ڪئي ته هڪ پيري مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جن پنهنجي هڪ خليفي کي مخدوم قاضي غلام محمد ڏي موڪليو ته وڃي هڪ عربي ڪتاب جيڪو تمام ڏکيو هو سو وڃي قاضي صاحب جن کي پهچاءِ ۽ کين عرض ڪجانءِ ته اهو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏين. خليفو صاحب هڪ ڏينهن اچي قاضي صاحب جن وٽ پهتو ۽ کين اهو عربي ڪتاب ڏنو ۽ خليفي، مخدوم صاحب جن کي عرض ڪيو ته سائين مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جن فرمايو آهي ته هي ڪتاب ٽن مهينن ۾ ترجمو ڪري ڏجو. خليفو رات رهيو ۽ صبح جو نيرن پاڻي ڪري قاضي صاحب کان موڪلايائون ته قاضي صاحب جن ڪيس ڪتاب واري ڳوٿري واپس ڪئي ته خليفي عرض ڪيو ته يا حضرتا! مهرباني ڪيو مخدوم هاشم ٺٽويءَ هن ڪتاب جي ترجمي لاءِ عرض ڪيو ان ڪري توهان ترجمو ڪيو ۽ ٽن مهينن بعد آءٌ کڻڻ ايندس. تنهن تي مخدوم صاحب جن خليفي کي فرمايو ته: بابا ڪتاب جو ترجمو مون (مخدوم قاضي غلام محمد گچيرائي) رات سارو ڪري ڇڏيو خليفو تعجب ۾ پئجي ويو ۽ کولي ڏٺائين ته واقعي عربي ڪتاب سان گڏ ان جو ترجمو پڻ موجود هو. اها هئي مخدوم صاحب جن جي علمي ۽ روحاني طاقت!

مخدوم قاضي غلام محمد گچيرائي جن نهايت اعليٰ پائي جا شاعر هئا، سندن شاعريءَ جو ڪافي تعداد عشق رسول پاڪ ﷺ ۾ چيل آهي، سندن شاعريءَ جي ٻولي نهايت عام فهم آهي، جيڪا ميرعلي شير قانع تاريخ تحفة الڪرام ۾ مخدوم غلام محمد بگائي جي سنڌي (اصل ۾ مخدوم غلام محمد قاضي جن جي سنڌي) ڄاڻائي آهي. قاضي صاحب جن سنڌي ٻوليءَ ۾ مولود سڀ کان پهريان ناهڻ ۽ چوڻ جي ابتدا ڪئي سندن مولود سڄي سنڌ ۾ ڳايا وڃن ٿا ۽ مشهور آهن پاڻ ڪيترا ئي معجزا منظوم ڪيا اٿن. جن ۾ پاڻ سڳورن جن جي ولادت، شادي وارو معجزو حضور پاڪ جن جي سيرت مبارڪ وغيره ۽ ٻين واقعن تي ڇيل طويل نظم پڻ پاڻ لکيائون، جيڪي ڪلمات جي نالي سان مشهور آهن مخدوم صاحب جن جو ڪجهه ڪلام نموني طور هيٺ عرض رکجي ٿو.

ابر عنايت، ڪڪر ڪرامت، سمنڊ سخاوت، امن علامت،
ماه ملاحت، سونهن صلابت، وهم وصالت، ڏنس ڏاتارا.
سو هادي هدايت، والي ولايت، ابر عنايت، ڪنز قناعت،
ڪندو شفاعت، ڏينهن قيامت، مٺي مڙني مومنا.
سو حامي همت، امين است، مهر ملت قوي قوت،
اعليٰ عظمت، ماهه ملاحت، صبح صباحت، هادي هر ويرا.
سي مگر منڊا، اجهامندا، ڪين پرندا، موذي مرندا،
راهب رَمندا، ڪاهه نه ڪندا، اپر اونداها.
سي ٻول پڄندا، ورهين ويندا، ڇڪيا ڇڙهندا،
واوَ ورندا، سڪن سندا، ٿيندي نعمت، نصيبا.
سي بت پڄندا، ڪوٽ ڪرندا، حيضي هڄندا،
موذي مرندا، ڪافر ڪرندا، مڙئي ماتاما.
سو دين وڏندو، ڪفر ڪيندو، پاپ نه پوندو، ظلم زد ٿيندو،
ڪوڙ ڪرندو، حق هلندو، ويندي بالڪل بدعتا.(4)

مناقبو نبي ڪريم ﷺ جن جو ديو وارو ڇيل مخدوم غلام محمد قاضي (آخري حصو)

هاڻي اُمتي حضرت نبي ڪريم جو مونکي ڪري مولا
قادر رب قبول ڪيا سندم سوالا
جيءَ گهريا جانيڙا مون کي مولي ملايا
اوڄاڳا اکين جا منهنجا سڀئي صاب پيا
هاڻي حضرت هاشمي توتي آندم ايمانا
پرين توتي ٿو پڙهان ڪلمون ڪريما
سو مرد مسلمان ٿيو آندئي ايمانا
داور اهڙي ديو سان قادر ڪرم ڪيا
ايڏيون ڪرم ڪرامتون آهن نبيءَ نور سندا
سو ڪيئن ڇڏيندو امتي پيغمبر پنهنجا
تن کي تک تار مون ڪاريندو احمدا
مرسل سندي مدح ڪان ماڻ مور نہ جڳاءِ
چوي غلام محمدي نالي غلاما
ڪلام سان قبول پوي منهنجا مدح مقبولا
هجان حاضر حضور ۾ منجهہ مجلس محمدا
جيري من جاني ڏسان جنهن تان جان فدا
ڪلمي ساڻ ڪريم جي شل پڇنم پساها
ويندا سي ايمان سين ڪلمو چون مها(5)
لا اِلہ الا الله محمد رسول الله

## نعتيہ غزل

ٿلهہ: رکو هيٺي تي هٿ هر هر، ٿئي رحمت يا رسول الله!
ڪري پيو ڪير تو ري هت، حمايت يا رسول الله

1- هيٺي هن حال منهنجي جي، سيدا! سُڌ توکي سڀ آهي
چوڻ چارو نہ مون آ ڪو، حڪايت يا رسول الله!
2- ٿئي آدر ارادت جي، پسان تو مير محمد کي!
ڪريان خدمت، ٿئي حاصل، هدايت يا رسول الله!
3- نہ اٿم تقويٰ نمازن جي، نفل، فرضن عبادت جي
رکان اميد رحمت جي، عنايت يا رسول الله!
4- "غلام محمد"جو غم لاهي، خرابيون ۽ خطائون سڀ
ٿئي شافع! وري منهنجي، شفاعت يا رسول الله!(6)

مخدوم غلام محمد گچيرائي حضور پاڪ جن جي ولادت، صورت ۽ سيرت پاڪ جو ذڪر ڪندي چون ٿا تہ:

سي سونهن سائي پٽ سين، مٿس ڀهڳڻ ٻاروتا
ويڙهيو ورنهن جنهن ۾، منجهس برجن پاڪيزا
تان پي تنهن پاڻيءَ ۾، ٿي چڪيا چٽاڪا
ملاحت جي ماهہ جا، ٿي ڳاڙيا قطرا ڪارا

مخدوم صاحب تي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن، رهڻي ڪهڻي ۽ ريتن رسمن جو اثر غالب آهي. هن بزرگ پاڻ سڳورن ﷺ جي ولادت باسعادت، حسن ۽ جمال ۽ شاديءَ جو ذڪر ڪندي سنڌ جي ثقافتي اهڃاڻن، ريتن رسمن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ کي سموهڻ ۽ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. قصيده برده شريف جي شرح ۾ به اهو ئي اسلوب بيان اختيار ڪيو اٿن يعني هن پاڻ پنهنجي ماحول جي پس منظر ۽ پنهنجي روايتن، تمثيلن ۽ اهڃاڻن کي سامهون رکي، مدحيه ۽ نعتيه ڪلام چيو آهي.

**مخدوم عبدالرحمٰن الشهيد جي شهادت تي مخدوم غلام محمد قاضيءَ جو چيل نظم جو اقتباس هيٺ ڏجن ٿا:**

چا ڪي غازي غربا مومن ماراياءِ، ثابت شرع جنهن تي ڪاريو قصاصا.
انهيءَ عيوض ۾ اهو ڪوڙي هوند ڪهاءِ، ولاتزر وازره الاخريٰ پير پرجهي پاءِ
چٽ چنئي ترهو ٽٽي ٻيڙي ٻوڙاياءِ، شال نه هوندي سرخرو، ڪوڙهيا ڪان پيا!
پارون پيغمبر پاڪ جي اوپالا ايندا‏ءِ، شافيءَ جي شرع جيڏي جاڙ ڪياءِ
ويئي حڪومت هٿ مان، پاپي پٽ مرنداءِ، ڊنين ڊاءِ ته رب جي سوريا سچ ڪياءِ
نورو! هتئون نڪري ڳهلا ڳالهه وياءِ، جي ٽي شمع شرح جا ٻريا، سي ڪيئن اجهاياءِ!
اٻرو اسلام جي ڪوڙهيا ڪوه ڪيا، هُل حاويلي ڇڏيئي، سڃي ٿيئي سراءِ!
مشعل مومنن جا قاضي ڪوه ڪناءِ ڪاتي پونڊءِ قهر جي، ٻنيا ڪا ٻرندياءِ!
جهڙي ڪئي جهان ۾ آڏي سا ايندياءِ، اڃي ڪڙڪي قهر جا گهوڙا گهر پوندياءِ
هيڏي ڦر نه ڦٻنداءِ، جي پيلارا پانياءِ، مارو. مگر ظلم جي ٻارڻ ٻارياءِ
ظالم! زور زبان سان سنڌ ساري سڪاياءِ، اصفهان ۽ ايران جا گهوڙا گهر ايندا‏ءِ
سگها زنجير ظلم جا جا ڳٽ ڳانا ڳل پوندياءِ، اڄ يا سڀهن مرندين پاپي ڏينهن پناءِ
شاديون شڪرانا ڪيو، خير خداءِ، ماريو مفسد، مومنو! ويهو جڙي جاءِ بجاءِ.
چوي غلام محمدي نالي غلاما، ويندا جي ايمان سان جي ڪلمو چون سدا.(9)

هيءُ نظم مخدوم قاضي غلام محمد جمع جي ڏينهن خداآباد وچي ميان جي مسجد ۾ سندس روبرو چئي جنهن کان ميان ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ ارمان ڪيائين، ليڪن تير اڳ ۾ ئي ڇُٽي چڪو هو تنهن کي موٽائڻ سندس وس کان ٻاهر هو.

**قصيده برده جو ترجمو ۽ شرح لکيل مخدوم غلام محمد قاضي**

قصده برده جو هي پهريون ترجمو ۽ شرح آهي جيڪا قاضي صاحب لکي. مخدوم قاضي صاحب جي هن ترجمي مطعلق مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لکيو آهي ته ”منهنجي نظر ۾ هن کان وڌيڪ شرح سنڌيءَ ۾ ٻي ڪابه نه ٿي سگهي آهي. هيءَ شرح سڀني ترجمن ۽ شرحن کان نهايت مستند ۽ محققانا لکيل آهي. ”قصيده برده جي ترجمي ۽ شرح ۾ مخدوم غلام محمد قاضي جو عشق رسول جو جذبو به ڪارفرما آهي، ته سندس علم ۽ فضل جو اظهار به ملي ٿو. هن بيتن جي قصيدي جو لفظي ترجمو نه ڪيو آهي، پر هر بيت جي هيٺيان پهريان ان بيت جي معنيٰ سمجهائي اٿس، ۽ ان کان پوءِ ان جي وضاحت ۾ ڪافي ڪجهه لکيو اٿس، مفهوم ۽ مقصد سمجهائيندي قرآن شريف جون آيتون، حديثون ۽ عالمن ۽ بزرگن جا قول به آندا اٿس. انهيءَ ڪري سندس هي نظم به ترجمو نه ٿو لڳي، پر هڪ تخليقي شاهڪار نظر اچي ٿو.

قصيده شريف جي بيتن جي شرح کان اڳ ۾ ديباچو ڏنو اٿس، ان ۾ الله تعاليٰ جي هيڪڙائي بيان ڪندي، واحد جي واڪاڻ جي هدايت ڪئي اٿس ۽ معرفت حقيقي جو ڏس ڏنو اٿس. ديباچي ۾ تصوف جو

رنگ غالب نظر اچي ٿو، ۽ وجودي فڪر جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

مذڪوره نظر، معجزن مولودن ۽ قصيده برده جي منظوم شرح ڪانسواءِ مخدوم صاحب جو هڪ نظر ڪائنات جي تخليق بابت بہ مليو آهي، جنهن ۾ هن قديم روايتن موجب ڪائنات جي تخليق جو بيان آندو آهي ان ڪانسواءِ پاڻ ڪريم جن جو وفات نامو بہ لکيو اٿن.

**مخدوم صاحب جن جو وصال**

مخدوم صاحب جن جڏهن ميان نورمحمد ڪلهوڙي کي نظر پڙايو ۽ خدا آباد واري مسجد کان واپس اچي رهيا هئا تہ گچيري پتڻ وٽ، ملاح، نور محمد ڪلهوڙي جي چُرچ تي ٻيڙيءَ کي اونڌو ڪيو ۽ مخدوم صاحب گچيري پتڻ جي پر ۾ تار پاڻيءَ ۾ هليو ويو ۽ پاڻيءَ ۾ ٻڏي شهيد ٿي ويو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ لکيو آهي تہ مخدوم ڪهڙن واري شهادت وقت سنڌ جو واحد عالم مخدوم غلام محمد گچيرائي (بگائي) هو، جنهن ان وقت جي حاڪم نورمحمد ڪلهوڙي کي سندس موجودگيءَ ۾ حق جو ڪلمو چوڻ فرمايو ۽ نديو ۽ پٽيو. اهڙي طرح سان مقامي بزرگن جي روايت ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي حوالي مطابق ان وقت ٿي يعني 1145 هجري ۾ مخدوم صاحب جن شهادت ماڻي. ان حساب سان مخدوم غلام محمد قاضي جن قصيده برده جو ترجمو ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي لکت مطابق جيڪو ان 1182 هجريءَ ۾ لکيو آهي سو صحيح نہ آهي بلڪ قصيده برده جو ترجمو 1142 هجريءَ ۾ مخدوم صاحب جن منظوم ترجمو ڪيائون. سندن ساليانو عرس مبارڪ 16 ذوالحج تي سندن خاندان ۽ مخدوم هنگورو هسٽاريڪل سوسائٽي جي طرفان گچيري ۾ ملهايو ويندو آهي.(10)

**حوالا:**


(1) مخدوم ميون ابوالحسن سنڌي جنهن پهريان سنڌي الف-ب ٺاهي ڪتاب 'مقدمة الصلواة' لکيو، ولادت 1070هہ وفات 1165هہ، ڏسو صراط رسالو 'مخدوم محمد هاشم ٺٽوي نمبر'. مضمون 'مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي دور جا علمي مرڪز، از: رسول بخش پڳهيو گچيرائي.

(2) تحفة الڪرام، مترجم: امير احمد ڪهڙائي

(3) راوي: قاضي رسول بخش قريشي سجاده نشين اٿون.

(4) سنڌي منظوم شرح، مخدوم غلام محمد بگائي (گچيرائي) مرتب: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص 26-27

(5) مناقبا، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، حيدرآباد، 1960ع

(6) بياض حمد و نعت، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو نعتيہ ڪتاب 1400هہ

(7) سنڌي شرح منظوم ترجمہ: مخدوم غلام محمد بگائي (گچيرائي) مرتب: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص 27-28

(8) نعتيہ ڪلام .................................. ص 27-28

(9) مهراڻ رسالو سوانح نمبر 1957ع

(10) گچيرو پتڻ جا راوي: موسو پاٽي ۽ محمد يوسف مهر جت پتڻ تان ماڻهو جي سواري ڪندڙ.

ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'سنڌي'

ٻولڙي شاهه ڪريم



# ٽنڊي محمد خان ضلعي مان گذرندڙ آڳاٽا وهڪرا

سنڌو درياءَ ايترو قديم آهي، جيترو اسان جي پنهنجي سنڌ. پاڻي جياپو آهي، انسان، توڙي هر جيو نباتات ۽ حيوانات جو، بلڪ ڌرتي ٻه پاڻيءَ سان اُڃ اُجهائي ٿي ۽ پوءِ جيڪي سندس اندر ۾ پوشيده هوندو آهي. اُهو اُپري پوندو آهي. پوءِ ان جي اوپڙ جي سُرهاڻ ۽ سڳنڌ پوري ڪائنات تي پکڙجي ويندي آهي. اسان جو سنڌو درياءَ ٻه پورالو آهي. ڪڏهن موج ۽ مستي ۾ اچي ٻيلا ۽ ٻنيون ٻوڙي ته وري ڪڏهن ڪنڌيءَ سُڪائي ڪائهنَ. سو سنڌو درياءَ ٻه پنهنجا رخ مختلف دؤرن ۾ بدلايا آهن. تاريخ جي ڪتابن ۾ اچي ٿو ته، اڳي جڏهن درياءَ کي پاسن کان بند يا ڪا جهل پل ڪونه هوندي هئي ته، جيڏانهن رخ ڪيائين ته درياءُ ٻنجي ويو.(1) هڪ روايت جيڪا تاريخ جي ڪتابن ۾ موجود آهي ته درياءَ بادشاهه پنهنجو موجود رخ 1758ع ۾ بدلايو.(1) (2) تاريخ جنت السنڌ ۾ آهي ته، سنڌونديءَ وقت بوقت، پنهنجا جدا جدا وهڪرا بدلايا آهن." مؤرخ ايلفنسٽن جي حوالي سان بيان آهي ته، دنيا ۾ اهڙي ٻي ڪا ٻه ندي ناهي، جنهن هن درياءَ وانگر پنهنجو وهڪرو بدلايو هجي.(2) غلام شاهه ڪلهوڙي جي دؤر ۾ سنڌو درياءَ پنهنجو رخ 59-1758ع ۾ بدلايو. 1542ع کان وينديَ ارڙهين صديءَ جي وچ تائين سنڌو ٽنڊي محمد خان شهر کان ٽي، چار ميل اوڀر کان وهندو هو.(3) ٽنڊي محمد خان کان چار پنج ميل يعني فتح باغ ۽ جوڻ واري پاسي کان. ان پاسي جيڪو درياءَ وهندو هو، ان کي نصرپور وٽ سانگري يا سانگورو درياءَ چوندا هئا ۽ فتح باغ، جوڻ ۽ بدين جي طرف وهندڙ کي ريڻ درياءَ چيو ويندو هو.

اهو درياءَ جڏهن اُتان وهندو هو ته، انهن ماڳن جي وڏي هاڪ هوندي هئي. اهي علائقا سرسبز ۽ آباد هئا. آڳاٽي چوڻي آهي ته، "نرت نورائي، نصرپور، ڦل فتح باغ هلي ڏس جوڻ، جتي آهي ڪپهه جو واپار" جڏهن همايون بادشاهه سنڌ تي ڪاهه ڪري آيو هو ته، اچي جوڻ واري علائقي ۾ رهيو هو ۽ جڏهن شاهه حسين بيگ ارغون کي خبر پئي ته، اهو ٻه پنهنجون فوجون وٺي اچي فتح باغ جي سرسبز علائقي ۾ رهيو. همايون بادشاهه کان جڏهن سوپ ماڻيائين ته، هن علائقي کي ڪٽي فتح باغ جو نالو رکيائين."(4) هن کان اڳ ۾ شايد هن علائقي جو نالو ڪو ٻيو هوندو؟ پر ان بابت ڪا ٻه پڪي ثابت ڪنهن ٻه ڪتاب ۾ مون ناهي پڙهي. يا ڪٽي اڳئي ان جو نالو فتح باغ هجي؟ ته اهو نالو ڪٿان آيو يا اهو فتح باغ ڪنهن جو هو؟ البت فتح پور ديهه جو نالو آهي. جتي سمان رهن ٿا، اهي فتح پوري سمان سڏجن ٿا، پر پراڻو ڳوٺ فتح شاهه جي نالي هو، جيڪو اڳتي هلي فتح پور سڏيو، موجوده فتح باغ ديهه نظريو تعلقي ٽنڊي غلام حيدر ۾ آهي، مير محمد خان ٽالپر جو مقبرو ٻه اتي آهي. (فتح باغ واري تاريخي مسجد جا آثار اڃان موجود آهن). ان تاريخي مسجد جي اولهه طرف، ريڻ درياءَ جي اولهه ڪپ تي هڪ وڏي دڙي تي مسجد هئي، جنهن کي ٻيلي واري مسجد چوندا هئا. (جنهن کي هينئر وري ٺئين سِر ٺاهيو اٿن) ريڻ درياءَ جي سڪڻ ڪري اُهي مٿيان علائقا سڪڻ لڳا. پر وري ڦليليءَ جي قدرتي ڦاٽ سبب سرسبز آباد ٿيا. موجوده درياءَ جيڪو پنهنجو نئون رخ ڪيو. اهو حيدرآباد کان اولهه

طرف جبلن جو ڪنارو ورتو ۽ اوپر طرف لٽياسو ۽ ڪڇي هٽڻ ڪري، ڪيترائي نوان وهڪرا ٺهيا ۽ وڏي مؤج سان وهڻ لڳا. اُهي وهڪرا هي آهن:

**(1) گوني يا ڦليلي:**

هيءُ تمام آڳاٽو وهڪرو، جيڪو ٺٽي جي وجود کان اڳ جو آهي، ٺٽو محمد خان 1791ع ۾ قائم ٿيو. ان کان 33 سال اڳ درياءَ پنهنجو رخ 1758ع ۾ بدلايو. ان حساب سان ڏٺو وڃي ته، يعني ڦليلي 40 سال اڳ وهندڙ هوندو؟ باقي اها خبر نٿي پوي ته ان جي شروعات يعني مُنهن ڪٿان هو؟ تاريخ جي ڪتابن ۾ آهي ته "هي وهڪرو گاجا واهه کان مٿي ڦليلي، ۽ گاجا واهه کان هيٺ گوني سڏبو هو. منجهس ٻيڙيون هلنديون هيون، پراڻن نقشن ۾ به گوني تعلقو سڏبو هو" گوني ڦاٽ جي ايڏي ته اهميت هئي جو غلام شاهه ڪلهوڙي کي حيدرآباد جي قلعي اڏڻ جو خيال آيو هو.

روايت آهي ته، اها گوني موجوده حيدرآباد جي اپرندي پاسي کان ٽيندي هٽڙي وٽان درياءَ مان وهندي هئي ۽ چون ٿا ته دبي واري جنگ جنهن ۾ هوشو شيدي شهيد ٿيو هو، اها ان جي وارياسي پيٽ ۾ لڳي هئي. (والله اعلم).

ڦليلي بابت لوڪ گيت:

'ڦليلي ڦُل ڇاڻيا، آيا باغ ڏٺي.'

ٻيو لوڪ گيت:

'گونل تنهنجي ڪپ تي ليمان پوکيم لک.'

گوني بابت ابراهيم منشي جو:

گوني پيچاري نياڻيون، ٻئي مٿي مهراڻ جون،
لاڙ سان لاٿون لڏائون، لهريون ڏيئي لالاڻ جون.(1)

سرويچ سجاولي وري سڄي مهراڻ لاءِ چيو:

جنگ الفردوس ٻئي ڪنديون مهراڻ جون،
ويهي رڱو واڪاڻجن، پيلا پنيون مهراڻ جون.

**(2) آچ ڍنڍ:**

هيءُ به درياءَ جي ڦاٽ آهي، جيڪا هاڻ ڍنڍ جي صورت ۾ اڄ به موجود آهي. ڪوڪر کان پڪو رستو عالي جهرڪ ڏي ويندڙ ان جي ٻنهي طرف اها ڍنڍ اچي وڃي ٿي.

**(3) عليپور شيخان ڦاٽ:**

هي وهڪرو ملاڪاتيار جي ڏکڻ پاسي کان لنگهي علي پور کان ٿيندو اڳتي موجوده نئين گوني ڪراس ڪري، ٺٽي محمد خان کان لاڪاٽ روڊ ويندڙ بس اسٽاپ وساڻ ۽ زئور ڳوٺ جي ڏکڻ طرف وڃي ٿو. اڄ ان جا نيشان ۽ واريءَ جا دڙا موجود آهن.

**(4) ڍنڍي وٽان گذرندڙ ڦاٽ:**

هيءُ ڦاٽ ڍنڍيءَ جي تاريخي 'مسجد جيڪا سمن ڄامن جي دؤر جي آهي.' (ان جي اولهه طرف پراڻو سومرن جي جوڙ حسن بروهيءَ ان ۾ مان 711هه وارو پٽل جو سڪو هٿ آيو هو، جيڪو هن (راقم) به ڏيکاريو هو) جي اُتر طرف کان لنگهي الهيار ترڪ ڳوٺ جي پرڏي وري موجوده نقرجي فارم جي آفيس جي اوپر کان لنگهي ڏکڻ طرف وڃي ٿي. ان جا نيشان موجود آهن، هن جي هڪ حصي کي الهيار ترڪ ڍنڍ ۽ ٻئي حصي کي قناداڻي ڍنڍ چيو وڃي ٿو.

**(5) ڏاڏون وٽان لنگهندڙ ڦاٽ:**

هن ڦاٽ جو هاڻ ته ڪوبه نيشان ناهي، پر شاهه ڪريم جي رسالي بيان العارفين ۾ ان جو ذڪر هن ريت آهي: "هڪڙي خادم چيو ته هڪ پيري آئون ۽ هڪ ٻيو مريد ٻيڙيءَ تي سوار ٿي، ڏاڏون ڳوٺ ۾ اچي لٿاسين ۽ رات جنهان جي ڳوٺ ۾ ترسياسون."(6) (شاهه ڪريم 944هه-1032هه) ياد رهي ته شاهه ڪريم رحه ارغونن جي دور جو هو، ان دور ۾ ڏاڏون وٽان به ڦاٽ وهندي هئي. جنهن ۾ ٻيڙيون هيون ۽ ڏاڏوري پتڻ به مشهور هو، جو روايت آهي ته جڏهن شاهه لطيف کي پنهنجي وڏي ڏاڏي ميين ڪريم جو مقبرو جوڙائڻ جو خيال آيو ته، پنهنجي دوست درويش ڏاتار ڏني کي وٺي ملتان آيو. ان بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته "شاهه لطيف درويش ڏاتار ڏنو

جيڪو ملتان جي بزرگن جو خاص خليفو ۽ مريد هو“ ڪيس وٺي ملتان مان شاهه ڪريم جي روضي ۽ مسجد لاءِ سِرون ڪٽائي آيو.“(7) اهي سِرون ڏاڏوري پتڻ تي ۽ اُتان بلڙي شاهه ڪريم آيون. شاهه ڪريم جي روضي تي به سال ڪم هليو ان وقت جي سر جنهن تي هجري سن 1156ھ لڳل آهي. اها سِر محفوظ آهي، يعني اهو ڪم 1743ع ۾ پورو ٿيو، شاهه لطيف جو وصال 1752ع ۾ ٿيو آهي ان جي وصال کان 6 سال پوءِ هي باقاعدي درياهه 1758ع وجود ۾ آيو آهي.

**(6) پناهه واهه:**

هيءُ به ڦاٽ هوندي هئي. اها ڦاٽ به مٽي درياهه جي ڪنهن ڦاٽ مان وهي ايندي هئي، موجود شهر درگاهه جي اُتر طرف ان جا نيشان جيڪي ڪاڻ جي صورت ۾ موجود آهن. ان پناهه واهه تي خود شاهه ڪريم جو نار هلندو هو ۽ ان پناهه واهه جو ذڪر شاهه ڪريم جي رسالي جي (ص 293) تي اچي ٿو.(9) پراڻن نقشن ۾ به ان پناهه جو ذڪر موجود آهي.

**(7) گونگڙو واهه:**

هن کي ڪارو گونگڙو به چيو وڃي ٿو، موجوده شهر بلڙيءَ کان اوڀر پاسو ڏيئي، باغ سرائي کان ٿيندو موجده ڪور واهه بلڙي رستو ڪراس ڪري وڃي سمنڊ ۾ احمد وٽان چوڙ ڪندو هو. ان ڪاري گونگڙي جا نيشان اڄ به موجود آهن. ان جو ذڪر شاهه ڪريم جي رسالي ۾ پڻ ملي ٿو. جسوڌڻ راجا وارو پيٺهل ڊوري جو ذڪر شاهه لطيف سُر ڏهر ۾ هن طرح ڪيو آهي:

پٽيهَل تو ۾ پُورُ، اڳيون ناهي آب جو،
سُڪنِهِ کهڙي سُور، پيئي وارڙي وچ ۾.

**(8) مولچند ڦاٽ:**

هي پڻ آڳاٽي ڦاٽ هوندي هئي، جنهن کي مولچند واهه به چوندا هئا. اهو موجوده جنهاڻ سومري کان اُتر ۽ اوڀر هوندو هو. هينئر ان جا ڪي به نيشان ڪونه آهن. البت ڳوٺ ساڄن سومري ڏاڏون موريءَ جي ويجهو ڍنڍ جي صورت ۾ هڪ وڏي ڍنڍ آهي جيڪا ان جي پاڻيءَ سان ڀرجندي هئي ۽ ڪي چون ٿا ته اها خود ڍنڍ به درياهه جو وهڪرو هو، هن وقت اها ڍنڍ موجود آهي، منجهس مڇي جام ٿئي ٿي.

**(9) ڏڏڪو:**

هيءُ به درياهه جي ڦاٽ هوندي هئي، ڊاڪٽر غلام علي الانا مولچند واهه ۽ ڏڏڪي واهه جو ذڪر (لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ جي ڪتاب ۾ ص 388 تي) ڪيو آهي. البت ڏڏڪي کي ڏاڏڪو ڪري لکيو اٿس. (۾ هتي ڏڏڪي واهه جي نالي سان گهڻو مشهور آهي. (والله واعلم) هن ڏڏڪي تي ماڻهو، نارَ ۽ هُرلا چاڙهي آباديون ڪندا هئا. ڪوٽ عالمون جڏهن تعلقو هو ته ان جي حد ڏڏڪي تائين هوندي هئي، اهو ڏڏڪو واهه بلڙي ۽ ٽنڊي محمد خان رستي کي جاڙا واهه کان اُتر طرف ۽ ڏاڏون بس اسٽاپ کان ڏکڻ طرف ڊيڻ شاخ کان ڪراس ڪري ٿو.

**(10) ٿٽو ڦاٽ:**

تحفة الڪرام ۾ هن ٿٽي بابت بيان آهي ته ’ٿٽو هڪ مشهور ڦاٽ آهي(9)‘. آئون محترم استاد مختيار نظاماڻي، جڏهن شيخ پرڪيو بابت معلومات لاءِ وياسين، جنهن جو احوال مهراڻ 2010/2ع ’حديقة الاولياء جي سنڌي ترجمي ۾ غلطيون‘ جي عنوان ۾ موجود آهي. هن ٿٽي ڦاٽ جا نيشان ويَريءَ جي ڪوٽ وٽ واريءَ جي دڙن جي صورت ۾ ڏٺا هئا. اهو ٿٽو ريڻ درياهه مان نڪرندو هو. جيڪو سماوتي پرڳڻي کي آباد ڪندو هو. موجوده ان جا پار پٽا هن ريت آهن: اهو ٿٽو راڄو نظاماڻي کان مٽي پرڳڙي ڳوٺ کان لنگهي ويري ڪوٽ ۽ پيرو لغاري وٽان گنري ٽنڊي سائينداد جي اوڀر کان لنگهي وڃي ٽنڊي غلام علي نڪري ٿو. ٿٽِ بابت هي روايت آهي ته شيخ پرڪيو ڪاتيار کان ريڻ درياهه مان نڪري ٽنڊي محمد خان کان لنگهي ٻن حصن ۾ روهائجي هڪ ڦاٽ موجود پريل شاهه درگاهه جي اوڀر کان ڦري وڃي

ڪولاب ڏنڍ ۾ چوڙ ڪندي هئي. ڪولاب جو ذڪر شاهه ڪريم واري رسالي جي فارسي متن جي صفحي 301 تي روايت آهي ته ان جي ڦٽي جي ڊيگهه اٺڪل سؤ ميل هئي".(10) سنتوءَ جو چوڙ وارو علائقو (ص 16) ڦٽي جي باري ۾ چوٽين روايت آهي ته اهو ڦٽو جڏهن پاڻيءَ واهه ڪراس ڪري ديهه لاڪاڻ جي حد ۾ داخل ٿئي ٿو ته اتي ان کي لاڪاڻ وارو ڦٽو ڪري سڏيندا آهن. آئون مٿي جن وهڪرن ۽ ڦاڪن جو ذڪر ڪري آيو آهيان. انهن وهڪرن مان گهڻن جا ته نيشان ميسارجي ويا آهن ۽ ڪن جا نيشان اڄ به ڍنڍون ۽ ڍورن جي صورت ۾ موجود آهن. ڪانوڙ ڍنڍ لڳ جنهاڻ سومرو، همداڻي ۽ ڪير ڍهي ديهه بلڙيءَ ۾ اڄ به ڍنڍون ۽ ڍورا موجود آهن. ٿي سگهي ٿو ته ڪي ٻيا به وهڪرا، ڦاڪون ۽ ڍورا هجن، جيڪي منهنجي معلومات کان اوجهل رهيا هجن.

**حوالا:**


(1) لاڙ جي ثقافتي ۽ ادبي تاريخ، ڊاڪٽر غلام علي الانا
(2) جنت السنڌ، رحيمداد خان مولائي شيدائي
(3) سنتو جو چوڙ وارو علائقو، مترجم: عطا محمد ڀنڀرو
(4) حوالو ساڳيو
(5) حوالو ساڳيو
(6) بيان العارفين و تنبيه الغافلين، شاهه ڪريم جو رسالو
(7) شاهه جو رسالو جلد 8 ۽ 9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
(8) بيان العارفين، شاهه ڪريم جو رسالو
(9) تحفة الڪرام، مير علي شير قانع
(10) سنتوءَ جو چوڙ وارو علائقو، مترجم: عطا محمد ڀنڀرو
(11) ڪجهه واڌارو 'درگاهه پريل شاهه ڏاڏا سائين'، مصنف: اميد علي سنيو متائي.
(12) مختلف ماڻهن کان روايتون ۽ حقيقتون ورتل.
(13) مهراڻ 2010/2ع


## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي جي دور جون علمي، ادبي، سياسي ۽ مذهبي حالتون

**تحقيق ۽ تحرير:** زوار عبدالستار درس

**سال:** جولاءِ 2021ع

**ڇپائيندڙ:** پروفيسر سيد اعجاز شاهه رضوي

**پاران:** سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي "يادگار اڪيڊمي" ميرن جا قبا، حيدرآباد سنڌ

ماءُ جو روپ بہ رکي ٿو، جيڪو اسان جي خوراڪ، زراعت ۽ معاشيات جو اهم وسيلو آهي.
آءٌ هتي رگويد جا اشلوڪ ڏئي، ڳالهہ کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

اشلوڪ (1)

اي جل جا ديوتا،
هي پوڄاري يگيہ (قرباني) ڪرائيندڙ جي گهر ۾،
تنهنجي شاندار تعريف (اُستتي) ڪري ٿو.
هي نديون،
ستن ستن جا سٽ ٺاهي،
ٽن لوڪن مان گذرن ٿيون،
پر سنڌو پنهنجيءَ سگهہ جي ڪري
سڀني جي وچ مان هلندي،
سڀني جي اڳواڻي ڪندي هلي ٿي!

اشلوڪ (2)

سنڌو! تون وهندي اڳيان وڌين،
ان لاءِ ورڻ ديوتا، ڏار تي جوڙي
تو لاءِ رستو ٺاهيو آهي.
تون اناج جي پيداوار جو ڌيان رکين ٿي،
تون مٿاهين زمين تان واٽ جوڙي هيٺ وڃين ٿي.
ان ريت تون سمورن لوڪن تي راڄ ڪرين ٿي.

اشلوڪ (3)

اي سنڌو! تنهنجي پاڻيءَ جي چوھ جو انداز،
ڌرتي تان ديو لوڪ تائين وڃي ٿو.
سنڌوءَ جون تجليدار لهرون،
ان جي بي انت رفتار کي ظاهر ڪن ٿيون،
جيئن برسات اڳيان وڌندي،
بادلن مان گجگوڙ پيدا ڪندي آهي،
تيئن سنڌو بہ ڏڳي وانگر،
رنيون ڪندي اڳيان وڌي ٿي.

اشلوڪ (4)

جيئن مائرون پنهنجن ٻچڙن لاءِ ٻاڏائينديون آهن،
تيئن ٻيون نديون، اي سنڌو! توڏانهن وڌنديون اچن ٿيون.
جيئن ڳيرراڙيون ڳئون پنهنجن ڳابن / ڳابين ڏانهن اينديون آهن، تون پنهنجن ٻنهي ڪنارن وچ مان اڻين ٿي اڳتي وڌندي وڃين، جيئن ڪو راجا لڙائي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌندو ويندو آهي.

اشلوڪ (5)

(رشي اڻن: ندين جا نالا ڪٺي چوي ٿو)
اي گنگا، جمنا، سرسوتي، شتو دري، پَرُشٽي،
مارو ڌورڌا، اَسڪني، وَتستا، ارجيڪا ۽
سس موها نديون، توهان کي سنتونديءَ جي
ساراهہ سُويڪار ڪرڻ کپي!

اشلوڪ(6)

اي سنتو! تون تکي هلندڙ گومتيءَ مان پڇڻ لاءِ
پهرين ترشٽما نديءَ سان گڏجين ٿي،
اُن سان گڏجي سسرتوا، رس ۽ شويتي ندين سان گڏجين ٿي،
ڪُڀا ۽ ميهتسنوا ندين جي وهڪرن سان گڏجي
تون اڳيان وڌين ٿي.

اشلوڪ (7)

سڏي وهندڙ، سفيد رنگ واري
۽ چمڪاٽ ڪندڙ سنتو!
تنهنجو وهڪرو تيز آهي.
اجهل سنتو! تون تکي پر تکن ۽ ڪرشمن جهڙن گهوڙن وانگر
تيز هلندڙ آهين!
تون چترا ناريءَ جهڙي
سندر آهين!

اشلوڪ (8)

سنتو گهوڙن سان مالا مال آهي،
سنتو رٿن سان مالا مال آهي،
سهڻن نهيل ڳهڻن (زيورن) سان مالا مال آهي!
اها اناج، پشم (اُن)، هميشہ سرسبز شيشم
(ٽالهين) جي وڻن سان پرپور آهي!
هن شُڀ نديءَ جي ڪنارن تي ماکي پيدا ڪندڙ
گل ۽ ٻوٽا پيدا ٿين ٿا.

اشلوڪ (9)

سنتو پنهنجي سهج هلندڙ

ڪرين" ۾ شامل آهي. پوءِ به هڪ بيت پيش ڪريان ٿو:

سارنگ سائي سٽ، جهڙي لالي لاڪ جي،
ائين اُڀن انگيا، جئن سي چُنيءَ چٽ،
برسيو پاسي پٽ، پريائين کُن ڪراڙ جا.

شاهه لطيف سنڌ جي آزاديءَ، سنڌي ماڻهن جي اُمنگن ۽ جذبن ۽ سنڌو درياهه جو رڪپال شاعر هو. 'سنڌ ۽ شاهه' هڪ شيءِ آهن ۽ 'سنڌو ۽ سنڌ' لازم ملزوم آهن. جيڪڏهن سنڌو سلامت آهي ته سنڌ سلامت آهي ۽ جي سنڌ سلامت رهي ٿي ته شاهه لطيف به سلامت رهي ٿو ۽ سندس شاعري ۽ سنڌي ٻولي به زنده رهي سگهي ٿي.

اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته سنڌو درياهه نه رڳو سنڌ ۽ پوريءَ سنڌو ماٿريءَ جو رڪپال درياهه آهي، پر ان سموري خطي جي آبادي ۽ خوشحاليءَ جو به ضامن آهي. جڏهن انگريزن خلاف ننڍي کنڊ ۾ آزاديءَ جي تحريڪ هلي ته پنجاب جي حڪمرانن سنڌو درياهه تي قبضي لاءِ سازشون شروع ڪيون هيون ۽ قيام پاڪستان کان پوءِ ان تي عمل ڪري سنڌو درياهه تي بند ٻڌڻ شروع ڪيا آهن.

سنڌ جيئن ته تاريخ ۾ سرسبز ڌرتي رهي آهي، اُن ڪري حملي آورن سنڌ تي حملا ڪري سنڌ جا فصل جلايا هئا ۽ تباهي آندي هئي، جنهن سان سنڌ ۾ ڏڪر پوندا هئا، جن جو اظهار شاهه لطيف هن ريت ڪيو آهي:

نه سي ووڙ وٽن ۾، نه سي ڪاتياريون،
پسڻ بازارون، هينئڙو مون لوڇ ٿئي.

پر ورهاڱي کان پوءِ به سنڌوءَ تي ٻنڌ ٻڌي ان مان ۽ ڪئنال ناهي، سنڌوءَ کي سُڪائڻ جو منصوبو بنايو آهي، ان کان اسان سڀ آگاهه آهيون. جيڪڏهن سنڌو سڪي ويو ته اُن سان گڏ سنڌ به سڪي ويندي. سنڌ جون زمينون اُن اپائڻ ڇڏي ڏينديون ۽ هن ڌرتيءَ جي مادرانه هنج ۾ آباد ويڙها ۽ وسنديون ويران ٿي وينديون. سنڌوءَ جي سموري آبي جيوت، مڇين جا سوين قسم ۽ ٻيا سوين ساهوارا ختم ٿي ويندا، سنڌ جي وڻراهه ختم ٿي ويندي. سرزمين سنڌ جي جر جو پاڻي لوڻياٺو ٿي ويندو، سمنڊ ۾ سنڌوءَ جو پاڻي ڇوڙ نه ڪندو ته، ٺٽي ۽ بدين ضلعي جون هزارين ايڪڙ زمينون لوڻيائيون ٿي وينديون. ساموندي ڪناري جي ويجهو رهندڙ آباديءَ ۾ گلي جو ڪئنسر وڌڻ شروع ٿي ويندو. تمر جا ٻيلا ختم ٿي ويندا ۽ ڪاري ۽ مٽيءَ جي مڇيءَ جي نرسري ختم ٿي ويندي.

ناٽي ۽ ڪاڏي وارا فصل ختم ٿي ويندا، سنڌ جي سڄي زرعي معيشت ختم ٿي ويندي ۽ سڄي سنڌ موهن جي دڙي جهڙا کنبر بنجي ويندي ۽ دنيا جي عظيم تهذيب "سنڌو تهذيب" پنهنجو نالو نشان وڃائي ويهندي. ڇا، ان سلسلي جي شروعات نه ٿي وئي آهي.

- ڇا، سنڌوءَ تي تربيلا، منگلا بند، چشمه لنڪ ڪئنال ۽ ٽر ڪئنال ڪانپوءَ ٻيا اڪوڙي ۽ ٻاشا وغيره بند جوڙيا پيا وڃن؟
- ڇا پنجند وٽ راوي، چناب، ستلج، بياس ۽ ڪابل نديءَ جو پاڻي گڏ ٿي سنڌ اچي رهيو آهي؟
- ڇا ٿي نديون پارٽ کي وڪرو ڪري، سنڌوءَ جو پاڻي چورائجي نه رهيو آهي؟
- ڇا سنڌ کي عالمي، انگريز دؤر ۽ قيام پاڪستان کان پوءِ وارن معاهدن هيٺ پنهنجي حصي جو پاڻي ملي رهيو آهي؟
- ڇا ڊائون اسٽريم ڪوٽڙي کي مناسب پاڻي ملي رهيو آهي، جنهن ذريعي ڪاري جي مڇي سنڌوءَ ۾ اچي مٽيءَ بنجي سگهي ۽ پلو سنڌ جي سونهن ختم نه ٿي رهيو آهي؟
- ڇا بدين ۾ پاڻي ناهي، جو پلا ڪربلا ڪربلا، جا نعرا نه لڳي رهيا آهن؟
- ڇا ڪاڇو ۽ ڪوهستان پاڻيءَ لاءِ تڙپي نه رهيو آهي؟
- ڇا ٿر ڪاري سون جي ذخيرن جي دستيابيءَ



**ميرزا فياض علي بيگ**
حيدرآباد

# ديوانِ معمور تي هڪ نظر

نومبر 2020ع ۾ نورچشم ميرزا دبير حسين بيگ مون کي 'ديوانِ معمور' ڏيندي چيو ته هي؛ ديوان مرحوم معمور يوسفاڻي جو آهي، سو پڙهي ان بابت پنهنجي راءِ به لکي ڏيو ۽ جي اوهان کي ان بابت معلومات هجي يا اوهان جي ان سان واقفيت ۽ ملاقات ٿيل هجي ته اهڙو احوال به لکي ڏيو. معمور صاحب جو نالو ٻڌي اچ کان اٽڪل لڳ ڀڳ پنجاهه سال اڳ جون يادون ذهن تي تري آيون ۽ معمور سان ملڻ، ملاقات ڪرڻ ۽ سندن ڪلام سندن ئي زبان مان ٻڌڻ جا منظر اکين آڏو ڦرڻ لڳا. سندن شخصيت ۽ ڪلام کان ان وقت ئي متاثر ٿيل هوس. سو دبير کان 'ديوان معمور' وٺي ۾ چار صفحا اٿلايم ته يارهين صفحي تي محترم عبدالقيوم صائب جو لکيل مهاڳ 'ديوانِ معمور تي سرسري نظر' جيڪو ٽيويهن صفحن تي ڇپيل ڏٺم. تڏهن اندازو لڳايم، واقعي 'ديوانِ معمور' ۾ صائب ڪا خاص خوبي ڏٺي هوندي، تڏهن ئي هن اهو سٺي نموني تحقيق سان مهاڳ لکيو آهي، صائب صاحب سان منهنجا پنجونجاهه سالن کان تمام ويجها دوستانه تعلقات رهيا آهن هر ڏينهن اسان جي ملاقات ٿيندي ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري پئي هلندي هئي. آءٌ هُن جي طبيعت جو چڱي طرح واقف آهيان هي جهڙي تهڙي شاعر ۽ اديب کي ليکي ۾ ئي ڪونه آڻيندو هو، سو هن جو معمور جي ديوان تي چڱو خاصو مهاڳ لکيو ته سمجهي ويس ته صاحبِ ڪلام جو ديوان صائب وڏي ڄاڻ ۽ محنت سان ڪلام جي چونڊ ڪري ان جا مثال ڏنا ۽ انهن بابت پنهنجي راءِ به ڏني آهي. منهنجي خيال ۾ صائب جهڙي ڪهنه مشق شاعر ۽ علم عروض جي ماهر جنهن خود علم عروض تي بهترين ڪتاب 'عروض جا اهڃاڻ' لکيو آهي، سو ديوانِ معمور تي پنهنجي عالمانه، شاعرانه ۽ ناقدانه راءِ ڏئي ته اها متفقه طور مستند ۽ مصدق راءِ سمجهي وڃي. هاڻي ان جي راءِ ڏيڻ کان پوءِ ٻي ڪنهن کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جي گنجائش نظر نٿي اچي؛ مگر هر شاعر اديب ۽ هنرمند کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو پورو پورو حق آهي. صائب صاحب جيڪي مهاڳ ۾ مثال طور غزل ڏنا سي پڙهي وري ديوان مان غزل پڙهيم ته معمور صاحب جي سٺي غزل گو شاعر هئڻ جي پروڙ پئي ۽ پنهنجي ٿوري گهڻي ڄاڻ آهر، هن جي غزلن تي ڪجهه پنهنجي راءِ ڏيڻ جي همت ساري ڪجهه راءِ ڏني اٿم.

محترم ڊاڪٽر اسد جمال پلي، 'ديوان معمور' جو مرتب ڪندڙ، معمور صاحب جو لائق فائق فرزند آهي، جو پاڻ خود به اديب ۽ بهترين شاعر آهي جنهن 'ديوانِ معمور' تي عالمانه رنگ ۾ مفصل مقدمو لکيو آهي، جيڪو ستن صفحن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ هن معمور صاحب جي گو مختصر مگر هڪ جامع سوانح حيات لکي آهي، جا هر پهلو کان مڪمل آهي، جنهن ۾ سندس زندگي، تعليم، نوڪرين جي احوال سان گڏ هن جي علمي ادبي ڪاوش ۽ شاهڪارن جو به احوال ڏنل آهي، پاڻ جن علمي ادبي ثقافتي ادارن سان وابسته رهيو، علمي ادبي محفلن، مشاعرن، ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيو ۽ وري خود به جيڪي علمي ادبي ڪانفرنسون ۽ مشاعرا ڪرايا تن جو به احوال ڏنل آهي. ڊاڪٽر صاحب جو لکيل احوال معمور صاحب جي مهد کان لحد تائين جو گويا دريا ڪوزي ۾ سمايل مثال آهي.

مون 'ديوانِ معمور' جو مهاڳ ۽ مقدمو پڙهي پوءِ غزل پڙهڻ شروع ڪيا، آخر سڄو ديوان پڙهي ويس ۽ سندن غزل پڙهندي آئون هن نتيجي تي پهتس ته معمور قديم ۽ جديد شاعري جي وچين

دؤر جي اهم ڪڙي آهي، جيڪو پنهي دؤرن جي عروضي شاعريءَ جو بهترين شاعر آهي. هن جي غزلن کي پڙهندي پنهي دؤرن جي شاعريءَ جي جهلڪ نمايان نظر اچي ٿي، هن جي دؤر ۾ قديم دؤر جي شاعرن مان محمد بخش واصف، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، مراد علي ڪاظم، حاجي محمود خادم ۽ ٻيا شاعر هئا ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾ قديم شاعري جا آثار ۽ اهڃاڻ اڃان موجود هئا جن شاعرن جي نَي نقش قدم تي هلندي ان دؤر جي رواج موجب ئي هن شاعري ڪئي، جنهن جي ابتدا هن مولودن سان ڪئي جيڪا پڻ سنڌي شاعري جي صنف آهي. جنهن ۾ فقط واحد جي واکاڻ ۽ رسولِ مقبول ﷺ جي ساراهه ئي بيان ڪئي ويندي آهي.

معمور يوسفاڻي جو فنِ شاعري ۾ استاد سيد گل حسن شاهه مجذوب عمرڪوٽي هو. هن ابتدا ۾ پنهنجي ذات پلي کي تخلص طور ڪلام ۾ آندو پوءِ 'معمور'، 'خالد' ۽ 'غمناڪ' تخلص اختيار ڪيائين ۽ پوءِ آئينده هلي هن 'غمناڪ' تخلص اردو شاعريءَ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو.

معمور يوسفاڻي جي ايوانِ شاعريءَ ۾ اچڻ کان اڳ سنڌ جي ايوان شاعري ۾ جديد دؤر جي شاعري پنهنجا قدم ڄمائي چڪي هئي، جنهن جا نمائنده شاعر مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ، عطا محمد حامي، عبدالڪريم گدائي، احسن الهاشمي، غلام محمد گرامي، عبدالقيوم صائب، شيخ اياز، نياز همايوني، تنوير عباسي، پروانو ڀٽي، محبوب سروري، امداد حسيني ۽ ٻيا گهڻا شاعر ايوان شاعري ۾ ايندي جديد شاعري سان شاعري جا ڪايا پلٽي ڇڏي ۽ جن سنڌي شاعري کي نوان موڙ ڏنا. اسان جي ميرزا خاندان مان قديم دؤر جي شاعرن ۾ ميرزا علي محمد بيگ 'مظفر'، ميرزا گل حسن 'احسن' ڪربلائي، ميرزا علي بخش بيگ 'ڪوثر' ۽ جديد دؤر جي شاعرن ۾ ميرزا حامد علي، ميرزا عباس علي، ميرزا سلطان حيدر، ميرزا فتح علي شاهد ۽ راقم الحروف سنڌي غزل گو شاعرن نمايان نظر اچن ٿا.

معمور يوسفاڻي جيئن تہ تمام ذهين ۽ هوشيار هو، جنهنڪري هن جديد شاعري ڏي قدم وڌائي جديد منقبت ۾ بہ طبع آزمائي ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي.

غزليہ ديوانن جي شروعات گل محمد هالائي ۽ محمد قاسم هالائي ڪئي جن جا ديوان ڇپيل آهن. مسالمہ ديوان جي شروعات ميرزا فتح علي بيگ 'فتح' ڪئي، سندس سنڌي سلامن جو ديوان 'ڪليات فتح' جي نالي سان سال 1995ع ۾ شايع ٿيو. ان جي نقش قدم تي هلندي راقم‌الحروف پڻ مسالمہ ديوان مڪمل ڪيو، اهڙي طرح ڪن شاعرن حمديہ ديوان، نعتيہ ديوان ۽ منقبت ديوان پڻ لکيا جن مان ڪي ڇپيل آهن.

ديوانِ گل کان اڄ تائين لڳ ڀڳ سؤ سوا سؤ ڪن غزليہ ديوان ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪيترا اڃان قلمي صورت ۾ محفوظ آهن. مون خود 1965 کان شاعري شروع ڪئي ۽ گهڻو توجهہ غزل ڏي ڏنم. ان وقت ڇپيل ديوان پڙهيم، جن سڀني ديوانن جهڙوڪر مون کي غزلن جو ديوانو بنائي ڇڏيو، جنهن جي نتيجي ۾ 1970 ۾ غزلن جو مڪمل ديوان لکي ورتم، جنهن تي مهاڳ محترم عبدالقيوم صائب لکيو ۽ پاڻ ئي ان جو نالو 'ڪُنيءَ منجهہ ڪٽا' رکيو جيڪو 1993 ۾ شايع ٿيو.

ديوانِ معمور جي اشاعت سان هڪڙي وڌيڪ غزليہ ديوان جو اضافو ٿيو آهي. هن ديوان ۾ هڪڙي خاص خوبي اها آهي جو هر غزل جي آخر ۾ تاريخ، مهينو، سال ۽ هنڌ ڄاڻايل آهي. هن ديوان ۾ اٽڪل هڪ سؤ سٺ غزل ڏنل آهن، جي سنڌي الف-ب جي پاونجاهہ اکرن تي لکيل آهن، معمور صاحب هڪڙي لفظ (آ) جو واڌارو آڻي ان تي غزل لکيو ان کان اڳ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ڪن اکرن جو اضافو ڪري انهن اکرن تي غزل ڇپيا ۽ هر غزل جي آخر ۾ تاريخ، مهينو ۽ سال ڄاڻايل آهي. 'ديوان طالب المولیٰ' بہ دفعا شايع ٿي چڪو آهي.

محترم معمور جا غزل فصاحت و بلاغت رواني سلاست سان لبريز آهن، جي سڌي سنواٽي سنڌي زبان ۾ چيل آهن. جن ۾ فارسي ٻولي جي لفظن جي اجائي ڀرمار به نه آهي، نه ئي وري ڪي فارسي ترڪيبون، تمثيلون، استعارا، ڪنايه، صنايع بدايع سان رچيل آهن. غزلن جي مصرعن جي جوڙجڪ سڻاء جيئن تسبيح ۾ موتي پوتل هجن بلڪ موتيءَ جون سِرون هجن. هر غزل رواني سان بنا هٻڪ جهجهڪ جي پڙهڻ سان لطف اچيو وڃي. غزل جي هر بند تي بي ساخته زبان تي واه واه... سبحان الله جا جملا جاري ٿيو وڃن. محترم معمور يوسفاڻي ان سلسلي ۾ اڪيلو نه آهي، سنڌيءَ جي هر غزل گو شاعر جي غزلن ۾ اهي خوبيون نمايان آهن، معمور صاحب چڻ انهن مان ڪِن جو پيروڪار نه ڪن جو هم پلہ ساٿي ۽ همعصر آهي پاڻ پنهنجي دؤر جو سنڌي غزل جو نمائندو آهي.

معمور صاحب عروضي اصناف سخن جي ڪيترين صنفن تي شعر چيا آهن سندس شاعري جا ڇنيهہ مجموعہ مڪمل ڪيل آهن، ڪيس اصناف سخن ۾ هر فن مولا چئجي ته ڪو وڌاءُ نه آهي. معمور صاحب مشاعرن جو ڪوڏيو هو. هن ڪيتريون بزمون قائم ڪيون، جن ۾ پاڻ اڳواڻ به هو ته سرواڻ ۽ روح روان به هو. هن وڏن وڏن مشاعرن ۾ ۽ وڏن وڏن نامور شاعرن جهڙوڪ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل' ۽ ٻين جي صدارت ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شريڪ ٿي پنهنجو ڪلام پڙهي دادِ سخن حاصل ڪندو رهيو.

معمور صاحب، مخدوم صاحب جي علمي ادبي خدمات ۽ شاعرانہ عظمت پرکيندي ان جي نالي سان پنهنجي تر ۾ بزمِ طالب المولىٰ جون شاخون قائم ڪرايون، جنهن جي سهاري هيٺ ڪيترا مشاعرا ۽ ڪيتريون ادبي علمي، ثقافتي ڪانفرنسون ڪرايون. هتي هڪ ڳالهہ لکندو هلان ته سڄي سنڌ ۾ تمام گهٽي ۾ گهٽ مشاعرن جي صدارت مخدوم صاحب جن ڪئي، سڄي سنڌ ۾ سندن نالي سان ڪيتريون ئي بزمون قائم ٿيل آهن، اهڙي طرح سڄي سنڌ ۾ ڪيترا شاعر سندن شاگرد آهن.

مخدوم صاحب بيشڪ مردم شناس، آشنائي سخن هو، پاڻ معمور صاحب ۾ انسانيت، ماڻهپو ۽ سٺي شاعر هئڻ واريون خوبيون پسي سندس همت افزائي ڪندا هئا ۽ معمور طرفان ڪرايل هر مشاعري ۾ ان جي دعوت تي مشاعري ۾ شريڪ ٿي مشاعري جي صدارت به ڪندا هئا ۽ پنهنجو ڪلام به پڙهندا هئا.

'ديوانِ معمور' جو پهريون غزل حمد رباني ۽ مناجات آهي، جا بيماري ۽ مشڪل جي وقت ۾ پنهنجي رب پاڪ کان جيڪي پنهنجي لاءِ گهرڻ چاهي ٿو، ان جو هن طرح اظهار ٿو ڪري:

ڪر عنايت ۽ عطا منهنجا خدا،
بخش ڪر منهنجي خطا منهنجا خدا،
مرض هن معمور مذنب جي سندو،
تون ئي دارون تون دوا منهنجا خدا.

معمور هي مناجات بيماري جي عالم ۾ چئي آهي، جو چوي ٿو ته تون پنهنجي عنايت ۽ عطا سان منهنجي خطا بخش ڪر جو مون گنگهار جي مرض جي تون ئي دارون تون ئي دوا آهين.

**صنعت ڪنايہ:**

سگِ در تي گذارڻ ۽ رکڻ بس ڀروسو تنهنجو،
اهو آ منهنجو مذهب ۽ اهوئي منهنجو ايمان آ.

هي شعر هڪڙي غزل جو بند آهي اگر هن شعر کي نعتيہ شاعري ۾ شمار ڪجي ته بهتر آهي، جو معمور چوي ٿو ته تنهنجي در تي ڪُتو ٿي گذارڻ ۽ تو ۾ ئي ڀروسو رکڻ اهوئي منهنجو ايمان به آهي ۽ منهنجو مذهب آهي. هي حضور ڪائنات لاءِ چيل آهي هي ڪنايہ آهي ڪنهن ڏي اهو اشارو آهي

ڪنهن جي درجو ڪُتو ٿي گذارڻ ۽ ان ۾ ئي ڀروسو رکڻ سوئي منهنجو مذهب به آهي ۽ اهوئي منهنجو ايمان آهي.

**تغزل**: هي اصل ۾ غزل جي جان آهي جنهن ۾ عاشق و معشوق جي عشق عاشقي جون قرب ڀريون ڪچهريون هجر و وصال وڇوڙي جو درد ڀري انداز ۾ بيان ڪرڻ:

داستان ڪهڙا چوي دل، دوست جي دستور جا،
شيوهء جور و جفا جا درد جا ناسور جا.

دوست جي دستور جا دل ڪهڙا ڪهڙا داستان ٻڌائي، جي دستور شيوهٔ جور و جفا، درد ۽ ناسور جا آهن.

انڪري شڪوي شڪايت ڪان رهان باز ٿو مان،
ڏين مهڻا محب ڪي ماڻهو متان معمور جا.

معمور چوي ٿو ته آئون انهي ڪري شڪوي شڪايت ڪان باز رهان ٿو، متان منهنجي محبّ ڪي ماڻهو منهنجا مهڻا ڏين.

ڪن ڪي دنيا، ڪن ڪي دلبر، ڪن ڪي ٻي دولت نصيب،
عاشقن ڪي آ هميشہ هاءِ غم حسرت نصيب.

شاعر چوي ٿو ته هن دنيا ۾ ڪن ڪي دولت ته ڪن ڪي دلبر ته ڪن ڪي وري ٻي دولت نصيب ٿئي ٿي، مگر عاشقن ڪي هميشہ ئي هاءِ غم ۽ حسرت نصيب ٿي ٿئي، جا سندس نصيب ۾ لکيل آهي:

عاشقن جي آه ڪان لرزن زمين و آسمان،
خوش نصيب آهيان جو ٿيئڙي عشق جي آفت نصيب.

عاشقن جي آه ۾ ايڏو اثر آهي جنهن ڪان زمين ۽ آسمان ڏڪيو وڃن مگر آئون اهو خوشنصيب آهيان جنهن ڪي عشق جي آفت نصيب ٿي آهي.

آرزو آ، مون ڪان پوءِ من ٿئي معمور ڪي،
در اڳيان دلدار دلبر يار جي تربت نصيب.

معمور جي اهائي آرزو آهي ته ڪيس مرڻ ڪان پوءِ دلدار جي در اڳيان مدفن ٿيڻ لاءِ تربت نصيب ٿئي.

ناز سان نازڪ بدن لاٿو نقاب،
چڻ ڪڪر مان منهن پسايو ماهتاب.

هن شعر جي پهريون مصرع 'نازڪ بدن لاٿو نقاب' ڪنايہ آهي ۽ ٻي مصرع ۾ يار جي منهن ڪي ماهتاب چپن سان تشبيهه ڏنل آهي. نازڪ بدن جڏهن ناز سان نقاب ٿو لاهي ته سندس بدن ائين ڏسڻ ۾ ٿو اچي گويا چنڊ ڪڪرن مان پنهنجو مُکڙو پسايو هجي.

گلابہ موتيو چنبيلي مسرور رهن ٿا جيئن ڪنهن چمن جي زينت،
غرور مستي ۽ ناز نخرو ٿين ٿا سيم تن جي زينت.

جيئن زينت گلاب موتيو ۽ ٻيا گل آهن، تيئن غرور مستي ناز نخرا ئي سيم تن جي زينت آهي.

عشق هر انسان جي لئہ آه ائين،
اٺ ڪي ناڪيلي ڏڳي جي لاءِ نٿ.

هر انسان لاءِ عشق ائين آهي، جيئن اُٺ جي نڪ ۾ ناڪيلي ۽ ڏڳي جي نڪ ۾ نٿ پيل هجي. هتي اُٺ ڪي ناڪيلي ۽ ڏڳي ڪي نٿ تشبيهه طور ڪم آندل آهي، جو شاعر چوي ٿو ته عشق ئي عشق ڪرڻ واري انسان لاءِ اُٺ واري ناڪيلي ۽ ڏڳي واري نٿ آهي جو ان ڪي قابو ڪيو ڇڏي.

دیدار سڄڻ يار پسائي ته ڪڏهن وڃ،
اڪين سان اچي اکيون ملائي ته ڪڏهن وڃ.

شاعر پنهنجي سڄڻ يار کي چوي ٿو ته ڪڏهن ته پنهنجو ديدار ڪرائي ۽ چار اکيون ڪري اکيون اکين سان ملائي وڃ.

تون ئي چئه توسان ڪريان وعدي وفا ڪهڙي طرح،
حڪم تنهنجو اي سڄڻ آڻيان بجا ڪهڙي طرح.

شاعر پنهنجي سڄڻ کي چوي ٿو ته تون ئي ڪٿي مون کي ٻڌاءِ ته آئون ڪهڙي طرح پنهنجو وعدو وفا ڪريان ۽ تنهنجو حڪم آئون ڪهڙي طرح بجا آڻيان:

تون سهارو زندگي جو درد جو درمان تون،
زندگي ٿيندي بسر توکان سوا ڪهڙي طرح.

جڏهن تون ئي منهنجي بچاءُ لاءِ سهارو آهين، درد جي دوا آهن ته پوءِ منهنجي زندگي توکان سواءِ ڪهڙي طرح گذرندي.

منهنجي خطا نه ڏس تون پنهنجي عطا کي ڏس،
پنهنجي ڪيل پرين تون وعده وفا کي ڏس.

شاعر پنهنجي پرين کي چوي ٿو ته تون منهنجي خطا ڏي نه ڏس مگر پنهنجي عطا ڏي ڏس، جو منهنجي خطا کان تنهنجي عطا وسيع آهي توکي ئي پنهنجو ڪيل واعدو وفا ڪرڻو آهي:

نحس ڏينهن ختم ٿي ويا وقت آيو آ سعيد،
مهر سان محبن ڪيا پورا اچي واعدا وعيد.

شاعر چوي ٿو هاڻي منحوس ڏينهن ختم ٿي ويا، جو سٺو وقت اچي ويو آهي، جو پنهنجي مهر و عطا سان محبن پنهنجا واعدا پورا ڪيا.

”هر نشينو وقت جي رفتار جون ڳالهيون ڪريون“ هي مصرع طرح بزم خليل يا حيدرآباد جي ڪنهن شاعر مشاعري لاءِ ڏني، جنهن تي گهڻن شاعرن غزل چيا آهن ۽ مصرع سال 1955ع ۾ ڏنل آهي. معمور صاحب طرح تي غزل چيو، جنهن غزل تي 7- آگسٽ 1955ع تاريخ لکي آهي ۽ غزل ساماري ۾ چيل آهي.

حال ۾ ڇا حال آهي حال جو جانچي ڏسي،
هر نشينؤ وقت جي رفتار جون ڳالهيون ڪريون.

معمور صاحب جو خيال تمام سٺو ۽ وقت جي رفتار مطابق آهي جو چوي ٿو ته حال ۾ ڇا حال آهي جو ويهي حال جانچي ڏسي سو ڇڏي گڏ ويٺل اچو ته ويهي اڄ زماني جي رفتار جون ڳالهيون ڪريون.

جيئڻ توڙي مرڻ منهنجو منا توسان آ،
سوا تنهنجي نه منهنجي درد جو ٻيو ڪوئي درمان آ.

معمور پنهنجي محبوب کي چوي ٿو ته منهنجو جيئڻ توڙي مرڻ توسان آهي چاڪاڻ جو توکان سواءِ منهنجي درد جو ٻيو ڪوبه درمان ناهي.

سنڌئي ديواني جي ديوانگي جيئن ٿڌ ٿئي تيئن وڌ،
اڳي هو چاڪ دامان، هاڻ بس چاڪ گريبان آ.

سنڌي ۾ پهاڪو آهي ته جيئن ٿڌ تيئن وڌ، سو معمور به چوي ٿو ته تنهنجي ديواني جي ديوانگي ڏس ته جيئن ٿڌ تيئن وڌ سو اڳي ته ڪيس دامن جو چاڪ هو ۽ هاڻي فقط گريبان جو چاڪ اٿس:

سهاري تنهنجي ڌاران اي سڄڻ ساحل تي رسبو ڪيئن،
طلاطم خيز لهرون رات ڪاري تيز طوفان آ.

طلاطم خيز لهرون ڀيو رات اونداهي مٿان وري تيز طوفان انهي سيني ڪي تنهنجي سهاري ڪانسواءِ ڪيئن منهن ڏيئي ساحل تائين پهچندس.

نہ آ معمور کي درڪار دنيا جي، نہ دولت جي،
هميشہ گڏ هجان توسان اهوئي دل ۾ ارمان آ.

معمور کي دنيا ۽ دولت نہ گهرجي، بس هن جي دل جو اهوئي ارمان آهي تہ هي هميشہ توسان گڏ هجي.

معمور صاحب جي ديوان ۾ تغزل جا نادر نمونا آهن جن مان مثال طور چند پيش ڪيا اٿم.

**صنعت مقلوب**: هن صنعت تي چيل غزل جي پهرين مصرع جو پويون حصو مصرع جي ابتدا مهڙ ۾ آڻبو ۽ پهرين مصرع جو ابتدا وارو حصو ٻي مصرع جي آخر ۾ آڻبو:

اڄان وري نہ واڳ ٿي، نہ واڳ ٿي وري اڄان،
اڄان پري مفاصلو، مفاصلو پري اڄان.
اڄان پري نہ پير ٿو، سڄڻ وفا جي راهہ تي،
وفا جي راهہ تي سڄڻ، نہ پير ٿو پري اڄان.
اڄان ٽري نٿي بلا، پڪاريم رڙيون ڪري،
رڙيون ڪري پڪاريم، بلا نٿي ٽري اڄان.

هن غزل ۾ مقطع آخري بند ڏنل نہ آهي، نہ ئي وري تاريخ، مهينو، سال ۽ هنڌ ڄاڻايل آهي.

تنهنجي در جا اڇي دربان ٿيا، سلطان هزارين مان نہ رڳو.
تنهنجي محبت ۾ مستان ٿيا، انسان هزارين مان نہ رڳو،
دک درد جهان جا دور ٿيا، مغموم وري مسرور ٿيا،
مسرور ٿيا 'معمور' ٿيا، شادان هزارين مان نہ رڳو.

هي غزل مولوي عبدالغفور همايوني جي غزل جي تتبع آهي ان غزل جو مطلع هن طرح آهي:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا زندان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي شاهي دسترخوان مٿي مهمان هزارين مان نہ رڳو.

شيخ اياز جهڙي شاعر بہ ان غزل جي تعريف ڪندي پاڻ خود ان غزل جو تتبع ڪيو. محترم نياز همايوني اڄ کان ويهارو سال کن اڳ بحرِ طويل ۾ ڊگها نظم ڇپيا جي اخبارن ۾ شايع ٿيندا هئا، جن ۾ ڪي مزاحيہ نظم بہ هئا. نياز صاحب کي مٿين غزلن تي تتبع ڪرڻ جو خيال اچي ويو ۽ غزل لکڻ شروع ڪيائون، آئون وٽن روزانہ سندن آفيس ۾ ويندو هوس. پوءِ هڪ دفعي سندن آفيس ۾ آيس تہ مون کي ان غزل جي باري ۾ ٻڌائي چيائون تہ آئون ان غزل ۾ شيطان قافيو آڻڻ ٿو چاهيان، مگر غزل جي آخري تڪ "مان نہ رڳو" هئڻ سبب شيطان لفظ آڻڻ ذهن تي نٿو اچي، تہ اهو ڪيئن آڻيان. مون ٿورو سوچي کين ان شيطان رديف تي في البديهہ بند ٻڌايو:

آدم کي چيو منهن سامهون اچي شيطان لعين، هي ياد تون رک،
منهنجا پوئلڳ پيروڪار ٿيندا شيطان هزارين مان نہ رڳو.

نياز صاحب کي بند دل سان پسند آيو جنهن پني تي پاڻ اهو غزل لکي رهيو هو، ان تي هڪ پاسي منهنجي نالي اهو بند لکي ڇڏيو، اتي مون ٻيو بند چيو، جنهن ۾ حضرت آدم عليہ السلام کيس جواب ٿو ڏي:

آدم تہ چيس ھي ياد تون رک گڏ توتي ڪل ملائڪ پڻ،
تا حشر پيا لعنت ٿي ڪندا انسان ھزارين مان نہ رڳو.

نياز صاحب ھي بند بہ ساڳي ڪاغذ تي منھنجي نالي سان لکي ڇڏيو.

مئي، ميخوار رند، ميڪدو، ميخانہ، پيمانہ، ساقي، صراحي، مستي ۽ مستانہ، مينا وغيره غزل جا ڪردار آھن، معمور ان بابت ڇا ٿو چوي:

پيئڻ کان انڪري محروم رھيس ميڪدي ۾ مان،
رخ مھتاب جي اڳيان نہ پيمانہ نظر آيا.

آئون ميڪده ۾ مئي پيئڻ کان انڪري محروم رھجي ويس جو چنڊ جي منھن جي اڳيان مون کي پيمانہ ڏسڻ ۾ نہ آيا ڇاڪاڻ جو چنڊ جي منھن جي چانڊوڪي ھئڻ سبب آئون مئي پي نہ سگھيس، ھتي رخ مھتاب ڪنايہ طور ڪتب آندل آھي.

متان ٿي ميڪدو مسجد پوي ٿيو خوف رندن کي،
جڏھن معمور ميخاني ۾ مولانا نظر آيو.

واعظ، ناصح، زاھد، پارسا، شيخ، ملا پڻ غزل سان لاڳاپيل آھن. شاعر چوي ٿو تہ رندن کي اھوئي خوف آھي، متان ميڪدو مسجد نہ ٿي پوي، ڇاڪاڻ جو جڏھن ڪيس ميخاني ۾ مولانا نظر اچي ٿو.

آيو سنبري ھو نصيحت ڪاڻ شيخ،
جام ھڪ سان ڀڃيو جوھر جاڻ شيخ.

شيخ پاڻ نصيحت لاءِ سنبري آيو مگر پاڻ خودئي ھڪڙي جام سان جام جو جوھر ڀڃجي ويو.

سپاھي سيئي ڪسن ۽ ڪسجن ٿا جنگين جي موقعن تي،
مگر ھي مينوش رند ھردم ٿين ٿا دار و رسن جي زينت.

سپاھي تہ رڳو جنگ ۾ ھڪڙوئي دفعو ڪُسجن ٿا، مگر رند مئي پيئندڙ ھردم پيا ڪُسجن، جي ڪُسجي ڪُسجي دار و رسن جي زينت بنجي ٿا وڃن.

نہ بوتل انھن جي جھلي سگھندي جھٽ،
پيئن جيڪي ٿا مھل تي مئي جا مٽ.

مئي پيئندڙ جي ھڪڙي بوتل بہ جھٽ جھلي نہ سگھندي، ڇاڪاڻ جو مئي پيئندڙ جيڪي مھل تي مئي جا مٽ پيئو وڃن تنھنجي ھڪڙي بوتل ڇا جھٽ جھلي سگھندي.

رھان معمور ۽ مسرور ساقي سان نظر گھرجي،
ضرورت ناہ ساغر جي ڪٽي ٻڪ سان پياريو وڃ.

معمور چوي ٿو تہ ساقي تنھنجي اُھا نظر گھرجي جنھن سان مسرور ٿي وڃان جو مون کي ساغر جي ضرورت ناھي پلي جي ڪٽي تون مون کي مئي ٻُڪ سان پياري وڃين.

محب وطن:

مٽي تي موتي متان مٽائين، مٽاءِ دنيا متان ڪِلائين،
وطن جي ٻولي وطن جون، رسمون، رواج آھن وطن جي زينت.

**وقت جي حالت ۽ حڪمرانن ۽ وزيرن ڏي شڪايت:**

ترقي جي بدران تباھي ڏي ويندو،
نہ جنھن ملڪ سان آ وزيرن جو ساٿ.

اهو ملڪ تباهي ڏي ويندو ڪاڻ ترقي نہ ڪري سگهندو چاڪاڻ جو پنهنجي ملڪ سان ملڪ جي وزيرن جو ساٿ نہ هوندو. هتي ڪنايو آندل آهي تہ اهڙا وزير پنهنجي پيٽ پرڻ مال و دولت ميڙڻ ڪمائڻ جي چڪر ۾ ملڪ جي ترقي ۾ رڪاوٽ بنجي ويندا، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ تباهي تائين وڃي پهچندو.

**زماني جو حال:**

اجان روح حيران پريشان رهن ٿا،
اجان گهر اميدن جا ويران رهن ٿا،
اجان سور جا ساز سامان رهن ٿا،
اجان دردِ غم در تي دربان رهن ٿا.

معمور هن سڄي غزل ۾ ڪليو بيان ٿو ڪري تہ زماني ۾ ڇا ڇا پيو ٿئي ۽ پوءِ آخر ۾ چوي ٿو تہ:

نہ مايوس 'معمور' ٿي هينئن هرگز،
اجان اهلِ دل ڪئين انسان رهن ٿا،

معمور تون هرگز مايوس ۽ نااميد نہ ٿي، چاڪاڻ جو اجان بہ ڪيئي اهلِ دل انسان دنيا ۾ رهن ٿا.

**مايا تي مال تي ڀروسو:**

نہ مايا تي معمور ڪر ڀروسو،
ڪڏهن ڇٽ ڀڻن تي ڪڏهن ڀٽ تي ڇٽ.

سنڌي جو عام پهاڪو آهي تہ ڪڏهن ڇٽ ڀڻن تي تہ ڪڏهن ڀٽ ڇڻن تي. اهو پهاڪو معمور ڏاڍي سهڻي نموني ۾ آندو آهي، جو چوي ٿو تہ مايا يعني مال تي هرگز ڀروسو نہ ڪر چاڪاڻ جو اها اچڻي وڃڻي آهي جيڪڏهن ڇٽ اچيو ڀٽ پون تہ ڪڏهن ڀڻن تي ڇٽ اچيو وڃن، مصرع طرح تي تضمين.

مصرع از محبوب سروري 'هٽن سان دل ڏنر جنهن کي اُتان آڻڻ بہ مشڪل آ' ان تي معمور هن طرح گرھ لڳائي آهي.

سخن 'محبوب' جو 'معمور' کي وھ جو وٺيو آهي،
هٽن سان دل ڏني جنهن کي اُتان آڻڻ بہ مشڪل آ.

محبوب سروري جو اهو سخن معمور کي دل سان وٺيو آهي، جو اها هڪڙي حقيقت آهي تہ جنهن کي پنهنجي هٽن سان دل ڏني آهي ان کان واپس آڻڻ مشڪل آهي.

معمور صاحب جي اها خوش قسمتي آهي جو جناب مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن جي فرزند ارجمند جناب مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جي حڪم سان ديوانِ معمور هڪ وڏي اهميت واري ادبي اداري، سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو آهي.

مڪانُ وارو ماتلي لڳ ٽوهن جي ڳوٺ کان اڳتي جنوب جانب. ماندا قوم جي ڳوٺ کان ٻه اڳيان 'مور ڏل' جو قديم ۽ پراڻو ڳوٺ واقع آهي.[3]

ميان محمد اسماعيل 'ڏل' فارسي جا عظيم ۽ لاثاني اديب هئڻ سان گڏوگڏ ڪاتب ۽ خوشخطيءَ جا خوش نويس به هئا؛ جنهن جو ثبوت سندس هڪ ڪتاب 'شرح محمديہ شرح زليخا جي آخري ورق تي هيءَ عبارت ڏاڍن سهڻن ۽ خوبصورت اکرن ۾ ۽ نهايت دلڪش، دلآويز ۽ دل کي وڻندڙ ڪانهَن جي قلم سان رقم شده پڙهيم، جنهن مان سندن فارسي جي اهليت ۽ قابليت ۽ خوشخطيءَ جي چڱي پَر پرکا پوي ٿي، اُها عبارت اِجها هيءَ آهي:

**مالک ميان محمد اسماعيل خلف ميان محمود، متوطن 'مڪان مور' هرکہ دعويٰ کند شود بدنام 1294هہ/1877ع**

هيءَ مٿيون سن، يا تہ شرح زليخا جي ڇپائيءَ جو سن آهي، يا تہ انهيءَ ڪتاب کي خريد ڪرڻ جو آهي، ياد رهي تہ زليخا جو اهو 'شرح محمديہ' ۽ اُن سان گڏ ٻيا ڪتاب مولوي عبدالعزيز سولنگي مرحوم ڊينگاڻ پرڳڙي واري کي اُتان ئي اُنهيءَ ڳوٺ مان مليا هئا، جن جي زيارت ۽ مطالعي جو موقعو راقم کي ڊينگاڻ شهر ۾ رهڻ دوران نصيب ٿيو. سمجهان ٿو تہ اِهي ڪتاب، اڄ بہ جامع مسجد ڊينگاڻ پرڳڙيءَ جي مدرسي جي ڪٻٽن ۾ محفوظ موجود هوندا.

**درس و تدريس ۽ شاگرد:**

مولانا محمد علي 'سنڌي' تعلقي ميرپورخاص ۾ شاهہ پوٽن سيدن جي ڳوٺ لاکو شاهہ (سنهڙو) ۾ سيد غلام حيدر شاهہ وٽ پڙهائيندا هئا.

۽ اُن هنڌ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ڳوٺ يا ماڳ يا مقام ۾ درس تدريس جو ڪوبہ پُتو ويو آهي، ۽ نہ وري ڪٿي پڙهڻ ۾ آيو آهي، اُتي شاهپوٽن سيدن جي ڳوٺ ۾ سندس ممتاز شاگردن مان حضرت علامہ قِراني رحمة الله عليہ ۽ ٻيا، قاضي ۽ ڪاتب عبدالله هنگورو قاضي نورمحمد لغاري مسڻ وڏيءَ، حاجي محمد اسماعيل برادر ڪِلان مولانا محمد نوح خاصخيلي ۽ حاجي پير شاهہ سنهڙي وارو، علي محمد شاهہ پائي خان ڊورو، اِهي ٻئي شاهہ پوٽا هئا.

ماهوار رسالہ قراني ولهيڻ بابت ذوالقعد ۽ ذوالحج 1936ع ۾ تحرير ٿيل آهي تہ اُتي (لاکو شاهہ) ۾، مولانا قِراني" مولوي محمد عليءَ وٽ پورا پنج سال رهي، فارسيءَ جي تعليم پوري ڪئي[4]. اُن وقت، علامہ قِراني" جي ڄمار 12 سال هئي، اُهو سن 09-1308هہ/89-1888ع هو. ڇو تہ قِراني" ستن سالن جي عمر ۾ ويجهي ڳوٺ اُميد علي رند ۾ ميان سيّد حاجي احمد شاهہ مرحوم وٽ قرآن شريف پڙهڻ شروع ڪيو ۽ سال ۾ قرآن مجيد پورو ڪري ۽ پوءِ پورن پنجن سالن ۾ مولوي افغاني وٽ فارسيءَ جي تعليم پوري ڪئي آهي. اُنهي مان مولوي پنهاڻ جو سيد لاکو شاهہ ۾ درس و تدريس جو سن 09-1308هہ/89-1888ع بہ ظاهر ٿيو وڃي. باقي اُتي ڪڏهن کان ڪيستائين رهيا، اُن جي باري ۾ پوري ۽ پڪي ڄاڻ ڪانهي ملي ۽ جڏهن تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم سنهڙي جي شاهہ پوٽن سيّدن مان سائين شجاع محمد شاهہ ۽ قائم محمد شاهہ کي پڙهائڻ متعلق بہ لکيو آهي ۽ پڻ قائم محمد شاهہ وٽان 'مبين محمد عليٰ' جو محفوظ پيل 'بياض' هٿ ڪري، تنهن ۾ فارسي غزلن جو ديوان، اول ۾، پوءِ سنڌي غزلن جو ديوان ۽ آخر ۾ سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافيون تحرير ٿيل هيون[5]. ڊاڪٽر صاحب، اهو بياض سن 1960ع ۾ هٿ ڪري، مذڪوره مواد هٿ ڪيو هو.

**مولوي 'پنهاڻ' جي شاگردن جا اسم گرامي ۽ تفصيل:**

(1) حضرت مولانا محمد عثمان 'قِراني عليہ الرحمة (ڳوٺ عمر پنيره تعلقہ سامارو)

(2) قاضي و ڪاتب عبدالله هنگورو (ڳوٺ .....؟)

(3) قاضي، ڪاتب و حڪيم نورمحمد لغاري" (مسڻ وڏيءَ)

هتي اسان وٽ مسڻ ۾ سندس شاگرد قاضي نورمحمد لغاري وٽ آيو هو. ۽ پڻ مرحوم عبدالحق ڪنڀار ٽيلر ماسٽر جي قول موجب ته اسان جي ماما مرحوم فقير محمد عثمان، مولانا افغاني کي عرض ڪيو ته سائين! اسان مسڻ شهر ۾ نئين مسجد تيار ڪرائي آهي، ڏٺي در دُعا گهرو ته شال آباد ٿئي! مولانا جنهن وقت دعا لاءِ هٿ کنيا ته دير تائين دعا ۾ گهرندو رهيو ۽ اکين مان لڙڪ به وسائيندو رهيو. اِها مسجد مصداق قول نظامي گنجويؒ ع- بچندين دُعائي سَحَر خواسته.

اڄ به اُها مسجد الله جي نيڪ صالح بندن جي نيڪ نفسي ۽ نيڪ ڪوشش سان پڪين سِرن سان مضبوط ۽ محڪم معرضِ وجود ۾ قائم ۽ پڻ آباد ۽ شاداب آهي، اِهو سارو اُن بزرگ جي اشڪباري جو نتيجو آهي.

**سڀاءُ ۽ طبيعت:**

مولوي افغان، طبيعت جو وڏو بُردبار گهڻ سَهو، ٿورو ڳالهائو، نرم ۽ جهيڻي انداز ۾ گفتگو ڪندڙ، سهڻي ۽ وڻندڙ سڀاءُ جو مالڪ هو، ۽ شب بيدار، بزرگ ۽ وڏو فياض هو، پاڻ باعمل، ڪامل ولي ۽ بيحد ۽ ڪمال درجي جو متقي ۽ پرهيزگار هوندو هو، الله جي ذڪر و اذڪار ۾، هر وقت محو ۽ مشغول نظر ايندو هو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ’رهاڻ هيرن ڪاڻ‘ ۾ رقم طراز آهن ته ’ميون محمد علي پناڻ چگي مانءُ ۽ علم وارو عالم هو.‘ (۱۱)

**شادي ۽ اولاد اوقاد:**

مولوي افغان جي ازدواجي حيثيت ۽ اولاد جي باري ۾ به هيلتائين ڪا به ڄاڻ ۽ معلومات ملي ڪانه سگهي آهي. اِها حقيقت اوستائين غير واضح ۽ پريشان ڪُن آهي، جيستائين وجي صاف ۽ ظاهر ٿي منظر عام تي اچي.

**مُرشد جي تلاش ۽ بيعت:**

درس و تدريس ۾ چمار جو ڪافي حصو گذارڻ بعد، اندر کي اُجارڻ ۽ ضمير کي روشن ڪرڻ ۽ روح کي راحت رسائڻ ۽ معرفت جي منزلن کي طئي ڪرڻ لاءِ، ڪنهين ڪامل ولي، الله واري جي تلاش ۽ جستجو ۽ سندس زير رهبري ۽ نگرانيءَ ۾ رهي، زندگي جي حقيقي ۽ اصلي مقصد ماڻڻ لاءِ مرشد جي تلاش، ڳولا ۽ کوج شروع ڪيائين؛ جنهن ۾ سندس نظر وجي وقت جي پهتل بزرگ ۽ درويش حضرت خواجه محمد حسن سليمان تونسوي تي پئي، جنهن حق جي طالبو مريد کي بيعت ڪرڻ سان پهرئين ئي نظر سان رنگي ڇڏيو ۽ پڻ ڪيس خلافت جو خرقو ڍڪايائين. جڏهن مرشد پنهنجي مريد کي تصوف ۽ ولايت ۾ اعليٰ ۽ ارفع مقام تي پاتو، تڏهن ڪيس ديني، باطني ۽ علمي فيض ڏيڻ جي لاءِ سنڌونديءَ جي ڪناري، ڪالاباغ ڪان به مٿي ۽ اڳتي پنجاب جي مکڏ/مکڏ شريف ۾ موڪليو، جتي مرشد جي حڪم مطابق، مذهبي، روحاني فيض پهچائڻ ۾ محو و مگن ٿي ويو. باقي اها خبر ڪانه ٿي پوي ته مولوي ’سنڌي‘، ڪڏهن ۽ کهڙي سن ۾، مرشد جي بيعت اختيار ڪئي هئي ۽ مکڏ يا مکڏ شريف ۾ ڪڏهن وجي رهيو، ۽ اُتي ڪيترو عرصو رهيو.

مولوي ’سنڌي‘ جي پرهيزگاري ۽ زُهد و تقويٰ به تمام ڪامل درجي ۽ مٿانهين مقام کي پهتل هئي، جو ته اهو مشهور آهي ته پاڻ لڳو لڳ ۽ مسلسل ۽ ساندهه 36 سال عشاء نماز واري وضو سان فجر نماز ادا ڪئي هئائين ۽ پاڻ سڄيون ساريون راتيون، شب خيزي ۽ شب بيداري ۾ رهي، الله پاڪ جي عبادت ۽ ذڪر و اذڪار ۾ گهاريندا هئا. ايتريون ساريون راتين جون راتيون جاڳي، الله جي يادگيري، بندگي، تهجد و نوافل جي مشقت برداشت ڪرڻ به هر ڪنهن جي وس ۾ نه آهي، اهو سڀڪجهه ڪامل مرشد جي لِلاهيت جو اثر ۽ رنگ ئي آهي.

**شعر ۽ شاعري (فارسي شاعري):**

مولانا محمد علي ’سنڌي‘ فارسي، سنڌي توڙي سرائيڪي ٻولين جو اعليٰ پايه ۽ مٿانهين مقام جو، هڪ بهترين ۽ هردلعزيز شاعر ٿي

(12) مولوي جو تخلص آتم ڪهاڻي، از: مولانا ذبيح ص 234.

(13) 'رهاڻ هيرن ڪاڻ'، جلد ائون، ڀاڱو ٻيون، ص 426، 'علي' جو تخلص ڪم آندل آهي ۽ آتم ڪهاڻي ۾، از: مولانا ذبيح لغاري، ص 236 تي علي تخلص ڪم آندل آهي.

(14) 'رهاڻ هيرن ڪاڻ'، ص 426، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(15) آتم ڪهاڻي، ص 235، از: مولانا محمد اسماعيل لغاري مسڻ وڏي.

(16) آتم ڪهاڻي، ص 239، از: مولانا محمّد اسماعيل 'ذبيح' لغاري (قلمي).

(17) رهاڻ هيرن ڪاڻ ، جلد ائون، ڀاڱو ٻيو، ص 54-452، از: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(18) رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ائون، ڀاڱو 2، ص 425، از: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(19) رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ائون، ڀاڱو 2، ص 52-426، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(20) رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ائون، ڀاڱو 2، ص 52-426، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(21) رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ائون، ڀاڱو 2، ص 449، از: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم.

(22) رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ائون، ڀاڱو 2، از: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(23) رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ائون، ڀاڱو 2، ص 55-425، از: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(24) رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ائون، ڀاڱو 2، ص 47-446، از: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

نوان ڪتاب






**مرزا ڪاظم رضا بيگ**
حيدرآباد



# منگهو پير

ڪراچي، سرزمين سنڌ جو آڳاٽو ۽ تاريخي شهر آهي، هيءُ شهر راجا دلوراءِ جي دور ۾ وجود ۾ آيو. ڪن محققن جو خيال آهي ته ڪراچيءَ جو وجود عربن جي سنڌ جي فتح کان پهرين يعني 711ع کان به پهرين آباد ٿي چڪو هو، ۽ محمد بن قاسم ديبل کي فتح ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي کي فتح ڪيو. هڪ حوالي مطابق ڪراچي چوٿين صدي عيسوي ۾ آباد ٿيو. ان دور ۾ هن شهر جو نالو ڪلاچي هو، ۽ 17 صدي عيسوي تائين هي شهر انهيءَ نالي سان معنون هو. بعد ۾ هيءُ شهر ڪراچي جي نالي سان اڄ تائين مشهور آهي ۽ هن شهر جي اُتر اوپر طرف منگهو پير نالي هڪ تاريخي ماڳ واقع آهي. جتي سندس مقبرو دڙي تي ٺهيل آهي. هي دڙو اي.ايف بيلي (A.F.Baillie) جي اندازي مطابق سمنڊ جي مٿاڇري کان تقريباً 600 سؤ فوٽ مٿي آهي.(1)

اِهو مقبرو حاجي سلطان المعروف به منگهو پير نالي هڪ بزرگ جو آهي. منگهو پير پنهنجي دور جو مجيل بزرگ، ولي الله ۽ صاحبِ ڪشف و ڪرامت بزرگ هو. هيءُ صاحبِ توفيق بزرگ، حق جي هدايت وارن لاءِ وڏو رهنما هو. سندس هر دعا بارگاهِ ايزدي ۾ مستجاب ٿيندي هئي، انهيءَ ڪري پري پري کان مرد ۽ عورتون لڪ لتاڙي اچي وٽس عقيدت جا سلام پريندا هئا ۽ پنهنجون پنهنجون دل جون مرادون حاصل ڪري پوءِ موٽندا هئا. منقول آهي ته هڪ ڀيري حضرت قلندر لعل شهباز هنگلاج کان ٿيندو جڏهن ڪراچيءَ پهتو ته سندن ملاقات حاجي سلطان المعروف به منگهو پير سان ٿي، جنهن سندن ڏاڍو آدرڀاءُ ڪيو. پوءِ قلندر لعل شهباز ڪجهه عرصو اتي رهڻ جو ارادو ڪري ڪُنڊري ڪوڙيائين، لعل شهباز جنهن جاءِ تي آستان اچي اڏيو، خدا جي قدرت سان اتي هڪ چشمو به نڪري پيو، جيڪو اڄ ’قلندر جي ڪشتي‘ جي نالي سان قائم آهي. پوءِ پاڻ حاجي منگهي پير جي پاليل پيانڪ واڳون کي ويجهو سڏي مٿس خوب سواري ڪئي. انڪري منگهو پير به سندس خاص معتقد ٿيو، ۽ وٽانئس صحيح طريقت جي تلقين ورتائين.



حاجي منگهي پير 90 ورهين جي ڄمار ۾ 8 ذوالحج 657هه مطابق 12 سيپٽمبر 1259ع جي وفات ڪئي. سندن عاليشان مقبرو ٺهيل آهي، جتي ڪيترائي عقيدتمند اچي پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪن ٿا. خاص ڪري هر سال 8 ذوالحج تي ڏاڍي ڌام ڌوم سان ميلو لڳندو آهي. ميلي جي ختم ٿيڻ کان اڳ شيدين جو ناچ ٿيندو آهي، سڀ کان پهريائين هڪ دائري ۾ ڳاڙهن، ساون ۽ نيرن رنگن جا انيڪ جهنڊا کوڙيا ويندا آهن، پوءِ سگرين ۾ واس ۽ لوبان ساڙبو آهي، پوءِ دهل وڄندا آهن ۽ ڪيترائي مرد ۽ عورتون اڌ گولائي واري دائري ۾ نچڻ شروع ڪندا آهن.

منگهي پير جي مقبري واري دڙي جي هيٺان رستي جي سڄي ڪابي پاسي قبرن جا آثار ملن ٿا. انهيءَ دڙي جي ڪابي پاسي به پڪا حوض آهن،

جن ۾ پاڻي پريل هوندو هو. انهن مان هڪ ڍنڍ مردن لاءِ ٻي عورتن لاءِ مخصوص هئي. هِتان جي رهاڪن جو اهو عقيدو هوندو هو ته، هن ڍنڍ جو پاڻي انيڪ مرضن لاءِ هڪ ٽڪ هو. ان کان پوءِ چند قدمن جي فاصلي تي هڪ وڏي ڍنڍ جي تهه ۾ ڪِنو ۽ سائي رنگ جو ڏيپ وارو پاڻي جمع آهي. منقول آهي ته هن ڍنڍ ۾ اڪيچار وڏا ۽ ننڍا واڳون رهندا هئا، هن ڍنڍ جي اوسي پاسي باغ هئا، جن ۾ ڪجي، گدامڙي ٻيا وڻندڙ ۽ ساوا وڻ لڳل هئا. هن باغ جي پٺيان هڪ وسيع ميدان هو، جيڪو اولهه واري جبل تائين پکڙيل هو. هيءُ جبل رستي جي اُتر ۽ ڏکڻ ۾ واقع آهي. اهڙيءَ طرح ٻئي پاسي هڪ ٻيو جبل اوپر ۾ واقع آهي، انهيءَ مان ظاهر آهي ته، منگهو پير جي مزار انهن ٻنهي ٽڪرين جي وچ ۾ آهي، جيڪي ليفٽيننٽ ڪارلس جي اندازي مطابق ست يا اٺ فوٽ ڊگها آهن.(2) ۽ اولهه واري ميدان ۾ چند قبرون آهن، جن جو احوال آخر ۾ ڪيو ويندو. رستي جي اوپر واري پاسي کان ٿوري ئي فاصلي هندن جا گهر ۽ عبادتگاهون هيون. ورهاڱي کان اڳ منگهو پير جو مقبرو هندن ۽ مسلمانن لاءِ زيارتگاهه هو.

مير علي شير قانع پنهنجي تصنيف تحفته الڪرام ۾ لکي ٿو ته:

”منگهي پير جو طوق مشهور جبل آهي، حاجي منگهو نالي هڪ اهل الله بزرگ شيخ بهاءُالدين ملتاني جو همعصر اتي دفن ٿيل آهن. هيءَ جاءِ بزرگ ماڻهن ۽ صاحبِ توفيق هدايت وارن لاءِ حضور ۽ صفائي واري ۽ دعا جي قبوليت جي جاءِ آهي. جبل جي ڪناري وٽ اٽڪل ٻن نارن جو گرم پاڻي هڪ حوض ۾ وهي رهيو آهي. اتي مور نالي هڪ واڳون رهي ٿو. هڪڙي جي مرڻ کان پوءِ ٻيو سندس جاءِ وٺي ٿو ۽ ڪيس به اهوئي ساڳيو لقب ملي ٿو. معتقد ماڻهو گهيڻن ۽ گلبن جهڙا جانور آڻي اُتي قربان ڪندا آهن ۽ پهريائين گوشت جو ٽڪرو مور جي آڏو پيش ڪندا آهن. جيڪڏهن هن کاڌو ته قبول آهي، جيڪڏهن نه ته نه. پڻ انهيءَ حوض جي برابر ٻيو چشمو آهي. ٻنهي تلائن جي وچ تي هڪ پٿر آهي، جيڪڏهن گرم حوض جو پاڻيءَ انهيءَ پٿر تي هاري اهو ساڳيو پاڻي پٿر جي هيٺان ڪنهن ٿانءَ ۾ جهليو ته تمام ٿڌو ڏسڻ ۾ ايندو. انهن ٻنهي چشمن جو پاڻي گهڻو ڪري هڪ کڏ ۾ وهي ٿو، جتي هزارين واڳون رهن ٿا. هن پاڻي جي ٻنهي ڪنارن تي باغات آهن. پڻ انهن ٻنهي چشمن جي پرسان پٿر جي ڪوهه جي شڪل آهي. انهيءَ جو پاڻي هنن ٻنهي پاڻين کان ٻي طرح ٿڌو ۽ مٺو آهي. انهيءَ ڪوهه ۾ هڪ واڳون رهي ٿو، جنهن کي ”هنج“ سڏين ٿا. هن ڪوهه کي حاجي منگهي جو لوٽو چوندا آهن. پڻ حاجي منگهي جي جبل ۾ مخدوم لعل شهباز جي ڪُنڊيءَ نالي هڪ نهر آهي، جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي وڻندڙ باغ ۽ فقيرن جا ايڪانت پريا تڪيا(3) آهن(4).

مير علي شير قانع جي لکڻي مطابق منگهو پير، حضرت بهاءُالدين ذڪريا ملتاني (متوفي 661هه/ مطابق سن 1662ع) جو معاصر هو. يعني منگهي پير جو عهد ستين صدي هجري يا سترهين صدي عيسوي تائين پهچي ٿو. انگريز لفٽيننٽ ڪارلس، جيڪو هندستان جي بحريه ۾ ملازم هو ۽ هن کي هندستان جي ڪنارن جي مسافت جو ڪم سونپيو ويو هو، سو سن 1256هه مطابق 1838ع ۾ منگهو پير پهتو ۽ هن انهيءَ هنڌ متعلق هڪ مفصل بيان لکيو آهي، جنهن جا ڪي اقتباس ”گزيٽيئر آف انڊيا“ ۾ ڏنل آهن. هن جي بيان مطابق واڳون هڪ ڍنڍ ۾ رهندا آهن، جنهن جي ڊيگهه 150 والن کان گهٽي نه آهي، پر ويڪرائي 80 والن کان گهٽ نه هئي. هڪ ڍنڍ ۾ 8 فوٽن کان 15 فوٽن تائين جا ڊگها ۽ وڏا واڳون هئا، جن جو تعداد ٻن سون کان گهڻو هو ۽ ننڍين واڳن جو ته تعداد ئي ڪونه هو. هن جي بيان ۾ مير علي شير قانع جي ڏنل ’مور‘ واڳون واري روايت ساڳي آهي.

سيد لطف الله سڪر الاهي شيرازي ٺٽوي، جيڪو سيد جمال الدين محدث، سيد غياث الدين منصور دشتڪي(5) ۽ مير صدرالدين محمد شيرازي جي نسل مان هو، سو ڊسمبر سن 1755ع ۾ ٺٽي مان حج تي سفر لاءِ نڪتو ۽ پنهنجو سفرنامو فارسي

۾ ”تحفته الباصرين“ جي نالي سان ڪراچي مان شايع ڪرايائين، انهيءَ ڪتاب ۾ پاڻ لکي ٿو ته، آءٌ 13 ربيع الثاني سن 1272ھ مطابق 23 ڊسمبر 1755ع ۾ شاهه منگهو عليه الرحمة جي زيارت ڪان مشرف ٿيس، ان کان پوءِ شاهه صاحب به ساڳي تحفة الڪرام واري عوامي ڪٿا ڏني آهي.(6)

ڪئپٽن ڊبليو.جي.ايسٽوڪ پنهنجي مشهور ڪتاب ”Dry Leares From young Egypt“ ۾ منگهي پير متعلق لکي ٿو ته:

”ڪراچي پهچڻ کان پوءِ مون پهرين جڳهه مگر تلاءُ ڏسڻ تي ڪئي، جنهن کي واڳن جي ڍنڍ ڪري سڏجي ٿو. اِها عجب جهڙي جاءِ ڪراچي کان اٺ ميل پري آهي ۽ اهڙن ماڻهن لاءِ جن کي بيبولين شين يا راڪاسن ڏسڻ ۾ مزو ايندو آهي. هي هڪ دلچسپ جاءِ آهي، وارياسو ۽ اجڙ رستو، جنهن تي ڪٿي ڪٿي گهاٽو جهنگ به آهي، آٽيو ماڻهوءَ کي گدامڙيءَ جي وڻن جي جهڳٽي وٽ ڇڏي، جنهن جي وچ ۾ انهن راڪاسن جي هيبتناڪ رهائشگاهه آهي. هڪ نئين ماڻهوءَ کي مشڪل سان خبر پئجي سگهندي ته انهيءَ ساوڪ جي هيٺان نديڙي ڪڏ ۾ اهڙا خوفائتا رهاڪو لڪل آهن، هيءَ آهي اُها ڪڏ، مون کي ڏڪار وچان رستي جي سونهي هڪل ڪري چيو، پر ڪٿي آهن واڳون منجهس! ان وقت آءٌ اوچي ڳاٽ ۽ وڏي مغروري ۾ پسار ڪري رهيو هوس ۽ سچي قصي کي ڇٽڪ مسخري پئي سمجهيم ته اوچتو منهنجي پيرن ۾ هڪ گهٽيل چيخ يا گوڙ جو آواز ٿيو، جنهن ۾ مون کي فضيلت سان نه پر جانورن وانگر هوا ۾ غير معمولي ٽپ ڏيڻو پيو، نه جاڻ جو منهنجو پير هڪ نديڙي واڳون جي مٿان اچي ويو هو، جيڪو هو ته ٽي فوٽ قد ۾ پر ان هوندي به سندس چڪ منهنجي سڄي خوشي زهر ڪري وجهي ها، ايتري ۾ انهيءَ جاءِ جو مشهور ماڻهو يعني ته پوڙهو مجاور فقير هڪ جادوگر جي شڪل ۾ اچي پهتو، ۽ مون کان جوڙو رپين جو وٺي، پنهنجي جادو جي ڏنڊي ڪٽي اُيي ڪيائين ۽ مُئل روحن کي سڏڻ لڳو. آءٌ يعني اچ اچ جي هن ۾ ٽي دفعا زور سان رڙ ڪئي، جنهن تي انهيءَ تلاءُ جو پاڻي انهن راڪاسن سان جيئرو ٿي ويو. انهن ۾ نو واڳون تمام وڏا هئا ۽ انهن جو قد پندرهن فوٽ هو، سي ڪناري تائين وڌي آيا.

انهن واڳن واري تلاءُ کي ٿوري پنڌ تي (اڌ ميل کن فاصلي تي) هڪ ٻيو تلاءُ ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ پاڻي ايڏو ته گرم هو، جو ماڻهو منجهس مس گهڙي سگهي، پر ان هوندي به مون انهيءَ ۾ ننڍڙا واڳون ڏٺا، فقيرن مون کي ٻڌايو ته اهي جانور نديءَ ۾ گهٽا آهن، جا اُتان پندرهن يا ويهن ميلن جي پنڌ تي هئي، انهيءَ تلاءُ جو بادشاهه هڪ واڳون هو، جنهن تي فقير ”مور صاحب“ جو نالو رکيو هو. اهو ڪڏهن به سنڌ تي ڪونه ايندو هو. جيئن ٿي آءٌ انهيءَ تلاءُ جي چوڌاري ڦري رهيو هوس، تيئن مون کي اها جاءِ ڏيکاري وئي، جتي اهو پيو هو. سندس مٿو پاڻي کان ٻاهر هو ۽ اهڙيءَ طرح بيجان پيو هو، جهڙو ڪاٺ جو بنڊ. سچ ته مون کي جيڪڏهن سندس چمڪندڙ خونخوار اکيون ڏسڻ ۾ نه اچن ها ته آءٌ انهيءَ کي ڪاٺ جو بنڊ ئي سمجهان ها.“(7)

ابن حوقل (متوفي 366ھ) ۽ ادريسي (متوفي 560ھ/1166ع) هن مقام جو ذڪر ڪندي بيان ڪن ٿا ته سنڌ جي ماڳن ۾ ”منجابري“ (منگهو پير) هڪ ڳوٺ آهي، جيڪو ديبل کان ٻن ٽاڪن جي پنڌ تي آهي ۽ ارميل جي رستي تي واقع آهي. ارميل جيڪو ادريسيءَ مطابق نشيب ۾ واقع هو، پاڻي جو تلاءُ ۽ چشما ۽ اوسي باغات، اهي تفصيل منگهو پير سان تعلق رکن ٿا. ابن حوقل پنهنجي ڪتاب ”صورت الارض“ ۾ لکي ٿو ته ”من الديبل الیٰ منجابري مرحلتان.“(8)

پيرومل مهرچند آڏواڻي، منگهو پير متعلق لکي ٿو ته:

”ڪراچي اچي جنهن منگهو پير نه ڏٺو، تنهن چئبو ته ڪراچي ڪانه ڏٺي، منگهو پير ڪڏهن به ڏسجي، پر برساتين کان پوءِ هيڪاري موج ٿي لڳي. اڳي اُتي ٽي چڪڙن ۾ وڃبو هو، مگر هاڻ موٽر ۽ موٽر بس جي ڪري هيڪاري سهنج ٿي آهي.

ڪراچي کان پنڌ رڳو پنج ڪوهه آهي ۽ ڪي جوان پياده به ويندا آهن. هڪ لڳا اسان جو به اوڏانهن وڃڻ ٿيو.

منگهي پير جي درگاهه ۽ ڪوسي پاڻي جي ڪشتين جي وچ ۾ ميل ڪن پنڌ آهي. درگاهه تي پهچڻ کان اڳ هڪ تلاءُ ۾ واڳون ڏٺاسين. واڳون ڏسڻ ۾ ڳرا آهن ۽ لوٽ ٿيا پيا آهن، پر گوشت اُڇلين ته ڏس ڪيئن ٽا ڪڙا تڙا تي وڏا وات ڦاڙين. واڳن جا مزا ڏسي پوءِ درگاهه ڏي وياسين، جا ٽڪريءَ تي جڙيل آهي. اڳيان ڪنڌيءَ جي وڻ ۾ ڳوڙيون ٽنگيون پيون آهن. ماڻهو ٻارن جي جهنڊ لهرائي انهن ڳوڙين ۾ وار وجهندا آهن. درگاهه جي عمارت ۾ ڪو اهڙو ڪاريگريءَ جو ڪم ٿيل ڪونهي، مگر صفا سهڻي آهي، ۽ جنهن ٽڪريءَ تي بيٺي آهي، تنهنجو سينگار آهي، درگاهه مان ٿي اسين مسافرخاني ۾ هلياسين ڪشتين ڏي، ڪوسي پاڻيءَ جي ڪشتيءَ جي گرمائش 133 ڊگريون آهن، تنهنڪري پهريائين هٿ وجهبو ته ڪوساڻ سهي ڪين سگهبي، پر پوءِ سهائي سهائي سنان ڪبو آهي، ته گهڻي فرحت ايندي آهي. انهيءَ پاڻيءَ ۾ گهڻو وقت سنان ڪرڻ ڪري مٿو ڦرندو آهي، مگر اسان مغز کي طراوت ڏيڻ لاءِ حلوي جون ڊبيلون ساڻ آنديون هيون، حلوي جي چڪي کائي ڏي ٽپي ته پاڻ ته حلوو ڪاڏونئي ڪون. انهيءَ ڪشتيءَ مان سنان ڪري وري ٻئي سوسڙ پاڻي جي ڪشتيءَ ۾ گهڙياسين ته هتي به سنان ڪرڻ ۾ ڏاڍي فرحت اچي ٿي. هن پاڻي ۾ گندرف اصل ڪونهي، تڏهن اهو ناري پيٽ جي ڪتب آڻيندا آهن، ڪي اهو پاڻي گهڻي انداز ۾ پيئندا آهن ته جيري ۽ مثاني جي سستي گهٽجي ويندي آهي ۽ انهن ۾ تازائي ٿيندي آهي. ڪوسي پاڻي جي ڪشتين ۾ ڦٽن ڦرڙين ۽ خارش ۽ ڏد وارا سنان ڪندا آهن، پر گهڻو فائدو لڪيءَ جي ڪشتين ۾ سنان ڪرڻ مان ٿي ٿي سگهي ٿو.

اسين سنان پاڻي مان ڪري موٽي مسافرخاني ۾ آياسين ماني اجا تيار ڪانه هئي، تنهنڪري ٻاهر ويهي آسپاس جو لقاءُ پئي ڏٺوسين.

ڪنهن وقت سامهون سڌ پنڌ تي به قبرون بيٺل ڏسي اوڏانهن وياسين. هنن مان وڏي تربت برفت قوم جي وڏيري ميان سردار خان جي آهي، جو چون ٿا ته جوکين سان جنگ ڪندي مارجي ويو هو. انهيءَ تربت تي قرآن شريف جون ڪي آيتون لکيل آهن ۽ مٿس 913 انگ لکيل آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته اهو سردار سمن جي راڄ ۾ سن 1506ع ۾ ٿي گذريو آهي. اهي برفت قوم وارا نومڙين جي ذات مان آهن ۽ لسٻيلي ۽ ڪوهستان پاسي هڪ وڏي قوم ليکجن ٿا. اهي قبرون ڏسي پوءِ مسافرخاني ۾ موٽي آياسين ۽ ماني کائي لت ڪوڙي سمهي پياسين.

شام جا چار لڳا ته وڃي ٽڪرن تي چڙهياسين، جتان منگهي پير جي هڪ نهايت نزاڪت دار ڳوٺ جي ڏيکاري پئي ڏني. ٽڪرن جي ٻئي پاسي ماٿري آهي ۽ انهيءَ هيناهين پٽ کان ٽڪرون ست اٺ سؤ فوٽ مٿي آهن. انهيءَ ماٿري ۾ ڏاڍي ايڪانت آهي ۽ اها ماٿري راسيلاس واري ماٿري جي يادگيري ڏياري ٿي، اسين پوءِ گهمندا ڦرندا ڪوڙهين جو آشرم ڏسڻ وياسون، جو اسان جي پرم متر ساڌو هيرانند جي نالي پنيان سڏجي ٿو. واٽئي جي دڪان تي ڏٺوسين ته ٻين شين گڏ شراب به وڪري لاءِ موجود هو. ههڙي هنڌ به ماڻهو شراب جي پچر نٿا ڇڏين!

منگهي پير تي ڪجيون گهٽيون آهن ۽ اونهاري ۾ ماڻهو ڪارڪن جا ڍءُ ڪندا آهن. هتي فقير گهڻا آهن. پر درگاهن تي فقير هوندائي هوندا آهن ۽ زيارتين کي ويڙهي ويندا آهن. منگهي پير جا چشما ۽ اهي ڪجين جا وڻ قلندر شهباز ۽ سندس يارن جي ڪرامت سان پيدا ٿيل چوڻ ۾ اچن ٿا. منگهي پير تي جنهن هنڌ مور بادشاهه (وڏو واڳون) آهي اتي وڏي شاهي چپ رکيل آهي. جنهن جو هڪ پاڳو حيدرآباد ۾ قلعي واري چاڙهي جي هيٺان آهي."(9)

سرٽامس هولڊچ هن شهر کي 'مگر پير' لکيو آهي، سندس لکڻي مطابق:

"مگر پير جو محل وقوع انهيءَ جبل جي ديوارن سان گڏ آهي، جيڪي انجو گهيراءُ ڪيو بيٺا آهن. گرم پاڻي جي چشمن سان گڏ جيڪو ان جي

اين تربت سلني- ولد حسن
بتاريخ عاشر جمادي الاول 1156

جيڪو ڪتبو جيڪو انهيءَ هنڌ آهي، هن طرح آهي:

اين قبر ............... بولا خان (12)
براين صلو صد پنجاه روپيہ خرچ شده

ٽيون ڪتبو بہ آهي، جنهن تي تاريخ بہ درج آهي جيڪا هن طرح آهي:

بتاريخ........ عاشر جمادي الاول ....... 1186

”امپيريل گزيٽيئر“ جي بيان مان اِها پروڙ پوي ٿي تہ سن 1919ع جي لڳ ڀڳ، هن مقبري جو گنبذ برقرار تہ هو، پر پڇي پُري رهيو هو. قبرن جو تعداد بظاهر چار هو ۽ انجا پٿر انهيءَ وقت پنهنجي هنڌ تان هيٺ ڪِري رهيا هئا! غالباً انهيءَ ڪري هنن کي ڪنهن مسالي سان ڳنڍيو ڪونہ ويو هو، انهيءَ ڪري پٿر ڪِرندا پي ويا.

گزيٽيئر جي بيان مطابق مشهور روايت آهي شڪستہ قبر سردار خان جي آهي، جيڪو نومڙين جي قبيلي مان هو، جنهن جو شمار انهيءَ علائقي جي بزرگ قبيلي مان هو ۽ سمن جي ذات سان تعلق هوس. هي شخص منگهو پير کان ڏهن ميلن جي فاصلي تي هڪ ڳوٺ ۾ جوکين واري جنگ ۾ مارجي ويو. پر اِها روايت انهيءَ اوسي پاسي جي جوکين ۾ انهن قبرن جي باري ۾ بہ رائج آهي. انهيءَ روايت مان بلاشبهہ هيءُ ثابت ٿئي ٿو تہ جوکيو جيڪو آخرڪار ملير ۽ سنڌ جي ڊيلٽائي علائقن تي قابض ٿي ويا هئا، تن برفت قبيلي سان وڏيون جنگيون جوٽيون.(13) مذڪوره مؤلف اهو بيان ڪري ٿو تہ هن مقبري ۾ سن 912هہ مطابق 1506ع يعني سمن جي عهدِ حڪومت جو هڪ پٿر بہ آهي، پر اهو هينئر ناپيد آهي، جيڪڏهن اهو پٿر دبجي ويو هجي، جيئن ٻيا پٿر هينئر لڪل آهن تہ اهو بہ ممڪن هجي نہ تہ جيترين بہ تاريخيون ملن ٿيون، اهي ٻارهين صدي هجري يعني ڪلهوڙن جي دور سان تعلق رکن ٿيون.

**حوالا:**

1. A.F Baillie, Kurra, Past, Present and Future London 1890
2. J.W Smyth, The Gazetteer of the Province of Sindh, P. 101, London 1906
3. عوام الناس جي عقيدي مطابق منگهي پير اڇڻ کان پهرين، هن هنڌ تي هڪڙي بزرگ جي قبر هئي، جنهن جي شهرت ۽ ڪرامتن جي ڪري ماڻهو نذر و نياز ڪندا هئا. جڏهن منگهو پير هتي پهتو تہ هِتان جي ماڻهن سندس ٿٺوليون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ باوجود گهڻي سيءُ جي ڪيس باهہ ٻارڻ نہ ڏني وئي. حاجي منگهي پير ڪاوڙ ۾ اچي ڪين اهڙو تہ پاراتو ڏنو جو هو واڳون ٿي پيا. اهو واقعو سلاطين دهلي دور جو آهي.
4. مير علي شير قانع، تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، ص 634-635.
5. دشتڪ، شيراز جي انهيءَ محلي جو نالو هو، جنهن محلي ۾ اِهو بزرگ رهندو هو.
6. تحفة البصارين، سيد لطف الله شيرازي، مطبوعہ ڪراچي، سن 1858ع، ص 6
7. نئين مصر جا پراڻا ورق، ص 242-244
8. صورة الارض، ص 327
9. سنڌ جو سيلاني (ڀاڱو پهريون) پيرومل مهرچند، 1923ع، ص 31-34
10. The Grates of India, 1910, P.39
11. اهڙي قسم جون قبرون جن تي شڪليون چِٽيل آهن، سنڌ جي انيڪ قبرستانن ۾ بہ موجود آهن، هِتي بہ عورتن جي قبرن تي زيورن جا نقش ٺاهيا ويا آهن، جيڪي طبعي موت مري ويا، انهن جي قبرن تي سوار وغيره جا نقش چِٽيل آهن.
12. گويا هي اهوئي بولاخان نومڙيو آهي، جنهن جو ذڪر مرزا قليچ بيگ پنهنجي انگريزي تاريخ "History of Sindhs" ۾ ڪيو آهي.
13. امپيريل گزيٽيئر، ص 104



## شبير 'هاتف'

ڪراچي

❁

نه محبت ڪريون نه پيار ڪريون،
پوءِ جيئڻ لاءِ ڪهڙي ڪار ڪريون.

جي جيئڻ لاءِ ڪو بهانو ڪپي،
بس محبت ڪريون پيار ڪريون.

اچ ته هڪ ٻئي کي ڏيئي ڏوراپا،
اچ رُسون، پرچون ۽ پيار ڪريون.

اچ اي جانِ بهار جانِ جان،
زندگي رشڪِ نوبهار ڪريون.

مُرڪ سان موڪلايو هڪٻئي کان،
۽ وڇوڙي کي خوشگوار ڪريون.

عشق ۾ پهريون وفا جو اصول،
بي وفا تي به اعتبار ڪريون.

نيٺ ڏيندو محبتن جو جواب،
بس هي اظهار بار بار ڪريون.

هي جنون ۽ رڳو گريبان چو!
دامن دل به تار تار ڪريون.

سر ته هڪ آهي جي هزار هجن،
توتان قربان بار بار ڪريون.

وقت ايندو ته ايندي موسم گل،
"بي سبب چو ته انتظار ڪريون."

هرڪو ڪم پنهنجي وقت تي ٿيندو،
"بي سبب چو ته انتظار ڪريون."

نه اجايون توقعات رکون،
نه ٿي يارن کي شرمسار ڪريون.

ڪنهن جي اڳيان جهليون نه دستِ طلب،
ڪنهن سڄڻ کي نه زير بار ڪريون.

تو وٽان آيو جام موٽائي،
پاڻ کي چو گنهگار ڪريون.

حسن وارن جي هِت هُجي اچ وڃ،
دل محبت جي رهگذار ڪريون.

گر طلبگار عدل جا آهيون،
رشتو منصف سان استوار ڪريون.

هُن سوا ڪِٿَن مشاعرو ٿيندو،
ٿورو 'هاتف' جو انتظار ڪريون.



**نياز پنهور**
ڄامشورو

## غزل

ھي ھڪڙو آچر ڇو ٿو ٿئي؟
۽ ننڍڙو ويتر ڇو. ٿو ٿئي؟

جنهن هٿ ۾ گل هجڻ گهرجن،
تنهن هٿ ۾ پٿر ڇو ٿو ٿئي؟

پل موت اچي هڪ وار اچي،
هي ڀيهر ڀيهر ڇو ٿو ٿئي؟

جو هٿ چمڻ مون چاهيو هو،
سو خنجر خنجر ڇو ٿو ٿئي؟

جو لڙڪ سڄو ڏينهن ضبط رهيو،
سو رات جو ساگر ڇو ٿو ٿئي؟

جنهن وقت وڃي ٿي تنهن لمحي،
هي موت جو منظر ڇو ٿو ٿئي؟

## غزل

هڪ خط رکي چڻ تہ تکي ڏار رکي وئي،
هوءِ چوکري ويندي ويندي تلوار رکي وئي.

سنجها جو آئي صبح تائين جسم سميٽي،
پاڪر ۾ منهنجي ڪاڻ پنهنجي سار رکي وئي.

ويهان تہ سندس ٽهڪ جا موتي ٽا ٽهوڪن،
سمهان تہ سڄي رات لاءِ ويچار رکي وئي.

ڪئي ٽهڪ هوائن ۾ ڇڏي مهڪ ڪري وئي،
ڪجهہ خواب پلاندن ۾ ٻڌي ڏار رکي وئي.

هو خوف، وري لڙڪ، مٿان موت جو منظر،
پاسي ٿو نئين صبح جي اخبار رکي وئي.

هنڙن جا اشارا وري ڳوڙهن جون ميارون،
چپ چاپ، اکين سان سيئي اظهار رکي وئي.

اڏ پاڻ ڪٽي ها تہ سندس قرب ٿئي ها،
غم ڪونہ ڪنيائين، رڳو انبار رکي وئي.




## بشير احمد شاد
لاڙڪاڻو


## نظم

اسان مرون تہ مقدس ٽٽي لهو پنهنجو،
اسان جي همتن ۽ ڪاوشن ڪي داد ڏيو،
اسان پنور ۾ سفينن جا سڙهہ ٽا ڇوڙي ڇڏيون.
اسان اٿون تہ پهاڙن جيان ڪَرَ ڪٽي بيهون،
اسان وڌون تہ طوفانن جا رُخ بہ موڙي ڇڏيون.
اسان ڪِرون تہ دشمن تي بجلي بڻجي ڪِرون،
اسان وَسون تہ بيابان ڪي بہ لوڙهي ڇڏيون.
اسان ٽپون تہ ڪيئي دشت و دريا پار پئون،
اسان ٽُٽون تہ ٽا باطل جا خوابَ ٽوڙي ڇڏيون.
اسان مَرون تہ مقدس ٽٽي لهو پنهنجو،
اسان جيئون تہ عَلَمَ عظمتن جا کوڙي ڇڏيون.

## غزل

ڏاريا پنهنجا سڏبا ناهن،
کوٽا سِڪا مٽبا ناهن.
سياڻا ماڻهو ساڳيءَ ڏر تان،
هر هر ويٺا ڏنگبا ناهن.
هردم حق چني ونبا هن،
سين هٽي سي گهربا ناهن.
نازڪ ناتا ڌرتيءَ وارا،
اهڙا ناتا ڇنبا ناهن.
پنهنجا آخر پنهنجا آهن،
پنهنجا عضوا ڪَٽبا ناهن.
جن سان جيءُ جُڙي ويندو آ،
تن سان ويڇا رکبا ناهن.
دل جا هن دستور نرالا،
ڪاغذ تي سي لکبا ناهن.
’شادَ‘ سرير ۾ سانڍي رکجان،
سورَ سپن سان سلبا ناهن.




## ’جمال‘ مراد گبول
ميرپور- ساڪرو


## نعت

اچي رس يارسول الله، رهي ناهي مسلماني،
ڏسي ڪر تنهنجي اُمت جا، لڳي هينئڙي کي حيراني.

حيا وارا ٿيا هيٺا، وڌي وئي بي حيائي آ،
عدل انصاف کو ڪونهي، ناهي قانون قُرآني.

گُهمن جيئن جانور جهنگ ۾، لڳي بي پردگي تيئن آ،
حيا جو آ رهيو نالو، سمورا فعل حيواني.

غريبن ۽ يتيمن جو، تون واهر ۽ وسيلو ٿي،
ڪرم فرمائي تون پنهنجو، اچي ڪر تن جي آساني.

قتل انسان جو ائين آ، ڪُهن جيئن ڍور ڪاسائي،
درنده پنهنجي دهشت سان، وَهائن خون انساني.

مرن مُنڪر منافق سڀ، نہ مُلحد ڪو بچي جا ٻر،
سڙي ڪامي پچي پڄرن، جي ڪن ٿا شوم شيطاني.

پُڄي وڄ تون پرين پيارا، دَجالي دور آيو آ،
اچي ويو وقت ڄڻ اهي، هي فرعوني ۽ هاماني.

سڙي وئي مسجد ”اقصيٰ“ اُهو ڏک آ اڃان دل ۾،
يهودي اڄ بنائن ٿا، وري ’هيڪل‘ سليماني.

ڇوي دل ٿي سمورا سڀ، هلون ’ڪشمير‘ ڏي ڪاهي،
ڏني ڏس!! ڪيڏي تن آهي، ٻچن ٻارن جي قُرباني.

ٻُڪي ڏي ٻاجهہ جي تون ڪا، اسان تي رحم ڪر راڻا،
اندر جي کول اک آقا، پَسائي راز روحاني.

ڏهاڙي ڏُک وڃن وڌندا، مدد ڪر مير مُرسل تون،
ڏکن جا ڏور ڪر ڏينهڙا، پري ڪر تون پريشاني.

’جمال‘ آه بيٺو در تي، ٻڌي ٻانهون اوهان جي آ،
سواليءَ کي نہ ڇڏ خالي، اُنهيءَ جي ڪر نگهباني.



خليل عارف سومرو

جوهي

## غزل

جَر جي ڦوٽي جهڙو آهيان،
واهُ جي جُهوٽي جهڙو آهيان.
اڪثر برف جيئان هوندو هان،
بعضي شعلي جهڙو آهيان.
دنيا پٿر ٿي برسائي،
۽ مان شيشي جهڙو آهيان.
دنيا جي هيڏي گولي تي،
مان هڪ ٽبڪي جهڙو آهيان.
ڪنهن پل نِم جي گهاٽي ڇانءُ ۽،
ڪنهن پل تڙڪي جهڙو آهيان.
مُنهنجي ڪوتا آئينو آ،
سَچ جي جلوي جهڙو آهيان.
جيون جي فوٽو ۾ آءٌ،
خالي رستي جهڙو آهيان.
جنهن ۾ وَليءَ جي تُربت آهي،
اُنجي ڪَتبي جهڙو آهيان.
عاشق آهيان، پاڳل آهيان،
دل جي جذبي جهڙو آهيان.
’عارف‘ هيءَ حقيقت آهي،
هڪڙي سَپني جهڙو آهيان.



سيف الله خالد يوسفاڻي

لطيف نگر

## غزل

ڏک، سور، درد، هجر، رڳو ڪج روا ڏنو،
۽ ڪج-شبيرگيءَ ۾ پيو چا نہ چا ڏنو.

اي ناشڪِ وفا، تو ڪڏهن سوچيو بہ آ،
مون عشق ۾ فنا ٿي، آ توکي بقا ڏنو.

دل منهنجي رهگذارِ سمومِ ڪرب رهي،
غم هجر ۽ فراق جو، غم آشنا ڏنو.

مون کي صبر سهپ جي جن آ سزا ڏني،
هر حال ۾ مون تن کي، حرفِ دعا ڏنو.

ڪنهن ساڻ ڪا گِلا نہ شڪايت ڪئي ڪڏهن،
مون کي صبر ڪرڻ جو هنر آ خدا ڏنو.

هڪ تون تہ منهنجي حال کي، سمجهڻ جي ڪر سڄڻ،
مون تنهنجي هٿ ۾ پنهنجو پلئہ يار آ ڏنو.

خودداريءَ مزاج آ، سُرخرو وجود ڪيو،
مون کي اهو مقام آ، منهنجي انا ڏنو.

مون روغنِ جگر سان، درخشان ڏيئا ڪيا،
دل جي لهو سان تن کي، دوامِ جلا ڏنو.

تنهنجي گهٽي جڏهن ڪان، مطاف وفا بڻي،
وِک وِک ڪنڊن جي سيج مٿي خستہ پا ڏنو.

خود رفتہ اهل حسن ۽ آشفتہ سر اسان،
ڪيڏو نہ ڪرب آهي، انهيءَ ماجرا ڏنو.

گذري حياتي ’سيف‘ بيابان ۾ ڀٽڪندي،
دوکو قدم قدم تي رڳو ناخدا ڏنو.

غلام حسين 'مشتاق' سجاروي
حيدرآباد



# غزل

پياريون تنهن جون پيارا يادگيريون،
ٽيون نيڻن نظارا يادگيريون.

سڄڻ ڪر ياد پنهنجا عهد و پيمان،
ٻُلائين ڇو ٻُلارا يادگيريون.

محبّت ۾ ڇڏيم سڀ ڪجهه لُٽائي،
سندم سرمايا سارا يادگيريون.

مصيبتون مشڪلاتون آيون ليڪن،
ٿيون منهن جو سهارا يادگيريون.

هيس موجن جي وچ ۾ سير اندر،
سمنڊن جا ڪنارا يادگيريون.

اکر اُلفت جا آهن نقش دل تي،
ٿيا دل جا اوتارا يادگيريون.

جدائي ۾ به ڄيءَ جڪڙي رکن ٿيون،
بلاشڪ منڊ ڍارا يادگيريون.

وسارڻ سان نٿيون 'مشتاق' وسرن،
ڏين هر هر اشارا يادگيريون.

جوهر بروهي
فريدآباد



# نعت

تنهنجي حسن جي هاڪ هَلي ملڪين،
تنهنجو اسان جو امام بڻيو،
تنهنجي عشق ۾ جيڪو ورتل،
اهو جڳ ۾ روشن نام بڻيو.
تنهنجي پيار جي سُرڪي پيتي جن،
ٿيا پوري حياتي مَست مَگن،
تنهنجي خوشبو سان جو مَهڪيو آ،
بيو عيش انهيءَ لئہ حرام بڻيو.
تنهنجي زلف مان رات کي رنگ مليو،
تنهنجي مُک مان مُرڪي صبح بڻيو،
تنهنجي مُرڪَ مان چنڊ ستارا ڪِڙيا،
تنهنجي صدقي سارو نظام بڻيو.
تنهنجي نيڪ نگاهہ مان نور وَسي،
جو توکي ڏسي ٻيو ڪين پَسي،
تنهنجي صحبت سون بڻائي ٿي،
توکان ڏور رهيو ناڪام بڻيو.
تنهنجو قدم مبارڪ جاتي پيو،
هيو پٿر مگر ٿي پَشم ويو،
اهو شاهن جو بہ شاهہ بڻيو،
تنهنجي در تي اچي جو غلام بڻيو.
تنهنجو شهر بہ آهي ساک مثل،
تنهنجو سچو گُفتو باک مثل،
ڪا هڪڙي ادا هجي ڳالهہ ڪجي،
تنهنجو انگ انگ آ گلفام بڻيو.
تنهنجي گنج مان ڪن گُذران لکين،
ڇا جِنَ مَلڪ انسان لکين،
ڪا ذات نہ آ ڪا ڏات نہ آ،
پر 'جوهر' تو در سام بڻيو.

## استاد محسن علي شر

خيرپور ميرس



### ڪافي

محب ماڻن ساڻ مشتاقن ڪي مارڻ نارُوا،
دل ڪسي دلدار دلبر دُور گهارڻ نارُوا.

چاهه مؤن چشمان ڪٽي مُرڪي دلڙي لُٽي دلبر وئين،
پوءِ وجهي گهُنڊ گهور مان نازڪ نهارڻ نارُوا.

اصل ڪؤن تنهنجو آهيان در سندو دربان مان،
سار جو سهڻل پيو تنهن کي ڌڪارڻ نارُوا.

عشق تنهنجي جا اندر ۾ مچ مدامي ٿا ٻرن،
جا سڙيل سڪ سوز جي تنهن کي ساڙڻ نارُوا.

ديد تنهنجي جون ڏوناليون دل اندر دم دم لڳن،
اکين کي عادت اها ساجن سيڪارڻ نارُوا.

محب ماندو سڪ سوز ۾ ٿو رهي ’محسن‘ سدا،
جو پيو تنهنجي پناري تنهن کي وسارڻ نارُوا.

## قاضي منظر حيات

حيدرآباد



❊

گهَراين سان چاهڻ واري!
مون کي اُپ رَسائڻ واري!

دِل ڏيول جو خاموشيءَ سان،
پُوڄا گهِنڊُ وَڄائڻ واري!

ٿر ڌرتيءَ جيان آنءُ اُساٽيل،
مَوهَه جو مِينهن وَسائڻ واري!

سانوڻ رُت جي سَانجهي آهيان،
ٻَاڪَ بَسنتي ٻَانئڻ واري!

کِلندي ڳالهه چئي وئي آهِين،
عُمر سڄي اِيذائڻ واري!

ڪيئن مان تنهنجي ياد وساريان،
چاهت- چِٽنگ ڏُکائڻ واري!

ٽڪجي چالئه چيچ چَڏايئه،
دل جي ديپ وسائڻ واري!

جيءَ سان جڙيل ياد آ ٽُنهنجي،
سَپنن ۾ سَرچائڻ واري!

نيڻ تہ مون ڏي موٽي اِيندينءَ،
مَن ’منظر‘ مَهڪائڻ واري!



**صدرالدين صدر هنگورو**
شاهڪپور-جاتي

## غزل

جيئن تو حُسن پَسائي جلوا نوان نوان،
تيئن ٿا اچن چپن تي نغما نوان نوان.

هي سَير شام صبح و پردي بنا پيارا،
گهايل تہ پوءِ گس تي گَنّبا نوان نوان.

چالاءِ ڪلت اڏيون کهڙا ڪاسائي پُڇبا،
ڪاريون اکيون تہ وڍبا ڪَٽبا نوان نوان.

هر شيءِ آهي وقت سان گذريو وڃي تہ پوءِ بس،
جوين آهي تہ جانب جنبا نوان نوان.

ڪارو لباس چشمو ڳاڙهي حنا هٿن تي،
چوڪن مٿي چريا پوءِ ڏِسبا نوان نوان.

سانوڻ وٺو تہ واهہ واهہ بر ڪي حُسن وسائي،
ٻلسي ڪنا پڪا پوءِ اَڏبا نوان نوان.

مائن ۾ ناز ڪان پوءِ مُرڪي چوي ٻڌايو،
راڻي جي عرض اڳيان رکبا نوان نوان.

◙



**عابد نياز ميمڻ**
شڪارپور

## غزل

لڳي جا چوٽ سمجهي ٿي، دراوڙ دل جي ويراني،
لڄي ٿي هاءِ پِنڪي ٿي، دراوڙ دل جي ويراني.

ڪڏهن ڪنهن موج مستي ۾، ڪڏهن ڳوڙها اکين ۾ ٿس،
ڪڏهن ڪنهن جاءِ نہ مهڪي ٿي، دراوڙ دل جي ويراني.

ڏسي لاچار بحرن کي ڏسي مايوس بَر ٻَر کي،
سدا سورن ۾ سهڪي ٿي، دراوڙ دل جي ويراني.

دراوڙ دلجي ويراني ڪٽي، ڪي بار اهنجن ٿا،
مگر پوءِ پي نہ ٿڪجي ٿي، دراوڙ دل جي ويراني.

گهڻي ڪوشش ڪئي 'عابد' ٿئي ڪو دور ويراڻو،
مگر دل تان نہ مٽجي ٿي، دراوڙ دل جي ويراني.

◙

دين محمد سڄاڳ پلي
لطيف نگر



## نعت شريف

محسنِ انسان، تنهنجي شان تان قربان جان،
صاحبِ قرآن، تنهنجي شان تان قربان جان.

تون ڪٿي ڪفران لئہ اعلان آئين موت جو،
فيض ور فرقان، تنهنجي شان تان قربان جان.

تو سندي اعلان سان، حيران اڄ پڻ ٿو رهي،
دربدر ڪفران، تنهنجي شان تان قربان جان.

ٿو ملي سبحان ڪلن پوءِ سمورن ڪان وڏو،
شاهہ تنهنجو شان، تنهنجي شان تان قربان جان.

چنڊ سڄ سهڻو لڳي، تنهنجي ڪري سهڻو لڳي،
باغ هر بستان، تنهنجي شان تان قربان جان.

شان ڪي قرآن ۾ فرقان ۾ بالا بلند،
ٿو سڏي سبحان، تنهنجي شان تان قربان جان.

راهہ تُنهنجي تي ملي الله جي طرفان وڏو،
مرتبو ۽ مانُ، تنهنجي شان تان قربان جان.

ٿو ڪري ايمان وارو هر ننيو توڙي وڏو،
هر گدا سلطان، تنهنجي شان تان قربان جان.

جامِ جنت جامَ واري، نامِ تنهنجي ۾ 'سڄاڳ'،
ٿيو مگن مستان، تنهنجي شان تان قربان جان.

زاهد ڪنيار
ٽنڊو جان محمد



## نعت

مُحلبي پاڪ پنجتن دي، سڄڻ سردار دي صدقي،
خطاوان معاف ڪل ٿيسن، مِٺي منٺار دي صدقي.

يقين مُحڪم اسان دا هي، ڏيهاڙي روز محشر دي
سفر آسان سڀ ٿيسن، سخي ڏاتار دي صدقي.

اُهو والي هَنئي ڪوثر، چُڪي دي ڳالهہ ڪانهي ڪا،
مٺيان پي مڻ محبت ديان، اکيان دي ٺار دي صدقي.

صفا ڪر صاف سيني ڪون، وفا ڪر تون وفا ٿيسي،
خدا جنهن ڪون بنايا هي، اُنهين پڳدار دي صدقي.

ٻوجهن ۽ غريبن تي، خدا 'زاهد' ڪرم ڪر سي،
ٻُڌا تون لوڪ ساري ڪون، اُنهين وينجهار دي صدقي.



**عاجز ڪريم پوري**
دڙو

## غزل

وَٽيا! جيڪي گل ٿي، بڻيا خارَ سي ئِي!!
هُيا جيڪي پيڙا، ٿيا ڏارَ سي ئِي!!

سِوا جن جي ڪڏهن، سَري ڪونہ ساعت!
ويا اڄ روئاڙي، زار و زارَ سي ئِي!!

اسان جن کي پنهنجو، هُيو ساهہ ڄاتو،
بڻيا ڪين ڪڏهن، هينئن هارَ سي ئِي!!

حوالي حبيبن جي تن، مَن ڪيوسين،
ٻلي طور ٿيا ڪونہ، دلدارَ سي ئِي!!

هُيو ناز جن تي، عُمر ڀَر اسان جو،
غمن ۾ رهيا ٿِي نہ غم خوارَ سي ئِي!!

ڪئي بَس اسان آ، هاڻي پيارَ کان ئِي،
آهن ڪونہ ساڳيا اهي پيارَ سي ئِي!!

ڪڍيو آ جنازو، مُحبت جو ماڻهن،
آهن اڄ سراسر گُناهگارَ سي ئِي!!

هوندي مُند ناهي، ڪا ماڻهو ڪرڻ جي،
اهي اڄ نہ ساڳيا، 'عاجز'، يارَ سي ئِي!!



**محمد هارون 'مقبول' چانڊيو**
ڪُنري

## ڪافي

نہ ٿي دلگير اي دلڙي اڄهي تنهنجا سڄڻ آيا،
جهڄين جن جي ٿي جهوري ۾ اُٿي هو ڏس اڱڻ آيا.

سوين سيجون تون سينگار، مشڪ عطر تن تي هار،
اُٿي خوش ٿي تون ڪلڙي، محب توکي ملڻ آيا.

اُٿي اڄو ڪر تون اڱڻ کي جهلي پنهنجي تون روئڻ کي،
مرڪي تن سان تون ملڙي، سڄڻ سنپال لهڻ آيا.

لهي 'هارون' غم ويندا دلاسو دلبر دل کي ڏيندا،
ننگي ننگڙو نڀائيندا هو درد دور ڪرڻ آيا.

## ڪافي

مٺا منهنجي مرڻ کان پوءِ ڪيئہ سنيار ڇا ٿي پيو،
جنازي منهنجي تي جاني ڏنئہ اوڇنگار ڇا ٿي پيو.

حياتي ۾ تہ هڪ ڀيرو اڱڻ منهنجي نہ تون آئين،
ڪري مون کي دفن پوءِ جي آئين بار بار ڇا ٿي پيو.

زندگي ۾ گذاريئہ دور، سڄڻ ڪجھ ڀي نہ سوچيو تو،
پُڳئي جيئڻ ڄاڻ، ڪيئہ ارمان چڏيئہ سينگار ڇا ٿي پيو.

ڪري درد منجهان دانهون، روڪائي لاش منهنجي کي،
مرڻ کان پوءِ ڏسي منهڙو، ڪيئہ عطر ڇڻڪار ڇا ٿي پيو.

'هارون' هاڻي هٿ نہ ايندءِ، وقت جيڪو بہ گذري ويو،
چانڊيي پوءِ ڳڻي ڳالهيون، ڪيئہ جي پلر ڇا ٿي پيو.

## اورنگزيب عاجز

......

# حمد

ڪيڏي اعليٰ ذات ڏني ٿي،
لا اِلٰه جي لاتِ ڏني ٿي.

هڪ اڪيلو تنها تون آن،
اِلاٰ الله وائي واتِ ڏني ٿي.

توکي ٿئي ٿو ساريان سڏيان،
انڪرڪر جي تات ڏني ٿي.

مالڪ تو ۾ اُميدون آهن،
لا تقنطو جي بات ڏني ٿي.
تنهنجا ڪهڙا ڳڻ ڳايان مان،
فباَيِ واري مات ڏني ٿي.
والي واحد لا شريڪ آن،
قل الله چئي ها ته ڏني ٿي.
چپ تي هردم تنهنجو نالو،
بسم الله جو شروعات ڏني ٿي.
سمجهه ۽ سوچ آ الحمد پورو،
سوره فاتحه چا ته ڏني ٿي.
بهتر گذري جيئڻ جيون پنهنجو،
اقراء جهڙي سوغات ڏني ٿي.
تنهنجا لک احسان اسان تي،
قدر واري جو رات ڏني ٿي.
هر ذرو ”زيب“ آ جلوو تنهنجو،
ڪُل شيءِ محيطٌ ذات ڏني ٿي.



## ارباب علي ’عادل‘ چوهاڻ

شڪارپور

# غزل

محبوب جي رسڻ تي، گلڙن نڙڻ ڇڏيو،
هر هر سنگت ڇنڻ تي، گلڙن نڙڻ ڇڏيو.

هت دوست دلربا ۽ پنهنجا پرين ڇڏي،
غيرن ڪي دل ڏيڻ تي، گلڙن نڙڻ ڇڏيو.

مشتاق مَنُ گهري ڪان، هر وقت هر گهڙي،
پاسيرو ٿي رهڻ تي، گلڙن نڙڻ ڇڏيو.

سالن جي دوستي پڻ لحظي ۾ وئي ٽُٽي،
يارن جي منهن مٽڻ تي، گلڙن نڙڻ ڇڏيو.

زخمن جو تن بدن ۾، محبوب مَنُ سدا،
ناسور ٿي وڃڻ تي، گلڙن نڙڻ ڇڏيو.

هرجاءِ هر پهر، پل، سورن ۾ دل جلي،
هر لمحي ڏک سهڻ تي، گلڙن نڙڻ ڇڏيو.

ڪنهن ڪي فراز ماريو، ’عادل‘ جهان ۾،
دل جي سڄڻ ٽُٽڻ تي، گلڙن نڙڻ ڇڏيو.

## شاهه مردان شاهه
چاچڙو



### ڪافي

ٽيو دلبر جو، ديدار نئون
مون عجب ڏٺو، اسرار نئون
مولا مهر ڪئي، آيا پاڻ پرين
پائي پيچ پڪا، ڏنائون پيار نئون
هٿا درد لڪين، ٿي دور ويا
سٽي الفت جو، اقرار نئون
واءُ وصل سندو، آ وهه جو وريو
آيو قلب ڪي آ، قرار نئون
ويئي 'مردان' جي، مايوسي سڀ
ٽيو وِرهه سندو، واپار نئون

### ڪافي

چئج تون چهنب چوري، ڪي پرين جي پار جون خبرون
ٻڌائج ڪانگڙا ڪي، قرب واريون يار جون خبرون

ٻلين آئين ٻڪي پيارا، عجيبن ڪان اڏامي تون
اچي ويجهو ويهي مونکي، ڏجان دلدار جون خبرون

ڪڏهن نڪتين قريبن ڪان، ڪري پرواز پرديسي
سڻائج صاف ساري تون، هنئين جي هار جون خبرون

ڪياتا ڏي خبر کولي، پرين پيارا ڪڏهن ايندا
ٻڳو پيرو پلارن چو؟، انهي اسرار جون خبرون

قسر ڪانگا اٿئي 'مردان' ڪي، محبن جي سگهي سڌ ڏي
وفا جا واعدا ڪيائون، انهي اقرار جون خبرون

## مير مجاهد پلي
لطيف ننگر



### غزل

نہ ڪر تون سينڌ هن جي ڪي چمڻ جي آرزو هاڻي،
بدلجي وئي زماني جي هوا سان گڏ هو هاڻي.

رقيبِ شهر ۾ هستي ۽ سر مستي رقيبن جي،
گهمن ٿا روپ بدليل ۾ ڪي دشمن ڪُوبَڪو هاڻي.

وفا جا خواب مدفن ٿيا اچا تعبير پئي ڳولين،
اِهو ممڪن نہ ٿي سگهندو ملون ٻئي دوبَدو هاڻي.

ٻئي رخسار محبوبي چپن جي آرزو رهندا،
وفا جي شهر مان منهنجو ٽيو ٽولو عدو هاڻي.

اچا جي ٻول ٻوليوسين رقيبِ پيار سڀاسين،
اِهو سوچي ڪئي بند مون سڄي هيءَ گفتگو هاڻي.

جنين سان گفتگو شيرين زبان سان مير ٿيندي هئي،
اُنهن جي تون زبان تي ڏس اوهان لئي آ هجو هاڻي.

**محمد منثار هوت**
جهڏو




## ڪافي

ڦِٽو سُک سهٽا، اکين ويو آرام،
سڄڻ ڪر سگهيرو، اچڻ جو انجام.

سڄو سال سڪندي آ گذري ويو،
پورن تان تو پُلجي نہ پيرو ڪيو،
نڪي پاڻ آئين، نڪي خط سلام.

اُڏر ڪانگ قاصد تون پيارا پکي،
ڪجان عرض آزيون پيرين پَرَ رکي،
وچوڙي وڏا ويڌ، دل ۾ وڏام.

نہ ڪر يار مونکي، ڏکي ڌار تون،
ڪيل قول واعدا، پرين پارَ تون،
ڏسان گس ڏهاڙي، تنهنجا صبح شام.

مٺا موٽ جلدي تون 'منثار' ڏي،
دلاسو اچي 'هوت' کي يار ڏي،
محبت ۾ ڪاوڙ مٺا آ حرام.


**عبدالغني 'غني' هاليپوٽو**
ثابت آباد




## غزل

اڄ حسينن ساڻ هڪڙو گل سرِ محفل ڏٺم،
سو سڄڻ سهڻو سراپا سونهن ۾ ڪامل ڏٺم.

مست ساگر جيئن لڳن ٿيون ماڻڪيون محبوب جون،
هن سمنڊ جي ڪا ڪنڌي ۽ ڪٿ نہ ڪو ساحل ڏٺم.

تير تارن جا اُلاري نازنين ڪئي جا نهار،
ڪان سي ڪُڪيَن منجهاران دم انهي داخل ڏٺم.

رخ هزارن جو هؤ محبوب جي محلات ڏي،
مست ديوانا ملنگ اَبدال ۽ عاقل ڏٺم.

بلبلون بيحال ٿيون ڪلين ۾ ڪونهين ڪو قرار،
گُل بہ مُرجهايل اتي جت باغبان غافل ڏٺم.

حرص وارن جي حوالي ڪوڙ ڪُلفت ۽ ڪُپت،
مرد مومن ڪان ٻجي پڇندو رهيو باطل ڏٺم.

لک شڪر رب جا 'غني' اڄ عيد ٿي اُلڪو لٿو،
من گهريو محبوب منهنجو مون طرف مائل ڏٺم.



## مصطفيٰ موج جنون چانڊيو

نبي سر

## غزل

ڪنهن تانَ متي ٿِي تند ٽپي،
ڪو عشق عقابي جيءُ جهپي.

ڏس ٽانڊن جهڙي ٽياس متي،
ڪو ڪيڏاري ٿو خان ڪپي.

ٽا لاوي وانگر لفظ ٻرن،
پوءِ مان ڪيئن ويهان ڏات ڍپي.

ڪنهن ڪوندي هينئان چنڊ ڏِٺو،
ڪو عاشق ٿو ديوار ٽپي.

ڪا سُونهن ڪڙي ٿي تاري جيئن،
هوءَ ريساري ٿي هٿ ڪپي.

تون منهنجي مُنهن تي هٿ نہ ڏي،
ڪيئن مَن ۾ هاٿي مُشق مَپي.

اڄ ’موج جُنون‘ آ مستيءَ ۾،
رک برهہ سوا ٻيا باب ٽپي.

## ڏاتل خان چنا اُداسي

ڦلجي

## غزل

سُونهن تُنهنجي سُهڻا سَتائي ڇڏيو آ،
مُنهنجو سُک آرام، ڦِٽائي ڇڏيو آ.

رات چانڊوڪي ٿون ۾ مان،
بِستر تي گلاب، ڇٽائي ڇڏيو آ.

تنهنجي سُوچن تي سَجڻ مون،
حال پنهنجو، وڃائي ڇڏيو آ.

تنهنجا عَڪس، ڦِرن ٿا دل تي،
جڏهن کان تو پردو، هٽائي ڇڏيو آ.

ڏيان توکي، القاب ڪهڙا پرين،
ان سوچ ’اُداسي‘ کي، مُنجهائي ڇڏيو آ.



**سيما عباسي**
ڪراچي

## غزل

ٽڪجون نہ ٿا اسان جو تعمير ڪري پنهنجي؟
بي موت مُئي آ خواهش تدبير ڪري پنهنجي.

هرڪا گهڙي ادب جي اونداهہِ وانگي گهاٽي،
ڪهڙيون ٻاريون مشعلون تحرير ڪري پنهنجي؟

دنيا ڪان دل ڀري آ، مولا ڏي دل وري آ،
سرشار دل ٿي صوفي تفسير ڪري پنهنجي.

روحاني راضپي ڪي ڀسيو، تياڳي دنيا،
ماڻهن ۾ ڇا ڪنداسين تشهير ڪري پنهنجي؟

درياهَ جي حقيقت دلدل جيان نہ سمجهو،
مولا پسايو جلوو تسخير ڪري پنهنجي؟

مالڪ جي آڏو هرڪا ساعت ٿي سجده ريز،
ڪا ٻاجهہ ملي تنهن ڪان جاگير ڪري پنهنجي.



**ياسين ڪنير**
پنوعاقل

❋

حالاتِ مشڪلاتون،
جذباتِ مشڪلاتون.

هر ڏينهن ڏک ڏئي ٿو،
هر رات مشڪلاتون.

رب سائين ڪر دفع سڀ،
آفات، مشڪلاتون.

ڪنهن ساهہ منجهہ سختي،
سڪرات، مشڪلاتون.

پيدا ڪري ٿي ڪنهن جي،
هر بات، مشڪلاتون.

ڪنهن ڪنوار لاءِ آنديون،
بارات، مشڪلاتون.

آ بادشاهہ خاطر،
محلات، مشڪلاتون.

'ياسين' ٽاريندي آ،
صدقات، مشڪلاتون.

**سليم رضا**
ٽنڊوجان محمد



# غزل

ڳول اسان کي ڳول زمانا،
دل جا هُون انمول زمانا.

پاڻ لڌاسين ماڻڪ موتي،
تون پل پيو ڇاڇول زمانا.

منهنجي دل دريا جيڏي آ،
تو وٽ آ ڪشڪول زمانا.

جوڪر جهڙو جيون گهاريم،
ڪونہ مٽيئي ماحول زمانا.

پيار ڪيوسين پاڪ پويتر،
زهر نہ ان ۾ گهول زمانا.

هيرن جهڙي منهنجي دِلڙي،
مِٽيءَ ۾ نہ رول زمانا.

پاڻ نہ ڪنهنجا 'رضا' پريتم،
پاڻ نہ ڪنهنجا ڍول زمانا.

**'بيتاب' ميرحسن مري**
دولت آباد



# غزل

هڪ پلسي دنيا ساري سنڌم دلدار هڪ پاسي،
هزارن ۾ هوندو هڪڙو هزارين وار هڪ پلسي.

ڪري سينگار سورهن جي اچي محبوب محفل ۾،
سيني ۾ سو دفعا سهڻو سڄڻ سردار هڪ پلسي.

ڳچي سونا ٻڌي ڳانا پائي مالها ڪو موتين جي،
مگر ميهندي رتن سُهڻن هٿن جا هار هڪ پاسي.

ورائي وار جي ڪارا پرين رخسار پنهنجي تان،
جهڪيو مهتاب ڏي جهاتيون ڪرڻ ديدار هڪ پاسي.

لِکائي لک ڪٽي ونجن قسم ناما بہ ڪاغذ تي،
عجيبن جا اکين سان ئي ڪيل اقرار هڪ پلسي.

نمائي ڪنڌ قدمن ۾ صنم کي مون ڪيو سجدو،
عقيدت سان عبادت جو ڪيم اظهار هڪ پلسي.

وڇوڙو نانگ ڪاري جيئن ڏنگي 'بيتاب' دل کي ٿو،
پري هڪ پل اسان کان جي ٿئي ٿو يار هڪ پلسي.

**خطائي ٽيهو**
پوڙار فارم- عمرڪوٽ



## غزل

جيڪو وٽي چئي ڏي، هي پيار آهي اهڙو،
مستن جو تنهن جي سامهون، اقرار آهي اهڙو.

ڪوئي ٻڏي تري ٿو، ڪوئي تري ٻڏي ٿو،
درياھ جي موج وانگر، سنسار آهي اهڙو.

مدهوش شيخ صاحب، پيئڻ سوا چو آهن،
ايمان کي ڪسيندڙ، سينگار آهي اهڙو.

ڪارِ جهان کان غافل ڪريو ڇڏي اسان کي،
هي عشق جو تہ سائين ونهوار آهي اهڙو.

پنهنجا لڙڪ پيئو سڀ، سانگين جا سور اوري،
واقع وطن کي ونندڙ ڪردار آهي اهڙو.

هن جي اڳيان ’خطائي‘، ذرو وجان ٿو ٿيندو،
منهنجي پرين جو اعليٰ، معيار آهي اهڙو.

**قائم الدين قائم ماڇي**
لطيف ننگر



## ڪافي

نيهن نمايا ڪئين نات،
گهوٽ سوين تنهن گهايا ٿي،

محبت ۾ ڪئين مشتاق ٿيا،
سڄڻ اڳيان سر سوغات ڪيا،
عشق اهڙا اسباب ڪيا،
جن پيچ پرين سان پايا ٿي.

سڪ جي پيتائون سُرڪي ٿي،
پيار ۾ ويا پُر ٿي سي،
هيل آيا جر ٿي سي،
تن سوري سر سَجايا ٿي.

’قائم‘ ڪيائون پرين سان پوري،
پوئتي نہ ٿيا ڏنائون سر سوري،
خوش ٿي آيا وٽ ڪوري،
تن پتنگن پاڻ پچايا ٿي.

**بابُو جوڻيجو**
ڳڙهي ياسين



## غزل

غم ڳڻن ئي ڪونہ ٿا،
ڪم ڳڻن ئي ڪونہ ٿا.

روز روز زمانا تنهنجا،
ستم ڳڻن ئي ڪونہ ٿا.

مَرهم هٽندي پوءِ بہ،
زخم ڳڻن ئي ڪونہ ٿا.

منهنجا اُلڪا ۽ سوچون،
صنم ڳڻن ئي ڪونہ ٿا.

منهنجي هوندي چڻ ناهي،
وهم ڳڻن ئي ڪونہ ٿا.

**راز علي گل پتو**
ڳڙهي ياسين

## چؤسٽا

زهر جو ڍُڪ اگر جي پي وڃجي،
ڏاڍي سنهنجي حياتي جي وڃجي،
درگذر جو در سدا کُليل رکجي،
هي سبق هي ٻوٽڙن کي ڏئي وڃجي.

حُسن کي جو غُرور هوندو آ،
سبب ان جو ضرور هوندو آ،
معشوقن جو مَن وڏائڻ ۾،
عاشقن جو قصور هوندو آ.

## قطعا

زخم دل جا اجان بہ تازه هِن،
پنهنجي پيارن جا مان ڏنگيل آهيان،
هٿ آجا هجن تہ ملم مکيان،
ڪنهن جي وارن سان جو ونگيل آهيان.

لُڏندي جي لامَ تي بہ طوطا ڏٺا مون،
تہ تنهنجي ڏنل ڪا چُمي ياد آئي،
هاريءَ جو ٻچڙو ٻُبي تي نہ پَرتو،
تہ ٿر جي مون کي ڪا اُمي ياد آئي.

اقبال بلند ٿيندو آ ڪردار جي ڪري،
لعنت جي لائق ٿي پيو انڪار جي ڪيائين،
غريب جو احساس امير جي نہ اندر آ،
غربت ضعيف آهي زردار کي چيائين.

## بيتاب ناپر

شڪارپور



### غزل

نرگ جي باهہ ۾، اُجل مون کي،
يا سَندي ساهہ ۾، اُجل مون کي!

سمجھہ ساڃاهہ مون وڃائي آ،
سمجھہ ساڃاهہ ۾، اُجل مون کي!

ترسُ! ديپن ۾ خون ڦريان مان!
پوءِ اُونداهہ ۾، اُجل مون کي!

مان بہ حضرت خليل جو عاشق،
سُرخ آڙاهہ ۾، اُجل مون کي!

رات جاڳي روئي ڀِنائي پيو،
رات تنهن راهہ تي، اُجل مون کي!

سنڌ منهنجي وُجود ۾ پياسي،
مست درياهہ ۾، اُجل مون کي!

ڊِنڊَ تي ڪو سڌي رهيو آهي،
هاءِ! پٽ شاهہ تي، اُجل مون کي!

چار پريون ڏئي ڪتابن جُون،
ڪنهن درسگاهَہ ۾، اُجل مون کي!

## نذر عباس

..........

### غزل

جيئڻ جو اُتساهہ ڪٽي ويو،
چوري چوري چاهہ ڪٽي ويو.

ڇا تہ ڇڏي ويو هڪ ڏينهن مونکي،
منهنجا سڀ ويساهہ ڪٽي ويو.

ڇا جو سنورڻ، ڇا جو سنبرڻ،
هُن سان هئا سڀ ناهَہ ڪٽي ويو.

منهنجي آڳر ڏيئي اماوس،
مَن جو روشن ماهہ ڪٽي ويو.

مان جو هن کي ڳوليان پيو ٿو!
منهنجا رستا راهہ ڪٽي ويو.

ڪيئن ڇوان ۽ ڪنهنکي ڇئجي،
اهوئي سڀ ڪجھہ آهہ ڪٽي ويو.

مون وٽ هاڻي ڪجھہ پي ناهي،
محبت، اُلفت، چاهہ ڪٽي ويو.

’عباس‘ اڄان تائين آ ويڳاڻو،
سُرت، سمجھہ، ساڃاهہ ڪٽي ويو.



## نم ناز

ٽنڊو جان محمد

# غزل

داستان کهڙا چوان، يار جي دستور جا،
وار تي ڪيئي وار ٿيا، دلربا جي گهور جا.

مُرڪ هُن جي چقمقي، سنگِ مرمر جو بدن،
خوبرو ماه لقا، ڇا ته تجلا حُور جا.

رقص تارن آ ڪيو، ٿي فضا ۾ دل ڪشي،
زلف ڪارا ٿا لُڏن، نازنين مغرور جا.

چنڊ چوڏهين جو چڙهيو، فلڪ جي اڄ اوج تي،
غضب جو سمان، چڻ ته جلوا طور جا.

نيڻ هُن جا ميڪده، هوش ٿي ويا سڀ خطا،
خوب ٿيا آهن نشا، برهه ۾ پُرپور جا.

سُرخ لالڻ جي لبن، من ڪيو بي تاب آ،
لُڙڪ سانوڻ جيئن وسن، شخص ڪنهن مجبور جا.

بند نيڻن جا ٿُما، جنهن گهڙي هُن مُنهن مَٽيو،
درد ڪَر موڙي اُٿيا، عشق جي ناسور جا.

ڪو چئه جانان ۾ وڃي، شوق مِٺي جو اڄ ڪجي،
'ناز' وارن جي هٽان، جام پي انگور جا.

## عبدالجبار 'عبد' سومرو

شڪارپور

# غزل

هر چيز جي مالڪ کان گهرڻ آهه ضروري،
مشڪل ۾ سندس نانءُ وٺڻ آهه ضروري.

مدنيءَ جو وٺون نانءُ ٿا دل خوب ٺري ٿي،
محبوب جي واکاڻ ڪرڻ آهه ضروري.

پاڙون ٿي پٽي هاڻ ڇڏيون پاڻ بديءَ جون،
حق سچ جو وري هوڪو ڏيڻ آهه ضروري.

ڪيني کي ڪڍو، ڪوري ڇڏيو ڪوڙ کي ساڙي،
وهنوار محبت جو، ڪرڻ آهه ضروري.

بيدار ٿي پوندي هي سُتل قوم ٻه پيارا!
غفلت جي رهُو ننڊ مان اٿڻ آهه ضرروي.

تعمير ۽ ترقي ٿئي، سدا قوم جي يارو!
پوءِ راهه اهائي ته وٺڻ آهه ضروري.

ويچا ٻه ڇڏي سارا، اخوت سان رهون سڀ،
اوصاف هي انساني رکڻ آهه ضروري.

سنسار جا ڪم ڪار ڇڏي پاڻ سمورا،
'يارن سان ملاقات ڪرڻ آهه ضروري'.

مدنيءَ جا سچا يار اُٿئي چارئي پلارا،
اي 'عبد' سچو تن کي مڃڻ آهه ضروري.

مايا ساگر اوڍ
ٽنڊوالهيار

## وائي

ڪُنئي ڪانيءَ قرب سان.
ڪنهن جي ڪينَ مجال.
ڪنئي ڪانيءَ قرب سان،

مستانو ٿو من رهي،
حق حق حيدر حال،
ڪُنئي ڪانيءَ قرب سان.

جوڳيءَ جهڙو جيئڙو،
ڪهڙي چاهت چال،
ڪُنئي ڪانيءَ قرب سان.

موڳو منڙو ٿو مُنجهي،
ڪيئي قرب ڪمال،
ڪُنئي ڪانيءَ قرب سان.

ڪهڙي ڪم جون ڪاتيون،
ديلون هڻ دونال،
ڪُنئي ڪانيءَ قرب سان.



ساگر علي ميراڻي
نوابشاهه

## غزل

پيار ڏئي پوءِ ڏار ڪيئي ڇو،
وچڙڻ وارا وار ڪيئي ڇو.

پٿون پير ڏسي ٿو سوچان،
رستا منهنجا خار ڪيئي ڇو.

توبن ڪين سري ٿي منهنجي،
بيوس ۽ لاچار ڪيئي ڇو.

گڏ هُئين تان شاد هئي دل،
وچڙي اڄ نادار ڪيئي ڇو.

توڪان اڳ ڪم ڪار هئا ڪيڏا،
’ساگر‘ کي بيڪار ڪيئي ڇو.

## غزل

حق گهرڻ ڪان ڇو ڊڄان مان،
۽ ڪُسڻ ڪان ڇو ڊڄان مان.

ڳوٺ جو آهي وڏيرو،
سچ چوڻ ڪان ڇو ڊڄان مان.

هُوءَ تنها وئي ملي آ،
ڪجهه چوڻ ڪان ڇو ڊڄان مان.

دل ڊهي اڪثر ٿهي آ،
پوءِ ڊهڻ ڪان ڇو ڊڄان مان.

دل ڏکن جي عادي ’ساگر‘،
غم سهڻ ڪان ڇو ڊڄان مان.

# لوڪ ادب



**زاهد ڪنيار**
ٽنڊو جان محمد

## مُناظرو

### چورءِ پاڳيو

پاڳيو: جُتي ھِن جُوان جي، ويا چور چورائي
ھوندا مڙس ماڻھو، تہ ڏيندا بنا پُونگ ورائي،
نہ تہ جُتي تي مارائي، چورا ھِن ڳوٺ جا!

چور: چورا ھِن ڳوٺ جا، جو آھن چور ڪچا،
ڪٿي نہ وڃنئي ڪتو ھِتان تون پنھنجي جان بچاءِ،
ھاڻي اِھو ڏڪ پچاءَ، نہ تہ مري نہ وڃين مفت ۾!

پاڳيو: مري نہ وڃان مفت ۾، جو آھيان آءٌ چريو،
ٻُڌو ڳالھہ وڏن جي، اوھين پنھنجو ڏيان ڏريو،
جُتي واپس ڪريو، نہ تہ ڪريانوَ نہ ٽڪي جو.

چور: ڪندين تون ٽڪي جو، جو آھين مُڙس پلو،
سَٽ نہ سھندي ھڪڙي تون، اٿئي ڪونہ جھلو،
ڪري سَوَ ڪوھہ جو وَلو، اسين چوري ڪنداسين تنھنجي!

پاڳيو: چوري ڪم چڱو ناھي، اوھين چڱن جا آھيو ٻار،
ڏيندس ڏانھن وڏيري کي، جو لھندو اوھان جي سار،
ھاڻي ڪري سوچ ويچار، اوھين جُتي ورائي ڏيو مون مسڪين جي!

چور: چڱي ڳالھہ 'زاھد'، تو ڪئي آھي ھاڻ،
اسان جي ير وڏن جي، ڪرين پيو واڪاڻ،
اڄ يا سڀاڻ، توکي جُتي ملندي گھر وينئي!



**معمور يوسفاڻي**
عمرڪوٽ

# آڏي*

آڏي 'اڏ' لفظ مان نهي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پاڻيءَ جو ٻن ڪپن وارو نندي ۾ ننڍو وهڪرو. اڏ لفظ جي پويان 'ي' ملائي اڏي ٺاهي ويئي آهي، جنهن مان اهو واضح ٿئي ٿه اُها اڏ جهڙي آهي، يعني سندس شڪل اڏ جهڙي 'ٻن ڪپن واري' آهي.

جهڙيءَ طرح اڏ کي مٽيءَ جا ٻه ڪَپ آهن، اهڙيطرح آڏي کي وري لفظن جا ٻه ڪپ آهن، جيڪي ڏوهي يا دوهي جي نموني جا آهن. جن آڏين کي هڪ سٽ يعني هڪ مصرع آهي، اهي هڪ ڪپ جي شڪل ظاهر ڪن ٿيون ۽ اهڙين اڏين کي اڌڪ اڏيون، يعني هڪ ڪپ واريون اڏيون سڏجي ٿو.

جهڙيطرح اڏ جا ڪپ وني، انهن تي اوپارو يا لهوارو هلي انجو 'مُنڍ' ۽ پوڇڙي معلوم ڪبي آهي. اهڙي طرح آڏيءَ جي ٻنهي مصرعن ۾ ڪم آيل لفظن جو رخ پروڙي انهن جو بنياد يا منزل ڳولبي آهي. آڏي ٻارن جي ذهني ڊوڙ يا سمجهه جي سطح معلوم ڪرڻ جو شروعاتي وسيلو يا ذريعو آهي، جنهن جي ذريعي اهو معلوم ٿو ڪجي ته ٻارڙا پنهنجي ماحول ۽ ملڪ جي شين، وڻن، ٻوٽن، پاڄين، ماڻهن، جانورن، پکين، جيتن وغيره کان ڪيتري قدر واقف آهن.

آڏي پنهنجي اجهور يعني حاضر شين کان شروع ٿئي ٿي ۽ پوءِ غير حاضر شين ڏانهن وڌي، ڪيترن ئي روپن ۾ ظاهر ٿئي ٿي. اسان وٽ تعليم جو اڳ ۾ ئي اهو اصول آهي، جيڪو ويجهي کان پراهين ڏانهن، حاضر کان غائب ڏانهن، ڄاتل کان اڻ ڄاتل ڏانهن وجي ٿو ۽ اهو اصول اسان وٽ صدين کان هلندڙ آهي، ۽ اهو اسان کي ملي به اڏين منجهان ٿو، جيڪي ٻارن جي ڏي وٺ جو شغل آهن. ٻئن لفظن ۾ هيئئن چئجي ته 'آڏي' تعليم جو اُهو ڪارگر ذريعو آهي، جنهن جي وسيلي ٻارڙن ۾ ڄاڻ وڌي ٿي يا ٻارن کي تعليم ملي ٿي. جهڙيطرح 'اڏ' پاڻيءَ جو نندي ۾ ننڍو وهڪرو آهي اهڙيطرح اهو واسطو به نندي کان نندي عمر وارن ٻارن سان رکي ٿو جيئن ٻار جي عمر وڌندي رهندي، تيئن اڏي به ترقي ڪندي مٿي هلندي رهندي. ۽ اها پنهنجا سيئي روپ ظاهر ڪرڻ ڪانپوءِ پرولي ۽ ان جي روپن کان ٿيندي، ڳجهارت، هنر ۽ ڏور وغيره تائين پهچندي آهي. اڏيءَ جو جواب فقط هڪ لفظ ۾ هوندو آهي.

هتي آڏيءَ جو لاڳاپو ٻئن وهڪرن سان ڏيکارجي ٿو ته جيئن خبر پوي ته اهو ڪيڏو وهڪرو آهي.

---

* مرحوم محمد عمر 'معمور' يوسفاڻي صاحب جو علمي ۽ ادبي پورهيو گهڻ رُخو آهي. جهڙيءَ طرح سندن نثر ۽ نظم ۾ ڪتابن جو تعداد 80 کن آهي، تهڙيءَ طرح سندن سهيڙيل ۽ سرجيل لوڪ ادب جو مواد به 4-5 ڪتابن جيترو آهي. پاڻ لوڪ ادب اسڪيم ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي سڏ تي پراڻي ٿرپارڪر ضلعي جي لوڪ ادب جي تمام گهڻي سهيڙ ڪري ڏنائون. لوڪ ادب جي شايع ٿيل گهڻن سارن ڪتابن ۾ اُها سهيڙ موجود آهي. معمور صاحب جو نالو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي A- ڪيٽيگري جي سُگهڙن ۾ شامل هو، پاڻ جهمور جو آواز، ملوڪن جي مجلس، ساٿيهه جا سينگار ۽ سُگهڙن جي ٻين پروگرامن ۾ لوڪ ادب جي مختلف صنفن کي پيش ڪندا رهيا، ساڳي طرح ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ P.T.V تي پڻ ڪافي لوڪ ادب جا پروگرام ڪيائون. پاڻ پنهنجي دور جي نمائنده سُگهڙن جا دوست ۽ ڪچهرين جا ڪوڏيا هئا. پاڻ هڪ محقق جي حيثيت سان لوڪ ادب جي صنفن تي پڻ لکيائون. سندن انهيءَ مواد مان سندن فرزند محترم ڪرم الله يوسفاڻي تماهي مهراڻ لاءِ خصوصي طور مواد موڪليو آهي. جيڪو سندن شڪريه ادائي سان مهراڻ ۾ قسطوار شايع ڪريون ٿا. (ايڊيٽر)

**خاڪو_الف:**




**خاڪو_ب:**



4- آساڙ مهيني اوپجي، اوئي نان ري نامر (نموري)
سيجان گنوائي سندري، لِهيجو ميرا نامر

5- هٿ لال، پڳ لال چلا وينتي وار (ويندو)
لعل موتي ڦنڙا، هيران ملر هزار

6- هيم ورڻ، لاريان لڙڻ، ڇهه پک، پک چار، (ڏينيو)
هيماري هزار ري، سُرتا ڪرو ويچار

7- پڳ جهبڪي پولري، هيئين جهبڪي هار، (ٽڪ)
هيماري هزار ري، نيٽان سي نهار.

**<u>پرولي</u>**

پرولي لفظ، پروئڻ مصدر مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پوئڻ. اهو لفظ اصل ۾ پروئيل يا پروئل آهي جيڪو پوءِ آهستي پروئلي ۽ پرولي سڏجڻ ۾ آيو آهي.

پروئلي يا پرولي مان مراد آهي، اها شيءِ جيڪا مالها وانگر پوتل هجي جنهن ۾ گهڻا مٿيا يا گهٽيون لڙهيون هجن.

هي مضمون ۾ اڏيءَ سان ملندڙ آهي مگر گهاڙيٽي ۾ ان کان مختلف هوندي آهي.

اڏيءَ ۾ هڪ مصرعہ يا ٻہ مصرعون يا ٻہ تڪون هونديون آهن، پر پرولي ٻن مصرعن يا ٻن تڪن کان وڌيڪ مصرعن يا تڪن واري هوندي آهي ۽ ڪي پروليون ٻن مصرعن واريون بہ ٿين پر انهن ۾ وري گهڻن لفظن يا گهڻي معنائن جي لڙهہ هجي، جيئن پڳ پرولي ۽ پريت پرولي ۾ آهي.

مضمون جي لحاظ کان هن جا هينيان قسم آهن:

(1) پار پرولي (2) پڳ پرولي (3) پور پرولي (4) ٻڙ پرولي (5) پريت پرولي (6) پانڌ پرولي (7) ڏٽ پرولي.

**پريت پرولي**

هن پروليءَ ڏيندڙ سوال ڪندو آهي تہ ڦلاٽي يا ڦلاٽيءَ ڪي ڦلاٽي اکر جي شروع م کهڙيون چار يا پنج شيون پياريون آهن. جيئن:

(1) ناري ٻولي نيهہ سان، تون هو چتر سڄاڻ
پنج 'پ' تي پيارا پرش ني، تنهنجا ڪريو وکاڻ

جواب: .پان، پاگهہ، پلمٽي، <u>پريمل1</u> ۽ پوشاڪ (1ڪنب)
پنج پيارا پرش ڪي، ٻڌ پُڇ سڏ ۽ پاڳ

(2) ڏن ڏن تنهنجي ڏيان ڪي، ڏن راجڪمار
پنج 'ڪ' تي پيارا ڪامٽي، چئي ڏيڪار

جواب:

5 4 3 2 1
ڪنڪو، ڪاجل ڪانگسي، ڪانچرئو ۽ ڪنٺ
پنج پيارا ڪامٽي، سڻ پرش سڄنت
(1- تلڪ 2- اک لاءِ 3- وارن لاءِ 4- اوڍڻ لاءِ 5- ور، ڪانڌ)

**ڏٺ پرولي**

هن پرولي جي قسم ۾ ڪنهن هڪ لفظ سان چار پايا ڳولهي لهبا آهن.

سيٺ ساهمي نہ ڪٽي، هاري ٻڌي نہ هر (وٺ- ڪونهي)
ڏيي نہ ٻري تيل ٿو، واڻ نہ جهلي ور.
مجر نہ ملي مند تي، لوڙهو لتاڙجي (ڪندو- ڪونهي)
ڪرڙن پسي روڙجي، گيدي گل چني.
مينهن نہ وٺو مند تي، فقير ڪئي نہ دعا (راضي- ڪونهي)
پرين پکي نہ آئيو، ڪنوار لڙڪ وهيا.
راز نہ رکيو رازدان، حڪيم هليو ويو (دم- ڪونهي)
موٽر چالو ڪين ٿي، ڪاڄ نہ ڪنئرو ٿيو.

**پڙ پرولي**

اها پرولي جنهن جي ڏيٺي ۽ پيچٽي ۾ٿي هڪ جيتريون، يعني ٻن پڙن وانگي برابر هجن جيئن:

(1) ڏيٺي: چارئي اڇا اُجرا، چارئي سدا سونهن
چارئي اوجر اک جو، چارئي واٽ ورونهہ

پيچٽي: اڇو پاٽي ڍنڍ جو، اڇي رات جي اڇ
اڇو ڪپڙو انگ تي، انگڻُن اڇا رڇ

----

(2) ڏيٺي: چارئي ڪارا ڪارٽي، چارئي سونهہ سمونڊ
چارئي موهتَ من جي، چارئي چوڪا چنڊ.

پيچٽي: ڪاري رات قريب سان، ڪارا ڪيس قريب
ڪارا ڪڪر منڊائتا، ڪاريون اکيون عجيب.

(3) ڏيٺي: رڻ بن ۾ رونڪڙو، ڪوڻ ڪري بسواڙ؟

پيچٽي: يا تو رکي ڪڙہ آپ رو، يا رکي ڪرتار.

**پار پرولي**

اها پرولي جنهن ۾ پار ۽ اهڃاڻ ڏنل هجن، جن جي مدد سان لڪ واري شيءِ کي ڳولبو آهي.

جيئن:

(1) سائو ڏڙهو ڏاڏو، ڳاڙهو ڏڙهو ڪنئرو
ننڍيو ننڍو ڪنڙو، وڏو وڏو منڙو
رڌيو تہ ڀاڄي، ڪائو تہ ميوو (ٽماٽو)
ليوو ٻاران ليوو، ليوو ٻاران ليوو.

(2) ست ڪليا تہ ست وڏيا، ڇهہ ڪليا، وڏ چار
پنج ڪليا، چار وڏيا، چار ڪليا تہ ٻہ چار
ٽي ڪليا تہ ٽي رهيا، ٻہ ڪليا ٻہ سار
هڪ ڪليو هبڪار ٿي، اٺ ڳڏيا چار. (اٺي راند جون ڪوڏيون)

**چارئي چئن ڀڪ:**

ڪوئا ڊاڪڻ ڊاڪٽو، ڪيتر ڊاڪڻ واڙ،
ٻاپ ڊاڪڻ ٻيڙو، گهر ڊاڪڻ نار.

**چارئي نہ ڀلا:**

چيٽ چمڪيو نہ ڀلو، وٺو ڀلو نہ چيٽ
روٺو ڀلو نہ راجوي، تروٺو ڀلو نہ سيٺ.

**چارئي ڀلا ڪين:**

ڏيو ڀلو نہ ڏوڪڙو، ليو ڀلو نہ لاڪ
ڪوڙو ڀلو نہ ڪوڪرو، سچي ڀلي نہ ساڪ

**پنجان پنج نہ وسرين:**

مينهن موران، بن ڪونجهران، آنبارس سوئان،
ويڻ سڄڻ، جنم ڀومي، وسرسين موئان.
(1. هاٿي، 2. انبن جو رس، 3. طوطو)

**پنجئي نهڪنت، پجنئي ڀهڪنت:**

اهر ڦلاري، سانول موڪون، اپ ۾ وِڄ ڪنوت،
اونده ڏيو، پيڻ پسارا، اُهي پنجئي ڀهڪنت.

**پنجئي ڀهتا ڪين:**

ٽوٽي طالب، خط لکيو، عاشق سان آرام،
اڄ ڪي سياٽي ڪري، پانڌي پروگرام.

**پنجئي نڪ وڍيا:**

چڙٻون جهلي اوطاقن ۾ مفت جي ڪائي ماني،
سر مان سمجهہ ڪين ٿو، آڪي سا ڳا ما پا ڌاني،
جاڻ نہ آهي پنهنجي ڪا، ۽ دعويٰ همداني،
پئسہ پني پهرن مان، ۽ رکي ڪرامت ڪاني،
در تي ڪڪڙ ڏين ڌمالون، خان ڏيڪاري خاني.

**پنج مامرا:**

اُپ جتي آسرو، مرگها جتان ميهہ،
ساسو جتان مامرو، ساڙان جتان نيهہ،
ساڙي ري جتي ڏيڪري، مامري رو آيو ڇيهہ.
(جو تہ هو جيترو ڌيء ڪي پائيندو اوترو پيڻ ڪي نہ پائيندو).

**اٺئي اڪين تي:**

پيغام پريت جو، من گهريو مهمان،
مينهن آيو مند تي، دلبر مڪو دان،
حديث پاڪ رسول جي، مولا جو قرآن،
عيدون ٻئي آرام جون مهينو رمضان.

## ڳُوڙها

’ڳوڙهو‘ نياپي جو اهو اونهو طريقو آهي، جنهن جي اشارن سان فقط سياڻا ۽ سڄاڻ مطلب حاصل ڪري هوشيار ٿي ويندا آهن ۽ هيء صنف ڳاهہ وانگر آهي ۽ پر ڳاهہ جو مطلب ظاهر ۽ چٽو هوندو آهي ۽ ڳوڙهو ڏاڍو اونهو هوندو آهي ۽ هِن ۾ عقل ۽ سڄاڻپ جو امتحان هوندو آهي.

پورا تتر جهنگ ۾ رهندا آهن، جي جهنگن ۽ واهن جي بندن، ڪٽرين جي ڪپن ۽ پوٽن وارن ٽڪرن يا واريا سي هنڌن تي هوندا آهن، هي پاڻ ۾ ولر ڪري رهندا آهن ۽ ويڙهه وقت گڏجي مقابلو ڪندا آهن، ڏينهن جو زمين تي گهمي ڦري چوڳو حاصل ڪندا آهن ۽ سندن قوت، اناج، ڏٿ، ڄارين جي مَڪ ۽ پيرون، ڪيڙا، ماڪوڙا، تِڏيون، مڪوڙيون ۽ مڪڙ هوندا آهن، خاص ڪري ننڍن ٻچن جو گذران ڇيڻن، گهوڙن ۽ گڏهن جي لڏ ۾ پيدا ٿيندڙ ڪِيئَن ۽ اُڏوهيءَ تي هوندو آهي. هنن ٻچن پالڻ لاءِ نر مادي گڏيل ڪوشش ۾ مصروف هوندا آهن. ڪنهن اوچتي خطري وقت ماءُ يا پيءُ جي ڪنهن خاص ٻوليءَ تي آواز تي ٻچا يڪدم هيڏانهن هوڏانهن پکڙجي ۽ ڇپي ويندا آهن ۽ خطري لهڻ بعد مائٽن جي سڏڻ تي وري اچي گڏ ٿيندا آهن. انهيءَ دوران نر ۽ مادي ٻچن سميت رات ۾ ڏينهن گڏ رهندا آهن. مگر جيئن ٻچا وڏا اڏامڻ جيڏا ٿيندا آهن، ته پوءِ گڏجي اچي ڪنهن گهاٽي وڻ تي رات جو رهڻ لاءِ انتظام ڪندا آهن، جو ته هي تتر رات جووڻ تي گذاريندا آهن، اتي رهڻ لاءِ ڪو آکيرو وغيره ڪونه ٺاهين مگر هرڪو علحده علحده پنهنجي خيال موجب ڪنهن شاخ تي ويهي رات گذاريندو آهي. صبح ٿيڻ شرط وري هيٺ لهي وڃي پٽ تي چوڳو چڳيندا آهن. خاص طرح سياري جي موسم ۾ جڏهن پوٽن، ٽڙن ۽ ٻرن ۾ ساوڪ گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ آباديون وغيره به گهٽ ٿي وينديون آهن يا ختم ٿي وينديون آهن تڏهن هنن پکين جو خاص کاڌو پوٽن تي ٿيندڙ سنهڙو گاهه هوندو آهي جنهن کي ڪلورو چوندا آهن ۽ اهو گاهه سياري ۾ بلڪل سڪي ويندو آهي، ان جي پاڙن ۾ لاهوري گجرن وانگر ننڍيون ڳنڍيون گول بصر جي نموني ڳنڍيون هونديون آهن جن کي ڏاڇوڙا يا موٿ چوندا آهن ۽ اهي زمين اندر هونديون آهن، تن کي زمين مان کوٽي ڪڍي کائيندا آهن اهو سندن خاص کاڌو هوندو آهي.

**محمد اسماعيل عرساڻي**

رسالو 'مهراڻ' 1974/2ع تان ڪنيل

# ڪهاڻيون



**شبنم گل**
حيدرآباد

# ورثو

بهار جا ڏينهن هئا. هوائن ۾ جهنگلي ٻوٽن ۽ گلن جو هڳاءُ اوتيل هو. هوا، قديم پهاڙن ۽ چوڌاري ساوڪ گاڏڙ سرهاڻ پنهنجي ٻڪن ۾ ڪٽي ورڪا ۾ مگن هئي. گاڏي سيوهڻ ٽپي لڪي شاهه صدر جي حدن ۾ داخل ٿي تہ سامهون هڪ حسين منظر هو. ڀڳي ٽوڙهي جا پهاڙ سدائين کان پراسرار سانت ۾ ويڙهيل رهيا آهن. ڪيرٿر جا هي پهاڙ ڇهہ ڪروڙ سال پراڻا آهن، جيڪي صدين جي اسرار ۽ ڪيترين ڪهاڻين کي پنهنجي اندر سانديو وينا آهن. لڪي سلسلي جي پهاڙن جي چانوري ۾ سفر ڪندي ، پهاڙ، ڪنهن يوڳيءَ جيان گيان ۾ گم نظر ايندا آهن. ان ڌرتيءَ جي ڇڪ، قلندر کي سيوهڻ ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو، جڏهن تہ هُو ڪيترا ملڪ لنگهي هتي پهتو هو. هن خطي ۾ عجيب ڪشش آهي، جنهن رمز کي فقط نظر شناس پروڙي سگهي ٿو. آسمان تي سج پوري توانائيءَ سان جرڪي رهيو هو . بادلن جي ڪيڇل تي منظر سرمئي چادر ۾ ويڙهجي، ان رستي تي سفر ڪندي منفرد حسن نظر ايندو آهي. مختلف مندن جا هتي رنگ ئي نرالا نظر ايندا آهن.

گاڏي جيئن لڪي شاهه صدر جي مزار جي ويجهو پهتي تہ سرمئي پهاڙن جي پس منظر ۾ مزار جو سونهري رنگ ۽ طرز تعميرات انتهائي وڻندڙ ڏيک ٿي ڏنو. رستي تي نظر ايندڙ ان مزار جو منظر، جماليات جي رنگن سان رنڱجي هڪ منفرد زاويو پيش ڪري ٿو.

امين ڊرائيور کي لڪي شاهه صدر جي مزار وٽ گاڏي بيهارڻ لاءِ چيو، ڊرائيور گاڏي اچي مزار ڏانهن ويندڙ رستي تي بيهاري.

”ميڊم اندر پنڌ هلڻو پوندو“. ڊرائيور چيو.

هوءَ گاڏيءَ مان نڪتي ۽ مزار ڏانهن هلڻ لڳي. رستي جي ٻنهي پاسن تي ننڍڙا دوڪان مختلف شين سان سينگاريل هئا، جن ۾ رنگ برنگي پڙ، عطر جون شيشيون، ريوڙيون، نقل، خشڪ ميوو، چوڙيون، ڳانا، سڳيون ۽ اگربتيون نظر آيس. فضا ۾ گلاب جي گلن ۽ اگربتين جو واس من ۾ جذب ٿيندي محسوس ڪيائين ۽ عجيب ڪيفيت سندس رڳن ۾ ٻوڙڻ لڳي. هڪ اهڙي ڪيفيت، جيڪا ماڻهوءَ کي حال جي گهڙين مان ڪڍي، خوابن جي دنيا ۾ ڪٽي ويندي آهي، جتي حيرت ۽ انڪشاف جو سمنڊ ڇلي ٿو . ڪجهہ عورتون مزار تي باس جي چادر خريد ڪري رهيون هيون. سندن چهرن تي آس ۽ اڻپوريون خواهشون نظر ٿي آيون. اندر داخل ٿي تہ فرش تي قدم رکندي ئي دماغ جي ڏکندڙ نسن ۾ سڪون بخش لمحو لهي آيو، جيڪو ٿڌي فرش جي ڇهاءُ جو اثر هو . اگهاڙي پيرين، فرش يا ڌرتيءَ تي هلڻ، پيڙا کان نجات جو رستو ٿين ٿا، ڇو تہ ڌرتيءَ جي قربت شفا بخش ٿئي ٿي . هوءَ مزار ڏانهن وڌي تہ در وٽ وينل پيرسن ماڻهوءَ چيو:

” هيءَ مردن وارو حصو آهي، توهان ساڄي پاسي اندر وڃو.“

هوءَ ان پاسي وئي تہ مرجهايل ۽ تازن گلن ۽ خوشبوئن سان واسيل جهوٽو ساهن ۾ اوتجي ويو ۽ ڪيف جي ڪيفيت من ۾ هرڻ لڳس. ڪيفيتون بہ ماحول جون پيدا ڪيل ٿين ٿيون. جيئن قبرستان ۾ خوف ۽ باغ ۾ سرهائي محسوس ٿيندي آهي، پر مزار

زلزلا ۽ ٻوڏون آڻي سگھن ٿيون. فنا ڪري سگھن ٿيون پل ۾ سڀڪجھ .

"هن تي غيبات جو اثر آهي. اهو اثر منهنجي زال تي به هو". ان اجنبي شخص بيوسيءَ مان چيو.

"توهان جي ڌيءَ جو نالو ڇا آهي؟"

'ريشم ' شخص وراڻيو.

واقعي هوءَ ريشم هئي، جيڪر منجهي پوي ته ڌور کي سلجهائڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي

هن شخص پنهنجو نالو عبدالستار ٻڌايو. سندس گھرواريءَ جو نالو عابده هو. هُو پياري ڳوٺ جو رهواسي هو، جتي ڪنهن دوڪان تي ڪم ڪندو.

ريشم نالي جيان سندر هئي. هوءَ اُٿڻ جا سانباها ڪرڻ لڳي ته امينه ٻاهر نڪتي. در وٽ گلن جي پتين جي وچ ۾ ديپ ٻري رهيو هو. ٻاهر جيڪا جذب ۽ پسر ڪرڻ جي شڪتي رکي ٿي. ان جوت ۾ ريشم جون اکيون نمايان ٿيڻ لڳيون. ريشم کي سهارو ڏيندي والد ۽ والده ٻاهرين در ڏانهن وڌيا.

توهان سان ڪجھ دير ڳالهائڻ ٿي چاهيان ٿي.

هن چيو.

"نه مان توسان نه ڳالهائيندس .... تنهنجو ڪو مطلب آهي مون ۾ ....."

ڇوڪريءَ اکيون ڦوٽاريندي ڪيس چيو ته خوف جي لهر سندس وجود ۾ ڏار وجهي ڇڏيا. ماءُ ريشم کي هٿ کان وٺي اڳتي نڪري وئي .

"توهان اچو اسان سان" ستار چيو ته هوءَ ٿورو فاصلي تي هلڻ لڳي. هڪ پاسي وڏو ورانڊو هو. هُو هڪ ٿنڀ جي پرسان ويهي رهيا. ريشم کي چڪر اچي رهيا هئا. هوءَ تيزيءَ سان ساهه کڻي رهي هئي. ماءُ جي جهوليءَ ۾ مٿو رکندي غش ٿي وئي.

" هر مهيني چنڊ جي راتين ۾ ريشم کي دورا پوندا آهن. پوءِ هتي وٺي ايندا آهيون ته ڇاڪ چڱي ڀلي ٿي ويندي آهي" عابده چيو.

چنڊ ۽ ديوانگيءَ ۾ ڪا ته هڪ جهڙائي آهي. پاڻيءَ وانگر، چنڊ به گهايل احساس کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو شايد....

"هن کي ڪنهن نفسياتي ڊاڪٽر کي ڇو نه ٿا ڏيکاريو؟"

"ڊاڪٽرن وٽ غيبات جو ڪهڙو علاج هوندو " عابده جواب ڏنو.

"توهان کي به دورا پوندا آهن؟" امينه سوال ڪيو .

"نه هاڻ ڪونه پوندا آهن"...

"جنهن گهر ۾ ماءُ ڏکي هجي اُتي ذهني طور تي بيمار ٻار پيدا ٿين ٿا."

امينه جي ڳالهه ٻڌي ستار ڪيس ڇرڪي نهاريو.

"مون عابده کي ڪي سکيو رکيو ۽ هوءَ ڏک پيڪي گهر مان کڻي آئي هئي."

"ڪهڙا ڏک؟" امينه کي پنهنجو سوال عجيب لڳو، ڇو ته ڏکن جي ڪا تشريح يا درجه بندي نه ٿي ڪري سگهجي.....

"منهنجو ڏاڏو ظالم شخص هو، منهنجي نانيءَ تي ظلم ڪندو هو، منهنجو پيءُ به ڪو چڱو انسان نه هو منهنجي ماءُ کي مارڪٽ ڪندو هو."

جنون ۽ ديوانگيءَ جا سلسلا موروثي ٿين ٿا شايد... ماڻهو طبي بيمارين جيان ذهني بيماريون به پنهنجي نسلن ۾ منتقل ڪري ٿا ڇڏين....

"ڇا توهان جي خاندان ۾ ذهني بيمار ٻار پيدا ٿيندا آهن؟"

امينه جي سوال تي ٻئي زال مڙس اچرج سان هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا......

سوال ڏکوئيندڙ هو شايد......

"منهنجي خاندان ۾ هر گهر ۾ هڪ چريو ڪريو ٻار آهي، جيڪو ماءُ پيءُ لاءِ آزار بڻجيو پوي...." ڏکويل لهجي ۾ عابده وراڻيو.

هڪ غير محسوس دنيا ۾ ٿيندڙ وار تائن جو الڳ اثر ٿئي ٿو، احساس جي دنيا ۾ خاموش حادثن جو رنگ ئي جدا آهي، ڪيئن ڳجهن زخمن کي نظر شناس ئي پرکي سگهي ٿو. باطن جي اک ڪنهن صدمي ماڻڻ کان بغير نٿي کُلي!

امينہ مختلف سوال پڇي رهي هئي جڻ معاملي جي تہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

”منهنجو ڏاڏو طبيعت جو سخت ۽ بي لچڪو انسان هو، هن جي ظلمن کان خاندان تنگ هو، هڪ ڀيري ٻن جوان ڀائرن جو خون ڪيو هئائين. سهڻا ڳڀرو جوان هئا، سندن ماءُ مرڻ گهڙيءَ تائين لڇندي رهي“....

ڳالهہ ٻڌندي امينہ جا لڱ ڪانڊارجي ويا، اوچتو ريشم رڙ ڪري اُٿي، هوءَ دل تي هٿ رکي سهڪي رهي هئي، شايد ڪو ڀوائتو خواب ڏٺو هئائين. جڻ لاشعور جي لامحدود کُن ۾ ڦٿڪي واپس وري هجي!

امينہ کي هن جي اکين مان رت ٽمندي محسوس ٿيو!

◙

نوان ڪتاب






**رسول ميمڻ**
ڪراچي



# ريڊار جيڪو سمجهي نہ سگهيو

پوڙهو ريڊار ڪيئن ٿي سمجهي سگهيو، ٽڪيل بہ هو، ريڊون ٻيلي ۾ چَري رهيون هيون، اجا ٻڪايل هيون، ڏڻ ڪان نڪري هيڏي هوڏي ٿي ويون تہ ريڊار ڪي واپس ورائيون ٿي پيون.

ٻيلي ۾ بگهڙ تہ ڪونہ هئا، پر ڪوهيڙو هو، هُو وڻ جي ٿُڙ ڪي ٽيڪ ڏيئي سمهيو ئي مس ٿي تہ ڪا رڍ ڏڻ ڪان نڪري ڪوهيڙي ۾ گم پئي ٿي وئي ۽ ريڊار ڪي ائين ٿي ڳولهڻي پئي، جيئن انڌو اهڙي راهہ ڳوليندو آهي جنهن راهہ جي انت جي ڪيس ڪا خبر نہ هجي.

ريڊار اوٻاسي ڏني ۽ ڏٺو، اجا مهل هئي، ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل سج ڪري وڻن جا پاڇا فقير جي پوشاڪ جيئن ميرا هئا، لڳي رهيو هو سج صفا سِر تي آهي ۽ ان ڪي ڪُلهن تي لهڻ ۾ وقت هو.

ٿُڙ ڪي ٽيڪ ڏيئي ويٺل ريڊار جي اک لڳي تہ محسوس ڪيائين ڪا رڍ ڏڻ مان نڪري ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويئي آهي، ڪوهيڙو ڪڏهن گهاٽو پئي ٿيو تہ ڪڏهن ڇڊو.

"آهہ" ريڊار سيني ۾ اُٿندڙ ڪنهن طوفان ڪان وجود جا هڏا تباهہ ٿيل غوراب جي ٽڪرن جيان محسوس ڪيا.

"منهنجي وڃائجي ويل...." هن ڇيو ۽ پوءِ تصور ۾ هڪ اهڙي ڇهري ڪي ڇُهڻ لڳو، جيڪو پاڻيءَ جو هو، هن جون آڱريون ٿڌيون ٿي ويون، هن ڇهري ڪي چُمڻ چاهيو تہ چپ برف ٿي ويا، ڇهرو لهرن ۾ تبديل ٿي ٺهڻ ۽ ڊهڻ لڳو. مٽي تي وزن محسوس ڪيائين، درد ڪان ڳورو جسم ڪٽي اُٿيو ۽ ان رڍ ڪي گهٽ وڌ ڳالهايائين، جيڪا ڪوهيڙي ۾ گم ٿي وئي هئي.

"او ڪاري رڍ منهنجي ننڊ جيان شل تنهنجو رنگ ڦِٽي."

هُو اُٿيو ۽ ڪوهيڙي مان رڍ ورائي موٽيو. ريڊار سوچيو ريڊون چريو ڪري ڇڏينديون. هُو ٽڪل آهي، هن جي ڪُلهن تي عمر جو وزن آهي، ماڻهو هر وزن ڪُلهن تان لاهي سگهي ٿو، عمر جو وزن وجود جو حصو هوندو آهي، ان ڪي لاهڻ لاءِ قبر ۾ لهڻو پوندو آهي.

ريڊار لاءِ ريڊون زندگيءَ جو حصو هيون ڇو جو هُو ريڊار هو، رڍن بنا ريڊار ڪهڙي ڪم جو؟ ريڊون هونديون تہ ريڊار هوندو، ٻيلي جا وڻ رڍن ڪري ريڊار ڪي سڃاڻندا آهن نہ تہ ريڊار ڪي رڍن بنا ڪير سڃاڻي؟

هُو ٿُڙ ڪي ٽيڪ ڏيئي ليٽيو ئي مس تہ محسوس ڪيائين ڪا رڍ ڏڻ مان نڪري ٻيلي اندر ڪوهيڙي ۾ پري نڪري وئي آهي، هن ڪنهن جا هٿ پنهنجي گريبان ۾ محسوس ڪيا، ڪو هن جي تذليل ڪري رهيو هو، هن جو ڪهڙو ڏوهہ؟ هُو بس ريڊار هو، هن مان اها اميد ڪيئن پئي رکي وئي تہ ڪنهن جا هٿ چُمندو ۽ ڪتي جيان پُڇ لوڏيندو. هن جي گريبان ۾ پيل هٿ اهڙي شخص جا هئا جنهن ڪي ٻُچي ڏاڙهي هئي، مُڇون وات مٿان ائين وريل هيون جيئن پاڻي پاڻ ڪي ٻُڏڻ ڪان بچائڻ لاءِ پاسن ڪان وهي ويو هجي. اهو شخص هن ڪان پڇي رهيو هو.

"جڏهن ريڊار هئين تہ تون پيغمبر ٿيڻ جي دعوا ڪيئن ڪئي؟"

"سڀ ريڊار پيغمبر نہ هوندا آهن." هن جواب ڏنو." مان ريڊار ٿيڻ جي دعويٰ ڪيان ٿو."

**بهادر ٽالپر**
بدين



# وقت جو پرندو

وقت مون تي سوار هو يا آءٌ وقت تي سوار هوس....!! ڪالهوڪي ڳالهه آهي جو مون غير روايتي ٻٽجندي، ڪئلينڊر بدران گهڙيءَ ڏانهن ڏٺو هو....!! جيڪا ٻڌائي رهي هئي تہ ڪو گهڻو عرصو مونکي جمئي ڪو نہ ٿيو هو.... بس ڪي ورهيہ ٿي مس ٿيا هئا دنيا ۾ آئي مون کي....!! ۽ ائين شڪ گاڏڙ اعتبار جي هوا منهنجي هاڻءَ سان ٽڪرائي. ٻئين طرف اندر وارو انسان مرڪن ۽ ٽهڪن ۾ هو....!! شايد ٻاهرئين شخص جي سادگيءَ تي مرڪن ۽ ٽهڪن جو لباس پهري پسمنظر ۾ روئي رهيو هو....!! پوءِ اوچتو گهڙيءَ هڪ گهنٽي وڄائي هئي.... تہ آءٌ ڇرڪجي پيو هوس.... اسان جي گهر جي صاف صاف گيٽ تي اڄاتل دز ظاهر ٿي پئي هئي... ۽ گيٽ جا انجيس هڪ نڪاءَ سان سڀ ٽٽي اچي هيٺ پيا هئا....!! امان کي بابا ٻڌائي رهيو هو تہ "دنيا ۾ ڪيترائي طوفان اڳ بہ اچي چڪا هئا.... ۽ پوءِ بہ اچڻا هئا....!! اهي طوفان وقت جي رفتار کان بہ تيز هئا....!! اسان جي گهر- پڌر ۾ پيل شيون اوچتو ئي اوچتو گم ٿي ويندون هيون....!!"

امان مون کي تڏهن دعائن جي ٻُڪ ۾ خدا کان امن ۽ سلامتيءَ سان گهرندي هئي....!! الائي ڪهڙي ساعت خدا کي هُن جا ٻاجهارا ٻول وڻي ويا.... ۽ آءٌ....!!. خير! جيئن هر ٻار ڄمڻ سان روئي ٿو.... تيئن آءٌ بہ....!!

امان فنڪار ٿيڻ جي ڪوشش ۾ فقط هڪ گُڏي ٺاهي سگهي ۽ ان جي پيٽا لاءِ مون وٽ ڪجهہ بہ نہ هو....!! امان تہ سراپا سچ هئي، پر هن جيڪا گُڏي ٺاهي هئي.... اها ڪنهن کي دوکو ڏيڻ لاءِ هئي....!! آءٌ پل اپل دوکو کائي رهيو هوس....!! آءٌ هڪ رات هرڪجي ان گُڏي جي ويجهو آيس تہ جاڳ مون کي ڇهندي پائي پنهنجي ياڪر ۾ ڀري ورتو هو....!! مون ڏٺو ان ويل گڏي ۾ ڪابہ چرپر نہ هئي.... ۽ مُردي جيان منهنجي پاسي ۾ بستر تي ابدي آرامي هئي....!! مون ڏانهس پاسو ورائي هن کي ڏٺو، اکين ۾ اڄاتل مُردي واري جنبش پيدا ٿي ۽ هُوءَ خوابن سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي.... پوءِ مون گهڙيءَ ڏانهن ڏٺو تہ وقت ان ۾ ڪنهن حسين پرندي جيان اڏامي رهيو هو....!! ۽ آءٌ پنهنجو پاڻ کي قبرستان ڏانهن ويندو محسوس ڪري رهيو هوس تہ اوچتو ئي اڳيان قبرستان اچي ويو هو....!! اڳي امان مون کي خدا کان دعا ۾ گهرندي هٿ کنيا هئا.... ۽ اڄ آءٌ امان جي قبر تي امان لاءِ دعا گهري رهيو هوس....!! منهنجي ڏندين آڱريون اچي ويون هيون.... وقت ڪيئن اچي مون کي ان سٽيج تي بيهاريو هو جو امان زنده ٿي واپس اچي مون کي ڏسي ها تہ هوند مون کي سڃاڻي ئي نہ سگهي ها....!!!

شاديءَ کي اجان مهينو ئي مس ٿيو جو الله بخش وارو خدشو ظاهر ٿيڻ لڳو، خديجه به پنهنجن ڏکن جو حال پنهنجي ماءُ سان اورڻ لڳي ۽ ختن ماءُ اهي ڳالهيون الله بخش سان ڪيون ته الله بخش ڪان رهيو نه ٿيو سو نيٺ پنهنجي نياڻيءَ کي واپس پنهنجي گهر وٺي آيو.

”ادا وڏا، اوهان لاءِ لک عزتون ۽ محبتون آهن، اوهان منهنجي لاءِ قابل احترام آهيو، پر سچي ڳوان ته ڏوهه سڄو تنهنجي ڇوڪري جو آهي، جيڪو سڄو ڏينهن وتو چرين واريون حرڪتون ڪري ۽ اهڙي حالت ۾ آئون پنهنجي ڇوڪري اُتي ڪيئن ڇڏيان، جنهن مان محبت جي اُميد ته ڪُجا پر مورڳو هر گهڙيءَ جان جو خطرو هُجي......“

الله بخش پنهنجي نياڻيءَ کي واپس گهر وٺي اچڻ جو سبب ٻڌائيندي وراڻيو..

خدا بخش اها ڳالهه ٻڌي وراڻيو:

”ڏس الله بخش خان، نياڻي نڪاح ڪانپوءِ اسان جي امانت آهي ۽ تون ٿورڙي ڳالهه کي مُدو ناهي، ٻارڙن جو گهر ڦٽائڻ جي ڪوشش نه ڪر..“

الله بخش به وڏي ياءُ کي رکو جواب ڏيندي چيو:

”ادا وڏا، ائين ته آئون به پنهنجي نياڻي موت جي مُنهن ۾ ڪونه ڏيندس...... ها، بيشڪ اوهان جي امانت آهي، پر جڏهن حسنوءَ جو علاج ڪرائيندو ۽ ڪُجهه ماڻهپي ۾ ايندو ته پوءِ پل پنهنجي امانت وٺي وڃجو......“

اها ڳالهه ٻڌي خدا بخش خان آپي ڪان ٻاهر نڪري ويو سو ڪاوڙ وچان چيائين:

”ٻاچائي......، مُڙسهين کي سمجهائي، عقل ويو اٿس ڇڏائجي.... حالت ڏسوس نياڻيءَ کي ٿو گهر ۾ ويهاري...... الله بخش خان جي نياڻي گهر ۾ ئي ويهارڻي هُيئي پوءِ اهو شاديءَ وارو ڍونگ چو رچايئي......!‘

الله بخش به پنهنجي ڳالهه تي اڙيو رهيو.

”ادا وڏا ڪُجهه به سمجهين پر جيستائين حسنوءَ جو علاج نه ڪرائيندين تيستائين نياڻي آئون به نه ڇڏيندس. ها‘.

هيڪر ته خدابخش ڪاوڙ وچان، الله بخش جي گهران بغير چانهه ماني ڪائي نڪري هليو ويو، پر ڪُجهه ڏينهن ٿڌي دماغ سان سوچڻ ڪانپوءِ، الله بخش کي ساڻ ڪري، حسنوءَ کي هڪ بهترين نفسياتي ڊاڪٽر ڪان چيڪ اپ ڪرايو ته ڊاڪٽر حسنوءَ کي حُسين آباد واري گدو اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ جي صلاح ڏني جيئن هُن جو صحيح طرح سان علاج ٿي سگهي.

گدوءَ جو ٻُڌي، حسنو ڏڪڻ لڳو ۽ پنهنجي چاچي کي چنبڙندي وراڻيو:

”چاچا، مون کي بچائي...... بابا مون کي مارائي ڇڏيندو........!!!“

الله بخش جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو، خدا بخش ڊاڪٽر جي ڳالهه ٻڌي، حسنوءَ کي ٻانهن مان جهلي اُٿاريندي چيو:

’چرين جو علاج گدوءَ ۾ ئي ٿيندو نه ڪي ٻي ڪنهن اسپتال ۾..... اُٿي........!‘

ايڏي رڪائيءَ سان ڳهه ڪرڻ تي هيڏو سارو حسنو ته روئي وينو، پر الله بخش جي دل تي به جڻ خدا بخش ڇرو وهائي ڪديو هُجي، الله بخش پنهنجي پائٽي توڙي نائيءَ کي ڀاڪُر پائي تسليون ڏيڻ لڳو ۽ پيارو ۽ محبت سان گدوءَ ۾ علاج لاءِ راضي ڪري ورتو، خدا بخش ٻاهر گاڏي ۾ وينو انتظار ڪندو رهيو. هُو حسنوءَ جي راضپي ڪانپوءِ حسنو کي گدو ۾ داخل ڪري ته آيا پر الله بخش جي دل حسنوءَ وٽ ئي جڻ رهجي ويئي هُئي، حسنوءَ کي ڇڏڻ وقت الله بخش صفا روئٽهارڪو ٿي ويو جڏهن حسنو صفا ويچارڪيءَ

سان اسپتال اندر ويندي هنن کي ڏٺو هو. هُن محسوس ڪيو تہ حسنوءَ جي انهيءَ حالت جو ذميوار خود خدابخش آهي جنهن جي بجا سختي، هر ڳالهہ تي ٽوڪڻ، زوريءَ ٻي شادي ڪرڻ، ٻهرين گهر واريءَ جو ٻي شادي ڪرڻ ڪانپوءِ ذهني توازن وڃائڻ، گهر ۾ بي سڪوني واري ڪيفيت...... اهي سڀ ڳالهيون حسنوءَ کي هيڙي حالت ۾ آڻڻ جا سبب ٿي لڳا، الله بخش جڏهن کان حسنوءَ کي گڏو ۾ ڇڏي آيو هو، تڏهن کان ئي جڻ سُک ئي ڦٽي ويو هُئس، تنهنڪري الله بخش هر مهيني باقائدي سان حسنوءَ سان ملڻ گڏو ويندو رهيو ۽ هر ڀيري حسنو چاچي کي روئي دانهن ڏيندو هو تہ 'چاچا، پليز مون کي هتان کان وٺي هلو......، آئون چريو ڪونہ آهيان.........' ۽ الله بخش هر واري ايندڙ مهيني ۾ وٺي وڃڻ جي تسلي ڏئي واپس هليو ايندو هو، انهيءَ دوران خدا بخش خان هڪ ڀيرو بہ پُٽ کي ڏسڻ لاءِ نہ ويو هو، اها حالت الله بخش کان ڏٺي نہ ٿي، نيٺ خدا بخش خان وٽ هلي ويو.

'ادا...... ڏکيو لڳيو تہ پل لڳيءَ پر حسنوءَ جي انهيءَ حالت جا اوهان ئي ذميوار آهيو، ائين ڍور ڍڳي جيان اولاد کي ڪاهيندو ۽ انهن جي عزت نہ ڪندو تہ پوءِ اهڙي ئي حالت ٿيندي......"

اها ڳالهہ الله بخش ڪري ڄڻ هن جي انا کي ٺيڙ وهائي ڪڍي هُجيس، ڪاوڙ ۾ ذر ٿي وراڻيو:

"ڇا ڇوٽ ڇڏي ڏيان..... ڌيئرون وڃي پاڻ مُڙس ڪن ۽ ڇورا وڃي هوٽلن تي عياشيون ڪن،، ائين نہ الله بخش خان.....!'

الله بخش ٿورو ڀاءُ جي ويجهو ٿي ڌيرج سان سمجهائيندي چيو:

"ادا، آئون ائين ٿوري ٿو چوان، پر اهڙي سخت رويي جي ڪري، ٻارڙا اوهان کان پري ٿي ويا آهن ۽ اوهان سڀ ڪجهہ پنهنجي هٿ وس ۾ رکيو آهي ۽ ڇوڪرا پنهنجي جيب خرچيءَ لاءِ ئي پريشان آهن، آخر ادا ڇوڪرا جوان جماڻ آهن، چار يار دوست بہ هوندن، ٻاهر وڃي انهن وٽ شرمندہ ٿين سو انهي پوءِ وڃان ٻاهر ئي ٽٽا نڪرن ۽ نہ ئي وري اوهان کان ڪجهہ گهري سگهن ٿا......'

خدا بخش قدر نرم لهجي ۾ وراڻيو:

'پر الله بخش هيڏي ساري ملڪيت آئون قبر ۾ تہ ڪٽي ڪونہ ويندس. اڳ پوءِ هنن کي ئي ڪم ايندي'

الله بخش پنهنجي ڀاءُ جي ڳالهہ ٻُڌي وراڻيو:

'ادا، بيشڪ ائين آهي، الله اوهان کي وڏي ڄمار ڏي اوهان جي شفقت جي ڇانءُ اوهان جي ٻچڙن مٿي هميشہ قائم ودائم رهي، پر ضرورتون تہ هينئر بہ آهن هاڻ تہ شاديون بہ ڪرائيندو انهن کي بہ تہ خرچ پکو تہ گهربو انهي ڪانسواءِ اوهان جي محبت ۽ شفقت بہ کپين، پر اوهان تہ جيئن حسنو کي گدو ۾ داخل ڪيو اٿو تہ وري هڪ ڏينهن بہ ملڻ نہ ويا آهيو جڏهن تہ هي ڇوٽون مهينو پيو گُذري ڪي هو مؤ يا بچيو، ادا، ٻچن سان اهو رويو چڱو ڪونهي..' خدا بخش صفا رکو جواب ڏيندي چيو:

'الله بخش خان هُتي علاج پيو ٿيس، دوا دارون لاءِ پيسا ڊاڪٽر کي ڪمدار ڏيو اچي ۽ آئون ڪو ڊاڪٽر آهيان ڪونہ، جو وڃي علاج ڪريانس.....'

الله بخش، وڏي ڀاءُ کان مايوس ٿي اُٿندي چيو:

'ادا وڏا جيڪڏهن توهان جو اهو ئي رويو رهيو تہ حسنوءَ جي ٺيڪ ٿيڻ جو مون کي تہ ڪو امڪان نظر نہ ٿو اچي.'

الله بخش جي اها ڳالهہ ٻُڌي تہ الله بخش کي ٻانهن مان جهلي ويهاريو ۽ پاڻ وڃي ٽيڪسي ڪرائي آيو ۽ تيار ٿي الله بخش کي ساڻ ڪري



**يار محمد چانڊيو**
شڪارپور

# المين جي دارَ تي لٽڪيل جيون!

دُنيا جي عورت پنهنجي حياتي ڪيئن گذاريندي آهي، مان سو ته نه ٿي ڄاڻان، پر مون کي سنڌي عورت جي جنمن جي خبر آهي، هن جي حياتِ جون واڳون هن جي هٿ ۾ ناهن! هوءَ جنمن جي قيدياڻي آهي!!.... مرد ئي هن جو حڪمران آهي ....!! مرد چاهي ته ڪيس جيئڻ ڏي ۽ مرد چاهي ته ڪائنس جياپي جا سمورا حق ڪسي وٺي ..!!!

اٺاويهين فيبروريءَ جي اجوڪي رات منهنجي لاءِ عجيب اداسي کڻي آئي آهي، اکين جي منجهه ۾ درد جي ٻوڙان ٻوڙ لهرن ساهه مُنجهائڻ شروع ڪيو آهي، سمجهه ۾ ئي نه ٿو اچي ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي... ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن_ زندگي جي تماشن منهنجي جيون جي هر پل ۾ زهر پري ڇڏيو آهي، ۽ مان ڄڻ گهر جي ڪُنڊ ۾ سجائي رکيل مورتي بڻجي ويئي آهيان، جنهن جو پنهنجو ڪوبه فيصلو ناهي هوندو!!

مون کي ياد آهن، زندگيءَ جون اهي سڀ گهڙيون:

جڏهن_جڏهن مرداڻي سماج جي روين ۽ فيصلن مون کي بيوس ۽ مجبور بڻايو آهي ۽ مان رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ٿيندي آهيان!!

اها به فيبروريءَ جي چوڏهين تاريخ هئي، مان ته اڃا ميٽرڪ پئي پڙهيم. ڪاليج کان موٽندي ڪجهه آواره ڇوڪرن کي گهٽين ۾ گل کڻي بيٺل ڏٺو هئم، هڪ ٻئي سان همراز ٿي چيائون پئي "اڄ اسان عاشقن جو ڏينهن آهي ۽ اسان ....!! سڀ ڇوڪريون هنن آواره مزاج ڇوڪرن جي سادگيءَ تي مُرڪنديون ۽ ٽهڪنديون تڪڙا قدم کڻي واپس گهر طرف اچي رهيون هيوسين، جو پاڙي جو هڪ ڇوڪرو مون طرف وڌي آيو هو.

"شبنم!"

"ڇا؟" مان هلندي رڪجي بيٺي هئس.

"گل وٺ!" هن جي آواز ۾ عجيب لرزش هئي.

"ڇائو!!" هي گل مان ڪاڏي ڪنديس...!!"

"پليز وٺ نه" مون ڏٺو هو، گل ڏيندي هن جا هٿ به ڏڪيا پئي.

"آڪاش ادا، اڄ ڪيترن ڇوڪرن کي هٿن ۾ گل ڏٺا اٿم ...گل ورهائجن پيا ڇا ادا؟"

"ها شبنم!!" آڪاش گل وڌائيندي ڏاڍو ڊنل هو، مان نه وٺڻ چاهيندي به گل وٺي گهر آئي هئس.

مان گل کڻي گهر ڇا پهتي هئس ڄڻ قيامت آئي هئي، امان نه ڪئي هئي هم نه تم، وارن کان پڪڙي، چيو هئائين:

"ڇوري عمر ايتري ته نه ٿئي!"

"ڪيتري امان؟"

"وڏين ماين جيتري!... جيترا گل ڪنديريا اٿئي؟" امان جي هٿن منهنجي وارن کي زور سان پڪڙيو هو.

"امان!" مون کان رڙ نڪري وئي هئي، چيو هئم "منهنجي وارن مان هٿ ڪڍ!!...

مون آخر ڪهڙو ڏوهه ڪيو آ...!؟"

"اڃا پڇين ٿي؟"

"پر مون کي به ته خبر پوي!"

"رستن ويندي يار نه مون ڪيا نه منهنجي ماءُ، تون ڪنهن تي وئينءَ؟"

"آئي امان مون هن کان هڪڙو گل ته ورتو آ. بس..."

"ڇو ورتئي؟"

"سوچيم قرآن جي ورقن ۾ رکنديس"

”پر ڇو... ماڻهو ڇا چوندا؟“
”ڇا چوندا؟“ ورائيو هئم ”ورتو ته ڳل آ هڪڙو.....!“
”هڪڙي ڳل جي ڳالهه ناهي“
”باقي ڇا هي؟“
”تون نڪ ڪپايو آ- نڪ!“
”پر نڪ ته مون کي آهي، تون ڀُلين آ امان!!
”مون کان زري گهٽ ٺهڪ نڪري ويو هو، پر امان جي وڏندڙ ڪاوڙ کي ڏسي چپ ٿي وئي هئس، اهو منهنجي جيون جو وڏو ڏوهه هئو. منهنجي پڙهائي بند ڪئي ويئي هئي ۽ ڪلام پاڪ ۾ ڳلن جون رڪيل پنڪڙيون اڃا سڪيون ئي نه هيون جو امان منهنجي معصوم هٿن تي ميندي لڳائڻ جون تياريون شروع ڪيون هيون.
”امان!“
”ٻڌاءِ“
”مان ته اڃان پڙهڻ پئي گهريو!!“
”ڇا ڪرين هان، پڙهي؟“
”ماستريائي ٿي پاڙي جي غريب ٻارڙن کي پڙهائي آفيسر ڪيان هان!“
”ناهي وڏيڪ پڙهڻ جي ضرورت “
”ڇو؟“
”وڏيڪ پڙهندينءَ ته وڏيڪ ڳڻ ڪندينءَ؟“
”ڪهڙا ڳڻَ امان؟“
”چپ چوانءِ ٿي، وڏيڪ بڪواس نه ڪر.“ هڪ تيز ٿڦڙ منهنجي ڇهري تي اوچتو نڪاءَ ڪيو هو. ”شبنم شڪر ڪر جو تنهنجي ڪرتوتن جي خبر فقط مون تائين پهتي، هئي ورنه .....“
”ڇا ورنه؟“
”ڪير قبولي ها توکي...؟ ڪنهن سان ڪرين هان شادي ...؟؟“
”منهنجا ڪهڙا ڪرتوت؟ مون کي به ته ٻڌاءِ امان؟؟
”جيڪڏهن تون وڏيڪ پڙهين ها ته تنهنجا ڏهه ڏهه عاشق ڳل ڪٽي اچي دروازن تائين پهچن ها..... مان پنهنجي سفيد وارن ۾، تنهنجي پيءُ جي قبر کي لڄائڻ نه ٿي گهران. بس ڪري عزت سان شادي ڪر.....!!“
مان چپ رهيس:
منهنجي شاديءَ سان امان جا اڇا وار ۽ ابي جي قبر ڪاري ٿيڻ کان بچي ويئي!
ان ئي فيبروري مهيني جي چوويهين تاريخ منهنجي شادي ٿي!
شاديءَ جو عجيب منظر هو:
گهونگھٽ مون کي چنڊ سان ڀيٽيو، پر مان پنهنجي احساسن جي اڌورپڻي تي ماتم پئي ڪيو، خون جا ڳوڙها دامن تي پئي ڪريا.
شادي جي پهرين رات به مان ساڳي ڪيفيت ۾ هئس، ڪجهه نه ٿي وڻيو_ نه ماني_ نه ساهراڻو گهر_ ۽ نه ئي پنهنجي اپاڳي حياتي!!
رات جي ان سمي مون اڪيلي ڪمري ۾ پنهنجي چوڙين کي ٽوڙيو پئي، جو اوچتو منهنجو مڙس حيدر، منهنجي مٿان اچي بيٺو هو:
”شبنم!“
”هون!“ مون اوچتو ڇرڪ ڀريو هو.
”هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ؟“
”پڇ!“
”تون شاديءَ مان خوش ناهين؟“
”نه!“ مون کان به بي ساخته سچ نڪري ويو هو.
”ڇو؟“
”بس.....!!“
”ڪو سبب ته هوندو؟“
”ڏس حيدر! هاڻي ڇڏ ان ڳالهه کي...“
”شبنم تون پنهنجي اندر ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه نه رک، جيڪا تنهنجي حياتيءَ جو ناسور بڻجي...
تون مون کي سڀ ڪجهه ٻڌاءِ... مان تنهنجو همراز ٿيڻ ٿو چاهيان...“
حيدر جي آٿتن تي منهنجي دل پرجي آئي هئي ۽ هن کي چنبڙي دل جو سمورو بوجهه هلڪو ڪرڻ لاءِ سڏڪا ڀري روئي پئي هئس.

"شبنم نہ روءُ ايترو..!!" حيدر بہ جهڙوڪ روئڻهارڪو ٿي ويو هو، چيو هئائين، "تنهنجي اداسي منهنجي اداسي آهي، تون جيئن چوندينءَ مان ائين ڪندس.... اهو توسان حيدر جو پڪو واعدو آهي!!"

"سچ ٿو چوين؟" منهنجي اداس چپن جڻ ڏڪندي ڳالهايو هو.

"مون تي ڀروسو ڪر شبنم! چوندينءَ تہ آسمان جا ستارا بہ جهول ۾ آڻي رکندوسانءِ!"

"مان وڌيڪ پڙهڻ گهران ٿي!" چيو هئم تون منهنجو سٿ ڏيندين!"

"وڌيڪ پڙهي ڇا ڪندينءَ؟"

"مون کي ماسترياڻي ٿيڻو آهي!"

"پگهار خاطر؟"

"نہ!"

"باقي؟"

"مان تعليم کان محروم غريب خاندانن جي اجڙيل گهرن ۾ روشنيءَ جو ڏيئو ٻارڻ گهران ٿي! چاهيان ٿي ڪوبہ غريب تعليم جي زيور کان محروم نہ رهي!"

"واهہ!" حيدر مرڪي پيو هو، "پوءِ تہ توکي تعليم جي سيڪريٽري ٿيڻ گهرجي"

"اها منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي، بس مان استاد بهتر ٿي سگهان ٿي"

"پوءِ ان جي بدلي منهنجا بہ ڪجهہ شرط آهن"

"ڪهڙا شرط؟"

"تون پڙهائيءَ کان نوڪريءَ تائين، ايندينءَ ۽ ويندينءَ مون سان!!"

"قبول آهي!"

ان سمي:

حيدر کان ٽهڪ نڪري ويو هو، منهنجي اداس مک تي بہ مرڪ جا پوپٽ اُڏاڻا هئا.

پوءِ ٿيو بہ ائين ئي حيدر پاڻ بہ پڙهيو هو تہ هن مون کي بہ گريجوئيٽ تائين پڙهايو هو، پر پنهنجي شهر جي ڪنهن اسڪول ۾ ڪابہ جاءِ خالي نہ هجڻ جي ڪري، ميرٽ جو امتحان پاس ڪرڻ جي باوجود بہ مان ماسترياڻي نہ ٿي سگهي هئس...

انهن ئي ڏينهن ۾:

مون کي ڪن سياسي پوتارن جي بنگلن تان نوڪري ملڻ جا اشارا پڻ مليا، پر مون کي پنهنجي ميرٽ تي پورو ڀروسو هو. مون انهن ۾ نام نهاد سياسي وڏيرن ۽ جاگيردارن جي دروازن تي نہ پئي وڃڻ چاهيو، جن جا هٿ غريبن ۽ مسڪينن جي استحصالين ۾ ملوث هئا... اهو سچ هو تہ مون سياسي وڏيرن جي دروازن تي وڃي پنهنجي شعوري سگهہ تي بہ ضَربَ ڏيڻ نہ پئي گهري. مون سان گڏ پڙهندڙ ڪيترين ئي ڇوڪرين سفارش ڪرائي ماسترياڻيون بڻجي ويون هيون ۽ مان تعليمي ميدان ۾ قابليت جي رجحان عام ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي هئس.

پورا بہ سال گذري ويا، مون کي نوڪري نہ ملي تہ حيدر فوج ۾ هليو ويو هو. هن جي ويندي مان اڪيلي ٿي وئي هئس، حيدر جي پائرن مون کي پنهنجي خاندان سان رهڻ جو چيو هو، پر مان واپس امان جي گهر اچي، حياتيءَ جا باقي ڏهاڙا حيدر جي يادِ ۾ گذارڻ لڳي هئس.... حيدر ئي تہ منهنجو سڀ ڪجهہ هو..... منهنجا خواب بہ هن سان منسوب هئا تہ منهنجون خوشيون بہ هن سواءِ اڌوريون هيون!! هُو ئي منهنجي جنمن جو ڇانورو هو..... اميد هو....!!

اها بہ ڪنهن فيبروري جي اداس شام هئي:

حيدر بنان ٻڌائڻ ۽ اطلاع ڏيڻ جي گهر آيو هو، جڻ اداس شام اوچتو عيد جي چنڊ اُڀرڻ وارين خوشين ۾ تبديل ٿي وئي هئي، مان خوشيءَ ۾ نہ ٿي ماپيس. هُو آيو هو مان ڊوڙي وڃي منتظر اکين سان سندس آجيان ڪئي هئي...

"ايڏي سڪ لڳي اٿئي شبنم؟"

"ها!" مون هن جي ٻانهن ۾ وڃي ٽٽو ساهہ پريو هو، "ايڏي دوري!... ڪو مري وڃي تہ؟!..."

اسان جي سڪ سمنڊ جي لهرن جيان اتاولي هئي!

ڪيئي ساعتون هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ رهيا هياسين.

هڪ ڏينهن حيدر جو پاءُ ذيشان اچي ڪڙڪيو هو، چيو هئائين ”ڏاهر اسان جي حوالي ڪريو... اسان ان جا وارث آهيون!!“

هڪ ماءُ ممتا جي هنج خالي ٿيڻ جي ڊپ ۾ جيئري مرڻ لڳي هئي!

”ذيشان پاءُ... مون کان منهنجو لخت جگر کسي اوهان ڪي ڇا ملندو؟“

”ڏس پاڄائي!“ ذيشان جو لهجو ڏاڍو سخت هو ”باقي تنهنجي ڳالهه مڃڻ سان تنهنجو پٽ، تا قيامت تو وٽ رهي سگهي ٿو!!“

”ڪهڙي ڳالهه؟“

”تون مون سان شادي ڪر، گهر جا ٻچا گهر ۾ ئي رهندا!!“

مان عورت هئس، مجبور هئس، اهو نام نهاد مرد مون کي زال بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو.

وقت ۽ حالتن مون کي اهڙو خاموش ڪري ڇڏيو هو جو منهنجا سڏڪا به منهنجا نه رهيا هيا...

وقت جي ٻين پنجن سالن مون کي وڌيڪ هڪ ڀار جي ماءُ بڻائي ڇڏيو هو_ اسڪول جي هڪ ئي رجسٽر ۾، هڪ ئي ماءُ پنهنجي ٻن پٽن کي، ٻن پيئرن جي سڃاڻپ ڏئي گهرو درد پاتو هو!!

اهو ئي فيبروري مهيني جو ارڙهون سال موٽي آيو هو:

اسان جي گهر ۾ ڏاهر جي شادي جي تياري پئي هلي... ڏاهر منهنجي آئيندي جي اميد هو... هن جواني ۾ اچي پنهنجي پيءُ حيدر جون سڪون پئي لاٿيون... شاديءَ جي ان تيارين سان اسان جو گهر گهڻي وقت کانپوءِ خوشين سان ٽهڪي اٿيو هو...

نيرڙي شام جو:

مان ڪنوار جي لاءِ سونا هَسَ ڳهه نهرائي واپس وري هئس ته اوچتو رستي ايندي جڻ ملڪ الموت اچي اڳيان بيٺو هو. گمنام ماڻهوءَ جي روپ ۾ هڪ اجنبي فقير رستو روڪي بيهي رهيو هو...

”شبنم! توکي چيو هئم نه ... مان موٽي ايندس...!!“

منهنجي مٽي ۾ پنوائيون آيون هيون... مان پٽر جي مورتيءَ جيان پنڊ پهڻ ٿي وئي هئس... اکين تي اعتبار ئي نه آيو هو...

”پر تون ته دشمن جي جنگ ۾ شهيد ٿي ويو هئين؟ ... اسان تنهنجي ٽڪرا ٿيل ۽ سڙيل لاش کي دفنائي...!!“ مون کان ته لفظ ئي نه نڪتا هئا.

”مان زنده آهيان!... اسان پنهنجي مٽيءَ جي عشق ۾ مرندا به آهيون ته مري زنده به ٿيندا آهيون!!...“

هُن فقير جي آواز ۾ عجيب دهشت هئي چيو، هئائين ”شبنم دير نه ڪر... گهر وڃ... تنهنجي ٻئي مڙس جو لاش تنهنجي انتظار ۾ پيو هوندو...“

”مان جلد موٽي ايندس!!... توکي حياتيءَ جا باقي ڏينهن مون سان گڏ گذارڻا پوندئي!!“

گمنام فقير رمندو ماڻهن جي هجوم ۾ گم ٿي ويو هو ۽ مان ٻوڙندي گهر آئي هئس، جتي منهنجي ٻئي مڙس جو لاش ايڪسيڊنٽ جي صورت ۾ اجل جو شڪار ٿي گهر پهتل هو!!

هفتوڪن اڳ:

مان پنهنجي عزيزن سان گڏجي پنهنجي ٻئي مڙس کي دفن ڪرائي موٽي آهيان... منهنجي اکين ۾ ڪوبه ڳوڙهو ڪونهي ڪو... فقط خوف آهي ...!!

زندگيءَ جا ارڙنهن سال الميئن جي دارَ تي گذاريا آهن، چند پل حياتي _ هر پل موت واري ڪيفيت... سڪن جون چند ساعتون ۽ انهن جي پويان ڏکن جا طوفان!

مان انتظار ۾ آهيان ...

جاڻ دروازو ڪڙڪيو... ۽ ملڪ الموت اچي ويندو!!

جنهن کي وٺيس ماري ۽ جنهن کي وٺيس حياتيءَ جو دان ڏي!!.

ڪوهيار، پاڻ کي به انهن جبلن جي دامن ۾ ويٺي محسوس ڪندو هو ۽ چٽڪ لهندڙ سج جي شفق جو نظارو ڏسندو هو، ۽ سج کي پهاڙن جي اوٽ ۾ گم ٿيندي ڏسندو هو. اها محويت ڏسي، سندس دوست حيران ٿي ويندا هئا.

ڪوهيار جي تعليمي ڪاميابين کي ڏسي عالمي اداري جي طرفان کيس هڪ شعبي ۾ نوڪريءَ جي آفر ٿي، جيڪا هن نهايت خوش دليءَ سان قبول ڪئي. اهو شعبو تهذيبن جي ترقيءَ ۽ تباهيءَ تي ريسرچ ڪندو هو. جيئن ته ڪوهيار جو تعلق به دنيا جي قديم ترين تهذيبُ سان هو، جنهن جون جڙون قبلي مسيح ۾ ڪتل هيون، جنهن جي تهذيب يافته ۽ ترقي يافته هجڻ جا اهڃاڻ اجا به ڪُرُ ڪنيو، حال کي شرمائي رهيا هئا. ڪوهيار کي پنهنجي ديسي تهذيب جي تباهيءَ جي ڪارڻن کي سمجهڻ جو، ان اداري ۾ موقعو مليو هو. ڪوهيار جي ان شعبي ۾ دلچسپي فطري به هئي، تنهنڪري ان ۾ هُو ڪافي دسترس رکندو هو، انهيءَ ڪري سندس نقط نظر کي ڌيان سان ٻڌو ويندو هو.

انهيءَ عالمي اداري ۾ ڪم ڪندڙ، هڪ نيرين اکين، گلابي چپن، ۽ جبلن جيان پوري وارن ۽ بدن واري يورپي حسينہ ٽريسيءَ، ڪوهيار جي مضبوط ارادن ۽ پهاڙن سان پيار ڏسي، هن جي دامن ۾ پناهہ ڳولي ورتي هئي. ٽريسي پنهنجي نرم ۽ ملائم بدن جيان خوش گفتار ۽ نرم مزاج هئي ۽ پيار سان ڌڙڪندڙ دل جي مالڪ هئي ۽ زندگيءَ جي هر گهڙيءَ کي احساسن جي ڪسوٽيءَ تي پرکيندي رهندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن ٽريسي سندس نالي ڪوهيار بابت اچرج جو اظهار ڪندي هئي ۽ ڪانئس ان جي معنيٰ ۽ مطلب پڇندي هئي، جنهن جي جواب ۾ هو کيس سمجهائيندو هو ته ’ڪوهيار جي معنيٰ آهي پهاڙ سان پيار ڪندڙ، پهاڙ جو دوست، پهاڙ جو عاشق.‘

۽ ٽريسي کلي ڪري چوندي هئي ته ”مطلب ته تون پهاڙن جو عاشق آهين. جيڪڏهن تنهنجي اها عاشقي انهن پهاڙن سان قائم رهي، ته منهنجو ڇا ٿيندو، جنهن تنهنجي دامن ۾ پنهنجو مقدس قبلو ٺاهيو آهي.“

ڪوهيار جڏهن ٽريسيءَ جي اها وارفتگي ڏسندو هو، ته کيس چوندو هو ”ٽريسي، تون منهنجي دامن جو اهو ٽڙيل گل آهين، جنهن مون کي وڏيڪ نڪاري ڇڏيو آهي. تنهنجي خوشبوءِ سان منهنجو من معطر آهي. مان جڏهن به تنهنجي معصوم صورت کي ڏسندو آهيان ۽ محبت کي محسوس ڪندو آهيان، ته سوچيندو آهيان، ته ڪيڏا ڪنبڏا نہ خوبصورت ۽ دلڪش ۽ دلنشين گل پهاڙ جي دامن ۾ ڪڙن ۽ ٽڙن ٿا، ڇا ته انهن جو حسن آهي، ڇا ته انهن جي نرملتا ۽ شگفتگي آهي. سچ پڇين ٽريسي مان حيران ٿي ويندو آهيان، ته ڇا پهاڙ به پنهنجي دامن ۾ ڪڙندڙ گلن تي عاشق ٿي سگهن ٿا؟ ۽ انهن جي حسن کي پاڻ ۾ ڏسي اهي به نرگسيت جو ضرور شڪار ٿي ويندا هوندا، جيئن آءٌ توکي ڏسي ٿي ويندو آهيان.“

پنهنجي تعريف ٻڌي ٽريسيءَ جا ٽهڪ فضا ۾ گونجڻ لڳندا هئا.

ٽريسي جڏهن کلندي هئي ته ڪوهيار کي ائين لڳندو هو، ڄڻ ته پهاڙن تي مينهن ڪٽيون پنهنجو پيار نڇاور ڪري، کيس وهنجاري رهيون هجن ۽ خشڪ جبل ان مينهن ڪٽين سان مهڪي ۽ ٽهڪي اٿيو هجي ۽ سندس دامن خود رو جهنگلي گلن سان پرجي، انهن جي خوشبوءِ سان واسجي ويو هجي. جنهن جي خوشبوءِ چوڌس سندس وجود سان ويڙهجي ويندي هئي.

ٽريسي، جڏهن ڪوهيار جون ڳالهيون ٻڌندي هئي، ته سندس روح سنتو سپيتا جو سير ڪرڻ لاءِ اتساهيندو هو ۽ دل چاهيندي هئس، ته ڪجهہ وقت بچائي ڪوهيار سان گڏجي، انهن وادين جو سير ڪجي، جيڪي ڪوهيار جي زندگيءَ ۾ جيئرا جاڳندا ساهہ کڻندي محسوس ٿيندا هئس.

ٽريسيءَ کي آزاد فضا ۾ رهڻ پسند هوندو هو. وقت ۾ زنده رهڻ چاهيندي هئي. انهيءَ ڪري هوءَ فطرت سان گهڻو پيار ڪندي هئي. ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي خوش ٿي ويندي هئي. پيار جي هڪ هڪ پل کي امر ڪرڻ چاهيندي هئي. ٽريسي ۽ ڪوهيار جي اها هم آهنگي ڪافي سگهاري هئي.

ٽريسي، ڪوهيار جي هر خوشيءَ جي آڏو پتلين وانگر نچندي هئي، سندس آڱرين جي اشارن تي مست ٿي ڪڏهن ڪلندي هئي، ته ڪڏهن سر نمائيندي ڪوهيار جي روح تي پنهنجيون سڀئي رعنائيون واريندي ڪيس سرهو ڪندي هئي ۽ ڪوهيار به پنهنجي ان پتليءَ کي پنهنجي آڱرين تي ڪيڏائيندي، سرجوشي ۾ لطافت جون سڀ سرحدون ٽپي ويندو هو، سرور ۽ مدهوشيءَ سندس انگ انگ ۾ نشو پرجي ويندو هو. ۽ ڪوهيار سرڪش گهوڙي جيان بنا زينن جي ڊوڙڻ لڳندو هو.

ڪوهيار ۽ ٽريسيءَ جي تهذيبن ۾ ايڏو ڪو گهڻو فرق به نه هو، ڪوهيار جيڪڏهن بي.سي جي تهذيب جو نمائندو هو ته وري ٽريسي اي.ڊي جي ترجمان هئي، بس فرق هو ته بي سي ۽ اي.ڊي جو هو، جيڪو هڪ ٻئي سان، پاڻ ۾ هم آهنگ ٿي ويندو هو، ته اهو فرق مٽجي ويندو هو ۽ هُو ٻئي ڄڻا هڪ ئي تهذيب جا نمائندا بڻجي ويندا هئا.

اتفاق سان عالمي اداري پاران دنيا جي مختلف تاراج ۽ تباهه ٿيل قديم تهذيبن ۽ انهن جي ٿٽل آثارن جي سروي جي وزٽ جو پروپوزل آيو ۽ سنڌ جي سرزمين جي، تمام آڳاٽي تهذيب، تمدن، آثارن ۽ ٻوليءَ کي ڏسڻ، سمجهڻ ۽ پرکڻ لاءِ هڪ ماهرن جي ٽيم سنڌ ڏانهن به موڪلڻ جون تياريون ٿيڻ لڳيون. جيئن ته ڪوهيار به اهڙي ئي هڪ تباهه ٿيل تهذيب جي علائقي سان واسطو رکندو هو، انهيءَ ڪري، ڪيس ان ٽيم ۾ شامل ڪيو ويو، ته جيئن مقامي هجڻ جي ڪري سولائي پيدا ٿئي. ڪوهيار به ڪين انڪار نه ڪري سگهيو. چو جو ڪيس پنهنجي جبلن کي ڏٺي ڏينهن ٿيا هئا.

انهيءَ قافلي ۾ دنيا جا وڏا وڏا ۽ چوٽيءَ جا آرڪيالاجسٽ، ٻوليءَ جي لکتن جا ماهر، ڪارڪن ۽ رضاڪار شامل هئا. انهيءَ قافلي ۾ ٽريسي به ڪوهيار سان هم رڪاب هئي. ٽريسي هڪ ته انهن جبلن کي ڏسڻ ٿي چاهيو، جن کي ڪوهيار پنهنجو محبوب سمجهندو هو. ٻيو ته ڪيس ڪوهيار جي گهر ڀاتين سان ملڻ جو شوق هو. ٽريسي ڄاڻڻ ٿي چاهيو، ته ڪوهيار جي علائقي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ڪيئن آهي؟ ريتون رسمون ڪهڙيون آهن؟ گيت سنگيت ڪهڙا آهن؟

جڏهن انهيءَ قافلي موهن جي دڙي جي قديم آثارن ۽ شهري بناوت کي ڏٺو، ته ڪين ڏندين آڱرين اچي ويون، هر شيءِ بسليقي واري ڏسي سندن شهري شعور کي داد ڏيڻ لڳا، پر ان سان گڏوگڏ، انهن قديم آثارن جي صحيح حفاظت جا اپاءَ نه ڏسي ڏاڍو افسوس به ٿي رهيو هو. ٽريسي انهن ٿٽل آثارن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي رهي هئي. ڪيس خوشي ٿي رهي هئي ته ڪوهيار ان تهذيب جو وارث آهي، جيڪا هزارن ورهين جي تاريخ جي امين آهي ۽ سندس سيني ۾ سوين تهذيبن جا راز سانديل آهن. بهرحال ان قافلي جي ٻي منزل رني ڪوٽ هئي. جنهن بابت به اهي روايتون آهن، ته اهو به قبل مسيح جو اهڃاڻ آهي. اتي به عالمي ادارن جي آيل ٽيم پنهنجي ڪوجنائي ڪم ۾ لڳي وئي. جڏهن ته ٽريسي ۽ ڪوهيار هڪ ٻئي جي پريم ۾ مدغم ٿيندا رهيا.

جڏهن اهو قافلو حيدرآباد پهتو ته شهري انتظاميه سندن حفاظت ۽ آدرڀاءَ جا مڪمل انتظام ڪيا هئا. جڏهن ته ٽريسيءَ، ڪوهيار تي زور ڀريو ته پنهنجي محبوب جبلن جو سير ڪرائي ۽ پنهنجي گهر ڀاتين سان ملائي. ٽريسيءَ جي تمام گهڻي زور ۽ ضد جي آڏو ڀهاڙ جهڪي پيو ۽ ڪيس پيار ڪندي چيائين: "پياري! ايڏي اتاولي چو ٿي رهين آهي، اجا ته اسان جي ٽوئر جي پروگرام جي مڪمل ٿيڻ ۾ ڪافي ڏينهن پيا آهن. آءٌ توکي ضرور پنهنجي

محبوب پهاڙن تي وڃي هلندس ۽ اتي انهن سان سرگوشين ۾ ڳالهيون ڪنداسين، پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي، انهن کي پنهنجو امين بڻائيندا سين. جيڪي بيجان هوندي به اسان جا امانتدار بڻجندا. تون پريشان نه ٿيءُ.“

ٽريسي پهاڙ جي آڏو پنهنجي هار قبول ڪئي ۽ اکيون مٽي ڪٽي ڪوهيار کي پيار سان ڏسڻ لڳي. پهاڙ پنهنجي دامن ۾ ٽڙندڙ گل تي هڪ دفعو وري جهڪي پيو.

ڪوهيار، ٽريسيءَ کي ساڻ ڪري گهر ڀاتين سان ملائڻ لاءِ وٺي ويو. ٽريسيءَ جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي. جڏهن اهو ٻن ڄڻن جو قافلو ڪوهيار جي گهر پهتو. جڏهن گهر جي ننڍين نينگرين ڇوڪرين ۽ ماين هن بواءِ ڪٽ وارن واري، جينز جي پينٽ شرٽ پهريل ڇوڪريءَ کي ڏٺو ته اندر ڪمرن ۾ ڊوڙڻ لڳيون، ته ڪوهيار کلڻ لڳو ۽ ٽريسي وائڙي ٿي ويئي ۽ ڪوهيار کان پڇڻ لڳي ته هي ائين ڇو ڪري رهيون آهن. ڪوهيار کيس ٻڌايو ته اهي تنهنجي پهريل لباس جي ڪري ٿي رهيو آهي ۽ توکي ڪو اوپرو مرد سمجهي ڀڄي رهيون آهن. اسان جي سماج ۾ عورتون، اوپرن مردن جي سامهون نه اينديون آهن اهو اسان جو رواج ۽ ثقافت آهي.

ڪوهيار پنهنجي امڙ کي سڏي ڪري ٽريسيءَ بابت ٻڌايو. پوءِ ته سڀئي مايون سندس چوڌاري ويهي رهيون ۽ حيرانيءَ منجهان کيس ڏسڻ لڳيون. ٽريسيءَ جي اکين ته ڪين وڌيڪ حيران ڪري ڇڏيو. شايد هنن نيرين اکين واري ڇوڪري پهريون دفعو ڏٺي هئي، سڀئي مايون ٽيرسيءَ جي تعريف ڪرڻ لڳيون. ٽريسي سندن ٻولي نه سمجهندي به سندن جذبات ۽ پيار کي سمجهي رهي هئي. ۽ ڪوهيار جي گهر ڀاتين جي روين کي سمجهي رهي هئي. پرپاسي جون مايون به برقعا پائي کيس ڏسڻ آيون، جنهن تي ٽريسيءَ عجب جو اظهار ڪيو ۽ ڪوهيار کيس سمجهائيندو رهيو ۽ پنهنجي ريتن رسمن بابت ڄاڻ ڏيندو رهيو. ۽ ٽريسيءَ جي سمجھ ۾ گهڻو ڪجھ ايندو ويو.

اها پهرين رات هئي، جيڪا هنن گڏ هوندي به اڪيلي گذاري هئي.

ٻئي ڏينهن تي ڪوهيار ٽريسيءَ کي جبل ڏيکارڻ وٺي ويو. جبلن جي ويراني ۽ خشڪي ڏسي ٽريسي ڏاڍاي اداس ٿي ويئي ۽ هن ڪوهيار کي واپس هلڻ لاءِ چيو. ڪوهيار کيس چيو ته ”ٽريسي تون ته انهن جبلن ڏسڻ لاءِ ته ايڏو پري کان آئين آهين، ٿورو ترس ته سهي، انهن جي آوازن کي ٻڌ ته ڇا چئي رهيا آهن؟ انهن جي خاموشيءَ کي محسوس ڪر، ڪيڏا نه شانت آهن.“

”مون کي انهن جي ڏکايل روح جون رڙيون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون آهن، انهن جي خاموشيءَ ۾ پنهنجي اونيڙن جي وڇوڙي جو درد شامل آهي. انهن جي موت جي جهڙي سانت اهو ٻڌائي رهي آهي، ته پنهنجي عاشقن جي وڇوڙي تي ٻين ڪندي، سندن لڙڪ سُڪي ويا آهن. سندن خاموشي اهو ٻڌائي رهي آهي ته هي زنده هوندي به مري چڪا آهن. انهن جي دامن ۾ ڪو به سهڻو گل ٽڙيل نظر نه ٿو اچي. مون کي انهن جي ان بي وقتي موت وڌيڪ ڏکارو ڪري ڇڏيو آهي.“

ٻئي ڏينهن جڏهن ٽريسي ۽ ڪوهيار پنهنجي گهروارن کان موڪلائي رهيا هئا، ته سندس امڙ ۽ ڀينرون روئي رهيون هيون ۽ کيس نه وڃڻ جون التجائون ڪري رهيون هيون، پر ڪوهيار نه ترسي نه ترسيو. ٽريسيءَ اهو لقاءُ به ڏسندي رهي. جيڪڏهن ڪوهيار چاهي ها ته هڪ به ڏينهن وڌيڪ ترسي سگهي پيو.

واپسيءَ جي سفر تي ٽريسي گهڻو وقت خاموش ٿي رهي ۽ الائجي ڪهڙين ۾ سوچن گر رهي. منزل تي پهچي پنهنجي ساٿين سان مليا.

ٻئي ڏينهن هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ ’سنڌوءَ جي تهذيب‘ تي گهڻ رخو اپياسي بحث مباحثو ٿيو. ملڪي ۽ غير ملڪي ماهرن پاران پنهنجا مضمون ۽ مقالا پيش ڪيا ويا، جن ۾ تمام سنجيدگيءَ سان ٻڌو ويو ۽ سنڌو تهذيب کي بچائڻ لاءِ ڪيئي قراردادون ۽ رٿائون منظور ڪيون ويون. حڪومتي نمائندي پاران اهو يقين ڏياريو ويو، ته سنڌن منظور ڪيل قراردادن ۽ رٿائن جي روشنيءَ ۾ جوڳا اپاءَ ورتا ويندا.

جيئن ئي هوٽل کان ٻاهر نڪتا، ته ٽريسيءَ جي نظر هوٽل جي حدن کان ٿورڙو ٻاهر بيٺل ڦاٽل ڪپڙا پهريل هڪ ننڍڙي معصوم ڇوڪرڙيءَ تي پيئي، جيڪا هر گذرندڙ اڳيان هٿ ٽنگي ڪجهه گهري رهي هئي. ٽريسيءَ جي ان ڇوڪري جي گهڻ واري انداز پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو ۽ هن ڪلهي ۾ لڙڪيل ڪيميرا لاهي ۽ اڳتي وڌڻ لڳي. ڪوهيار به ڏانهنس متوجهه ٿيو ۽ کيس روڪڻ لڳو، پر ٽريسي ڪا نه مڙي. مجبوراً ڪوهيار به ساڻس گڏ هليو. ٽريسي ڇوڪرڙيءَ وٽ پهچي سندس تصوير ڪڍي، ٽريسي جڏهن نينگر جي اکين ۾ نهاريو ته اتي کيس اداسي ۽ نماڻائيءَ جو سمنڊ ڇوليون هڻندي نظر آيس. ڇوڪرڙيءَ ٽريسيءَ ڏانهن ٻاجهاري انداز ۾ نهاريو ۽ هٿ ڊگهيري خيرات گهرڻ لڳس.

ٽريسيءَ، ڪوهيار کان پڇيو ته ڇوڪرڙي ڇا چئي رهي آهي، پر ڪوهيار جي منهن تي نفرت جا ڀاڇولا ظاهر ٿيا ۽ هن ٽريسيءَ کي ٻڌائڻ بدران ڇوڪريءَ کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ رهڙ پٽي، ته ڇوڪرڙي ڀڄي ويئي. ٽريسيءَ به ڪوهيار جو اهو روپ پهريون دفعو ڏٺو هو. جيڪو کيس ڏاڍو اڻ وڻندڙ ۽ اڻ سونهون محسوس ٿيو. هن وري زور ڏيئي ڪوهيار کان پڇيو، جنهن ٻڌايس ته ڇوڪرڙي پينو نينگر آهي، ۽ اهي پيشي ور پينو آهن. هنن جو پنڌ ئي ڏنتو آهي. ٽريسيءَ پرس کولي پيسن ڪڍڻ جي ڪئي، پر ڪوهيار کيسي مان ڏهين رپئي جو نوٽ ڪڍي ڇوڪرڙيءَ ڏانهن اڇلايو، جيڪو وڃي پٽ تي ڪريو ۽ ڇوڪرڙي ٻوڙي وڃي ان کي کنيو ۽ ڪوهيار ٽريسيءَ کي ٻانهن مان پڪڙي واپس هوٽل ڏانهن هلڻ لڳو.

رات جي ماني ڪائيندي ٽريسيءَ ڪوهيار کي چيو ته ”ڪوهيار! توکي ڇا ٿي ويو هو، جو تو انهيءَ نينگريءَ سان نرم لهجي ۾ ڳالهائڻ بدران دڙڪو ڏنو. اسان جي سماج ۾ ۽ تنهنجي سماج ۾ وڏو فرق آهي. اسان جي ملڪ ۾ به ماڻهو پِنندا آهن، پر ائين نه جيئن هتي ٿا پنن. اوهان ته هڪ اهڙي تهذيب جا وارث آهيو، جيڪا دنيا جي لاءِ مشعل راهه ثابت ٿي سگهي ٿي. اسان ته اونداهي دؤر جي پيداوار آهيون، پر توهان ۽ اسان جي خيالن ۾ ڪيڏو تفاوت آهي. اوهان عورتن کي به قيد ڪريو وينا آهيو، جڏهن ته اسان جي سماج ۾ عورت کي احترام جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. مون کي افسوس آهي مسٽر ڪوهيار تنهنجي انهيءَ رويي تي. اوهان جو سماج ٻهروپيو آهي. اوهان واقعي اهڙا جبل آهيو، جيڪي بيحس، سخت جان، انساني جذبن ۽ احساسن کي سمجهڻ کان قاصر آهن. جنهن جي دامن ۾ ڪو به خوشبودار گل ٽڙڻ کان انڪاري آهي.

مون کي افسوس آهي ته اوهان جي تهذيب جو سفر ترقي ڪرڻ بدران تنزليءَ جو شڪار ٿي ويو.“

ائين چئي ٽريسي ڪاڏي جي ميز تان اٿي ويئي ۽ ڪوهيار کيس حيرت مان ويندي ڏسندو رهيو.

اوچتو گاڏيءَ جو گوڙ ٿيو، نوري جو پيءُ هڪدم ٻاهر نڪتو ته نوري ٻاهر اڪيلي ويٺي هئي ۽ رئيس جي گاڏي ڌوڙ اُڏائيندي ويندي پئي.

اُجڙيل نوري پيءُ جي سامهون ويٺي هئي.

وڪريل وار... مُنهن ۽ بدن تي ڏکن جا نشان...!

پيءُ ۾ ايتري همت ئي نه ٿئي جو ڌيءُ کي گهر اندر اچڻ جو چئي سگهي...

”بابا، ڇا آئون اندر اچڻ جي لائق به نه آهيان...؟“

”نه امڙ... نه ڌيئڙي...“

ڌيءُ ۽ پيءُ روئڻ لڳا ۽ نوريءَ جي ماءُ گهر جي در وٽ ويٺي ڳوڙها ڳاڙيندي رهي.

”امڙ، مونکي هتي اچڻ کان اڳ ۾ موت ڇو ڪونه آيو؟“

نوري ماءُ سان ڀاڪر پائي پار ڪڍي روئڻ لڳي.

”نوريءَ جا پيءُ، پنهنجي لُٽيل راڻيءَ کي ڏس، استقبال ڪر، گل وٺي اچ نه...“

نوري جو پيءُ ڪنڌ جهڪائي، ٻاهر نڪري ويو ۽ هُو پنهنجي پير ۾ لڳل ڏک کي نهارڻ لڳو، جيڪو ناسور بڻجي ويو هو، ٻه لڙڪ آلا پوڙهي جي اکين مان نڪري جُهرين ڀريل چمڙيءَ تي ٿڙوليون ڪندا، اچي زمين ۾ ڪِري جذب ٿي ويا.

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** متو درياهه

**موضوع:** شاعري

**ليکڪ:** صادق الله خان

**سنڌيڪار:** علي آڪاش

**ڇاپو پهريون:** مارچ 2021ع

**قيمت:** -/300 رپيا

**ڇپيندڙ:** ڪنول پبليڪيشن، قنبر



## ڊاڪٽر رضا چانڊيو

ٽنبو چاهر

# حسرتون

هوءِ چُپ چاپ هڪ نه ٻئي ڏينهن ڪلينڪ تي ضرور ايندي هُئي. صرف بلڊپريشر چيڪ ڪرائيندي هُئي ۽ هلي ويندي هئي. جيسئين سڏ نه ڪجيس تيستائين پنهنجي جاءِ تان نه چُرندي هُئي چپ چاپ ويٺي هوندي هئي، سندس اکيون ڊاڪٽر ۾ کُتل هونديون هئس نه ڪنهن سان ڳالهائيندي هُئي نه مسڪرائيندي هُئي.

هوءِ بدن ۾ ڀريل، قد جي ڊگهي سندس خدوخال ۽ پوشاڪ مان مونکي سندس جو تعلق ڪنهن پڙهيل لکيل سُني فيمليءَ سان لڳندو هئو.

جڏهن سندس جي اچڻ جو سلسلو ٻن مهينن ڪان مٿي ٿي ويو ته مان سوچڻ تي مجبور ٿي پيس ته سندس سان ڪو مسئلو آهي. سندس معاملو مونکي پراسرار لڳي رهيو هو.

هن ڀيري مون دل ۾ اهو پڪو پهه ڪيو ته سندس ڪان اهو معلوم ڪجي ته ڪير آهي. ڪٿان ايندي آهي ۽ سندس اچڻ جو مقصد ڪهڙو آهي. جڏهن ته هر ڀيري سندس جو بلڊپريشر به نارمل هوندو آهي ۽ هوءِ ڊسپينسر کي سڏي فيس به پوري ڏئي ويندي آهي.

..... اڄ ڪلينڪ تي معمول ڪان وڌيڪ رش هُئي هڪ ته ڪلينڪ تي مان آيو به دير سان هئس ڏاڍو پريشان هئس ته خدا ڪري سڀ مريض صحيح طرح سان ڏسي سگهان. اڄ هر مريض تڪڙو ۽ سيريس لڳي رهيو هو واقعي به ائين هئو الاءِ مونکي ائين لڳي رهيو هو. يا شايد مان ڊسٽرب هئس!!

مريض ٽپاسيندي اوچتو مٿي ڪنڌ کنيم ڇڻ ائين لڳو ته سندس جون نظرون مون تي ئي کتل هيون. ۽ منهنجي نهارڻ تي آهستي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين. جيئن اسٽول واندو ٿيو ته ڪيس ڪنڌ جي اشاري سان پاڻ ڏانهن سڏيم ۽ ڊسپينسر کي هن کان پئسا وٺڻ کان منع ڪيم!

بلڊپريشر جو پٽو ٻڌندي ڪانئس پڇيم ته ’ڪٿا ايندا آهيو....‘ ’چيائين قاسم آباد حيدرآباد مان‘ چيم صرف بلڊپريشر ڏيکارڻ لاءِ .... چيائين: ’صرف توهان کي ڏسڻ لاءِ‘ مونکان ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو. اڃان ٻيو ڪجهه پڇانئس تنهن وچ ۾ هڪ سيريس مريض اچي ويو ۽ مونکي اوڏانهن وڃڻو پيو...... ڪنڌ ورائي صرف ايترو ڏسي سگهيس ته ڪاري رنگ جي ڪرولا ڪار جو پنيون دروازو کولي ويٺي ۽ سندس جون نظرون مون ۾ هيون. جيئن تيئن ڪري مريض ڏٺم..... گهر آيس سڄي رات سندس جا چيل لفظ ڪنن ۾ گونجندا رهيا..... الاءِ ڇو مان سندس لاءِ ڪا راءِ قائم نه ڪري سگهيس. سندس چيل لفظن مان ڪوبه مطلب ڪڍي نه سگهيس..... سوچيم ڪنهن سان صلاح ڪريان ان معاملي ۾ ڊاڪٽر ارشاد مونکي بهتر لڳو چاڪاڻ ته اهڙن معاملن ۾ ماهر آهي.

ڊاڪٽر ارشاد جو فون ملايم ۽ ڪيس سڄي ڪهاڻي ٻڌايم..... ڊاڪٽر وڏو ٽهڪ ڏيندي وراڻيو ته ”پيارا اها توکي اصل نه ڇڏي‘ چيم: اول ته منهنجي شادي ٿيل آهي ٻيو ته منهنجو ڪوبه ارادو ڪونهي..... چيائين ڪهڙو ٿو فرق پوي آهستي آهستي ارادو ٿي ويندئي. مون فون بند ڪري ڇڏيو ويتر پريشان ٿي ويس....

لاڳيتو هفتو کن جهڙوڪر مون ڪلينڪ تي

ڪٿي ياد هوندو. جڏهن امڙ توهان کي اهو ٻڌايو هو ته توهان جو آواز ۽ صورت منهنجي ننڍي پٽ عادل سان ملي ٿي، جيڪو پڻ ڊاڪٽريءَ جي آخري سال ۾ آهي ته توهان امان کان پئسا به نه ورتا هُئا.

جيئن ته منهنجو پنهنجي پاءُ عادل سان تمام گهڻو پيار هئو.... اسان هئاسين به ته ٻه ئي ڀيڻ ڀاءُ ٻيو منهنجي امڙ..... بابا سائين ته ڪافي عرصو اڳ ۾ گذاري ويو هو. امان ۽ منهنجي اها حسرت هُئي ته ادا عادل به ڊاڪٽر ٿئي.... ۽ توهان جيان ڪلينڪ هلائي ته اکين سان ڏسون، پر ادا عادل ڊاڪٽر ته ٿي ويو، پر پر قدرت طرفان ڪيس ڪلينڪ هلائڻ جي مهلت نه ملي.

هائوس جاب ختم ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي ويندي روڊ حادثي ۾ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو... اڄ هن جي وڇوڙي جي تاريخ آهي. ادا جي وڇڙي وڃڻ ڪانپوءِ امڙ جي حالت خراب ٿي وئي سندس دماغ جي رڳ ڦٽي پئي اسان جو ته سڄو ماحول ئي ڊانوان ڊول ٿي ويو..... سيئي حسرتون ۽ خواب مٽي ۾ ملي ويا.....

ڊاڪٽر صاحب توهان ڏي مان پاڻ نه ايندي هئس مون ۾ ايتري همت ئي نه هئي، پر جڏهن به امان ۽ مان تمام گهڻا ڏکارا ٿيندا هُئاسين ته امان مونکي خاص موڪليندي هئي ته مان توهان کي ڏسي وڃان.... توهان جو آواز ٻڌي وڃان ۽ امان جون دعائون توهان کي ڏئي وڃان.....

ڪجهه ڏينهن اڳ اوهان جي فون بند هُئي ۽ امان اوهان سان ڳالهائڻ پئي چاهيو..... پر قسمت کي اهو منظور نه هئو.... امڙ آخري پيرو اوهان سان ملڻ پئي چاهيو! سڀاڻي اسان جي فلائيٽ آهي.. صبح ٿيندي ئي اسان پاڪستان ڇڏي ويندا سين.

توهان کي صرف اها التجا آهي ته جڏهن به ٻاهران ڪا ڪال اچي ته پليز اٽينڊ ضرور ڪندا.... متان اها ڪال اسان جي هجي.....!

اوهان جي ڀيڻ....

نئون ڪتاب




**ڪتاب:** سرسري سڪ عشق جي

**موضوع:** شاعري

**شاعر:** علي دوست لاڪو

**ڇاپو پهريون:** **1**-آگسٽ **2021**ع

**قيمت:** -/300 رپيا

**ڇپائيندڙ:** سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد

**پرويز**
حيدرآباد

# شبابا....!

ڀهراڙيءَ ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ منهنجي رهائشي جاءِ جو تعميراتي ڪم هلي رهيو هو، اڌاوت جو ڪم مڪمل ٿي چڪو هو. باقي ٽائيلز ۽ ماربل جي ڪم لاءِ ڪراچيءَ مان گهرايل ٻه ڪاريگر ۽ 3 مزدور ڪم ڪري رهيا هئا. مزدورن ۾ هڪڙو 25-26 سالن جو انتهائي خوبصورت ۽ پلوڙ نوجوان به هو، جيڪو سندس حُليءَ مان نه ڏيهاڙيءَ وارو رازن سان گڏ ڪم ڪندڙ مزدور نه لڳوئي نٿي، پر مجبوري ماڻهوءَ کان ڇا ڇا نٿي ڪرائي. ڪم ڪرڻ وقت ايترو نه توجهه ۽ ڦڙتائيءَ سان ڪم ڪندو هو جو ٻين ٻن مزدورن کي ٽِيڪائي ماريندو هو، پر واندڪائيءَ ۾ ڳالهين جو ڳهير ۽ ڪچهريءَ جو خان هوندو هو. سندس نالو ذيشان هو. رازا ۽ مزدور سڀئي اردو ڳالهائيندڙ هئا. منهنجو ڳوٺ ڪراچيءَ کان ڏيڍ سؤ ڪلوميٽر پري هو. تنهنڪري هُو سڀئي مون وٽ ترسيا پيا هئا.

آئون حڪمران پارٽيءَ جو پنهنجي ضلعي جو هڪ برجستو سياسي اڳواڻ آهيان، تنهنڪري پارٽي اندر ۽ ضلعي انتظاميه جي سرڪاري ڪامورن تائين چڱي خاصي رهائي رسائي آهي. منهنجي عمر 40 سال کن آهي. ماڻهن جا ڪم به پاڻهي ڪريم پيو پورو ڪندو، باقي هُو ويچارا قرب ڪريو مون وٽ ايندا رهندا آهن ۽ جهڙا ايندا آهن، تهڙائي سڪنا موٽي ويندا آهن.

ذيشان جهڙو ڪم جو سچار هو، تهڙوئي بظاهر بااخلاق ۽ فضيلت ڀريو نوجوان هو. سندس ڪچهريءَ ۾ 'سنڌي روايتي' مناس اهڙو جو ماڻهو پاڻئجي نه ڪو وينو ٻُڌجيس. هر ڳالهه ۾ ڪِل خوشيءَ جو ميلاپ شامل ڪرڻ سندس عادت هئي. منهنجون سائس ڊگهيون ڪچهريون ٿينديون هيون. هُو ڳالهين ذريعي سامهون واري کي قائل ڪرڻ جو بادشاهه هو. مون ڪيس مٽس ڪڏهن به، پاڻيءَ جيترو به شڪ شبهو ڪونه ٿيو ته ڪو هُو جهڙو ٻاهر آهي، تهڙو اندر ۾ ڪونهي. ڪن ماڻهن جي دوکيبازيءَ ۾ ايتري نه مهارت هوندي آهي، جو هو دوکو کائيندڙن جي دلين ۾ رتيءَ برابر به شڪ اُپڙڻ جي گنجائش ڪونه ڇڏيندا آهن. پنهنجو ايترو نه اعتماد بحال ڪندا آهن جو ڦرجندڙ ڌُر وٺائن بار بار دوکو کائيندي به مٿن شڪ ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندي آهي. ساڳي طرح ذيشان به اهڙوئي مهارت رکندڙ دوکيباز هو. مون کي سندس ڪچهريءَ مان مزو ايندو هو، تنهنڪري ڪم ختم ڪرڻ کان پوءِ اڪثر اسين ٻئي ڇت تي چڙهي نويڪلا ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين.

ڪڏهن ڪڏهن هُو مون کي وٽس موجود جديد قسم جي موبائيل سيٽ ذريعي سندس گرل فرينڊ سان وڊيوڪال ذريعي ٿيندڙ گفتگو به ٻڌائيندو هو. پنجاب جي ڪنهن علائقي جي ڏاڍي خوبصورت ۽ نو عمر ڇوڪري هئي. ڪنهن امير خاندان جي ڇوڪري ٿي لڳي. منهنجي روبرو ذيشان ان ڇوڪري شبابا سان رڳو پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ڪندو هو، ڪيس آسرو ڏيندو هو ته ڪجهه ڏينهن ۾ هُو پنهنجا معاملا سيٽ ڪري وٺندو ۽ پوءِ شادي ڪري آرام سان آزاد زندگي گذاريندو.

مون وٽ ڪيس ڪم ڪندي مهينو کن ٿي ويو هو ۽ باقي ستن اٺن ڏينهن جو ڪم رهيو هو. هڪ ڏينهن اسين روزاني جيان ويهي ڪچهري ڪري رهيا هئاسين، هڪ موقعي تي مون کي چيائين: ”صابر صاحب، ایک بات کرنی تھی آپ سے، لیکن پتہ نہیں آپ مجھ پر بھروسہ کریں گے یا نہیں“ ڏاڍي

معصوم صورت بنائي منهنجي منهن ۾ نهارڻ لڳو.

”چئو، ڇا ڳالهه آهي؟ ڪو مسئلو آهي ڇا؟“ چيومانس.

”پيو ته ڪو مسئلو ڪونهي، پر شبلا جا مائٽ شبلا جي شاديءَ جون ڳالهيون پيا ڪن. سو شبلا کي خدشو آهي ته جيستائين منهنجون حالتن ٺيڪ ٿين، تيستائين متان نه سندس مائٽ ٻئي هنڌ ڳالهه پڪي ڪري ڇڏين. تنهنڪري هوءَ چاهي ٿي ته جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو جلد هُوءَ گهران نڪري مون وٽ هلي اچي، پر مون وٽ اسان جي گهر ۾ حال هڪيو ايتري گنجائش ڪانهي جو آئون ڪيس رهائي سگهان. ڪراچيءَ جا ننڍڙا گهر، سا ته اوهان کي خبر آهي.“

”ته پوءِ آئون تنهنجي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟“ پڇيومانس.

”پيو ڪجهه به نه. صرف هڪ ٻن راتين لاءِ اسان کي هتي، هن ئي جاءِ ۾ پناهه ڏي. هوءَ پنجاب مان سڌي هِتي ايندي. جنهن ڏينهن ڪم ختم ٿيندو ۽ اسين هليا وينداسين. آئون وري ٻئي ڏينهن پنهنجي پاءُ جو موٽر سائيڪل کڻي هِتي ايندس. جيئن ئي شبلا هتي پهچندي، اها رات هِتي رهي، ٻئي ڏينهن آئون ويجهي شهر ۾ مسواڙي جاءِ وٺي، پوءِ شبلا کي هِتان وٺي ويندس.“

”پر تون پيو چوين ته بنهه غريب آهين. پوءِ تون مسواڙي جاءِ وٺي، گهر جو سمورو هلڻ ڪيئن هٿ ڪري سگهندين. هنڌ بسترو، ٿانوَ ٿپا ۽ سيدو سلمان وغيره!“

”مون کي شبلا چيو آهي ته وٽس ٿوري گهڻي گڏ ڪيل رقم موجود آهي، جنهن مان اسين مهينو ٻه رهي سگهنداسين. تيستائين آئون پنهنجي لاءِ ڪو روزگار هٿ ڪري وٺندس، نه ته به مزدوري ته ڪريان ئي پيو، گاڏي ڌِڪي ويندا سين.“

”پوءِ تون هينئر ئي ڪا مسواڙي جاءِ هٿ ڇو ڪري وٺين، ۽ جيئن ئي شبلا اچي، تيئن اتي وڃي رهو. هتي اچڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“ چيومانس.

”هينئر جاءِ جي ڳولا اِنڪري نٿو ڪريان ته شبلا جو گهران نڪري هيستائين پهچڻ به ته رسڪ آهي. هوءَ گهران نڪري به سگهي ٿي يا نه! گهران نڪري هتي پهچي به سگهي ٿي يا نه! رستي ۾ جهلجي ته نٿي پوي، ۽ جيڪڏهن هوءَ خدا نه ڪري، هِتي نٿي پهچي سگهي ته پوءِ مسواڙ جا پئسا وغيره ڪٿان ايندا؟“

”پر توکي شايد اِها خبر ڪانهي ته آئون سياسي ماڻهو آهيان ۽ هِتي منهنجا سياسي مخالف به رهن ٿا. جيڪڏهن انهن کي ڪڙڪ پئجي ويئي ته گهران ڀڄل ڇوڪري مون وٽ پناهه ۾ آهي ته وڏو طوفان کڙو ٿي پوندو.“ مون خدشو ظاهر ڪيو.

”صابر صاحب فقط هڪ ٻن راتين جي ته ڳالهه آهي. هِتي جي ماڻهن کي ته اِها خبر آهي ته جاءِ جو ڪم هلي پيو ۽ هِتي رازا رهيل آهن. گهڻو ڪري ته پهرين ڏينهن ئي ڪم ٿي ويندو، ٻي رات به ڪانه لڳندي.“ ذيشان ايتري اعتماد سان ڳالهه ڪئي، ڄڻ سڀڪجهه سندس هٿ وس آهي.

ڪاريگرن جو ڪم پورو ٿيو ۽ هُو پنهنجا حساب ڪتاب چُڪتو ڪري هليا ويا. ذيشان به انهن سان گڏ هليو ويو، پر ذيشان ٻئي ڏينهن 2:00 وڳي ڌاري هڪ نئين موٽر سائيڪل تي اچي پهتو. مون ڪيس جاءِ جي چابي ڏني ۽ پنهنجي ماڻهن کي چيم هڪڙي ڪمري جي صفائي ڪري، ان ۾ کٽ، بسترو، ٽيبل ڪرسيون، پاڻي جو ڪولر ۽ گلاس ۽ ٻيون ضروري شيون رکي ڏين، پوءِ هُو 5:00 وڳي ڌاري موٽر سائيڪل کڻي پر واري شهر ڏانهن ويو، جتي شبلا پهچڻي هئي. سج لهڻ ۾ باقي ٿوري دير هئي جو ذيشان هڪڙي عورت سان گڏ اچي پهتو. شبلا سان گڏ هڪ چڱو خاصو ڪپڙن جو ٿيلهو هو، پر آئون حيران هئس ته ذيشان رڳو سندس بدن تي پاتل وڳي ۾ ئي هو. ساڻس گڏ رڳو هڪڙو وڳو به واڌو ڪونه هو. مون کي پهريون ڀيرو مٿس شڪ ٿيو ته جيڪو ماڻهو مائٽن کان الڳ ٿلڳ ڏيڍ سئو ڪلوميٽر پري، ٻئي شهر ۾، نئين گهر ۾ رهڻ ٿو چاهي، سو هڪڙي وڳي ۾ ڪيئن رهي سگهندو؟ ۽ جيڏي مهل

آئون سان ملڻ وڃڻ ويس، ته هڪدم ڇهڪندي شبانا کي چيائين "یہ صابر بھائی ہیں اور یہ شبانا ہے" اسان جو هُن مختصر تعارف ڪرايو. ۽ هيءُ پيو موقعو هو جو شڪ مون کي چڪ هنيو. ذيشان اڳي مون کي صابر صاحب چئي مخاطب ٿيندو هو ۽ هن مهل شبانا جي اڳيان هن مون کي صابر ڀيا چيو هو. صابر صاحب مان صابر ڀيا ٿي وڃڻ مون کي سمجهه ۾ ڪونه آيو. خير، آئون مختصر دعا سلام ڪري، ضرورت جي شين جو پڇي هليو آيس، پر اچڻ سان ئي پنهنجن ماڻهن کي اچي خبردار ڪيم ته هو سڄي رات سخت پهرو ڏين ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ ۾ منهنجي موڪل ڪانسواءِ ذيشان کي ڪيڏانهن به وڃڻ نه ڏين. جيڪڏهن ذيشان اهڙي ڪوشش ڪئي ته ڪيس پڪڙي واڙي واري ڪمر ۾ ٻڌي ويهارين، ۽ منهنجو خدشو صحيح نڪتو. اَسر مل ذيشان در کولي موٽر سائيڪل سميت ٻاهر نڪتو. وٽس پلاسٽڪ جي چڱي خاصي ڪاري ٿيلهي پڻ موجود هئي. منهنجا ماڻهو مٿس چڙهي ويا ۽ پڇڻ کان اڳ ۾ ڪيس ڪنبي ڪٽي ويا ۽ ٻڌي ڪمري ۾ بند ڪري، اچي مون کي اطلاع ڏنائون ۽ ڪارو شاپر به منهنجي حوالي ڪيائون.

صبح جو 8:00 وڳي ڏاري واءُ سواءُ وٺڻ لاءِ جاءِ ۾ ويس. مون کي ايندو ڏسي شبانا ٻوڙي ڪمري مان ٻاهر نڪتي ۽ روئندي چيائين: "صابر بھائی، ذیشان کہاں ہے، اور میرے زیورات اور نقدی جو اس بیگ میں تھی، کچھ بھی تو نہیں ہے" هوءَ سخت پريشان هئي ۽ لاڳيتو روئي رهي هئي.

"ڇا....؟ ذيشان ڪونهي؟ توکي ٻڌائي ڪونه ويو آهي ڇا؟" مون اڻڄاڻ بڻجندي پڇيو.

"اسين رات دير تائين جاڳياسين پئي ۽ اڳتي جي زندگي گذارڻ بابت صلاح مصلحت پئي ڪئيسين. رات جو پوئين پهر هو جو مون کي ننڊ اچي وئي. هاڻي ٿورو اڳ ۾ اک کُلي ته ڏٺم ته ذيشان به ڪونهي ۽ منهنجي بيگ ۾ پيل 15 لک جا زيور ۽ 15 لک روڪڙا، جيڪي آئون سندس چوڻ تي گهران چورائي کڻي آئي هئس، تن مان ٽڪو به ڪونهي." شبانا بدستور روئندي رهي.

"پر تو هڪ اڻڄاڻ ماڻهوءَ جي چوڻ تي هيڏي ساري ملڪيت ڪٺي آئينءَ. تو اِهو ڪونه سوچيو ته توسان دوکو به ٿي سگهي ٿو ۽ انهيءَ رقم جي ڪري تنهنجي حياتي به وڃي سگهي ٿي!"

"صابر بھائی، مجھے تو ذیشان نے بتایا تھا کہ وہ آپ کے چھوٹے بھائی ہیں" ۽ اوهان ٻئي گڏجي هيءُ جاءِ نهرائي رهيا آهيو. تنهن ۾ اوهان جو گهڻو پئسو لڳي ويو آهي. تنهنڪري آئون گهران چڱي خاصي رقم ڪٺي اچان ته جيئن شادي وغيره جي خرچ کي منهن ڏيئي سگهجي. هُن ته مونکي اهو به ٻڌايو هو ته اوهان ۽ اوهان جي گهر واري ڪيس الاهي ڀانيو ٿا ۽ هيءُ قدم به اوهان جي رضامندي ۽ سهڪار سان کڻي رهيو آهي. هُن اِهو به ٻڌايو هو ته اوهان جي وڏي زمينداري ۽ وڏي سياسي حيثيت آهي. تڏهن ته آئون ڀروسو ڪري گهران نڪتي آهيان. صابر ڀاءُ ذيشان منهنجو سامان توهان وٽ ته ڪونه ڪٺي رکيو آهي؟ ڀاڻ ويو ڪيڏانهن آهي؟" شبانا سُڏڪندي چيو.

شبانا ته ذيشان جي گُم هجڻ جي صدمي ۾ بيحال هئي، پر منهنجون به وايون بتال ٿي ويون هيون. شبانا ته ڪچي نوجوانيءَ جي جذبات کان وهلورجي ذيشان جهڙي خوبصورت نوجوان تي فدا ٿي، هن مڪار، ٺڳ ۽ دوکيباز جي مِٺين مِٺين ڳالهين ۾ اچي دوکو کائي وئي. پر هُن مون کي به ڳالهين ۾ مُنجهائي ڀلائي، بيوقوف بڻائي ٺڳڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ هيءُ هچا منهنجي ڳچيءَ ۾ ڦاسائي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين. جڏهن سڄي حقيقت سامهون آئي ۽ سڄي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي، تڏهن مون وڏي شبانا جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ ڪيس سڄي حقيقت کان واقف ڪيو ته ڀاڻ ٻنهي سان دوکو ٿيو آهي. هُو نه منهنجو ڀاءُ آهي ۽ نه هِتي جو رهاڪو. هُو ڪراچيءَ جو اردو ڳالهائيندڙ آهي ۽ آئون سنڌي آهيان. هُو ته ڪراچيءَ مان آيل ڪاريگرن سان گڏجي هتي مزدوري ڪرڻ آيو هو، ۽ پوءِ مون کي اعتماد ۾ وٺي هِتي فقط هڪ يا ٻن راتين رهڻ جي اجازت ورتي هئائين ته جيئن هو شهر

۾ مسواڙ تي جاءِ وٺي اتي وڃي رهي. هاڻ جيڪا تنهنجي مرضي هجي، تيئن ڪريون، پوليس کي اطلاع ڏيڻ چاهين ته گڏجي ٿاڻي تي هلون. جيڪڏهن واپس گهر وڃڻ چاهين ته تنهنجي واپسيءَ جو بندوبست ڪريان. يا اجان به جيڪا تنهنجي مرضي هجي. تون ڀلي ٿڌيءَ دل سان سوچ ويچار ڪر. جيستائين ڪو فيصلو ڪري وٺين، تيستائين تون هلي منهنجي گهر منهنجي ٻچن سان گڏ رهه. باقي ذيشان پاڻ سان دوکو ته ڪري ويو آهي، تنهن کي ڇڏبو ڪونه!" مون چاٽي واٽي ذيشان کي پڪڙڻ واري ڳالهه لڪائي رکي.

"اوهان ٿا چئو ته ذيشان پاڻ ٻنهي سان دوکو ڪري ويو آهي، پر آئون اعتبار ڪيئن ڪريان. ٿي سگهي ٿو ته منهنجا زيور ۽ پئسا ڦٻائڻ لاءِ اوهان ئي ذيشان کي گُر ڪري هيءُ ڊرامو رچايو هجي. ڇو ته ٽيهن لکن جي وڏي رقم آهي. ماڻهو ته 30 هزارن لاءِ به ماڻهوءَ کي ماريو ڇڏين."

"ها، تون سچ ٿي چوين، ائين به ٿي سگهي ٿو، خاص ڪري تو جهڙي نادان ڇوڪريءَ سان ته ائين ٿيڻ به گهرجي، جيڪا پنهنجي ماءُ پيءُ، ڀائرن ڀينرن، مٽن مائٽن ۽ سڄي برادريءَ جي عزت ڏوڙ ۾ ملائي پنهنجا قدم گهر جي چانئٺ کان ٻاهر ڪڍي ٿي، ها، واقعي آئون به تنهنجي انهيءَ غلط قدم جي ڏوهه ۾ حصيدار آهيان. ها، واقعي مون ذيشان جي راويتي چرب ٻانيءَ تي اعتبار ڪري، سندس منافقيءَ کي نه سمجهندي، سندس ڪوڙي پيار کي سچو سمجهي اوهان کي اڄوڪي رات پاڻ وٽ رهائڻ جو ڏوهه ڪيو آهي، پر ان کان اڳتي ڪجهه به نه ڪيو آهي، تنهنجي ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ خود ذيشان ئي توسان دوکو ڪيو آهي ۽ مون کي به استعمال ڪيو آهي. هُن جي موٽر سائيڪل ڪٽي اڄن ته رات جو جيڏي مهل به ڪيس موقعو ملي ته ڀڄي وڃي ۽ هڪڙي وڳي ۾ اچڻ ظاهر ٿو ڪري ته ڪيس رات وچ ۾ ئي واپس وڃڻو هو. هن کي توسان نه پر تنهنجي ملڪيت سان محبت هئي. هاڻي منهنجي صلاح آهي ته پاڻ گڏجي ٿاڻي تي هلون. پوءِ تون مرضيءَ واري آهي ته منهنجي خلاف ذيشان کي گُر ڪري ملڪيت ڦٻائڻ جو ڪيس داخل ڪرائي. يا ذيشان تي دوکيبازي ۽ رقم ڪٽي ڀڄڻ جي ايف.آئي.آر داخل ڪرائي. يا تون پنهنجي خلاف پنهنجي گهران زيور ۽ روڪ رقم چوري ڪري گهر ڇڏي ڀڄڻ جي خلاف رپورٽ داخل ڪرائي. آئون هر ڳالهه ۾ توسان ٻڌل آهيان. ڇو ته نه هن کان اڳ ۾ توسان دوکو ڪرڻ جي منهنجي نيت هئي، نه هينئر آهي ۽ نه ئي ڪڏهن آئون سوچي به سگهان ٿو. باقي ذيشان جيڪو منهنجي اعتماد کي ڇيهو رسايو آهي، تنهن جو حساب ته ساڻس ضرور ڪبو ويندو ڪيڏانهن؟"

جڏهن شبانا سڄي صورتحال کان واقف ٿي، تڏهن اول ته ساڻس دوکو ٿيڻ، سندس زيورن ۽ ڏوڪڙن جي ڦرجي وڃڻ، پنهنجي مائٽن کان ٽڙجي وڃڻ ۽ هيئن دربدر ٿيڻ تي پار ڪڍي روئڻ لڳي. آئون ڪيس روئندو ڇڏي ٿورو پريرو وڃي ويهي رهيس، ڪجهه دير روئڻ ۽ سُڏڪا ڀرڻ کان پوءِ هُن پنهنجا ڳوڙها اُگهيا ۽ اچي منهنجي ويجهو ويٺي ۽ چيائين:

"صابر صاحب، جيڪو ڪجهه مون سان ٿيو، سو ٿي چڪو. اِهو سڀڪجهه مون سان ٻئي ڪنهن ڪيو يا مون پنهنجو پاڻ، پاڻ سان ڪيو، پر ٿي چڪو. پر هاڻ منهنجي ڪجهه مدد ڪريو."

"پر آئون توهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟ توهان ڇا ٿيون چاهيو؟"

"صابر صاحب، اِهو ته طئي آهي ته جيڪڏهن آئون موٽي مائٽن ڏانهن ويس ته هو مون کي ڏسندي ئي ماري ڇڏيندا. ڇو ته اِها اسان جي برادريءَ جي پراڻي روايت آهي ته جيڪا ڇوڪري گهر کان ٻاهر پير ڪڍي ٿي، تنهن کي هٿ اچڻ تي ماري ڇڏيندا آهن. ۽ ذيشان، جنهن مون سان هيڏو سارو دوکو ڪيو آهي، تنهن کي وري به وڃي ڳولي لهان، اهڙي غلطي آئون ٻيهر ڪانه ڪنديس. تنهنڪري جيڪڏهن اوهان مون کي پاڻ وٽ ئي رهايو ۽ پناهه ڏيو ته اوهان جي مهرباني ٿيندي ٻي صورت ۾ پاڻ ئي پاڻ کي مارڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه گس مون وٽ ڪونهي بچيو"هُو پُرعزم هئي.

”جڏهن تون اسان تي شڪ ڪري سگهين ٿي ته ٿي سگهي ٿو ته ذيشان کي گُم ڪري اسان تنهنجو سامان چورايو هجي، ته پوءِ اسين توتي اعتبار ڪيئن ڪريون ته متان نه تون پنهنجن سڱن مائٽن جي گهر وانگر اسان جي گهر کي به نه ٻُهاري ڏيئي وڃين! چو ته اهڙا واقعا اخبارن ۾ ڇپبا رهندا آهن.“

”ها صابر پاءُ، اهو صحيح آهي ته مون پهريون غلط قدم کڻي پنهنجو اعتبار وڃائي ڇڏيو.آهي. هاڻي آئون قابل اعتبار نه رهي آهيان. آئينده ڪو به غلط قدم نه کڻڻ جي لاءِ مون وٽ ڪا به ضمانت ڪانهي. ڪوڙو ماڻهو پنهنجي بچاءُ لاءِ پلي ڪيترا به قسم ويساهه ڏي، پر ان تي اعتبار نٿو ڪري سگهجي. سو مون وٽ به ٻي ڪا به شيءِ ڪانهي، جيڪا ضمانت طور ڏيئي سگهان. باقي آئون پنهنجي پاڪ عزت جو قسم کڻي ايترو چئي سگهان ٿي ته جيستائين منهنجي سِسيءَ ۾ ساهه هوندو، تيستائين اوهان ۽ اوهان جي خاندان سان وفادار رهنديس. اوهان جي ئي مرضيءَ مطابق زندگي گذاريندس. بس اِن ڳالهه کان وڌيڪ مون وٽ ٻي ڪا به ضمانت ڪانهي.“ ۽ هُوءَ ڊِڪون ڏيئي روئڻ لڳي.

”چڱو ٺيڪ آهي. تون هل ۽ هلي منهنجي ٻچن سان گڏجي رهه. اِن ڳالهه کي پوءِ ڏسنداسين. پهرين ذيشان سان هٿ هٿ ڪري وٺون.“ ائين آئون ڪيس وٺي گهر آيس ۽ گهر وارن کي شبانا جي باري ۾ مناسب هدايتون ڏيئي ٻاهر هليو ويس.

مون سِڌي طرح ايس.پي صاحب سان فون تي رابطو ڪيو ۽ مختصر نموني ۾ سڄي واردات ڪيس سمجهائي ۽ ڪيس گذارش ڪئي ته اِن مسئلي جو ڪو حل ڪڍي. ايس.پي صاحب چيو ته ”تون فڪر نه ڪر. جيڪا شيءِ جيئن آهي، ائين ئي رهي. آئون رات جو 9:00 وڳي توهان وٽ ايندس. پوءِ وڌيڪ صلاح ڪنداسين.“

۽ رات جو ڏهين وڳي، جيڏي مهل ذيشان، شبانا ۽ چوري ٿيل سامان ايس.پي صاحب ۽ سندس عملي اڳيان پيش ڪيا ويا. تڏهن ذيشان وري نئون ڊرامو رچايو، جنهن جو خدشو شبانا ظاهر ڪري چڪي هئي. ذيشان رڙيون ڪندي چيو ته ”مون کي ڪمري ۾ زوريءَ کڻي بند ڪيو ويو هو ۽ سامان به انهن چوري ڪيو هو.“ پر جيڏي مهل منهنجي هڪڙي همراهه موبائيل سيٽ ۾ پريل اُها وڊيو ڏيکاري جنهن ۾ ذيشان شبانا جي ننڊ پئجي وڃڻ جي پڪ ڪري، پوءِ شبانا جي بيگ مان زيورن ۽ پئسن سان ڀريل ڪارو شاپر کڻي ٻاهر نڪري ٿو ۽ موٽر سائيڪل گهر کان ڪڍي ٿو ۽ موٽر سائيڪل چالو ڪرڻ کان اڳ ئي همراهن هٿان پڪڙجي پوي ٿو. تڏهن ذيشان ٻوڙي پهرين شبانا جي پيرن ۾ ڪِري ٿو ۽ پوءِ منهنجي اڳيان هٿ ٻڌي معافي گهري ٿو، پر ڳالهه معافيءَ کان مٿي هئي.

ايس.پي صاحب پنهنجي روبرو شبانا جو اسان جي گهر ۾ رضا خوشيءَ سان رهڻ ۽ اسان جي مرضيءَ مطابق زندگي گذارڻ وارو بيان رڪارڊ ڪرايو. سندس سامان سندس حوالي ڪيو ويو ۽ ذيشان جي چڱي خاصي مرمت ڪري موٽر سائيڪل جي ڦُر جي ڪيس ۾ ڪيس چالان ڪيو ويو.

پنجن مهينن دوران شبانا جي گهر ۾ چال چلت جي پڪ ڪرڻ کان پوءِ ڇهين مهيني ۾ ڪيس منهنجي ننڍي ڀاءُ شاهد سان ڪيس پرڻايو ويو.



## ڪتاب: ”جيون جون انمول يادون“ جي تقريب رونمائي



ٽنڊو محمد خان: (صدارت ڊاڪٽر) اسد جمال پلي. (مهمان خاص) محمد اشرف ملاٽو الله بچايو مشتاق آريسر،
يوسف سنڌي، مور ساگر ۽ ٻيا مقررين خطاب ڪندي



ڊاڪٽر اسد جمال پلي(صدارت) محمد اشرف ملاٽو(مهمان خاص ۽ صاحب ـ ڪتاب)الله بچايو مشتاق
آريسر، ۽ مور ساگر ڪتاب جي رونمائي ڪندي، سامهون حاضرين مجلس

سنڌي ڳجهارت جو لساني اڀياس: ورڪشاپ




اسٽيج تي: علي محمد خان لغاري، نصير مرزا، تاج محمد هاليپوٽو (مهمان خاص) ڊاڪٽر اسد جمال پلي (صدارت) ۽ ادريس جتوئي



ڊاڪٽر اسد جمال پلي (صدارت) تاج محمد هاليپوٽو (ليڪچر ڏيندڙ) ڊاڪٽر الطاف جوکيو، علي محمد خان لغاري، نفيس احمد شيخ، مشتاق آريسر، نصير مرزا، ۽ ادريس جتوئي



سگهڙ، شاگرد ۽ حاضرين مجلس.

سنڌي ٻوليءَ جي نالي واري شاعر سوز هالائيءَ جي ٻي ورسي ۽ ڪتاب 'ٻن اندر جي موسم' جي مهورتي تقريب



نصير مرزا، فدا سنجراڻي، موسيٰ جروار، جاويد سوز هالائي، مخمور بخاري، حبيب سنائي، منوج ڪمار ۽
امان صدر مهورت ڪري رهيا آهن



تقريب ۾ نصير مرزا، غلام حسين ميمڻ، جاويد سوز هالائي، ارباب اعظم، حبيب سنائي، امان صدر، موسيٰ
جروار، علي بخش ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا آهن



پروگرام ۾ ويٺل سامعين

سهارو ورتو، محبوبن وارا شعر بہ لکندو هو ۽ چاڪاڻ تہ پاڻ بنيادي مولود خوان هئو ۽ سندن شغل جي مڪمل ڀاري بہ هئي، انڪري پنهنجي منڙي آواز سان جهونگاريندو بہ هو، سنڌ ۾ شاعريءَ کي ترنم ۾ ڳائي ٻڌائڻ ۾ جيڪو ملڪو سائين ارشاد علي شاهہ کي حاصل هو، اهو ـ تمام گهٽ شاعرن کي هوندو، مٽياريءَ ۾ سائين بهاؤالدين وٽ ٿيندڙ مشاعري جون محفلون، هجن يا سنڌ جي مختلف علائقن ۽ شهرن ۾ بزم طالب المولىٰ ۽ ٻين پليٽ فارمن تان ٿيندڙ رهائيون ۽ مشاعرا، سائين ارشاد علي شاهہ تحت اللفظ ۾ يا ترنم ۾ پنهنجو ڪو بہ مٽ يا ثاني نہ رکندو هو، ڪيس علمِ فلڪيات ۽ علمِ نجوم تي وڏي دسترس حاصل هئي. هُو سنڌ جي انهن تمام گهٽ ماڻهن مان هڪ آهي، جنهن جو علم فلڪيات تي ايترو وسيع مطالعو آهي جو سندس سوين مضمون هڪ ڪتاب ۽ لاتعداد ٻيون تحريرون موجود آهن، هو ان حوالي سان هڪ مستند راءِ ڏيندڙ ماڻهو هُو سندس علم ادب سان محبت جو ئي سبب هو جو هڪ ڀيري هُو سنڌي ٻولي اختياري ۽ ٻيو ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر بڻيو، سندس سنڌي ٻولي اختياريءَ ۾ جيترو وقت بہ گذريو، اتي هُن هڪ بردبار، با اصول پر ست ملازم دوست، سنڌ دوست شخصيت طور پنهنجو پروفائيل ٺاهيو، هُو ايڊمنسٽريشن قانون ۽ ادب جي ماهر طور پاڻ کي هڪ اهم ميمبر طور مرڪزي ۽ متحرڪ ميمبر طور مڃرايو، فيصلا، راءِ ڇڻي، با وزن ۽ نا قابل واپسي هوندي هئي، ادبي بورڊ جي هڪ اهم ميمبر طور هُو ٿورو وقت ئي چو نہ رهيو، پر مخدوم سعيد الزمان کان پوءِ ڪيس اهم ميمبر جي حيثيت مليل هئي، اگر ڪڏهن مخدوم صاحب بورڊ آف گورنرس جي صدارت لاءِ موجود نہ هوندا هئا تہ سڀني جي اڪيلي چوائيس ۽ آپشن صرف سائين ارشاد علي شاهہ ئي هوندو هو.

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين طور سائين ارشاد علي شاهہ جو ڏڌر شاندار دور رهيو آهي، ان جي حوالي سان اڃا تائين ڪو بہ اسڪينڊل سامهون نہ آيو آهي، اسين ۽ اوهين سڀ سمجهون ٿا تہ سياسي حڪومتن ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين سميت اهڙن ٻين عهدن تي هجڻ ڪنهن تلوار تي پير رکي هلڻ کان گهٽ نہ هوندو آهي، ان تلوار تي هلڻ ۽ بيلينس برقرار رکڻ لاءِ ڪنهن اهڙي بردبار ماڻهو جي ضرورت هوندي آهي، جهڙو سائين ارشاد علي شاهہ هو، هن يقينن سرڪار جي حوالي سان ڪجهہ فيصلا ڪيا بہ هوندا پر، هُو هميشہ پنهنجي ذاتي ڪچهرين ۾ ٻڌائيندو هو تہ هن ميرٽ تي ڪڏهن بہ سوديبازي نہ ڪئي، هن ذهين ٻارڙن جي حق کي ڪڏهن بہ نہ لتاڙيو، ڪڏهن بہ انهن کي ڇيهو نہ رسايو، سندس چوڻ هو تہ هُو پاڻ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي ئي مقابلو ڪري ئي اهڙي عهدي تي پهتو ۽ ان کي خبر هئي تہ پورهيو ڪيئن ٿيندو آهي، محنت ڪيئن ڪبي آهي ۽ اهوئي سبب جو هن ٻارڙن جي محنت کي ڪڏهن بہ رائيگان ٿيڻ نہ ڏنو، اڄ اسين سنڌ جي ان سپوت کي ياد ڪريون پيا، جنهن جون خدمتون جيستائين هيءَ ڌرتي آهي ۽ جيستائين هيءَ ڪائنات آهي، تيستين موجود رهنديون، ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اهو ڪم جيڪو ٽڙيل پکڙيل آهي، ڦهليل آهي جيئن سندس شاعري جو ڪتابہ سندس اهي مضمون جيڪي سندس فلڪيات جي حوالي سان ڪتاب ۾ شايع ٿيل ناهن، ان کي ڇپرائڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي وڃي، آئون سمجهان ٿو تہ سائين ارشاد علي شاهہ جا نوجوان شهزادا جيڪي پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلن ٿا، ان جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ ڪم ڪن پيا، انهن مان جوڊيشري جي حوالي سان قانون جي حوالي سان بہ دوست موجود آهن، اهي يقينن پنهنجي والد جي هن پورهئي کي ضايع ٿيڻ کان بچائيندا ۽ ان حوالي سان اها شاعري جيڪا سائين ارشاد علي شاهہ جي سڃاڻپ هئي ۽ محفلن جي ضرورت هئي، ان کي سنڀاليو ويندو.

◙

**ڊاڪٽر اسد جمال 'پلي'**
عمرڪوٽ



# درياهہ جي ڏنگ تي
## (مشاهدو مهراڻ جو)

'سنڌو' سدائين وڻندڙ آهي، ٻوڙي يا سُڪائي. سڄي سنڌ وارن لاءِ محبت ۽ ايڪي جو خاص محور ۽ مرڪز آهي. سندس خاموشي ڏسي دل پرجي ايندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ايترو خاموش ٿي ويندو آهي جو سندس پيٽ مان پاڻيءَ بدران پراڻا جهاز ۽ پراڻا شهر ظاهر ٿي پوندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن ڪنارن جي وڻن کي بہ ڪٽي وڃي سمنڊ ۾ اُڇليندو آهي ۽ اُهي ڪنارن کان ڪنيل ديوين جا وڻ نہ صرف ملاحن جا رڃ ٽوڙيو ڇڏين، پر سلمونڊي جيوت جا بہ مُنهن پٽيو وجهن.

اِها 2016ع جي آبڪلاٽي جي مند هئي جو سنڌو جي ان من مستي واري موسم ۾ مون، حاجي انور علي راڄڙ ۽ فيض ڪوسو صاحب سنڌوءَ جي سمنڊ سان ميلاپ وارو نظارو ڏسڻ لاءِ ڪيٽي بندر ڏانهن رُخ ڪيو. هِن سفر تي هلڻ لاءِ مون پنهنجي دلبر دوست فيض ڪوسو صاحب کي تمام گهڻيون منٿون ميڙيون ڪيون ۽ دل جو حال ٻڌايم تہ:

چڙن چوري آهيان، سک ٿي سمهان ڪيئن،
ساريان ساهڙ ڇام کي، ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن،
ميهرَ مرڻ سيئن، نير پلتو نينهن جو.

نيٺ منهنجين ايلازن رنگ لاتو ۽ مس مس وڃي سفر لاءِ تيار ٿيو.

ڊرائيور پانڌي ماڇي سان گڏ الطاف بلوچ بہ اسانجو سفري ساٿي هو. وٽس KTN نيوز جي ڪئمرا بہ گڏ هئي. اسين ٺٽي پهتاسين تہ ٻورڙي شريف جو محترم نثار جوڻيجو بہ اسان جو همسفر بڻيو. اسين گاڏين کي ڪيٽي بندر ڏانهن ڊوڙائيندا وياسين بلڪل ائين جيئن معمور يوسفاڻي جو هيٺيون شعر تہ:

'ڪيٽي جا بندر' ڪٽ ڪري، گهوڙن جي ٻاري' گهٽ ڪري،
'گهاري' وٽان گهوگهٽ ڪري، ڪڏندا ڪراچي ڏي هلو.

اسان گهاري وٽان اوير- ڏکڻ طرف گهوگهٽ ڪري وڃي ساڪري پهتاسين، اڳتي ٻهارا ۽ ڳاڙهو ڪان ٽيندا ٻگهاڻ وٽان ڏکڻ اولهہ ٽٽل ڦٽل پٽرائين رستي تان 8½ بجہ شام وڃي ڪيٽي بندر پهتاسين. ڪيٽي بندر تي اسانجي ميزباني ۽ معلمي سائين غلام علي شاهہ ۽ ڪيٽي جي ملاحن حوالي هئي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اڳتي هلي جڏهن اسان جي معلمن پنهنجي سونهائپ ۽ معلمي جا در بند ڪري مدهوش جا مٽ اپٽيا تہ وري بہ پٽائي هڪل ڪئي تہ:

معلم ماڳ نہ اڳئين، ڦلنگيءَ منجهہ ڦريا.

پوءِ اسان جي هنن مڌ پيالين کان سخت نفرت ڏسي هنن پنهنجا پٽگ چوٽا ضرور ڪيا.

گاڏين مان لٿاسين تہ سنڌو سمنڊ ڪناري، جتي لائيٽ تہ ڪونہ هئي البتہ سامهون سمنڊ ۾ ٻيڙين ۽ هوڙهن ۾ ٽمڪندڙ بلب پنهنجو عجيب نظارو ڏاهيو بيٺا هئا. ڪيٽي جي سامونڊي طرف جيٽي هئي جتي ننڍين هوڙهن ۽ ٻيڙين مان مڇي وڏن هوڙن ۽ جهازن ۾ منتقل ڪئي پئي وئي ۽ انهن مڇين کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪناري تان گاڏين ۾ آندل برف بہ مخصوص خانن ۾ جهازن ۽ هوڙهن ۾ پري پئي وئي هئي، مڇي ڪراچي فش هاربر تي وڃڻي هئي، اسان ڪجهہ دير ويٺي جيٽي جو نظارو ڪيو. مون کي هي ٻئي لفظ جيٽي ۽ ڪيٽي بلڪل ائين لڳا جيئن سر سهڻي ۾ آيو تہ:

'انڌيءَ' وڃون 'ڪَنڌيءَ' وڃون، تنگئا لهي نہ تِڪ.

جيٽي جا نظارا ڪندي اسان کي ملاحن ٻڌايو تہ هاڻي هِتان جا هوڙها، 'وير' جي انتظار ۾ آهن، وير چڙهندي تہ هوڙها هلندا. پوءِ اسين جيٽي تان اُٿي وڃي هوڙهي ۾ وياسين. هوڙهي ۾ هنڌ وڇايل ۽ وهاڻا ۽ رليون رکيل هيون. 'وير' چڙهڻ جي انتظار ۾ اسان 11 بجي ماني هوڙهي تي کاڌي، ماني جو بہ پنهنجو خاص

هن بيٽ تان اسان جي همراهن مينهن جو ڪير سنگت ۾ ورتو. عجيب نظارو هو، هڪ عورت ان مهل ئي تاسري ڪٽي مينهن کي ميڙيو ۽ ڦيٽڻ سميت ڪير اسان جي هوڙهي وارن، ملاحن کي ڏنو تہ، پنائي جي مشاهدي جي تعريف ازخود ٿيڻ لڳي تہ:

مينهون جي ميهار جون، الله سڀ بچن،
وڇون ڪيرن سان، سدا ٿيون سونهن،
مون کي ماڻڪين، تاڻي هنيو تار ۾.

۽ هوڙهي تي چانهہ ٺاهڻ شروع ڪيائون ۽ هوڙهو اڳتي هلندو رهيو. هن سفر ۾ ڪاري جي ڪناري سان ڪيترائي ديسي ۽ پرديسي پکي بہ همسفر هئا. مون کي لاڪي چاچي ۽ ڪنگ ڏاڍو وڻيا. لاڪي چاچي ڏسي مهر راڻي ۽ لاڪي جي ڇڄ جو نظارو ذهن تي اچي ويو ۽ سر ڏهرجا بيت هڪبئي پٺيان ياد ايندا رهيا، ۽ ڪنگن وري سهڻي جي ڳالهہ ڇوري تہ:

ڪانڌي ڪنگ ٿياس، وهڻ جنازو سهڻي،
ٻگا جي ٻيٽن جا، ڪلها تن ڏناس،
اڪيئين ملڪ ڏناس، توءِ من ڪاڻو ميهار ڏي.

چاڪاڻ تہ صحيح معنيٰ ۾ درياهہ جي 'پڇاڙ' هنن ٻيٽن ۾ اچيو ٿئي ٿي انهيءَ ڪري درياهہ جو لٽائون پاڻي، درياهہ جا پنجي آيل وڻ ۽ دريائي ڪنارن سان گڏ هلندڙ ڪنگ ۽ لاڪي چاچي بہ اچيو هنن ڪارن ۾ گهيريل ٻيٽن تائين پهچن ٿڌهن تہ پنائي سهڻي جي جنازي کي ٻيٽن جي ٻڳهن کان پيو ڪلها ڏياري ۽ ڪنڌي جي ڪانهن کي جهليو، ميهار جي واتان چوائي تہ:

ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق ايو آهون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سهڻي، ٻيلي منهنجي پانهن،
دريا توتي دانهن ڏيندس، ڏينهن قيام جي.

اڃان هنن بيٽن جي خمار ۾ هئاسين تہ درياهہ جي دهشت شور ۽ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اڃان اسان سمنڊ ڏانهن نهاريو مس تہ اسانجي ڪابي پاسي وڌان پاڻي جي مٽيل رنگ سان درياهہ ٽوڪيندو آيو تہ:

وَهَ ٽِڪَ، واهڙ ٽِڪَ، جت نينهن ٽِڪَ نرالي،
جن کي عشق، عميق جو خلوت خيالي،
وارج سي والي، هينئڙو جنين هٽ ڪيو.

هيءَ درياهہ جي هن منڊ جي سڀ کان وڏي چاڙ هئي، جيڪا شايد پُراڻي ساپارا (ساپرا) ئي آهي، درياهہ اسان ڏانهن نهاريو بہ ڪوڻ پنهنجي زور طاقت سان سمنڊ کي ائين اک ۾ رکيو هيبت مان پئي ويو، جڻ اسان کي ڏسندو تہ سمنڊ سندس نظر کان غائب ٿي ويندو. سندس رفتار ۽ سگهہ سمنڊ تي ائين هاوي هئي جيئن هاٿيءَ تي ببر شير. هن دهشت جي اثر ۾ 'سوره ڪهف' آيت 61 کان 65 تائين حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت خضر عليہ السلام جي ملاقات وارو واقعو ذهن تي تري اچي ٿو، جيڪو ٻن سمنڊن جي ميلاپ واري جاءِ يعني 'مجمع البحرين' واري ماڳ تي ٿيو. هيءُ ٻن سمنڊن جو ميلاپ جو واقعو سينا جي سحرا ۾ رهندي شهر ايلہ (يعني عقبہ) وٽ پيش آيو جتي هي مجمع البحرين جو نظارو موجود آهي. هتي اسان وٽ فرق صرف اِهو آهي جو هيءُ ميلاپ ٻن سمنڊن بجاءِ هڪ درياهہ ۽ هڪ سمنڊ جو آهي.

اسان جي هوڙهي ۾ اسان سگهہ نہ ساري جو درياهہ جي هن وهڪري کي اورانگهيون، اسين سندس احترام ۾ اوپر چڙهي ڏکڻ اولهہ ڏانهن مڙي پياسين ۽ سندس پر ۾ هلڻ لڳاسين، هيءُ نظارو قرآن پاڪ جي سوره رحمٰن، (آيت 19، 20، 21) جي 'مرج البحرين' وارو هو. مفسرين وٽ مٺي پاڻي واري دريائن ۽ ڪاري پاڻي وارن سمنڊن جو هيءُ ميلاپ ڏکڻ آفريڪا ۾ ڏسي سگهبو آهي. مگر ڪنهن بہ طرح سنتوءَ جو هيءُ دنگ سوره رحمٰن جي مذڪوره آيتن جي تشريح لاءِ ناڪافي نہ آهي، جڏهن بہ اسان جو ڪو ديسي، مشاهداتي مفسر هيءُ نظارو ڏسندو تہ ڪيس آفريڪا جا نظارا وسري ويندا. اسان جو هوڙهو سامونڊي ڪاري پاڻي ۾ درياهہ جي وهڪري کان بہ اڍائي فوٽ هيٺ هلي رهيو هو، هتي خاموشي ۽ ڌيرج وارو نيري رنگ جو ڪارو پاڻي هو جنهن ۾ اسان جي ٻيڙي تري رهي هئي، جڏهن تہ اسان جي ڪابي هٿ تي:

دهشت دم درياهہ ۾، جت جايون جانارن،
نڪو سنتو سير جو، مَڇُ نہ ملاحن،
دردندا درياهہ ۾، واڪا ڪيو ورن،
سڃا ٻيڙا ٻار ۾، هليا هيٺ وڃن،

**فضل الله 'فدا' چانڊيو**

ڪنڙي



# شاعر: محمد حاصل 'مسرور' چانڊيو

محمد حاصل 'مسرور' ولد فتح خان چانڊيو، ڳوٺ ڳنهور خان چانڊيو جو جنم 1949ع ۾ ڳوٺ گهنور خان چانڊيو ۾ ٿيو مسرور صاحب ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ گهنور چانڊيو ۾ ورتي ۽ ابتدائي ديني تعليم پلسي واري ڳوٺ شير خان چانڊيو ۾ مدرسہ احياء العلوم ۾ مولانا غلام رسول چانڊيو وٽ ورتي. انگريزي تعليم لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نبي سر روڊ ۾ داخلا ورتائين. 1960ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين، وڌيڪ تعليم وٺڻ لاءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽنڊو جانمحمد ۾ داخلا ورتائين، انٽر پاس ڪرڻ بعد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بي.اي پارٽ ون جو امتحان ڏيڻ بعد ذاتي مجبورين سبب وڌيڪ تعليم نہ پرائي سگهيو ڳوٺ اچي پنهنجي زمينداري سنڀالڻ لڳو. سندن والد بزرگوار رئيس فتح خان چانڊيو متوسط طبقي جو زميندار هو، انڪري پاڻ بہ ان پيشي سان وابستہ ٿي ويو. 1979ع کان شاعريءَ ڪرڻ شروع ڪيائين. شاعريءَ ۾ سندس استاد، مشهور شاعر ۽ استاد الشعراء سائين محمد عمر 'معمور' يوسفاڻي جن هئا، جنهن سندس اشعار اصلاح ڪري سندن شاعريءَ ۾ پُختگي آندي مرحوم 'مسرور' صاحب مختلف اصناف تي شاعري ڪئي، انهي ۾ غزل، بيت، حمد و نعت، مناجات و منقبت حالاتي ۽ واقعاتي شاعري اچي وڃي ٿي، ۾ چاڪاڻ تہ پاڻ پنج وقت جو نمازي ۽ ديني شخصيت هئا، انڪري سندن شاعريءَ جو لاڙو گهڻو ڪري دينيات ڏانهن آهي. مسرور صاحب انتهائي نرم مزاج، ٿورو ڳالهائو حسن اخلاق سان مالامال ۽ تمام گهڻي سنجيده شخصيت هو. زندگي ۾ ڪڏهن بہ سندن زبان مان بلفظ نہ نڪتو، ڳوٺ وارن يا قبيلي وارن مان ڪو ماڻهو جنباتي ٿي غلط ڳالهائڻ شروع ڪندو هو تہ بہ پاڻ پيا کِلندا هئا ۽ نصيحت ڪندا هئا تہ پاڻو صبر ڪر پنهنجي زبان شيطان جي هٿ ۾ نہ ڏي پاڻ تيرهين مارچ ۾ هزار هڪ ۾ هيءَ فاني دنيا ڇڏي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيا، ڪين ٽي پٽ ٿيا. وڏو عبدالرشيد چانڊيو، جيڪو نيشنل بئنڪ عمرڪوٽ ۾ آپريشنل مئنيجر آهي، ان کان ننڍو مولانا سيف الله چانڊيو، جيڪو دارالعلوم سجاول مان ديني تعليم ۾ دستار بندي ڪري آيو آهي. ٽيون اعجاز حسين واپڊا ۾ ملازم آهي، سندس سؤٽ قادر بخش 'مخلص' بہ هڪ بهترين شاعر آهي ۽ مخلص بہ شاعري ۾ سائين معمور يوسفاڻي جي سينيئر شاگردن مان آهي. سندس پٽينو عطاءالله 'عطا چانڊيو' بہ بهترين شاعر آهي. سندن غزل ۽ مناجات نموني طور پيش ڪجي ٿو:

### غزل

بڇي طاغوت ٿو جنهن کان، اسين سا ڪهڪشان آهيون،
ڪُنڊ جو ڪين آ ڪنهن پر، اسين سو داستان آهيون.
اسين ظلم جا ماري ۽ اسين مظلوم جا حامي،
اسين غازي، اسين قاضي، اسين ڪوه فشان آهيون.
اسين تابع⁻ شريعت جا، اسين طامع طريقت جا،
اسين واقف حقيقت جا، اسين سِرَ نهان آهيون.
اسان کي فخر ۽ ناز آ، پنهنجي طريقي تي،
اسين قرآن جا قاري، ۽ ميرِ ڪاروان آهيون.
رهون ٿا دوستن سان، دوستي ۾ روزِ شب اڳرا،
عَدو جي لئہ مگر يارو مصيبت ناگهان آهيون.
اسان جي ئي ڪري 'حاصل' هي آهي زيب دنيا کي،
زمانو آ اسانجو ۽ سين، شاه زمان آهيون.

### مناجات

مان برو بيشڪ پلارا، تون رکج منهنجو پرم،
اي سچارا، شان وارا، تون رکج منهنجو پرم.
ظلمتن ۽ زحمتن مون کي وڪوڙيو چوطرف،
ٿيا گناهن ۾ گذارا، تون رکج منهنجو پرم.
بي سرو، سامان کي تنهنجو سهارو ٿو کپي،
بي سهارن جا سهارا، تون رکج منهنجو پرم.



**اعظم پٽي**
ٽنڊومحمد خان

# سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊومحمد خان پاران محمد اشرف ملاڻي جي آتم ڪٿا 'جيون جون انمول يادون' جي مهورتي تقريب

26 فيبروري 2010ع تي سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊو محمد خان جي سهڪار سان سنڌي ادبي سنگت آفيس سوڪ سينٽر ٽنڊو محمدخان ۾ محمد اشرف ملاڻي جي آتم ڪها 'جيون جون انمول يادون' جي مهورتي تقريب ٿي گذري. تقريب جي صدارت ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي ڪئي، مهمان خاص محمد اشرف ملاڻو ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو اڳوڻو سيڪريٽري جنرل يوسف سنڌي هئا، جڏهن ته اعزازي مهمان الهه بچايو 'مشتاق' آريسر، محمد عظيم سهتو، مور ساگر هئا. تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ چيو ته اشرف ملاڻي جي آتم ڪٿا ۾ حق جو اظهار به آهي، ڪالم نگاري به آهي ته خاڪا نويسي به آهي، هن چيو ته آتم ڪٿا جو رنگ منفرد هوندو آهي، اهوئي نمونو اشرف ملاڻيءَ جي آتم ڪٿا جو آهي، جنهن ۾ سادي ۽ آسان ٻولي استعمال ڪيل آهي، جنهن ۾ ليکڪ جي اندر جي پيڙاءُ به سمايل آهي، جن ڪيفيتن ۽ حالتن مان هو گذريو، ان کي ڪاغذن تي ايمانداريءَ سان اُتاريو اٿس. ٻين مقررن جو خيال هو ته تخليقڪار اهوئي آهي جيڪو زندگيءَ کي مثبت رنگ ڏيڻ لاءِ ڪانه ڪا تخليق ڇڏي وڃي، ڪيترن ئي ليکڪن آتم ڪٿائن ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون پوشيده رکيون آهن، اهو ضروري به ناهي ته ان ۾ هر ڳالهه عيان هجي، زندگيءَ جي يادن کي سادي ۽ سلوڻي نموني سهيڙڻ به تاريخ جو حصو آهي، اشرف ملاڻي به ان لحاظ کان پنهنجو ڪردار نڀايو آهي، هن مهذب انداز سان سادي ٻولي استعمال ڪري، وڏن جملن بجاءِ ننڍا جملا استعمال ڪري پڙهندڙ لاءِ آساني پيدا ڪئي آهي. تقريب کي سنڌي ادبي سنگت ضلعي ٽنڊومحمد خان جي رابطا سيڪريٽري اعظم پٽي، شاخ ٽنڊو محمد خان جي سيڪريٽري آغا جان آغا، انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊومحمد خان چيپٽر جي صدر اعجاز جسڪاڻي، نثار احمد ناز، عبدالڪريم سومري، منير پٽي، جمن جانب سومرو، علي ڏنو جروار ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو، جڏهن ته راڳي جان محمد لغاري، افضل قريشي ۽ ومل شرما بهترين ڪلام جهونگاري محفل کي چار چنڊ لڳايا. ان کان اڳ مهمانن کي اجرڪ اوڍائي، ڪتاب جي رونمائي ڪئي وئي.




◙



رپورٽ: محمد ارشد بلوچ
حيدرآباد

# سنڌي ڳجهارت جو لساني اڀياس

## (ورڪشاپ)

ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ ڄامشوري طرفان سنڌ جي لوڪ ادب کي هٿي ونرائڻ ۽ اُن جي اهميت کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ 11 مارچ 2021ع تي لوڪ ادب جي هڪ اهم صنف 'ڳجهارت' جي عنوان 'سنڌي ڳجهارت جو لساني اڀياس' تي هڪ ورڪشاپ انسٽيٽيوٽ جي هال ۾ منعقد ڪيو ويو.

هن ورڪشاپ جي پروگرام جي صدارت شاهه جي رسالي جي پارکو، اديب، شاعر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر محترم ڊاڪٽر اسد جمال پلي ڪئي جڏهن ته هن ورڪشاپ جو مُک پيشڪار سنڌ جو مشهور سُگهڙ ۽ ڏاهو محترم تاج محمد هاليپوٽو هو. هاليپوٽي جنهن کي لوڪ ادب جي پارکو لسانيات جي ماهر، تعليمدان ۽ تاريخ نويس ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي سگهڙن جي سرواڻ جي پڳ ٻڌرائي، پروگرام جو خاص مهمان ريڊيو پاڪستان جو اڳوڻو ڊائريڪٽر محترم نصير مرزا هو، ۽ اعزازي مهمان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا فرزند انجنيئر علي محمد بلوچ هئا، ٻين خاص مهمانن ۾ بيورو آف ڪريڪيولم جو ڊپٽي ڊائريڪٽر محترم ادريس جتوئي ۽ ٽماهي 'مهراڻ' رسالي جا اڳوڻا ايڊيٽر محترم نفيس احمد شيخ هئا.

هن پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي، ان کان پوءِ انسٽيٽيوٽ طرفان اسٽيج تي ويٺل مهمانن کي اجرڪون اوڍايون ويون.

انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر محترم ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيي آيل سڀني مهمانن، اديبن، شاعرن، سگهڙن، اُستادن، شاگردن ۽ صحافين کي هن پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ تي ڀليڪار چيو ۽ شڪريو ادا ڪيو، هن چيو ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جو سچو عاشق هو، جنهن سنڌ لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو، انهن خدمتن عيوض سنڌ حڪومت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي نالي سان هي ادارو سندن حياتي ۾ 2009ع ۾ قائم ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته هي انسٽيٽيوٽ 20 ڪتاب ڇپائي چڪو آهي، ۽ ٻن ڪتابن تي ڪم هلندڙ آهي، جيڪي پڻ جُون مهيني ۾ ڇپجي ويندا، جڏهن ته هن اداري طرفان 6 ملڪي سطح جا سيمينار پڻ ڪرايا ويا آهن، اُن کان علاوه سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ڪندڙ ستن (7) محققن کي پڻ هن اداري طرفان ڪيش انعام پڻ ڏنو ويو آهي.

ڳجهارت جي موضوع تي مُک تقرير ڪندي سُگهڙ تاج محمد هاليپوٽي چيو ته لوڪ ادب سلسلي جو تيرهون نمبر ڪتاب 'ڳجهارتون' آهي، جنهن جو مواد ڊاڪٽر بلوچ صاحب سنڌ جي ٻهراڙين مان مقرر ڪيل ڪارڪنن/اُستادن جي مدد سان 1958ع ۾ ڪيو ۽ 1961ع تائين اُن جو مسودو تيار ڪري ڇپائيءَ لاءِ موڪليو، جيڪو پوءِ ڪِن رڪاوٽن جي ڪري اٺن سالن کان پوءِ 1969ع ۾ ڇپيو. هن وڌيڪ چيو ته ڳجهارت جي معنيٰ آهي ڳجهه، راز، لِڪ يا مام وغيره. هن وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو ته ڳجهارت ذريعي راز، پيار، ڏک سک، ميل ميلاپ، خوشيون، غم، ميارون ڏوراپا ۽ سياسي سماجي حالتن کي دانائي ۽ ڏاهپ سان هڪٻئي کي ٻڌائڻ جو نالو آهي، هن چيو ته ڳجهارت جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ لاءِ سگهڙن وٽ ٻولي جي لفظن جو اٿڪٽ تعداد هوندو آهي، جنهن سان هُو سوين ڳس ۽ ڳهاڙيئا گهڙي ۽ جوڙي ڳجهارت ٺاهي ٿو. سُگهڙ تاج محمد هاليپوٽي

ڳجهارت جي بيهڪ، جوڙجڪ، بند، پاون ڏيڻ ۽ ٻجهڻ جي طريقن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ طرفان قائم ڪيل اصولن جي روشني ۾ بيان ڪندي هن چيو ته: ڪچهري ۾ هڪ سُگهڙ ڳجهارت ڏئي ۽ ٻيا ٻجهن يا ٻه ٽوليون سُگهڙن جون پاڻ ۾ ڏئي وٺ ڪن. ڪچهري ۾ ورڻي هڪ ٻه مصنف به هجن جيڪي تڪرارن جا فيصلا نبيرين. ٻن ٽولين ۾ ڳجهارت هڪ سُگهڙ ٻجي ۽ ٽڪي پوي ته ساڳي ٽوليءَ جو ٻيو سُگهڙ ٻجي. ڳجهارت ڏيندڙ سريلي، معياري ۽ ڪچهري شان مطابق ڳجهارت ڏي. جيڪڏهن ڪنهن سُگهڙ جي ڳجهارت ٻڌل آهي ته اهو نه ٻجي. بلڪ اعلان ڪري ته اڳ ۾ ٻڌل آهي. ڳجهارت ٻجي ته ڪچهري واه واه ڪري ۽ پوءِ ڏيندڙ سڄي ڪري يا ڪولي، ڳجهارت نه ٻجي ته ٻيهي وڃي ته ڏيندڙ لاءِ واه واه ٿئي ۽ پوءِ ڳجهارت ڏيندڙ ورري خود ٻجڻي جا پاوا ٻڌائي ۽ ڪول ڪري. ڳجهارت جو فن ئي سُگهڙن جي اصل سڃاڻپ آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ذخيرو سمايل آهي.

پروگرام جي خاص مهمان محترم نصير مرزا چيو ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي سنڌ سان عشق هو، جنهن عشق ۾ هُن لوڪ ادب جا 42 ڪتاب سهيڙيا ۽ انهن تي شاندار تحقيقي مقدما لکيا.

پروگرام جي اعزازي مهمان انجنيئر علي محمد بلوچ پنهنجي والد صاحب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بابت پنهنجون يادگيريون بيان ڪندي چيو ته بابا سائين ڊاڪٽر بلوچ کي سنڌ جو لوڪ ادب گڏ ڪرڻ جو شوق ننڍي هوندي سندس ناني لعل خان کان پيدا ٿيو، ننڍڙي نبي بخش کي نانو پاڻ سان ڪچهرين ميلن ۽ ملاڪڙن ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو ۽ ڪچهريءَ جا ڳُڻ ۽ نُڪتا سيکاريندو رهندو هو.

محترم محمد ادريس جتوئيءَ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته لوڪ ادب جي ڪتابن ۾ املهه موتي ۽ خزانا لڪيل آهن، جنهن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڏي ڪوشش سان سهيڙي ڪتابي شڪل ۾ محفوظ نه ڪري ها ته اڄ هيءُ سڀ ٻوليءَ جا خزانا سگهڙن ۽ ڏاهن کان گڏ دفن ٿي هميشه لاءِ ختم ٿي وڃن ها.

محترم نفيس احمد شيخ پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ جَس لهڻي جنهن هي علمي ادبي ورڪشاپ ڪونائي ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. اُميد آهي ته هي ادارو اڳتي به اهڙا تحقيقي پروگرام ڪرائيندو رهندو ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي مشن کي جاري رکندو.

پروگرام جي صدارتي خطبي ۾ نامياري شاعر، عالم ۽ اديب ڊاڪٽر اسد جمال پلي چيو ته لوڪ ادب جي صنفن ۾ پرولي، ڏس ڏٽ، معمائون ۽ ٻول به شامل آهن، پر ڳجهارت جي اهميت سڀني کان وڌيڪ آهي، ڇاڪاڻ ته ڳجهارت ۾ جيڪو ٻوليءَ جو خزانو آهي، اوترو ٻي ڪنهن صنف ۾ ناهي.

هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لوڪ ادب تي جيترو گهڻو ڪم ڪيو آهي اُن جو مثال پوري دنيا ۾ نٿو ملي.

هن پروگرام ۾ شاگردن جا اٺ گروپ ٺاهيا ويا، جن سان گڏ هر گروپ ۾ هڪڙو سُگهڙ ويهاريو ويو ۽ پوءِ انهن شاگردن کي سگهڙن جي مدد سان ڳجهارت ڏيڻ ۽ ٻجڻ بابت ڄاڻ ڏني وئي ۽ ڳجهارت تيار ڪرائڻ جي سکيا پڻ ڏني وئي.

هن سڄي پروگرام جي ڪاروائي سگهڙ عاجز رحمت الله لاشاري هلائي، جڏهن ته اداري جي ڪارڪنن محمد ارشد بلوچ ۽ افتخار اسحاق ميمڻ سڄي پروگرام جي انتظام کي سهڻي نموني سان سنڀاليو.

آخر ۾ انسٽيٽيوٽ جي طرفان سڀني مهمانن لاءِ مانجهاندي ۽ چانهه جو بندوبست پڻ هو.

❁

ته هن ٻن ڏينهن واري فيسٽيول ۾ 30 کان وڌيڪ ويهڪن ۾ 18 ڪتابن جي رونمائي ڪئي ويندي، ٻئي طرف سنڌ جي ناميارِي شاعر حسن درس تي ويهڪ ٿي، جنهن جو ماڊريٽر طور نمیواري بخشڻ مهراڻوي نڀائي. ان موقعي تي ناميارِي شاعر علي آڪاش ۽ علي زاهد موضوع تي ڳالهائيندي چيو ته حسن درس سنڌي شاعريءَ جي نگريءَ ۾ الڳ سڃاڻپ، لهجو ۽ خيال قائم ڪيو، هن جي شاعري ۾ ڌرتي جا منظر آهن، حسن درس اڏيندڙ ڪردار هو، جڏهن ته فيسٽيول ۾ خالد ڪنڀر جي ڪتاب خانه بدوش قبيلا تي پڻ ويهڪ ٿي، جنهن جو ماڊريٽر فياض نائچ هو. ان موقعي تي خالد ڪنڀر ڳالهائيندي چيو ته اسان وٽ خانه بدوش قبيلن تي ايترو ڪم ناهي ٿيو، سڃاڻپ ڪارڊ جو مسئلو هنن قبيلن سان موجود آهي، هنن قبيلن ۾ رقص کي وڏي اهميت مليل آهي، سينيئر صحافي اسحاق مگريو چيو ته خانه بدوش قبيلن جي ماڻهن وٽ اڄ جي جديد دور ۾ گهر ناهي، هو لڏپلاڻ ان ڪري ڪن ٿا ته هاڻ هي علائقو آلوده ٿي چڪو آهي، ان ڪري نئين علائقي ۾ وڃجي، ملڪ ۾ خانه بدوش قبيلن جي لاءِ ڪو به پروگرام ناهي، خانه بدوش قبيلن جا ماڻهو هن ملڪ جا رهواسي آهن، انهن جا به ٻين شهرين جهڙا حق آهن، جڏهن ته وبا جي زماني ۾ ادب جي عنوان هيٺ ياسر قاضي جي ماڊريٽري ۾ ويهڪ ٿي، جنهن ۾ اختر حفيظ جي ڪتاب ڪووڊ 19 جي مهورت ڪئي وئي. ويهڪ ٻولي اٿارٽي جي سيڪريٽري ۽ ناميارِي شاعره شبنم گل چيو ته ڪورونا وبا جي دور ۾ اخبارن جي ڪالمن ماڻهن تي وڏا اثر ڇڏيا. ڪورونا ۾ ادب ڪم ڏيکاريو آهي. ناميارِي آرٽسٽ رياض رفيق چيو ته ڪورونا وبا جي شروعاتي 6 مهينن ۾ خوف جو عالم هو، جنهن ۾ آرٽسٽ سخت متاثر ٿيڻ سبب مالي پريشانين جو شڪار رهيا، ليکڪا عطيه دائود چيو ته ڪورونا وبا دوران عورتون سخت متاثر ٿيون، ذوالفقارقادري، رزاق عمراڻي، ليکڪ پروفيسر تنوير انجم، ڊاڪٽر عبدالرحمان پيرزادو، شائسته مومن، افضال سعيد ۽ ٻين پڻ پنهنجا ويچار ونڊيا، ٻئي طرف ناميارِي ڪهاڻيڪار نسيم کرل تي ممتاز بخاري جي ماڊريٽري ۾ ويهڪ ٿي، جنهن ۾ ناميارِي ليکڪ ۽ شاعر ادل سومرو چيو ته نسيم کرل سنڌي سماج جي نفسيات جيئن جو تيئن پنهنجين ڪهاڻين ۾ پيش ڪئي، هن وڏيرڪي سماج تي لکندي چيو ته وڏيرا پئسا ڪمائڻ جي لاءِ پنهنجا تعلقات ڪيئن ناهين ٿا. ناميارِي شاعر اياز گل چيو ته نسيم کرل پاڻ وڏو زميندار هو، هن کي سنڌي ادب ۾ ادب ۽ احترام سان ڏٺو وڃي ٿو، ٻي آءِ جي شرجيل کرل چيو ته نسيم کرل منهنجو چاچو هو، سندس شهادت وقت آئون 8 سالن جو هئس. هن چيو ته هن وقت هر ڪلاس جي ماڻهن ۾ نياڻين کي تعليم ڏيارڻ جو رجحان وڌي ويو آهي پر نسيم کرل 60ع واري ڏهاڪي ۾ پنهنجين نياڻين کي اعليٰ تعليم ڏياري، ان موقعي تي نسيم کرل جي پٽ فيصل کرل چيو ته بابا وڏي بهادر شخصيت جو مالڪ هو، هن لکڻين ذريعي معاشري جي عڪاسي ڪئي، فيسٽيول ۾ ممتاز مرزا جون ثقافتي ۽ ادبي خدمتون جي عنوان هيٺ ويهڪ ٿي. نصير مرزا جي ماڊريٽري ۾ ٿيل ويهڪ ۾ ناميارِي اديب ۽ محقق ڊاڪٽر نواز علي شوق چيو ته ممتاز مرزا وڏو ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ڪانسواءِ پنهنجي دور جو وڏو محقق هو، ليکڪ پروفيسر نظير قاسمي چيو ته هن لوڪ ادب جي آفيس ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي نظرداري هيٺ رهي سنڌي ٻولي جو وڏو خزانو پنهنجي نثر ۾ استعمال ڪيو. ليکڪ طارق عزيز چيو ته ممتاز مرزا پيدائشي با صلاحيت ليکڪ هو، نصير مرزا چيو ته ممتاز مرزا شاهه جي اسٽيج جو بادشاهه ڪمپيئر هو. هن سنڌي نثر ۾ نوان آٿي شهنشاهيت ڪئي. لٽريچر فيسٽيول ۾ "خاڪا نويسي" جي موضوع تي ليکڪا ۽ سماجي اڳواڻ زاهده ڏيٿو جي ماڊريٽري ۾ ويهڪ ٿي، جنهن ۾ ناميارِي شاعر ۽ سينيئر صحافي نياز پنهور جي خاڪن تي ٻڌل ڪتاب "هينئڙي سڄڻ سارِيا" جي پڻ رونمائي ڪئي وئي. ان موقعي تي ناميارِي شاعر ۽ سينيئر صحافي نياز پنهور چيو ته مختلف دوستن ۽ شخصيتن تي لکيل خاڪن ۾ انهن جي زندگين ۾ لڪل پاسن کي پڙهندڙن لاءِ سامهون آندو آهي. هن چيو ته خاڪن ۾ شخصيتن جي ظاهري شڪلن کي هلڪو رکي انهن جي لڪل پاسن کي پڙهندڙن لاءِ سامهون آندو آهي. هن چيو ته جن تي خاڪا لکيا آهن، انهن سان پراڻو تعلق آهي، اهي منهنجي لکيل خاڪن

جي ترديد نہ ڪري سگهن پر اهو چئي سگهن ٿا تہ سنڌن بابت جيڪو مواد لکيل آهي، اهو وڏيڪ آهي، هي خاڪا حقيقت جي ويجهو لکيل آهن. هن چيو تہ خاڪن جي ڪتاب تي ادبي دوستن ۽ ڪتاب جي پبلشر طرفان تمام گهڻي موٽ ملي رهي آهي، انهي موٽ جي ڪري لکڻ وارو عمل جاري رکيو ويندو. هن چيو تہ اسان جي ليکڪن کي سماج جي حقيقي ڪردارن تي لکڻ گهرجي، خاڪن جا ڪتاب وڏيڪ پڙهيا ويندا آهن. نامياري شاعر عزيز گوپانگ چيو تہ خاڪي ۽ پروفائيل جي فرق کي سمجهڻ گهرجي، ڪنهن بہ شخصيت جي ذات، حسناڪي ۽ زندگي جي تجربن کي گڏ ڪري لکڻ خاڪو آهي. هن چيو تہ منهنجي لکڻ جو انداز آرٽسٽ ۽ شاعري وارو رهيو آهي، خاڪو نثر جو حسناڪ پاسو آهي. علي دوست عاجز چيو تہ شخصيتن جا ڪيترائي پاسا هوندا آهن، ڪنهن بہ شخصيت تي خاڪو لکڻ جو حق تڏهن هوندو آهي، جڏهن توهان ان سان پيار ڪندا هجو. هن چيو تہ ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ خاڪو نہ ٿو لکي سگهجي. ان ويهڪ ۾ نالي واري اديب ۽ ليکڪا نورالهديٰ شاهہ، پروفيسر اسماعيل ڪنير، ناز سنائي، اشتياق انصاري، ادل سومرو ۽ ٻيا نالي وارا اديب ۽ ليکڪ موجود هئا. فيسٽيول ۾ ”شاهہ لطيف جي ڪم تي تازي تحقيق ۽ ان جو تحفظ“ جي موضوع تي ويهڪ ٿي، جنهن ۾ مادريٽري جي ذميواري جونيئر آڪاش انصاري نڀائي. ويهڪ ۾ سنڌي ٻولي ۽ لطيف تي ٻٽائي پيڊيا پروجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ امر فياض ٻرڙو چيو تہ اسان کي دنيا ۾ سنڌي هجڻ وارو تعارف شاهہ جو رسالو، موهن جو دڙو ۽ سنڌي ٻولي جي موضوع تي ڪرائي سگهون ٿا. هن چيو تہ شاهہ جي رسالي ۾ عالمگيريت جو پيغام آهي. لطيف دنيا جو وڏو شاعر آهي، جنهن بابت ثبوتن بابت مواد ڀٽائي پيڊيا تي موجود آهي. 17هين صدي ۾ جڏهن يورپ سائنس جي ڳالهہ پئي ڪئي تہ ان ئي وقت لطيف فلسفي جي ڳالهہ ڪئي پر بدقسمتي سان لطيف کي سمجهي نہ سگهيا آهيون. هن چيو تہ لطيف کي جديد دور جي گهرجن مطابق نروار ڪرائڻو پوندو، جيئن ايندڙ نسل لطيف کي سمجهي، ان جي مالڪي ڪري سگهي. ويهڪ ۾ نالي واري محقق ۽ اديب سليم ڀٽو لطيفي چيو تہ شاهہ لطيف جي ڊجيٽلائيزيشن ٿيڻ ڪانپوءِ ان کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ آساني پيدا ٿيندي، هن چيو تہ سنڌ جي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب کي ڪيترائي خطرا موجود هئا، لطيف جي ڊجيٽلائيز ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب جي بقا کي بند ٻڌجي ويا آهن. فيسٽيول ۾ ”خوشبو ٿري لوڪ گيتن جي“ جي موضوع تي ويهڪ ٿي، جنهن جو مادريٽر مير منصور مگريو هو، ويهڪ ۾ ليکڪ نور احمد جنجهي جي انگريزي ۾ لکيل ڪتاب ”خوشبو ٿري لوڪ گيتن جي“ جي رونمائي ڪئي وئي. ڪتاب جي ليکڪ نور احمد جنجهي چيو تہ لوڪ ادب انساني زندگي جو تحرڪ آهي، ادب ۽ شاعري ڀهريون ڪلام آهي، ان ڪانپوءِ لکت آهي. هن چيو تہ لوڪ ادب عظيم ورثو آهي، لوڪ گيت دل جي آواز آهن. نامياري اديب ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو تہ نور احمد جنجهي ٿر جي شناخت وارن لوڪ گيتن کي نروار ڪيو آهي، هن جو ڪتاب تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب آهي، نامياري اديب غلام علي ٻرڙو چيو تہ لوڪ گيت امنگن جو ترجمان، جذبن ۽ وضاحتي آرٽ آهي، لوڪ ادب جي تاريخ ڏگهي آهي. هن چيو تہ سنڌي لوڪ ادب ۾ جيڪو اظهار آهي، اهو دنيا جي بہ لوڪ ادب ۾ ناهي. انگريزي ادب جي استاد ڊاڪٽر فريده پنهور چيو تہ نور احمد جنجهي جو واحد ڪتاب آهي، جيڪو ٻن ڏينهن اندر پڙهي مڪمل ڪيو، هن چيو تہ اسان کي سنڌي ادب جا انگريزي ۾ ڪتاب گهرجن ٿا، ادبي ميلي ۾ ناول نگار ستار رند جي زندگي ۽ ادبي خدمتن تي هڪ ويهڪ ٿي، جنهن جو مادريٽر ادريس جتوئي هو، ويهڪ دوران ستار رند جي ڪتاب ”يادن کي الوداع“ جي رونمائي وئي. ان موقعي تي ستار رند جي نياڻي فاطمہ ستار چيو تہ بابا گهڻو پيار ڪندو هو، هو دوستن وارو رويو رکندو هو، هو جيڪو ڪجهہ لکندو هو، اهو اسان سان شيئر ڪندو هو. ان موقعي تي منوج ڪمار ۽ غلام نبي ٻڻ ويچار ونڊيا. فيسٽيول ۾ سنڌي شارٽ ڪهاڻيءَ جي موضوع تي سيشن ٿيو، جنهن جو مادريٽر اختر حفيظ هو، ويهڪ ۾ مقرر اخلاق انصاري، جعفر شاهاڻي ۽ صدام جوکيو هئا. ان موقعي تي اخلاق انصاري ڳالهائيندي چيو تہ اردو ڪهاڻي ايتري طاقتور ناهي، سنڌي ڪهاڻي تمام طاقتور آهي، ڪليم ٻٽ چيو تہ

ڪاڻ ڪهاڻي پنهنجي موضوع سان مشهور ٿيندي آهي. هن چيو ته ڪهاڻيءَ کي هڪ سئو لفظن ۾ قيد نه ٿو ڪري سگهجي، ڪهاڻيڪار جعفر شاهاڻي چيو ته ڪهاڻين ۾ انتهاپسندي اهم موضوع لڳو، انتهاپسندي علائقن سان وابسطا به رهي آهي، ان ڪري مون نائن اليون ۽ قلندر درگاهه تي حملي جي پسمنظر ۾ گمراهه جي موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون آهن. صدام جوکيو چيو ته مون ڪهاڻين ۾ عورتن جي ترقيءَ جو اتساهه ڏنو آهي، تجسس واريون ڪهاڻيون هجڻ گهرجن. لٽريچر فيسٽيول جا ٻئي ڏينهن محفل موسيقي جا پروگرام پڻ ٿيا، پهرين رات صوفي راڳين حاضرين کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، جڏهن ته ٻي رات سنڌ جي نامياري فنڪارن تاج مستاني، ريشمان پروين ۽ ٻين فنڪارن فن جا جوهر ڏيکاريا ۽ وينلن کي جهومائي ڇڏيو، جڏهن ته نوجوانن گلوڪارائن پليجو سسٽرز ۽ ٻين فنڪارن پڻ خوب داد ماڻيو، فيسٽيول ۾ سنڌ جي وڇڙي ويل اديبن، ڪهاڻيڪارن ۽ شاعرن کي ياد ڪري سنڌن فن ۽ زندگيءَ تي ويچار وندي کين ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي، ان حوالي سان صحافي الهه بخش ڪنير جي مابريٽري ۾ "ساروڻيون" جي موضوع تي ويهڪ ٿي، جنهن ۾ نامياري اديب تاج جويو وڇڙي ويل ڪهاڻيڪار رسول بخش درس تي ڳالهائيندي چيو ته هن جهڙو ڪردار ڳولي به ڪونه لڀندو، هن وٽ لفظن ۾ ڪينجهر واري حسناڪي هوندي هئي، هو سنڌ ۽ سيد جو سچو عاشق هو، نالي واري شاعر اياز گل تازو وڇڙي ويل نثر نويس پارس حميد تي ڳالهائيندي چيو ته سنڌي ادب کي پارس حميد نثري نظم جو بهترين ڪتاب ڏنو، هن جو وڏو حوالو نثري نظم آهن، ناليواري شاعر ۽ اديب اسحاق سميجو ڪهاڻيڪار عبدالقادر جوڻيجو تي ڳالهائيندي چيو ته عبدالقادر جوڻيجو جون ادب ۾ وڏيون خدمتون آهن، فيسٽيول ۾ عبدالقادر تي پورو سيشن ٿيڻ گهرجي ها، اهڙي ريت مختلف سيشنز پڻ ٿيا، "سنڌ جا علمي ۽ ادبي ادارا" تي سيشن ٿيو، جنهن جو مابريٽر ياسر قاضي هو. ويهڪ ۾ سنڌ الاجي جو ڊائريڪٽر محمود مغل، ادبي بورڊ جي گلبدن جاويد مرزا، اشتياق انصاري، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر الطاف جوکيو مقرر هئا. ان موقعي تي مقررن ويهڪ ۾ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جا علمي ادبي ادارا اهميت جوڳا آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم نميواري سان ڪن پيا. هنن چيو ته اسان سڀني کي پنهنجن ادارن کي مضبوط ڪرڻ گهرجي، رڳو تنقيد نه ڪرڻ گهرجي، تنقيد براءِ اصلاح ضرور ڪرڻ گهرجي پر رڳو تنقيد جو نشانو نه بڻائڻ گهرجي، لٽريچر فيسٽيول جي پڄاڻيءَ وارو آخري سيشن "سُگهڙ ڪچهري" منعقد ڪئي وئي، جنهن جو مابريٽر سلات جو باني چيئرمين عاجز رحمت الله لاشاري هو، سگهڙ ڪچهريءَ ۾ لطيفي لوڪ ادب تي سليم پنهور لطيفي، ٻاراڻي ۽ عورتاڻي لوڪ ادب تي سگهڙ عورت زيب نظاماڻي ڀرپور نموني ڳالهايو، هنن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جو بُڻ بنياد لوڪ ادب آهي پر ان کي ورهاڱي کان وٺي هن وقت تائين ڳُهربل موٽ ناهي ڏني وئي جنهن سبب ڏات ڏڻين سان گڏ سنڌن سينن ۾ سمايل صدري خزانو به مٽيءَ ماءُ حوالي ٿيندو پيو وڃي، مشهُور سگهڙن علي اڪبر اداسي، احمد علي اترادي، خادم حسين مغل ۽ محمد يعقوب جاگيراڻي لوڪ ادب جي لاٿين جو قديم ۽ جديد رنگ پيش ڪري چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. صحافي ناز سهتو، نثار کوکر، ممتاز بخاري، صائمه جعفري، فرحانه انيس، رخسانه پريت، گلبدن جاويد مرزا، محجبين غزل، حميرا شمس، آڪاش انصاري، نصير مرزا، ڊاڪٽر اسماعيل ڪنير، امينه سيد، مدد علي سنڌي، ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ۽ ٻين مختلف سيشنز ۾ پنهنجا ويچار ونڊيا. اهڙي ريت حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول ادبي ۽ علمي ويهڪن، ثقافتي رنگن ۽ موسيقي جي سرهاڻ سان پڄاڻيءَ تي پهتو، هر ٻولي جي ادب کي هٿي ونڊائڻ ۽ هر عمر جي ماڻهو ۾ ادب توڙي تعليم جي اتساهه، تفريح ۽ سٺي سماج جي جوڙجڪ لاءِ هن قسم جا ايونٽ آڪسيجن آهن. جيڪي روح ۽ سماج کي تازو ڪري نئين جستجو جو سبب ڏئي وڃن ٿا.

## سنڌ جي نامياري تاريخدان، محقق ۽ آرڪيالاجسٽ سيد حاڪم علي شاهه بخاريءَ جي ياد ۾ تعزيتي گڏجاڻي



مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جي سربراهيءَ ۾ سنڌ جي نامياري محقق، تاريخدان، آرڪيالاجسٽ ۽ موجود سنڌي ادبي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر سيد حاڪم علي شاهه بخاري جي وڇوڙي تي رکيل تعزيتي گڏجاڻيءَ ۾ ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي، جنهن ۾ سيڪريٽري سيد سڪندر علي شاهه، آفيسرن ۽ بورڊ جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

[28_5_2021]

انگريزن جي دؤر ۾ "سنڌ جي قديم آثارن" جي تحفظ ۽ پراڻن پڙن جي کوٽائي جو ڪم 1854ع ۾ شروع ٿيو. 1898ع ۾ هن ڪم جو نگران هينري ڪزنس بڻيو. هُن پنهنجي ڪم جي رپورٽ پهريائين گزيٽيئر ۾ شايع ڪئي، جيڪا بعد ۾ ڪتاب جي شڪل ۾ شايع ٿي. اهو ڪتاب 'سنڌ جا قديم آثار' (Antiquities of Sind) بعد ۾ سنڌي ۾ ترجمو ٿيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ، طرفان ٻه دفعا (1995ع ۽ 2004) ۾ شايع ٿيو آهي.



سلف ڪان در خلف عمرا ٿڙيا گل باغ هستيءَ ۾
پراڻن ڪان نوان آباد اي گل هاڻي ٿيا هالا

(آخوند گل محمد گل هالائي)

هيءَ تصوير حضرت مخدوم نوح سرور قدسره رحہ جي مقبره شريف جي (هالا نوان) جي ان وقت ۾ هينري ڪزنس ورتي هئي. جنهن ڪي سادگي، شاندار فنِ تعمير ۽ روحاني تجليات ۽ رشد و هدايت جي مرڪز جي مظهر طور آثار قديمه ۾ شامل ڪيو ويو. برصغير جي بزرگن ۽ تصوف جي رهنمائن ۾ اعليٰ مقام رکندڙ هن درگاهه شريف جي بعد ۾ تعمير نو ٿي آهي. مگر هن قديم تعميرات جي تجلين جي اهميت ۽ ڪشش هن وقت ٻه من ڪي موهي ٿي.

(اسد جمال پلي)